# ڇپَرَ ۾ ڇَڙيون

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# چَپَرَ ۾ چَڙَيون

از:

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو سنڌ

2018ع

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| | | |
|---|---|---|
| چاپو پهريون | سال 1971ع (بزمِ طالب الموليٰ) | تعداد 2000 |
| چاپو ٻيو | سال 1990ع | تعداد 2000 |
| چاپو ٽيون | سال 2005ع | تعداد 1000 |
| چاپو چوٿون | سال 2011ع | تعداد 1000 |
| **چاپو پنجون** | **جنوري 2018ع** | **تعداد 1000** |


(ڪتاب جا حق واسطا محفوظ)

**قيمت: پنج سؤ روپيا**

[Price: Rs. 500-00]

ISBN 778-969-406-033-0

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9123422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءَ ڪتاب ميسرز سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءِ مان الهڏنو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي اها خوشنصيبي آهي، جو هن اداري طرفان سنڌ جي ڪيترن ئي مهان شاعرن جو ڪلام وقت بوقت شايع ٿيندو رهيو آهي. اهڙن شاعرن ۾ سونهاري سنڌ جي هالا شهر ۾ جنم وٺندڙ سنڌي ٻوليءَ جو معروف شاعر قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ پڻ پنهنجي دور جي عظيم شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيڪي پنهنجي مزاج ۽ طبعيت ۾ رڳو شاعر نہ بلڪ سماج جا نقاد پڻ آهن.

مخدوم صاحب جن جو ڪلام انسان جي جذبات ۽ احساسات سان واسطو رکندڙ آهي ۽ سندن ڪلام عشق، الفت، پيار، سڪ، سوز و گداز ۽ فڪر جي عميق گهراين جو حامل آهي، جنهن جو عڪس سندن شاعراڻي مجموعي ”ڇَپرَ ۾ ڇَڙيون“ ۾ چِلڪندو نظر اچي ٿو. هن ڪتاب جو ”ڇَپرَ ۾ ڇَڙيون“ جو سڀ کان اول ڇاپو سال 1971ع ۾ مرڪزي بزمِ طالب الموليٰ پاران شايع ڪيو ويو. جنهن بعد هن ڪتاب جي اهميت کي مدِنظر رکندي بورڊ پنهنجي روايتي ذميوارين کي نڀائيندي، سنڌي ٻوليءَ جي هن عظيم شاعر جي هن مجموعہ ڪلام کي مانُ ڏنو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا پنهنجا نهرايل ڪمپيوٽر (لاٽينو ٽائيپ ڪمپيوٽر) تي ان کي ڪمپوز ڪرائي سال 1990ع ۾ بورڊ پاران ٻيو ايڊيشن شايع ڪري منظر عام

تي آندو، بعد ۾ بورڊ طرفان هن ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن 2004ع ۾ شايع ڪيو ويو.

جيئن ته قبلہ مخدوم صاحب سنڌ جو هردلعزيز شاعر آهي، تنهنڪري سندن ڪلام جا ڇاپا مارڪيٽ ۾ ايندي ئي ناياب ٿي ويا ۽ پڙهندڙن طرفان مسلسل هن ڪتاب جي ڊيمانڊ رهندي پئي آهي. تنهن ڪري هن ڪتاب جي منهنجي اياڪاريءَ ۾ نئين سر جديد ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ڪرائي بورڊ طرفان 2011ع ۾ چوٿون ايڊيشن شايع ڪيو ويو ۽ اهو ڇاپو به جلدي ناياب ٿي ويو. هاڻي قبلہ مخدوم صاحب جن جي چويهين ورسي جي موقعي تي هن ڪتاب جو پنجون ڇاپو آءٌ پنهنجي اياڪاريءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان، جنهن لاءِ آءٌ بورڊ جي مانائتي چيئرمن قبلہ مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو تهدل سان شڪرگذار آهيان، جن هر وقت منهنجي رهنمائي ڪئي آهي.

اُميد آهي ته اسان جو هيءُ پيار پريو تحفو پڙهندڙن وٽ مانُ لهندو.

13 ربيع الثاني 1439هه
1- جنوري 2018ع

**الهڏنو وگهيو**
سيڪريٽري

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | مهاڳ | 13 |
| 2 | هِئي ڇاپي جي ناشر طرفان | 18 |
| 3 | پهرئين ڇاپي جي ناشر جا پيش لفظ | 19 |
| 4 | مقدمو | 21 |
| | **بيت** | |
| 1. | هادي آهي هڪڙو | 64 |
| 2. | مرسل مٺيادار | 72 |
| 3. | تقويٰ ري طاعت | 81 |
| 4. | جي پائين جاني لهان | 84 |
| 5. | عشق نهہ بيت المال | 87 |
| 6. | جي ڪسين پاڻ قريب ڪان | 93 |
| 7. | ڊولڻ آهي ڊڪ | 100 |
| 8. | جيءَ جو جياپو | 106 |
| 9. | جڙيو جانب جيءَ ۾ | 114 |
| 10. | ڪاند ڪميٽي ناهيان | 116 |
| 11. | تون تنين سان ٿي | 118 |
| 12. | رهاٽيون راهوند ۾ | 124 |
| 13. | ڳونگيون ڳوءِ ڪتي ويون | 127 |
| 14. | قدمن تان قربان ٿيان | 141 |
| 15. | سر سدائين ست ۾ | 152 |
| 16. | درجا آهن دلن تي | 165 |
| 17. | رمزون آهن روح جون | 176 |
| 18. | اکين مينهن وسايو | 185 |
| 19. | سار سنڀار | 189 |
| 20. | وٽان جيئن ويام | 192 |

| | | |
|---|---|---|
| 21. | ڪونجن ڪرڪي ڪالهه | 194 |
| 22. | ٻڌان ٿو ٻين ڪان | 198 |
| 23. | لڪي ليا ۾َ پاءِ | 200 |
| 24. | جيڪر آئون هجان! | 202 |
| 25. | جتيءَ جوڙ ٻهه جي ٿيان | 224 |
| 26. | ليلائي ليلاءِ | 230 |
| 27. | قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي | 235 |
| 28. | جنهن ڪي چئجي ڪاند | 241 |
| 29. | سونهه چئبو ڪاند | 247 |
| 30. | سان سدائين سهٽا | 249 |
| 31. | عورت ڏنگي پاسري | 253 |
| 32. | ڪتو ڪتو نهه چئو | 255 |
| 33. | مٿو ڪپندئي مٽي ۾ | 259 |
| 34. | طالب تنوارون ڪري | 262 |
| 35. | پاڻ مرادو اچ | 265 |
| 36. | مٺايان مٺو گهڻو | 267 |
| 37. | آهي آب حيات | 269 |
| 38. | ويل وقت نهه آهيان | 275 |
| 39. | ڪنهن کي خبر ڪنهن جي! | 289 |
| 40. | چيرَ ۾ چڙيون | 293 |
| 41. | متفرقات | 300 |


## ڪافيون

### (1) مالڪ جي مختاري


| | | |
|---|---|---|
| 1. | مالڪ جي مختاري وي- ٻيو نہ سُجهي ٿو ساري سر ۾ | 307 |
| 2. | هادي حڪمتدار اِلاَّ الله- سائين آهي سڀ صورت ۾ | 307 |
| 3. | هن جا حمد هزار- ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايون! | 308 |
| 4. | نرمل! رخ تان لاهه نقاب- لڪندي لڪندي عمر گذاريئي | 308 |

## (2) منهنجو محمد مير


1. محبّت جو مقصود- لائق ستائش جو ئي آهي 310
2. منهنجو محمد مير- مولا ڄاڻي- سرسو آهي سڀ صورت سان 310
3. حضرت پاڻ حَسين — صلوا عليٍ- مور هئون اتهي جو ڪو مَٽ ناهي 310
4. منا مير مرسل ولهن جو تون واليٍ! وريو تو وٽان ڪو سوالي نہ خالي 311
5. سچ چيم تو ڪان سوا منهنجي تہ ڪا ڪانهي ڳلي 312
6. اوناڻج هي عاجز جون سيد صدائون! 312
7. عاجز جون التجائون — سيد تون سڻ سوپارا! 313


## (3) تقويٰ سان ڪر طاعت طلب


1. طاعت ڪي ٿي اجاري — تقوا ئي طالبن جي 315
2. ماڻڻ گهرين محبوبَ جي — پرهيزگاري ڪر سدا 315
3. چڱو رکج گمانُ — مولائي جي مومن آهين 316
4. جاڳڻ سان رک جار- مسافر- جانبُ لهندي جاڳي جاڳي 317


## (4) هت آهيان انسان


1. ڏي ڪو هي جواب— ڇا هت آهي، ڇا هت ٿيندو! 318
2. هت آهين انسان— هت الاهجي ڇا وڃي ٿيندين! 319
3. اها الله جي ڄاڻ — جي تون پاڻ سڃاڻي 319
4. جيتر تون موجود — تيتر لا موجود هو هوندو 320
5. ڏور نہ ٻئا ڪي ڏس — "نحن اقرب" پاڻ چيائين 320
6. آهيان پنهنجو پاڻ — جيڪي اڳي هس— سوئي آهيان 321
7. مون ۾ آهين تون — تون ئي تون— تو ۾ آئون آهيان 321


## (5) لالڻ لئي لوڙين


1. آپت ۾ اورين — آديسي تا الک ڪي 322
2. ويراڳي ووڙين — هرهنڌ حسن حبيب جو 322
3. ڪوڙي ڇڏي ڪثرت — بيراڳي برن دونهڙا ڏکائن 323


## (6) سوا عشق جي ٻيو ڪو مذهب نہ ملت


1. اڄي عشق اندر ۾ سمايو— جنهن وَهم وجودي وڃايو 324
2. عشق ڏنا آزار — سورن آهي سمهڻ وڃايو 324

3. جي عشق امالڪ اچي— تہ عقل وڃي ٿو راند هارائي 325
4. عشق ڪرڻ آسان — ناتو نباهڻ ڏاڍو مشڪل 325
5. بِرهہ نہ آهي بيت المال— هِت محتاج جو چاهي چاهي 326
6. عشق ٿيو استاد— سڀ ڪنهن کي ٿو سبق پڙهائي 327
7. عشق ڏنا آزار— رئندي گذاريم راتيون راتيون 328
8. آهي ڪنهن کي خبر ڪا چار — ڏاڍو عشق اٿانگو يار! 328
9. ماري عشق ڇڏيو ڇڻ اديون ڙي! اڦٽ 329
10. "محبت ري- مردار— هيَ تہ حياتي ڇا ڪندي!" 329
11. ورهہ وهائج ويهي ويهي— رلندي رلندي ڪنهن نہ ڪمايو 330
12. ڪئن وساريان ويهي تو "قالوا بَلٰي" اقرارڙا! 330
13. عجب عشق آهي اسان جو الستي 331
14. جنهن کي عشق جڏهن ٿو نهوڙي نئي 332

## (7) ساري سر ۾ سهڻو صبيح بہ تون

1. تون تارن ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ 334
2. تنهنجي ڪارن وارن پاتو ڪمند 335
3. تنهنجي قرب جو آهي وسيع ڪمند 336
4. تنهنجي حسن جا هل- دلدارن ۾ يار دلارا! 337
5. سهڻل جا سينگار- وهوا- دل کي وڻن ٿا 339
6. تنهنجي عجب اڏاوت ۽ بيهڪ 340
7. اِهو اٿم يقين تہ آهيان برحق 341
8. تنهنجي رخ ۾ نوري ڏاڍو نمڪ 342
9. گهڻو آهن گهٽ تو ڪان سڀ گل ڦل! 343
10. تنهنجو دنيا ۾ محبوب! نہ مٽ 345
11. آهين لاثاني بي نظير پرين! 346
12. تنهنجي شان وٽان ڪينهي مٽئي منصبَ 347
13. جيڪي منهنجي ڳچي جا هار ٿيا— اهي ڪارا ڪنبڙا وار چمان 348
14. مٺا محب ماٺهو پرين پيار وارا 350

## (8) سڪندي ٽيڙم سال


1. مست الفت ۾ ڪيا ڪئين ورهه ويچارا هٽي 352
2. تو لاءِ ڪوڙين ڪانگ اڏايان پئي 352
3. ساهه سڪي ٿو جن لاءِ - سڄڻ شل سارين! 354
4. ڏوهه دل جو آهي ظاهر ۾ وجي اکڙيون اڙيون 354
5. پنهنجي پرين ڪاڻ - پاند پسايم روئي روئي 355
6. سڪندي ٽيڙم سال- وينئي ساجن سارين 355
7. محبت کي ڪا پرواهه ناهي— دلبر سان جو دلڙي آهي 356
8. سڄڻ هجن شل سنوان!- حالڙا ٻڌائيندس— سورڙا سٽائيندس 356
9. مولا! ملاءِ تون مون سان منهنجي من جو ٺار 357
10. رئندي رئندي ٽيون گذرن راتيون— آهن آسون اندر ۾ آتيون 357
11. ايندم شال! عجيب — سرتيون— ڏيندم ٻل پل پيارا پيارا 358
12. ڪندي ياد تو کي هي راتيون وهاٽيون 359
13. تون ڇا هئين، ڇا مان ڇا ٿي وئين 360


## (9) دلڙي ڏئي مون درد پرايو


1. مون کان نٽيون وسرن سڄڻ!— تنهنجي ڳٽن جون ڳالهڙيون 362
2. مون سان دلبر دلڙي نهه لائين ها 362
3. تو دلڙي يار! ڏتاري— پو ير ڪانه ڪيئي پوئواري 364
4. جڏڙي جِي جا جيارا- او پيارا! 365
5. ساريو ساريو ساريان— او سهٽا سائين ڪيئن وسريان! 366
6. سڪندي سال ٽيا ٽيندي نيٺ چري 367
7. دلدار جو ڏيئي پيار وري يار 368
8. ڪري قرب اچڻ، وري موٽي وڃڻ 369
9. تو مان اميد نهه لاهيندس— ڪن ڏيئي ٻڌجان— سهٽل سائين! 370


## (10) درد مندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦٽيون


1. سهٽو تهه يار سهٽو، سهٽو هيو ڪير آهي 371
2. ڪئن نهه بي دردن جون دليون— درد سان دلبر ڏکيون 372
3. دردمندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦٽيون 372

| | | |
|---|---|---|
| 4. | تنهنجون زوراور سجڻ! اهڙيون اُجهل آهن اکيون | 373 |

## (11) تو کي نہ چوان پيو ڪنهن کي چوان

| | | |
|---|---|---|
| 1. | تنهنجا ڪهڙا ٿورا ڳايان— ٿو ڀال هزارين پايان— ڙي يار! | 374 |
| 2. | مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڀلا— توکي نہ چوان پيو ڪنهن کي چوان! | 375 |
| 3. | توسان نرمل نينهن نڀائيندس— ٻي پاسي دل نہ لڳائيندس | 376 |
| 4. | محبوب مٺا! ڪل نيڻ ڪٽي— وهوا وئين تون دل کي وٺي | 377 |
| 5. | منهنجا رسٽا پرين، منهنجا رسٽا پرين! | 378 |
| 6. | مٺڙا! تون نہ وسارج— جڳ جي وساريو تہ ڇا ٿيو! | 379 |
| 7. | منهنجا دلبر مٺا! ڇو ٿئين ٿي جدا— نيٺ ملنداسون ڇو ٿو رُئين تون ڀلا! | 380 |
| 8. | وفادار آهين وفادار آهين— مگر يار ڪجھ ڪجھ جفاڪار آهين | 380 |
| 9. | او منهنجي پيار وارا! — او منهنجي پيار وارا! | 381 |
| 10. | تون ڀهرين نظر ۾ ڪسي دل ڪٽي وئين | 382 |
| 11. | ياري جي مون کي يارا! توسان دعوا ناهي | 383 |

## (12) دل ڦري وئين ڪٽي حسن وارا

| | | |
|---|---|---|
| 1. | دل ڏاڍو ٿي سجڻ! تو کي ساري | 384 |
| 2. | دل ڦري وئين ڪٽي حسن وارا! | 385 |
| 3. | او پرديسي! نام خدا موٽي آ | 386 |
| 4. | آٿئي مولا- سهٽا! آٿئي مولا | 386 |
| 5. | پنهنجا واعدا پرين! پار | 386 |
| 6. | موٽ مسافر سپرين- دلبر تون دل وارا! | 387 |
| 7. | منهنجي پيار محبت وارا، پيارا موٽي آ! | 388 |
| 8. | منهنجي اڱڻ اچ پيارا دل وارا | 389 |
| 9. | "برہ ڪيو بيمار- محب! اچي رس مهل اها ٿئي" | 389 |
| 10. | جاني جي جيار- محب! اچي رس مهل اها ٿئي | 390 |
| 11. | وري آ وطن تي مسافر! تون موٽي | 391 |
| 12. | موٽ مسافر! اڪڙيون اجايون | 391 |
| 13. | پيارا!پري اچ پيرا پيرا | 392 |
| 14. | اچ اڱڻ تي حاڪم! هلي | 393 |

15. دردمندن تان اي دلبرا پيچ نه ٻنهين پيرڙا 393
16. اڄ تون اڱڻ يار- سانولڙا- 394
17. اڱڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان 394
18. اڄ وري ته ڪنجي گهاريون 395
19. آ ته سڄڻ! تو سان سليان 396
20. مون ڪي اڃي تون ماڻ- يار- 397
21. آهيان تنهنجي ڳڻن جو يار! ڳنڍل 397
22. توڙي آهيان پرين! آئون ڏاڍو ڏڏ 398
23. پائي ورهه جا ونگ، آ ته ڪريون ڪي قربڙا 400
24. اڄ ته گذاريون گڏ، وقت ويل آئون ناهيان 400
25. مون ۾ آهن اوس اڻ ڳڻيا اوڳڻ 400
26. ڏاڍي ٿي دير ويئي اي دلدار يار آ! 402


## (13) مون ڪي ماري درد جياري وئين


1. وئين ڪسي دلڙي انهن جون جن ۾ تو 403
2. اچي محب منا! مون ڪي ماري وئين 403
3. ڪسي دل ڪٺي وئين ڪجل پائي ڪانيون 405
4. ڇڏي مون ڪي ڪيئي ڪچو ڪيڏو نه ڪر! 405
5. خبر هاڻ پوندي ته چاهي جدائي! 407
6. رڙي روئي عاشق! ڪندس التجائون 408
7. لڙون وينيس لالڻ سان لڳائي 409


## (14) مون ڏي حرف هزار


1. پازي آئون پينار- ناهي دم دعوا جو 410
2. مون ڏي حرف هزار — پاڻ ڪرم ڪر 410
3. ڪيا محب ڪروڙ محبت سان 410
4. خبر خاص آيو ڪٿي اچ ڪيانتو 411
5. بخشئي بخشڻهارا- ٻلارا! 412


## (15) آيو يار ڏنئين دلداريون


1. سهڻا سائيڻڙا مون وٽ اچ تا اچن 413

2. آيو يار ڏنئين دلداريون 414
3. سور ويا سڀ لهي- محب مليو 415
4. درد دفع سڀ ٿيا — مون سان ٿيو 415
5. صبح سان سردار، پنهنجو پاڻ پسايو 416
6. کل کل او ناز وارا!- لايون نوان نظارا 416
7. تنهنجا ڪرم ڪروڙين قرب سندا 417
8. رهه ڪا سڄڻ رات — سانولڙا! 418
9. سينو سهٽل ساڻ نه ساهه 419
10. ڪڏهن تنهنجي در جو فقير آهيان 421


## (16) چريون چست چهريون


1. اهي ڪاريون، ڪجليون، چريون 422
2. اکيون عزم واريون عقابي عقابي 423
3. اِهي ناز واريون ۽ منڙيون موچاريون 424
4. مات ٿيا سي جن ۾ اٽڪيون 425
5. نشيليون نشيليون اڄن جو اورهاٽيون 425
6. زوراور، زوراور اهي بي ملاليون 426


## (17) گونگيون گوءِ کٽي ويون


1. مينهن! ڪرين تون متان 428
2. اکن ۾ عجيبن جون آهن آڪاٽيون 429
3. اکيون عاشقن جون مدامي موالي 430
4. ڦڙي ڦڙي ۾ آهي بهار 431
5. اکن سان ڪيائين اينهين چو الاڙي! 432


## (18) منهنجو هاٽي پنيور ۾ چاهي


1. مون نٽي پانيو ته آخر ڏار ويچاري ڪندا 434
2. منهنجو ور ته وٺي ويا چوري الا 435
3. پنهل جي ته پچار — انئي پهر اندر ۾ 435
4. مون ته پرين ڪيا پنهنجا 436
5. ننڊ ڪيئي چو نياڳي! او نياڳي 436

6. پنهل ڏي پئي پنڌ پيرين اگهاڙي 437
7. هلي هوت پنهل ڏي هاڪاري 437
8. منهنجو پنهل اٿو سڄي چپر جو چٽ 438
9. منهنجو هاٺي پنيور ۾ چاهي! 439
10. جنهن پيار ڪيو ڪنهن ڪان ڪين پلي 439

## (19) طالب عشق امام جنهين جو

1. گهڙي ساهڙ جي تهه سهاري 441
2. جتي جام سميون ڪئين سياٺيون 441
3. عمرا بند رکبيون نهه ڪنهن جون نياٺيون 442
4. لڳايم نينهن جو ناتو اهو ناتوا نڀائيندس 443

## (20) وڻجارا تہ ورن

1. هنيڙي هل حشر ڪانهي خبر 445
2. وڻجارا تهه ورن ري پينر جيڏيون! 446

## (21) پي ۽ پيڻ ڏي

1. تون بهه پيالا پي- ڙي يارا 447
2. ساقي! سرڪيون ڏئي غم تار پلا 447

## (22) دنيا اٿئي درياءَ دلاور!

1. سجاٺي چڏيسون هي دنيا دورنگي 450
2. ڏاڍا دنيا جا ٿا رنگ ڏسجن 451
3. تر تارو اٿئي ويل ترڻ جي 453

## (23) متفرقات

1. پري ٿي بهه آهين اکن ۾ عجيبي 454
2. پرديسي پکيئڙا- ڪري ويڙا ولر وهي وهي 455
3. جاني جلويدارا- منهنجي جي جا جيارا! 455
4. مولا ڏيئي بي چمار- جاني شال جئين تون! 456
5. ونگيو دل وڻن ٿا ڪندا ڪيس ڪارا 457
6. ڪٿي لال لبَ ۽ ڪٿي گل گلابي! 458
7. سهڻي تون صندوق- پاڻ ئي پنهنجي 459

| | | |
|---|---|---|
| .8 | آهي آب حيات — پڪ پرين جي | 459 |
| .9 | رخ روشن تي پرين! آهيان پتنگ | 460 |
| .10 | وئي آيا تو وٽ پرين! پير پيارا | 462 |

| | | |
|---|---|---|
| .1 | حوالا | 463 |
| .2 | (مجمع الفيوظات" تان اڪريل عڪس | 465 |
| .3 | قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي مقولن جون معنائون | 468 |
| .4 | ڏکين لفظن جي معنيٰ | 472 |

# مهاڳ

ڪتاب "چيرم چڙيون" ڇپجي آهي رهيو، ٻي پيري ٻه. ان ۾ ڪيا ويا آهن ٻه طريقا اختيار. هڪ "اڪن پيرن" وغيره جي داستانن سان "رمزون آهن روح جون" داستان ڪي ملايو آهي ويو ۽ هڪ ٻيو ڪم هي ته سنڌ يونيورسٽي جي هڪ جمالي شاگرد. جنهن جو اڳتي ايندو ذڪر. ان جي موجب چوڻ ته سندس خيال ۾ جيڪي ڏکيا آهن لفظ. انهن جون معنائون سمجهائي معمولي سان لڪجن جيڪي اچن سمجهڻ ۾. آهي اميد مون کي وڌي ته ڪيل ذڪر وارو ڪتاب جيڪو آهي هتن ۾ اوهان جي اهو پسند ايندو اوهان کي ۽ ڏاڍو وڻندو.

خيال آهي نون شاعرن ۽ ڪجهه غير شاعرن جو منهنجي واسطي اجڪلهه هي، ته زبان فارسي زياده استعمال ڪريان ٿو آئون: موزون شاعري ۾ منهنجي، موجوده دور ۾ جيڪڏهن ماٺهو نٿا سمجهن زبان فارسي ته ڏوهه فارسي جو ڪهڙو. ٻيو ته نٿي پڙهائي وڃي فارسي اسڪولن ۾. ته پوء ناهي قصور انهن شاگردن جو به.

لکندڙن کان ٻڌان ٿو اجڪلهه نظم سوڙي نثر ۽ پڙهان ٿو رسالن ۾ هندي ۽ سنسڪرت زبانن جا لفظ ڪيئي ۽ جملا. جي ڪيا وڃن ٿا استعمال سنڌي ۾ آل جال. چا استعمال انهن لفظن جو ناهي اعتراض جوڳو؟ طريقو بهترين آهي هي، ته زبان جيڪا ڳالهايون ٿا روز. منجهه گهر ۽ ٻاهر گهر کان، چو نه زبان ان ۾ لکون نظم ۽ نثر وغيره. جئن اجڪلهه لکجڻ ٿي ويو آهي شروع.

شاعري عروضي. جيڪا پاڪ ۽ هند ۾ ڪيئي صدين کان پئي تي ڪئي وڃي، جا تي وئي آهي عام مقبول. ان کي نہ ڪبو فارسي سان جيڪڏهن مرصع (رنگين ۽ خوبصورت) تہ لڳندي ڦڪي ڦڪي.

شيخ اياز جا لکيل هيٺ پڙهندا غزلن جا شعر ڪجهہ ڏسندا ۽ ڪندا غور انهن تي تہ ڪيئن نہ آهن سينگاريل فارسي سان. تئي تي بيحد خوشي انهي تي تہ شيخ صاحب بہ آهي غزل گو بهترين شاعرن مان شاعر هڪ.

1. مونس ماهتاب آهيان مان
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان
2. خالق ڪائنات ڏس تنهنجي
جستجو جو جواب آهيان مان

※

1. خار زار حيات ۾ رقصان
پنهنجي خوشبو جو ڪاروان آهي
2. اي تصور سندم تڏي ني اڄ
ڪنهن پڳڙي جي ڪهڪشان آهي

※

1. اي اڪئون پياريون اڪئون اڄ بيحساب
منهنجي تشنہ روح تي اوتيو شراب
2. عاشقي ۾ روح کي آزاد رک
جسم جو زنجير آ دور شباب
3. حور و غلمان ۽ طهورا تو رکين
عرش وارا تون بہ گهٽ ناهين جناب

※

1. اڄهو دارو رسن جو ڪو پيام آيو
ملي اڄ زلف جانان سان صبا آهي

2. زمين جي تشنہ لب جنت پڪاري ٿي
ڪٿي هو باد و باران جو خدا آهي

(پؤنر پري آڪاس)

ڪافين ۾ منهنجي، لفظ ۽ جملا فارسي، محاورا، استعارا، اشارا ۽ تشبيهون وغيره آهن بلڪل. ڪي ڪافيون تہ زبان فارسي جي آميزش سببان ڪن ٿيون رنگ غزل وارو پيش. جيڪي پڙهندا منهنجي ڪتاب "بي پير اکيون" ۾.

سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد هڪ نالي غلام علي جمالي بي-ايس-سي (آنرز) روم نمبر 7 انٽرنيشنل هاسٽل مان 3-5-1977ع ۾ منهنجي ڪتاب "چيرم چڙيون" جي گهڻن ئي سنڌي لفظن جو نوٽ بڪ پري آهي موڪليو ۽ آهي لکيو ان ۾ تہ انهن لفظن جون معنائون ڪتاب مذڪور جي ڇاپي بي ۾ لکان ضرور. پڙهندا جمالي صاحب جو خط اهو ۽ ڏسندا ڪتاب جي آخر ۾ لفظن جون معنائون.

# خط

7- انٽرنيشنل هاسٽل يونيورسٽي

3-5-77ع

سلمہ ربَ تعاليٰ

عالي جناب پير حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ السلام عليڪم: خيريت طرفين خيريت.

عرض حال تہ توهان بزرگن جي شعر جو مجموعو "چيرم چڙيون" بنده جي نظر مان گذريو. حد درجي جي خوشي ٿي تہ هڪ پير جي دماغ اسان جي سنڌي ادب کي جيڪا سگهہ بخشي آهي جيڪا مکن ۾

ماکي وانگر آهي. بيت تمام سنا آهن ۽ ڪافيون تمام پياريون ڏنل آهن انهن ۾ لفظ اصل سنڌي جا ڪافي ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي اڄوڪي شاعرن جي شعر ۾ گهٽ آهن. ڪتاب "ڇپر ۾ ڇڙيون" ۾ اها هڪ وڏي ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي تہ هرهڪ شعر جي هيٺان تاريخ ۽ هنڌ ڏنل آهي. اها حقيقت ۾ وڏي محنت جو نتيجو آهي. توهان جي مجموعي ۾ مون ڪي ڪافي اصل لفظ ڏسڻ ۾ آيا آهن. جيڪي عام ماڻهو جي لاءِ ڪجهہ دقت آهي جو اهي سمجهي سگهن. هونئن تہ توهان جي شعر کي عام ماڻهو تمام آساني سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن ٿا. جيئن تہ نجيب — اشرف — عميق — گهرو يا اونهو — هيجئون — دليئون — مورهون — اصل مطلب تہ ڪافي لفظ آهن جن جي معنيٰ جي ضرورت پوي ٿي. جيئن تہ محترم مرحوم علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب شاهہ رحہ جي رسالي پنيان ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن جيڪي لفظ شاهہ صاحب پنهنجي شعر ۾ چيا هئا. ان ڪري منهنجو نماڻو عرض آهي تہ توهان جي "ڇپر ۾ ڇڙيون" ۾ معنائون ڏيڻ گهرجن. اِن ڪم لاءِ توهان جي اجازت سان بنده توهان صاحبن کي پنهنجي ٿوري علم سان اِهي لفظ معنائن سميت چونڊي روانہ ڪريان جيڪي توهان پنهنجي ايندڙ ايڊيشن ۾ شايع ڪريو.

مهرباني

توهان جي جواب جو انتظار رهندو

بنده غلام علي جمالي

ائڊريس

غلام علي جمالي — شاگرد بي —ايس- سي (آنرز)

روم نمبر 7 انٽرنيشنل هاسٽل

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سنڌ

شاعر هر ڪنهن کي وڻندو آهي ڪلام پنهنجو ۽ چاهيندو آهي هي، تہ ڳائڻو فقط ڪلام سندس ئي ڳائي وينو. تنهن ڪري آئون بہ ڪلام پنهنجو ئي ٿو ڪريان پسند جنهن ۾ ڪيتريون ئي آهن خوبيون بہ.

بين ڪيترن ئي صاحبن جو آهي اعتراض تہ آئون شاعري ۾ پنهنجي بلبل ۽ گل. ميخاني ۽ مي، مينا ۽ ساغر. شاهد ۽ ساقي وغيره وغيره جو ئي ڪريان ٿو ذڪر. حقيقت آهي هي تہ مضمون انهن جي پردي ۾ لاٿي وجي ٿي ڪل ابتي، آمرن ۽ ظالمن جي، ڪٿي ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مضمونن انهن کي خوبصورتي سان لکڻ بہ فن آهي عظيم ۽ شاعرانہ آهي ڪمال — بقول غالب

هر چند هو مشاهدهٔ حق کي گفتگو
بنتي نهين هي ساغر و مينا کهي بغير

**طالب المولیٰ**

16 محرم 1408ع

10 سيپٽمبر 1987ع

لندن

# ٻئي ڇاپي جي ناشر طرفان

”ڇپر ۾ ڇڙيون“ نج سنڌي شاعري جو هڪ شاهڪار آهي. هي ڪتاب پهريون دفعو مرڪزي بزم طالب المولا طرفان سال 1971ع ۾ شايع ڪيو ويو. چند سالن اندر هي ڪتاب بازار مان ناياب ٿي ويو.

سال 1987ع ۾ ان وقت جي سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جناب مخدوم محمد زمان طالب المولا صاحب جن کان اجازت حاصل ڪري هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو ليڪن انهيءَ ڪم جي تڪميل ۾ ٻن سالن کان مٿي عرصو لڳي ويو. دير آيد کي ”درست آيد“ بڻائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ويا آهن. اميد آهي ته هي ڇاپو پڙهندڙن کي وڌيڪ پسند ايندو.

فاضل سخن گو جي ترغيب تي ”ڇپر“ لفظ جي معنيٰ هيٺين ريت واضع ڪجي ٿي.

”ڇپر هڪ ٺيٺ سنڌي لفظ آهي، جنهن جون انيڪ معنائون آهن، مثلا ڇن — ڇنو — لانڍي — جهوپڙي — ڍڪ — ڇانو — لڪ — آڏار — ڏڍ — اڪ جو مٿيون پردو يا اڪ جو ڇپر — جبل — ڏونگر وغيره وغيره. جيئن ته ”ڇپر ۾ ڇڙيون“ سر سسئي جي حوالي سان لکيل آهي، تنهن ڪري هن عنوان ۾ ”ڇپر“ لفظ جي معنيٰ ٿيندي جبل يا ڏونگر جي ماتري جو اهو حصو جنهن جي پاڇي ۾ ٽڪل ٽتل پانڌيئڙو گهڙي پلڪ دم پٽي.

**حبيب الله صديقي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
8 مارچ 1990ع

# ناشر طرفان ٻہ لفظ

مرڪزي بزم طالب المولا نهايت فخر سان حضرت قبلا طالب المولا جن جو هي ٻيتن ۽ ڪافين جو مجموعو "چپر ۾ چڙيون" پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري ٿي.

جئن پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو تہ قبلہ طالب المولا جن جو هن مجموعي ۾ ڏنل ڪلام 1955ع کان وٺي 1968ع تائين آهي. 1955ع کان اڳ جو گهڻو ڪلام "ڪچڪول" ۽ ٻين مجموعن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. سندن عروضي شاعري جو مڪمل مجموعو زير ترتيب آهي ۽ عنقريب شايع ڪيو ويندو.

هن مجموعي کي موضوعن جي لحاظ سان مختلف بابن ۾ ورهايو ويو آهي. ڏٺي سڳوري جي واڪاڻ ۽ ڪارڻي ڪريم ﷺ جي ساراهہ سان بيت سرزي ڪافيون شروع ڪيون ويون آهن ۽ پڇاڙي ۾ وجي حقيقت تائين مرڻ رسي آهي.

هر باب جي مٿان طالب المولا جي ئي ڪلام مان مصرع يا اڌ مصرع چونڊي موضوع ڪري قائم ڪيو ويو آهي. گهڻو ڪري هر بيت ۽ ڪافي جي ناهڻ جي تاريخ بہ ڏني وئي آهي ۽ جتي ساڳئي ڏينهن تي گهڻا بيت يا ڪافيون چيون ويون آهن ۽ موضوع بہ ساڳيو آهي تہ تاريخ پڇاڙي ۾ ڏني وئي آهي. تاريخ ڏيڻ جي ڪري شاعر جي ارتقائي ڪيفيت جو اندازو ڪري ۽ جائزو وٺي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جي طباعت وغيره تي جيڪا رقم خرچ ٿي آهي اها حضرت قبلہ طالب المولا صاحب جن ڪمال مهرباني سان بزم کي اڌاري ڏني آهي جنهن لاءِ اسان سندن شڪر گذار آهيون.

محترم مصري ڪاڪا مائل سروري پريس ڪاپي تيار ڪئي. ان لاءِ سندس مهربانيون.

اسان کي افسوس آهي جو هڪ هنڌ تي غلطي ڪان بابن تي ساڳيو ساڳيو نمبر ڇپجي ويو آهي ۽ ڪجهه پروفن جون غلطيون بہ رهجي ويون آهن.

بهرحال اميد تي ڪجي تہ هي ادبي تحفو سنڌي زبان جو بيش بها خزانو ثابت ٿيندو.

**اسدالله شاهہ ”بيخود“ حسيني**
جنرل سيڪريٽري
مرڪزي بزم طالب المولا

1971ع

# مقدمو

شاعري ڇا آهي، ڇو ٿي ڪئي وڃي، شاعري مان فائدو ڪهڙو، نقصان ڪهڙو، شاعر ڪير آهي، ڪهڙين مجبورين ڪري قلم کڻيو ڪاڳر تي ڪارا ڪري، ايترو وقت ڪٿان ٿو بچائي جو دنيائي ڌنڌن کان دل دماغ کي واندو ڪري وهي ٿو پنهنجا ۽ پرايا پٽڙا پٽي — سنڌس وجود سڳورو بي خلق لاءِ چڱو آهي يا مٺو، اهي سڀ سوال سمجهائڻ به سولا نه سمجهائڻ به سولا.

چون ٿا ته "شاعري جزوي است از پيغمبري". شاعرن وٽ غيب جي خزانن جون ڪنجون آهن. شاعر ڏٺيءَ سڳوري جا ڪتابي آهن يا وري شاعر گمراهن جا پوئلڳ آهن. جيڪي ڪجهه به آهن پر آهن سموري جهان کان الڳ جنس — يا ته ڪنيار وانگي مٽيءَ جي مٺ کي ڳوهيو سوهيو، سٽيو ڪٽيو، چڪ تي چاڙهيو، ٺپيو ٺاهيو، ٻري، جون ٻاهيون ڏيو، ڪي ڪارا ڪي ڪمرا، ڪي سادا ڪي چٽڪمرا، ڪي سڄا ۽ سالم، ڪي ڪچا ۽ پڪا ڪڍيو ٻاهر ڪري ۽ ملڪ ۾ ورهائي؛ پر پاڻ اهو گهر ۾ دانگي به سڄي نه — مطلب ته هر هنرمند ۽ ڪاريگر سان سنڌس پيٽ ۽ مقابلو ڪرڻ ڪان پوءِ به انهيءَ نتيجي تي پهچبو ته هي همراهه ڪا شيءِ ئي ٻي آهي!

بسيار خوبان ديده ام اما تو چيزي ديگري

اهين چئجي ته شعر انسان جي جذبات ۽ احساسات سان واسطو رکي ٿو. شعر فڪر جي عميق گهراين جو حامل، واردات قلبي جو مظهر، عشق ۽ الفت، پريم ۽ پياس، سوز ۽ گداز، سڪ، هڪ ۽ چڪ جو حسين ۽ ظاهري لباس، دل جي آهن ۽ دانهن جو مؤثر ذريعو، قدرت جي دلفريب ۽

دلڪش مناظر جو عڪس، ڪائنات جي همہ گير ۽ عالمگير وسعتن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ وارو. حسن جي رشڪ آفتاب. نور ۽ ضيا، ناز ۽ ادا، جور ۽ جفا، دلبري ۽ دلدهي، دلفريبي ۽ دلربائي. ڪج روي ۽ ڪج ادائيءَ جي تصوير آهي.

شاعر گويا درد ۽ الم جو پيڪر آهي. ڪيف ۽ سرور جو مجسمو آهي. هر موچاري شيءِ جو عڪس سندس دل جي آرسيءَ تي منعڪس ٿئي ٿو. بلبل جو نغمو، ڪوئل جي ڪوڪ، چيهن جي چهہ چهہ. گل جو ٽڙڻ، باغن جي بهاري، جهڙ ڦڙ جي لطافت، بهار جي مند جي پرڪيف ڪشش، سج جو تاب، چنڊ جي ٿڌي روشني، تارن جي جڳ مڳ. سرو ۽ سمن جو دلبري شان، نرگس جي نيمخواب اک. صبا جي ٿڌاڻ. شاعر جي بينا دل تي پنهنجي هوشربا جمال ۽ رعنائيءَ سان جلوه افروز ٿي ٿئي ٿڌهن شاعر انهن فطرت جي نيرنگين ۾ فنا ٿي وڃي ٿو ۽ سندس هر فڪر فطرت سان هم آهنگ ٿئي ٿو.

علمي حيثيت سان مٿن خوبن واري سگوري ڪي ئي شاعر سڏي سگهجي ٿو. سندس شعر انسان جي مئل دل کي جياري ٿو. سندس شعر همت ۽ مردانگيءَ جو سبق آهي. اخلاق ۽ نيڪ نيتيءَ جو باب آهي. عشق ۽ الفت. سوز ۽ گداز. سچائي ۽ سنائيءَ جو داستان آهي. سندس شعر ٻڌڻ سان سمجهبو تہ فقط اسان لاءِ چيو ويو آهي ۽ دل آه ۽ واه ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندي. ڪي ڏينهن سندس ڪلام جي سرمستي من ۾ موجود هوندي. سندس ڪلام جي سؤ دفعا پڙهبو تہ بہ نئون پيو لڳندو.

اهڙي شاعر کان سواءِ ٻيا پراڻي لڪير جا فقير جن ڪڏهن نہ پاڻ پڇايو، نہ سور سنا، نہ جاني جو جور ۽ جفا ڏٺو تہ وره ۽ وفا جا پنڌ ۽ پيچرا پيرن هيٺان ڪيا. نہ انسان سان همدردي نہ فطرت سان سندن واسطو. باقي جو ڪجهہ اڳي چيو ويو آهي. تنهن کي طوطي وانگر بار بار

پڙهي ۽پنتي لفظ هيڏانهن هوڏانهن ڪري، ساڳين خيالن کي پنهنجي ناموزون ۽ درد کان خالي لفظن ۾ گهڙي پڙهن ٿا ۽ جيڏي مهل شعر پڙهن ٿا تہ ڦڪي ٿيڻ جي بجاءِ ماڻهن جي ننول تي خوش ٿين ٿا- واه واه ۽ مڪرر مڪرر بڌي بهار بهار ٿين ٿا. جيتوڻيڪ سندن ڪلام ٻڌندڙن لاءِ مٿي جو سور ۽ لاڪن گهٽتائيءَ جو سبب اهي — سندن ديوان ڪتبخانن جي سينگار جي بدران پسارن جي پڙن جي ڪم ٿا اچن ۽ سندن نقالي ٿوري ئي عرصي ۾ ڪليو پوي- اها شاعري نہ پر وقت جو سيڙاپو آهي.

ڪن ملوڪن جو چوڻ آهي تہ شاعر اهو آهي جيڪو ڪنهن خراب وٿ کي موچاري صورت ۾ پيش ڪري يا ناهوڪي شيءِ کي بچڙو جامو پهرائي سگهي يا ماڻهوءَ جي مٺل جذبن ۾ نئين جان پيدا ڪري يا رئندڙ کي کلائيءِ ۽ کلندڙ کي رئاڙي وجهي يا سست ۽ آرسيءَ آدمي ۾ همت پيدا ڪري يا وري جيڪو ويڙهاڪ ور ڪنجيو ڦڏو ڦڏو ڪندو گهمي، انهيءَ جو سندرو چوڙائي ٿڌيءَ چانو ۾ وهاري ڇڏي-

ڪي وري چون ٿا تہ اهو ماڻهو شاعر چوائڻ جي لائق ئي ناهي جنهن استادن جي ڪلام کي نہ فقط چڱي طرح پڙهيو هجي پر انهن جي ڪلام مان ڪيس هزارها شعر ياد بہ هجن- ڪي چون تہ جيسين فاعلاتن فاعلات جي خرخسي کي چڱي پر نہ پروڙيو اٿس، وزن ۽ بحر جي گهونان گهون اوجهراڙي ۾ گهوتا نہ ڪاڏا اٿس، لفظن جي جادوگري، لفاظي ۽ خيال جي ايڏي بلندي هجيس جو پڙهندڙ بہ حيران ٿي وڃي ۽ سندس ارشاد کي سمجهڻ لاءِ لغتن جا ڍير لڳائي ڇڏي ۽ تشريح ڪري تہ پنا ڪتائي ڇڏي تہ پوءِ چئبو تہ اهو عظيم شاعر آهي-

ڪي بزرگ چون ٿا تہ شاعر اهو آهي جنهن جا لفظ معني جي تابع هجن-جيڪڏهن لفطن جو شان ۽ شوڪت آهي ۽ معنيٰ لڪي لڪانو پڙهي

الهانو تہ پوءِ وقت جو سيڙاپو آهي- وري لفظ بہ معنيٰ جي اهڙا تابع نہ هجن جو شعر نہ پر رڳو معنيٰ ئي معنيٰ هجي-

ڪي چون تہ شعر انهن انساني جذبن ۽ احساس جي اظهار جو نالو آهي، جيڪو جنهن بہ طريقي سان ادا ڪيو وڃي تہ ٻڌندڙ تي اثر ڪري ۽ هرڪو ماڻهو اهين سمجهي تہ هيءَ ڳالهہ تہ منهنجي بہ ذهن ۾ هئي پر جڏهن قلم کڻي لکڻ جي ڪوشش ڪري تہ لکي نہ سگهي-

بهرحال جيترا منهن اوتريون ڳالهيون ۽ جيترا ذهن اوتريون تشريحون- تشريحون ڪري وڃي پار پئبو پر وري بہ چئبو تہ اچا شاعر کي سمجهڻ ۽ شاعريءَ کي پروڙڻ لاءِ جيڪي سو ڪجهہ گهرجي-

ڪسوٽيون تہ ڪيئي آهن ۽ پڙهندڙن جا رايا بہ جدا جدا — هر راءِ شعر جي همہ گير صفتن جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ تي روشني وجهي سگهي ٿي- شاعر جيڏي وڏي بلند مرتبي وارو هوندو اوڏو ئي وڏو سمجهو مقدمہ نگار هئڻ بہ ضروري آهي-

طالب المولا شاعر جي حيثيت سان ايڏي اوچي مقام کي پهتل آهي جو مون جهڙي سيڪڙات سندس ڪلام جو جنهن بہ پرکي مطالعو ڪيو آهي تہ نيون معنائون، نوان خيال ۽ نئون لطف پلئہ پيو آهي ۽ مقدمو لکندي اعتراف ٿو ڪرڻو پوي تہ سندس ڪلام کي پوريءَ طرح پرجهي مقدمي لکڻ جو حق مون کان ادا ٿي نہ سگهندو- آئون جيڪي ڪجهہ عرض ڪندس، اها منهنجي پنهنجي سمجهہ پٽاندر ئي سندس ڪلام جي اپٽار هوندي- شاعر جي ڪلام تي تبصرو يا شاعر پاڻ ئي ڪري سگهي ٿو يا وري ڪي وڏا عالم فاضل نقاد- آئون تہ فقط يوسف جي خريدارن ۾ پنهنجو نانءُ ڳڻائڻ لاءِ چند پڳل ٽٽل خيال ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان-

طالب المولا جي ڪلام تي ڪجهہ لکڻ کان اڳ چند جملا سندن سوانح تي لکڻ ضروري آهن- سندن زندگيءَ جو مفصل احوال محترم پروفيسر محبوب علي چنہ صاحب ڪچڪول ۾ ڏئي چڪو آهي (1)- هتي فقط ايترو عرض ڪندس تہ سندن نالو مخدوم محمد زمان ولد مخدوم غلام محمدؒ آهي- سندن پيو نالو محمد علي ۽ ڪوڏائي جو نالو پيرل سائين آهي- اڪثر مريد کين پورو پير بہ ڪري سڏيندا آهن- سندن تولد جي تاريخ چنچر جو ڏينهن 9 محرم 1338هہ مطابق[1] 4 آڪٽوبر 1919ع آهي (2) پاڻ غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليہ (م 27 ذوالقعده 998هہ) جا سورهون نمبر سجاده نشين آهن حضرت غوث الحق جو سلسلہ نسب خليفہ اول حضرت ابوبڪر صديقؓ سان وڃي ملي ٿو-

هتي هڪ تاريخي غلطيءَ ڏانهن اشارو ڪري صحيح حقيقت پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان- سنڌ جي سيني متقدمين مؤرخن يا معاصر عالمن ۽ خود حضرت مخدوم صاحب جن جي خانداني روايت موجب، سندن نسب شيخ الشيوخ شهاب الدين ابو حفص عمر بن عبدالله سهروردي (م 632هہ) يا شيخ ابو النجيب عبدالقاهر بن عبدالله سهروردي جي خاندان سان ملي ٿو. انهن بزرگن جو سلسلہ نسب حضرت محمد بن ابي بڪر سان ملي ٿو (3) پر غوث الحق رحہ جي نسب کي حضرت عبدالرحمٰن بن ابي بڪر سان ملايو ويو آهي جيڪو غلط آهي (4) سندن نسب محمد ابن ابي ابڪر سان ملي ٿو نہ عبدالرحمٰن سان.

---

[1] پهرئين ڇاپي ۾ شمسي مهيني جي تاريخ 5 ۽ ڏينهن آچر لکيل آهي. ليڪن پوءِ اديبن مسٽر عنايت بلوچ اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ حبيب الله صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جي تحقيق مطابق اها تاريخ 4 آڪٽوبر بروز چنچر بيهي ٿي. اسان سندن تحقيق کي صحيح سمجهي قبول ڪيون ٿا.

مخدوم طالب المولا

هن فقير حضرت طالب المولا سان سفر ۽ حضر ۾ تمام گهڻو وقت گذاريو آهي- منهنجي ساڻن نيازمنديءَ کي هي سورهون سال پيو هلي- منهنجي تعليمي تڪميل ۾ سندن مالي امداد ۽ همت افزائي جو وڏو حصو آهي — سندن شخصيت جي گهري مطالعي ڪرڻ جو ڪافي موقعو بہ مليو اٿم- شايد سندن جماعت يا دوستن ۾ پير ميان محبوب علي ۽ سيد حيدر شاھ ولد سيد منن شاھ اجنائي، سيشنس جج کان سواءِ، جن ننڍپڻ کان وٺي سندن صحبت ۾ گذاريو آهي. اهڙو ڪو بيو ماڻهو نہ هجي جيڪو مون جيترو سندن طبيعت مان واقف هجي- پير فقير، امير ڪبير تہ ملڪ ۾ گهڻي ئي آهن- شان شوڪت، رعب تاب ۽ مان مرتبي وارن جي بہ ڪر ويائي پئي آهي، پر طالب المولا جهڙو همہ صفت موصوف شخص ملڻ مشڪل آهي-

موچارا مهاندا، موزون قد ۽ قامت، سريلو آواز، منا ٻول، يار ويسي، دوستن تي مهرباني، دشمنن تي نوازس، سچائي، وفاداري نهنائي ۽ نماڻائي، اميرن غريبن سان هڪجهڙائي هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ ڳولهڻي هجي تہ هلي وڃي طالب المولا سان ملجي- ڪو وقت تہ اهڙو هوندو هو جو نوڪر چاڪر تي ناراضپو ٿيو تہ بجاءِ انهي جي جو انهيءَ شخص کي لڪائجي، چانهن ڪونہ پيئندا هئا- جنهن تي ڪاوڙ هوندي انهي کي وري خبر ئي ڪانہ هوندي تہ ڪو پاڻ مٿس ڪاوڙيل آهن- وري پاڻ ئي ٻڌائيندا هئا تہ آئون فلاڻي يا فلاڻي تي رنج آهيان، تڏهن وڃي اهو همراه ڪين پرچائيندو هو- مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو تہ پاڻ ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن ملازم کي گهٽ وڌ ڳالهائيو هجين يا هٿ جو پوندو ڏنو هجين. ڪاوڙ هوندي تہ بہ ابا پٽ ڪري ڳالهائيو- وڏي عمر وارن ملازمن کي هميشہ جمع جي صيغي سان مخاطب ٿين- ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ هوندا جن جي ڪين خبر هوندي تہ سندن خلاف آهن، تڏهن بہ ساڻن اهڙي سهڻي هلت هلندا، جو

اڳلي کي محسوس ٿي ڪونہ ٿيندو تہ ڪو هن شخص کي سندس پرڪارن جو پتو آهي- اڪثر پنهنجي ڳالهہ ماري ٻين جي ٻڌن- ٻئي ڪنهن جي راءِ سندن راءِ جي خلاف هوندي تہ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪونہ ڪن- اڪثر دوستن، مريدن، ويندي ڏارين ماڻهن جا ڪم ڪاريون بہ پنهنجي خرچ تي ڪري ڇڏين- طبيعت جي ناسازي، اهم ڪمن جي گهڻائي ۽ ذاتي مصروفيتن جي باوجود ڪو اڙبات اچي نڪتو تہ انهيءَ جي ڪم جي پوئواريءَ لاءِ لاهور، راولپنڊي ۽ اسلام آباد پنهنجي خرچ تي وڃي نڪرن-

طالب المولا هڪ وڏو پير آهي- جيڪڏهن مريدن وٽ سير سفر تي مسلسل نڪري تہ سڄو سال پيو مسافري ڪري پر مريد نہ ڪٽن- پر شروع کان وٺي مسافري تي نڪرڻ کين پسند نہ هوندو آهي- ڪيترا اهڙا علائقا بہ آهن، جتي باوجود مريدن جي زور بار ۽ منٿ ميڙ جي، هڪ دفعو بہ نہ ويا آهن- مثلا لاڙ جي حصي ۾ حيدرآباد کان وٺي شاهہ بندر تائين جيترا مريد غوث الحق رحہ جا آهن، ڪنهن ٻئي بزرگ جا مشڪل سان هوندا، پر طالب المولا ڪڏهن انهي پاسي سفر تي نہ ويو آهي- مريد ٻارهين مهيني يا هر ماهہ پهرئين سومار تي درگاهہ جي زيارت تي اچي نڪرن- اهڙي ريت رياست بهاولپور ۽ ٿر جي منني ۽ چاچري تعلقن وغيرهہ ڏانهن فقط هڪ دفعو مسافريءَ تي ويا آهن- خيرپورميرس ۾ ٻين علائقن ڏانهن بہ فقط هڪ يا ٻہ دفعو وڃڻ ٿيو اٿن- پنجاب ۾ خانقاهہ ڊوگران، بلوچستان ۾ پاڳناڙي، مستونگ ۽ هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ ۽ ڪيترن ٻين حصن ۾ بہ سندن ڪافي مريد آهن، پر فقط اتي جا ماڻهو ئي درگاهہ جي زيارت تي ايندا آهن- طالب المولا ڏيڻ وارو ماڻهو آهي- جيڪي ڪيس ملي ٿو انهيءَ کان ٻيڻو قومي فلاح ۽ بهبود، علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي سرگرمين تي خرچ ڪري ٿو- خدا شال سنڌ جي ٻين پيرن سڳورن کي بہ ملڪ جي خدمت جو اهڙو موقعو ڏئي جئن هن خطي جي ڏتڙيل عوام جي خدمت ڪري سگهن-

طالب المولا جي مجلس ۾ علم ادب، راڳ رنگ، تهذيب تمدن، ذڪر فڪر، سير سفر ۽ شڪار جون ڳالهيون اڪثر هلنديون رهنديون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن سندن محفل ۾ چرچو گهٻو بہ ٿيندو آهي. مزاح زندگيءَ جي اڻ کٽ مصروفيتن، ذهني مونجهاري ۽ زماني جي افراتفري کان وقتي طور جند ڇڏائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ادب جي حدن اندر سنجيده چرچو بہ هڪ روح جي راحت آهي. طالب المولا جي حاضريءَ جي ماڻهن ۾ بہ ڪي اهڙا شخص آهن جو ڪنهن شيءِ جو رڳو نالو زبان تي آيو تہ رڙيون، دانهون پڌبيون. بس رڳو ڏانتو چئو تہ اوچتو هوڪرون پڌبيون. حاضرين ڪل ۾ پڌل هوندا ۽ ڏانتو فقير نڙي ڦاڙي ايڏو تہ وڏو ۽ اهڙي انداز ۾ احتجاج ڪندو جو ڪو زمانو اهو نظارو اکين آڏو پيو ڦرندو.

سالن جا سال پاڻ پنهنجي خرچ تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ڪندا آيا آهن. ڪيترن ادبي انجمنن جو وجود سندن مالي ۽ اخلاقي مدد تي ئي منحصر پئي رهيو آهي.

محترم قبلہ جي.ايم.سيد، طالب المولا جي علمي ادبي خدمتن متعلق لکيو آهي: ”پاڻ سن 1936ع ۾ هالن جي شهر ۾ ”انجمن علم ادب“ جو پايو وڌائين، جنهن جي سهاري هيٺ ڪيتريون ادبي ڪانفرنسون سڏايون ويون. ادبي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ جي ڪري هالن ۾ هڪ پريس ”الزمان“ نالي سان کولرايائين جنهن مان ڪو وقت هفتيوار اخبارون ”پاسبان“ ۽ ”الزمان“ نڪرنديون هيون. 1950ع ۾ هالن مان هڪ ماهوار رسالو ”فردوس“ سندس سرپرستيءَ هيٺ جاري ٿيو. 1952ع ۾ ماستر جمع خان ”غريب“ سيتان شهر مان، ماهوار رسالو ’طالب المولا‘ سندس سرپرستيءَ هيٺ ڪڍيو. 1956ع کان سندس سرپستيءَ هيٺ حيدرآباد مان ”شاعر“ رسالو نڪرڻ لڳو.

1946ع ۾ سنڌي شاعرن جي جماعت "جمعيت الشعراء" نالي سان قائم ٿي، ان ۾ هي دلچسپي وٺڻ لڳو. جنهن جو 1952ع تي جيڪب آباد واري اجلاس ۾ سرپرست چونڊيو ويو. 1957ع ۾ ڪيس گهوٽڪي ڪانفرنس جي موقعي تي جماعت جو صدر چونڊيو ويو. جنهن حيثيت سان پاڻ اجا تائين انهيءَ جماعت سان وابسته رهندو اچي.

1954ع ۾ "اداره روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيائين. جنهن جي سهاري هيٺ هالن ۾ راڳ ڪانفرنس 1955ع ۾ سڏايائين ۽ ماهوار رسالو "روح ادب" جاري ڪرايائين. نومبر 1955ع ۾ "بزم طالب المولىٰ" جو پايو وڌائين جنهن جون سنڌ ۾ ڪيترين ئي شاخون کلي ويون آهن. جنوري 1956ع ۾ ميرپوربٺوري ۾ لاڙ ادبي ڪانفرنس سندس صدارت هيٺ ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جو 1955ع کان ميمبر رهندو آيو. (پهرين) مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۾ هن کي چيئرمين نامزد ڪيو ويو. نومبر 1955ع کان شاهه لطيف يادگار ڪميٽي ۽ ڪلچرل مرڪز جو ميمبر نامزد ٿيو، ۽ ان کان پوءِ انهن تي ميمبر هلندو اچي. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي مشاورتي ڪميٽي جو ميمبر آهي. سنڌ جي اڪثر ادبي مجلسن ۾ سندس شرڪت ضروري ڄاڻي، ڪين دعوت ڏئي گهرايو ويندو آهي. پاڻ هن وقت تائين 17- 18 ڪتاب تصنيف ڪري چڪو آهي." (5)

مٿين خدمتن کان علاوه سنڌي لوڪ ادب کي زور وٺائڻ ۽ سگهڙن کي عوام جي روبرو پيش ڪرڻ جي ابتدا طالب المولا ڪئي ۽ انهيءَ خيال کي عملي روپ ۾ آڻڻ لاءِ پهريون دفعو هالن ۾ سگهڙن جي ڪانفرنس سڏايائين. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ چرچو پيو ڳ. نقل نظير به هڪ الڳ مقام رکن ٿا. مسخرا، ظريف، چرچائي ۽ نقال معاشري جون خاميون خوبيون عجيب وٽندڙ انداز ۾ بيان ڪن ٿا. جيڪا ڳالهه سنجيدي نموني

نہ ڇئي سگهجي اها مزاحيہ انداز ۾ آسانيءَ سان پيش ڪري سگهجي ٿي- طالب المولا جي ئي ڪوشش سان حيدرآباد جي بسنت هال ۾ مزاحيہ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جتي سنڌ جي چوند ظريفن حصو ورتو-

شاعري هجي يا ڪو ٻيو فن ان سان ٽن قسمن جا ماڻهو وابستہ ٿين ٿا- هڪڙا جن کي خدائي ذات مليل هوندي آهي- ٻيا جيڪي اڪتسابي ٿين ٿا، يعني لکي پڙهي، سکي سکي ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ وارا — ٽيان اهي جن کي اها شيءِ ورثي ۾ مليل هوندي آهي- هر گهر. خاندان. قبيلي ۽ قوم ۾ ڪي خاص خصوصيتون پشتان پشت هليون ايندڙيون آهن. پلن پيتان ڏلا ۽ ڏلن پيتان پيلا تہ برابر ٿين ٿا. پر مجموعي طور چند خصوصيتون ساڳئي گهر جي پلن يا ڏلن ۾ ٿورين ڪي گهٽيون ضرور ملنديون- انهيءَ ڪري ئي چوندا آهن تہ سنڌي مهمان نواز آهن — اها هڪ قومي خصوصيت آهي، جا هن خطي جي ماڻهن کي ورثي ۾ مليل آهي- هتي جنهن کي اسين ڪنجوس چوندا سون ٻين قومن جي مقابلي ۾ اهو بہ وڌيڪ مهمان نواز ثابت ٿيندو- ماحول جي اثر کان سواءِ بہ خانداني طور تي ڪن خاص خصوصيتن جا اجزا خاندان سان تعلق رکندڙ شخص جي رت ۾ تحليل ٿيل هوندا آهن- ڪنهن خاندان جا فرد جري هوندا تہ ڪنهن جا عالم فاضل- شاعري بہ انهيءَ طرح ورثي ۾ بہ ملندي آئي آهي-

حضرت طالب المولا جن جي خاندان ۾ ٻين خصوصيتن کان علاوه بہ خصوصيتون صدين کان هلنديون اچن- هڪ شاعري ۽ ٻي موسيقيءَ سان دلچسپي- حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جن هڪ بلند پايہ شاعر هئا- سندن جيڪي بہ چند بيت هٿ آيا آهن انهن جي مطالعي مان ئي سندن شاعرانہ مقام جو بخوبي اندازو ٿي سگهي ٿو- سندن بيت:

پيئي جا پريات سا ماڪ م پانيو ماڙهوئا!

روئي چڙهي رات ڏسي ڏکوين کي

لفظن جي بندش، تجنيس حرفي، وزن جي پختگي ۽ خيال جي بلندي، جو هڪ اعليٰ مثال پيش ڪري ٿو- خيال جي تازگي اهڙي آهي جو اڄ به پاڪستان جي باڪمال شاعرن وٽ اهو خيال استعمال ٿئي ٿو- حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن لاءِ اهو مشهور آهي ته پاڻ پنهنجي ترتيب ڏنل حضرت روضي ڌڻيؒ جي ملفوظات ۾ حضرت غوث الحق رحه جا بيت ڏنا آهن- (6)

سندن ٻيا بيت پيش خدمت آهن:

اپٺيان ته انڌيون پوربون پربن پسن
آهي اکڙين عجب پر پسڻ جي

❊

نه سي جوڳي جوءِ ۾ نه سا سڪي چاٽ
ڪاپڙين ڪنوات وڏيءِ ويل پلانيا

❊

ابوبڪرا (7) آءُ سامي سفر هليا
متان ٿي پٺان سڪين سناسين کي

❊

متان ڏسين موهجين دنيا وارو ڏڄ
جدا ڪجئين جودئون چائي ڪي ٿي چڄ
نرملا "نوح فقير" چئي ڪر رب سان ريجهي رڄ
اڄ نه ٿئي صبحاڻ صبحاڻ نه ٿئي اڄ
منيون پيڙي پڄ وقت وڃئي تو ويسلا!

سمون به ساٿين گڏ تون به لوچج لڄ کي
هلندي سمي سامهون تون پڻ ڪرت ڪڄ
نه تو پڻ ٿئي ڏڄ سمي به سوڀ ٿئي

حضرت غوث الحقؒ جي ٿي تربيت هيٺ شاهه عبدالڪريم رحہ ڪمال تي پهتو.

اهڙيءَ طرح حضرت غوث الحق رحہ جي پوٽي لاڪي لطف الله جو ڪلام بہ نهايت بلند پايي جو آهي، سندس بيت شاهه لطيف رحہ جي ڪلام ۾ گڏجي ويا آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رايو آهي تہ شاهه جي رسالي ۾ آيل سر بسنت بهار سمورو ئي لاڪي لطف الله جو چيل آهي.(7)

بسنت بهار جا بيت هيءُ آهن:

آئي رت بسنت ڪي ڪتٺهار ڪڙيا
خستوري خوشبوءِ ٿي اچي پونر پريا
مون ڪي محب مڙيا لٿا ڏک، سک ٿيا

٭

آئي رت بسنت ڪي ڪجوريين گل هار
اٿي ڳوري! بيس ڪر ج آيو بسنت بهار

٭

آئي رت بسنت ڪي چپر مڪو مند
اٿي ڳوري بيس ڪر ج آيو بهار بسند

٭

آئي رت بسنت ڪي باغن مڪي بوند
لالي ڏيکو لال ڪي هيڪر وجي هوند
امت جي آخوند اوپڙ سپ اباهيا

٭

اڏميا اوڏانهن رت رسائي سجڻين
لڳي واءُ وڻن ڪي چاڻيا پن پراڻ
پهربائون پهراڻ سڪا ٿي ساوا ٿيا

❊

انگوريون ۽ ڪيتڪيون ڦوليون ڦڳڻ مانهن
ري لالن "لاڪو" چئي سي آئون ڪريان ڪانهن
جي سڄڻ هئي مون پانهن تہ ڦل پسيو ڦولي هيرن

❊

انگوريون ۽ ڪيتڪيون ڦوليون ڦڳڻ هيل
ري لالن "لاڪو" چئي سي آئون پانيان سيل
جي سڄڻ هئي مون بيلهہ تہ ڦل پسيو ڦولي هئون

❊

رتيان سپ پليان ڪائي نہ بسنت جوڙ
جي ون پاري سازيا تنهين مٿي موڙ

❊

رتيان سپ پليان ڪائي نہ بسنت تل
جي ون پاڙي سازيا تنهين مٿي گل

❊

آئي رت بسنت ڪي ڪڙيا ڪتڦهار
اتي ڳوري ويس ڪر آئي بسنت بهار

❊

آئي رت بسنت ڪي ڦولي سپ پن راه
اڪ نہ ڦولي ڪيتڪي اور سڪتي جاء

## وائي

اڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون
الله اميدون پڄايم ايڏيون
اڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون
پيرين فقيرين پونديس پيرين

کيم سڪائون جن سان ڪيڏيون
اڄ سڄڻ گهر آيو جيڏيون.

حضرت غوث الحق رحہ جن جو هڪ ٻيو پوٽو ميان فتح محمد رحہ بہ فارسيءَ جو هڪ سٺو اديب هو- سندس لکيل حضرت غوث الحق رحہ جن جي سوانح حيات ”رسالہ فتحي“، ٽن جلدن ۾ موجود آهي- رسالہ فتحي ۾ ميان فتح محمد رحہ جو فارسي ڪلام بہ آيل آهي- سندس سنڌي ڪلام هٿ اچي نہ سگهيو آهي-

طالب المولا جو پڙ ڏاڏو مخدوم امين محمد عرف ”پڪن وارا صاحبؒ“ (م 1303ھ) سنڌي زبان جي بهترين شاعرن ۾ ليکيو وڃي ٿو- سندس ڪلام ”ڪليات امين“ جي نالي سان پروفيسر محبوب علي چنا مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي- مخدوم امين محمد جو ننڍو ڀاءُ ميون غلام نبي عرف ”پنيلڏو“ بہ سنڌي زبان جو شاعر هو- سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ڪئي اڄ عجيبن ڪا ترٽئون تياري
واري وصل جي اڄ پرين واڳ واري
”پنيل“! يار پنهنجو صفا جي سجاٽي
تہ از خود اکين ڪان اهو آب آٽي
جتان جان ڪي ٿي تجلي جي تاري

ميين پنيلڏي کي چار فرزند هئا- ميان غلام حسين، ميان غلام رسول (احمد علي)، ميان غلام سرور ۽ ميان غلام محي الدين- اهي چارئي ڀائر شاعر هئا- البتہ ميون غلام رسول (احمد علي) سيني کان سٺو شاعر هو- سندس هيٺ ڏنل ڪافي سنڌ ۾ مشهور آهي:

(ٿل) ڪا گهڙي مون وٽ گذار ڇڏ وڃڻ جون يارا وايون
1. دمبدم دل جان ۾ پرينم! آهي تنهنجي پچار

اصل کان آهيان اوهان جي هٿي! نہ لڏيو مٿي جي سار
هٿن نہ گهرجن هي جدايون

2. جي اچين، هر وقت مون وٽ تو لا آهن انتظار
ساعت تو ري نا سري ٻي بيقراري بار بار
ٿيون بچايون برهہ باهيون

3. جي سٽين تون حال منهنجو، تو سان ڪريان آشڪار
ڳجهہ اندر جون ڳالهيون هينئڙي ۾ آهن لک هزار
سي نہ مون تو کي سڻايون

4. من اندر جن جي محبت سي سهن سڀ انتظار
ان سان گڏ "احمد علي" آ در سنڌئي اميدوار
آ، تو لا اکڙيون اڇايون

طالب المولا جو والد ماجد حضرت مخدوم غلام محمد رحہ فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو- ديوان حافظ هميشہ ساڻ هوندو هوس- پاڻ گاهي گاهي سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شعر بہ چوندو هو- حضرت عليؑ جي شان ۾ سندس چيل هڪ سہ حرفي نموني طور پيش ڪجي ٿي:

**الف** اعليٰ آهہ افضل اڪمل و اڪبر علي
آن امام است اتقيا را اول و آخر علي

**ب** بهادر بت شڪن بدرالدجيٰ بوذر جو پير
با عمل بي مثل بهتر بعد پيغمبر علي

**ت** تواضع جي طلب ڪئي تاجدار انما
تابع امر الاهي تارڪ تڪبّر علي

**ث** ثنا مولا جي ثابت ساري قرآن ۾ ڏسو
ثاني سليمان جو چوان يا ثاني اسڪندر علي

**ج** جنگجو پهلوان جائي جناب مرتضيٰ

جنگ جو جهونجهار بر جمل جهان جابر علي

ح حيا ۽ حلم جو صاحب برادر مصطفيٰ
حامي هيڻن جو حبيبِ دادگر حيدر علي

خ خليفو حق جو خالق جو خاصو خوش لقا
خلد جو خازن شه خيبر ڪشا خاور علي

د درماندن جو دائم داد رس دلدل سوار
دلبر خير البشر داور جي در بهتر علي

ذ ذاتي ذڪر ۾ هو محو شير ذوالجلال
ذي حشم ۽ ذوالعطاء ۽ ذوالحياءَ ذاڪر علي

ر رضا تي ربّ راضي رازدان مصطفيٰ
رهنما راهِ يقين جو راستگو رهبر علي

ز زبردستِ جهان زور آزما شاهِ زمن
زينتِ ارض و سما ۽ صاحب و صفدر علي

س ساري سر الاهي جو سراسر رازدار
ساقيءِ ڪوثر سخي سلطانِ دين سرور علي

ش شاهه اولياء شهزادهء عالي نسب
شير حق شاهه حجازي شڪر گو شاڪر علي

ص صلواتون صحيح صد بار صاحب جي مٿان
صف شڪن صائم سدائين صاف دل صابر علي

ض ضرغام الاهي زيردستان را پناه
۽ ضعيفن لئي ضياءُ الدين زيباور علي

ط طمع ترڪ ڪئي تقدير جي تابع تمام
طالبن کي ترت تنگي ۾ رسي طاهر علي

ظ ظفر ڪئين احد ۾ خندق بضرب ذوالفقار
زبدهء اولاد آدم ظاهر و اظهر علي

ع عاشق عارف با **الله** عالم جو امين
عاجزانرا دستگير و قاتل عنتر علي

غ غالب ڪل غالب تي "**غلام محمد**" جو پير
غرق در بحر فنا از غايتي اطهر علي

ف فلڪ تي فيض فائق فاتح بدر و حنين
فارغ الدنيا و مافيها ڪان فاضل تر علي

ق قربان راه حق ۾ قدر دان مصطفيٰ
قائم و قائد شه عقده ڪشا قاهر علي

ڪ ڪعبي ۾ تولد ٿيو ڪشنده ڪافران
ڪاروان سالار امت قبلهء قنبر علي

ل لعلن لحمڪ و لحمي سان ٿيو جلوه نما
لطف جو سرتاج شير حق شه شاطر علي

م مرقد جو محمد جي مجاور مرتضيٰ
مصطفيٰ من ڪنت مولا چيو شه منبر علي

ن نور ڪبريا ۽ صاحب نهر لبن
نائب ختم الرسل شد نافع و ناصر علي

و واحد سان واصل رازدار انبياء
وارث خير الامم والاشيم قاهر علي

هه هميشه رک شاد شاهه هل اتيٰ! مغموم ڪي
هجر ڪان زيارت جي حيران ٿو رهي هر هر علي!

لام لائق لطف سان لاهيندو لوڏا مون مٿان

لائق لطف و لطافت صاحبِ لشڪر علي

ع عاصم آهيان آذر اميرِ المؤمنين!
شاد ڪر شاها! ز بهر شافعِ محشر علي

ي يدالله فوق ايديهم ثنا ساجد جو شان
ينفقوني في سبيل الله، تون ياور علي

اها ذات طالب المولا سان گڏ انشاء الله نسل بہ نسل قائم رهندي- سندس وڏو فرزند مخدوم زاده محمد امين فهيم سٺو شاعر اهي- سندس نظم، غزل ۽ قطعا نهايت برجستا آهن- سندس ڪ قطعا، هڪ غزل، هڪ ڪافي ۽ هڪ نظم پيش ڪجن ٿا:

## قطعا

الاهجي ڪهڙي سبب دلربا هو آه بہ لب
الاهجي ڇا ڪان زماني ڪي بيقرار ڏٺم
الاهجي ڪهڙو نياپو نسيم پهچايو
پري بهار ۾ هر گل ڪي اشڪبار ڏٺم

※

خزان ۾ خوش ٿي بهارن جو انتظار ڪبو
نہ فرط غم ڪان گريبان ڪي تار تار ڪبو
بہ ڏينهن گذري ويا ۽ بہ گذري ويندا ”فهيم“
ڪڏهن نہ صبر جي دامن ڪي داغدار ڪبو

## غزل

پيار ۽ تنهنجو پيار ڇا ڇئجي! مست نظرن جو وار ڇا ڇئجي!

تنهنجو وعدو ۽ وعدو مون سان ڪيل — پو بہ ھي اعتبار، ڇا ڇئجي!
دل جي ويراني ۾ بہ تون آهين — تو ڪي جان بهار ڇا ڇئجي!
بيوفائي وفا جي بدلي ۾ — شرم، ڪاوڙ، يا آر ڇا ڇئجي!
بيوفا ڪي حسين لفظن ۾ — اي دل، داغدار! ڇا ڇئجي!
تنهنجي هوندي بہ دل جي ڦٽڪڻ ڪي — بيقراري، قرار، ڇا ڇئجي!
تو ڪي ماڻهن جي روبرو جاني! — دوست، محبوب يار، ڇا ڇئجي!
منهنجون راهون پيو ڏسي اڄڪلهہ — حسن ۽ انتظار، ڇا ڇئجي!
جن ڪان ساوڻ جا مينهن شرمايا — سي اکيون اشڪبار ڇا ڇئجي!
فڪر ۽ فڪر پاڻهي پنهنجو "فهيم" — پاڻ ڪي بار بار ڇا ڇئجي!

# ڪافي

ٿل: تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس
انهي رمز سان روح ريجهائيندس

1. جيڪي چار گهڙيون توسان گهاريون اٿم
ساري عمر ڪان وڌ سي پياريون اٿم
تو وساري ڇڏيو نہ وساريون اٿم
مان تہ پنهنجي پريت پڄائيندس

2. منهنجو تون ئي سڄڻ تو لئي بيون بہ گهٽيون
نہ ٿي تو ڪي وٽان پر نون تہ وٽيون
ڇا جا هار سينگار ڇا تيل ڦٽيون
ڪيئن زوري پاڻ وٽائيندس

3. تنهنجو مرڪي ملڻ، منهنجو عرض ڪرڻ
تنهنجي عشق ۾ سر جي بازي پرڻ

تنهنجي لاءِ مرڻ تنهنجي لاءِ جيئڻ
اهو ناتو نيئي نڀائيندس
4. وجي ويهي رهين مون کان ڏاڍو پري
تنهنجي ويئي سري منهنجي ڪيئن سري!
تون "امين" تي اڄ انصاف ڪري
ڀلا تو کي ڪيئن مان ڀلائيندس

# نظم
## نئون سال

نوان ڏينهن راتيون، نيون روشنايون
نوان شعر، ڪافيون، نوان بيت وايون
نوان باغ بنگلا هي بستيون ۽ جايون
نئين سال ۾ سڀ نيون بنجي آيون
پرين! هو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
نوان گل چمن ۾ نئون رنگ و بو آ
صنوبر، سمن موتيو سرخرو آ
نئين سال جي اڄ خوشي سوبسو آ
مگر مون کي تنهنجي اچا آرزو آ
وري پاڻ گڏجي خوشي ڪا ملهايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
خوشيءَ مان وڻن سبز پوشاڪ پاتي
گلن ساڻ بلبل ملائي تي ڇاتي

مان پايان ٿو تو لاءِ جهاتي تي جهاتي
نہ معلوم تو آهہ ڇو دير لاتي!
سگهو آ تہ بلبل ۽ گل کي سڪايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
اسين ڪشور دل جا سلطان آهيون
نہ ٻي مال و دولت جا خواهان آهيون
ڇون ٿا جهان وارا، نادان آهيون
محبّت ڪريون ٿا جو انسان آهيون!
غريبي، اميري جا ويڇا وڃايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
هجون پاڻ گڏ زندگيءَ جي سفر ۾
فضا ۾، بيابان ۾ ۽ بحر و بر ۾
اگر آهيون بيڪار ڪنهن جي نظر ۾
ٿئي ڪو نہ ڪو عيب تہ هر بشر ۾
سڀني ۾ ٿين ٿيون برايون ڀلايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
وئي مون کان اڄ اوچتو آه نڪري
مان پانيان ٿو تو کي ويو آهيان وسري
گهڙي ڌار تو کان گذارڻ نہ سٽري
سڄڻ! هي بہ سگندي ئي ويو سال گذري
حياتي جون گهڙيون وڃن ٿيون اجايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
نهاريو مون شام و سحر، تون نہ آئين
قمر آيو رشڪ قمر! تون نہ آئين

اڃا تائين مون کي نظر تون نہ آئين
بيا سڀ اچي ويا مگر تون نہ آئين
مٺا! آءُ موتي ڪري لڪ پلايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
ستارن ۽ شمس و قمر کان لڪي آ
فلڪ کان ۽ شام و سحر کان لڪي آ
لڪي آءُ جن و بشر کان لڪي آ
سڄڻ! تون سڀن جي نظر کان لڪي آ
نہ ڪنهن کي ٻڌايون نہ ڪنهن کي سڻايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
نئين آئي موسم نوان ٿيا نظارا
نئون چنڊ نڪتو، نوان ڏئي اشارا
جدائي ۾ مون تان ڪلن ٿا ستارا
خدارا! وري آءُ پرديس وارا!
ڪري در گذر اڄ ڪچايون ڦڪايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
ڀلا چو سڄڻ! ويٺين وعدا وساري
هي عاشق اڃا ويٺو راهون نهاري
”فهيم“ آهه تنهنجي ئي سهڻل! سهاري
پرين! جيڪڏهن تون اچين قول پاري
تہ لوڪان لڪي پاڻ محفل مچايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون

هن مجموعي ۾ آيل ڪلام تي تبصري ڪرڻ کان اڳ گذارش ڪندس تہ ڪافي يا بيت صاف سنڌي صنفون آهن. سنڌ تي جيڪي ڌارين جا حملا ۽ جلهون ٿينديون رهيون آهن تن جو لازمي اثر اسان جي ثقافت تي بہ پيو آهي سنڌي زبان جي علمي ادبي حيثيت جيتوڻيڪ قائم رهي، پر عربي ۽ فارسي زبانن جو غلبو صدين جون صديون هلندو آيو — هڪ تہ انهن ٻولين ۾ دين اسلام جي احڪامات جي اپٽار ڪيل هئي، ٻيو قرآن حڪيم ۽ حديث سڳوريءَ جي ڪري بہ عربيءَ سان سنڌي مسلمانن جو هڪ خصوصي انس هو. درباري زبان فارسي هئڻ ڪري بہ اسان جا پڙهيل ڪڙهيل ۽ عالم فاضل ماڻهو پنهنجي خيالات جو اظهار جو ذريعو فارسيءَ کي بنائيندا آيا نہ فقط ايترو پر هڪ صدي اڳ خط و ڪتابت بہ گهڻو ڪري فارسيءَ ۾ ئي ٿيندي هئي. مدرسن ۽ مسجدن ۾ گفتگو بہ اڪثر فارسيءَ ۾ ڪئي ويندي هئي. عالمن ۽ شاعرن پنهنجن تخليقن کي فارسي زبان ۾ ئي پيش ڪرڻ کي فخر تي سمجهيو. اهڙي ماحول ۾ سنڌين سڳورن جا ٻہ گروه نظر اچن ٿا. جن پنهنجي ٻوليءَ کي مضبوط، شاهوڪار ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ ٻي انتها ڪوشش ڪئي. هڪ گروه علماء جو هو، جن عام خلق کي مونجهاري مان ڪڍڻ لاءِ دين جي حڪمن کي سليس سنڌي ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ "ابو الحسن جي سنڌي"، "دائري واري سنڌي"، وغيره مشهور ٿيون ۽ ڪيترا ديني ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا ويا.

ٻيو گروه هو صوفي شاعرن جو، جن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي سنڌيءَ جي قالب ۾ پلٽيو. جتي سنڌ جا بلند پايہ عروضي شاعر لف و نشر ۽ مراعات النظير جي چيستان ۾ ڦاسي حقائق ۽ دقائق کي بيان ڪرڻ ۾ وار جون کلون لاهڻ لڳا، اتي ٻين بزرگن صاف، سلوڻي، مٺي ۽ موچاري سنڌيءَ ۾ پنهنجي خيالن ۽ صحيح جذبن کي سنڌ جي ماحول

مطابق پيش ڪري، ڪافي ۾ بيت کي ابدي زينت بخشي ۾ زبان کي لازوال حسن ۾ دوام ڏئي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو فارسي گو توڙي سنڌي گو شاعرن جو عروضي ڪلام ڪنهن کي ڪو ورلي ياد هوندو پر ڪافي گو شاعرن جو ڪلام يڪتاري، دلي ۽ ڍولڪ ۽ سريلي آواز جي ذريعي جهر جهنگ پکڙجي ماڻهن جي جذبن سان هم آهنگ ٿي ويو.

اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته ڪافي گو شاعر کي سنڌي جڻ ڪونه هئا جو نڪو فارسي ڄاڻندا هئا نڪو عربي. نه، انهن بزرگن مان اڪثر عالم، فاضل ۽ علم عروض جا ڄاڻو هئا. پر پنهنجي ٻوليءَ سان عشق ۽ پنهنجي ثقافت سان پيار کين اهو گس وٺايو جو نه فقط پاڻ زنده جاويد ٿي ويا پر سنڌي زبان کي به ڳاڙهي ڪنوار بنائي ڇڏيائون.

البته زبان کي وڌيڪ ميناج ڏيڻ ۾ ان جي اهليت کي ثابت ڪرڻ ۾ عروضي شاعريءَ کي ڪتابن تائين محدود ڪرڻ لاءِ هنن عجمي وزنن کي به استعمال ڪيو آهي ۽ ان ۾ به وري پنهنجو تصرف ڪري، مصرعن کي ننڍو وڏو ڪري، راڳڻين جي لاهين چاڙهين سان پچايو اٿن. صاف ، سپڪ ۽ ڪري ٻولي استعمال ڪندي غزل جي شڪل ۾ به ڪافيون چيون ويون آهن. البته غزل ۽ ڪافيءَ ۾ فرق ڪرڻ خاطر مطلع ۾ ٻن مصرعن جي بجاءِ فقط هڪ مصرع آندي وئي آهي. مثال طور:

ٿل: سگهو ڏي سير ۾ ساهڙ! ميهر! مون کي مددگاري

1. دلو درياءَ جي دهڪن، پڄي پيلو ڪيو پورا
ڇڏيو ست ساه ٻر ٻانهن، هڄيس هيبت ۾ هيڪاري

(مرحوم حافظ شاهه)

ٿل: منا! تو کان سوا مشڪل جيئڻ جنجل جدائيءَ جو

1. برهه جي يار! بازر ۾ امالڪ مون اچي توسان
رکي سر ساهه ٻئي ست ۾ ڪيو سودو سچائيءَ جو

(صاحبڏنو شاهه)

يا وري مطلع ۾ ٻه مصرعون آهن ۽ هيٺ ٿي ٿي مصرعون- مثلا:

ٿل هليا جنگ جوڳي سي نروار نانگا
لٽاڙي لنگهيا لڪ، لڪيون ۽ لانگها

1. نه ٻولين ڪنهن سان ٻڌن ڪانه ڪنهن جي
رکن ڪانه پرواه پرائي ۽ پنهنجي
چڙهي چوٽ ٿيٽڙا! ڏسڻ ڪان مهانگا

(عالم شاهه)

ڪنهن ڪافيءَ ۾ وري مطلع جي هڪ ئي سٽ ۾ ٻه قافيا استعمال ڪري، هر شعر جي ٻنهي مصرعن کي مطلع جي پهرئين قافيي سان ملائي، اڌ مصرع کي مطلع جي پوئين قافي سان پڇايو ويو آهي مثال طور:

ٿل: بره بي رنگ بي حساب، ٿو مين جي مت منجهائي

1. جت هڻن نيزا نظارا ناز نوڪون نينهن ناب
ان اثر اعلاج جي طاقت طبيبن ناهه تاب
ڪڏ ڪٺيو ڊيڙا ڍڪائي

(مصري شاهه)

ڪڏهن وري مطلع جي مٿين سٽاءَ قائم رکي، شعرن ۾ اڌ اڌ مصرع کي پاڻ ۾ هم قافيه ڪري، آخر ۾ هڪ اڌ مصرع جي قافين کي مطلع جي پهرئين قافيي ۽ ٻي اڌ مصرع جي قافيي کي مطلع جي پوئين قافيي سان ملايو ويو آهي- جئن:

ٿل: دل دلربا! ڏتاريئي — نازن سين ناز وارا

1. مشڪي سيه مسلسل — ڪن پيچ پيچ پل پل
قابو ڪمند ڪاڪل — بانڪا ٻڇي بهاريئي

ونگيو وٺن ويچارا

(مرحوم حافظ شاهه)

اهڙيون ڪافيون بہ نظر مان گذريون آهن جيڪي سموريون عروض تي ٻڌل هئڻ جي باوجود راڳڻيءَ کي نظر ۾ رکي مصرعن جي آخر ۾ ٽوڙيون ويون آهن ۽ سندن وزن ڦري وڃي ٿو- مثلا:

ٽل يارا چشمن سان چتيئي ڏاڍا تکا تير نوان نوان

1. ڪج ڪلا ڏاري ڪنڊا ڪاڪل وسيهر ور وڃهن

ظلم ساز زلفن وڏا هي زور زنجير نوان نوان

ڪافيءَ جي سٽاءُ تي عروضي شاعريءَ جي اثر جا ٻيا ڪيترا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. پر هتي مٿين مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي- ڪافيءَ جي فن کي سمجهڻ لاءِ ٻين عالمن جي مقالن کان سواءِ حضرت طالب المولا جي تصنيف ڪيل ڪتاب "ڪافي" جو مطالعو ڪرڻ گهرجي- باقي ڪافيءَ جي مختلف گهاڙيٽن تي انشاء الله مصري شاهہ جي ڪلام تي مقدمو لکندي بحث ڪيو ويندو-

بيت ۾ البتہ اهڙي قسم جو عروضي تصرف نظر مان نہ گذريو آهي- بيت جون مصرعون ٻن کان وٺي لاتعداد بہ ٿي سگهن ٿيون- جڏهن بيت وڏي وڃي تہ ان کي ڊگهو بيت چيو ويندو آهي- نڙ بيت بہ اڪثر ڊگها ٿين ٿا- سگهڙ اڪثر واقعاتي ڳالهين کي ڊگهن بيتن ۾ داستان جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن — بيت جو وزن چند وديا تي ٻڌل هوندو آهي. البتہ اسان جي سگهڙن پنهنجي پنهنجي خيال سان چند وديا کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ نهايت چابڪدستي ۽ پختگيءَ سان پنهنجي فن کي نڀايو آهي-

عام بيتن کان سگهڙن جي بيتن جي شڪل ۽ سٽا عموما مختلف نظر ايندي آهي ۽ ان کي هڪ جداگانہ فن شمار ڪرڻ گهرجي-

طالب المولا جي فن ۽ فڪر تي تبصري ڪرڻ کان اڳ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پاڻ بنيادي طرح حسن ۽ عشق جو شاعر آهي-

حسن جو ناز ۽ انداز عشق جي آه ۽ دانهن، حسن جو جوڀن ۽ جلوو، عشق جو ذوق ۽ شوق، حسن جي بيپرواهي ۽ بي نيازي، عشق جو نياز ۽ نوڙت، حسن جو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ، عشق جي آزي ۽ نيازي، لنؤن لڳائڻ جا لوازمات، ڪڏهن قرب جون ڪچهريون ۽ ڪڏهن وره ۽ وڇوڙي جون وايون، ڪڏهن دلبر جي دلدارين جا داستان تہ ڪڏهن سندس بي رخي ۽ بيوفائيءَ جا بيان، ڪڏهن عشق جي خودداري، ڪڏهن حسن جي شڪست، سيئي سباجهڙي صاف ۽ سليس ٻوليءَ ۾ طالب المولا جنهن قدرت ۽ قوت سان بيان ڪيا آهن جديد دور جي ڪنهن ٻئي شاعر ۾ اهو انداز ورلي ملندو-

ٻي خاص بنيادي ڳالهہ جيڪا طالب المولا جي ڪلام پڙهندي محسوس ٿيندي، اها آهي روحانيت — تصوف سنڌ جي اڪثر پراڻن شاعرن جي ڪلام جو بنيادي محرڪ پئي رهيو آهي- الله پاڪ لڪل خزاني جيان هو ۽ هن پاڻ سڃاڻڻ لاءِ انسان کي پيدا ڪيو- روح ڪي ڪساب پنهنجي محبوب حقيقيءَ سان مهر ۽ محبت جي مهراڻ ۾ مستغرق رهي، ڪنهن ڪاڏي ۽ هڪ انوکي آزمائش جي تحت، هن دنيا ۾ ڪجهہ مدت لاءِ مقيد ڪيو ويو تان تہ هتي ئي پنهنجي اصليت کان واقف ٿي، سيل پچائي ۽ پاڻ بچائي اهڙو پاڪ ٿي پرينءَ وٽ پهچي جو ڪيس دائمي ۽ ادبي سڪون حاصل ٿئي-

ٿل: نرمل! رخ تان لاهہ نقاب، لڪندي لڪندي عمر گذاريئي

1. روحن جت هو ميڙ مچايو، پيچ پرين! تو تڏهن پايو
ورتئي مون کان "ها" جو جواب، ڪٿن تي پيارا! مون کي پڪاريئي

2. طالب مولا مست بنايئي، پيارا پرين! هي پاڻ پلايئي
هاڻ سڄڻ! تون ڪر نہ حجاب، سڪ جي سرڪي چو تي پياريئي!

هيءَ ڪائنات صاحب جي صفت جي مثال آهي. ذات اهائي هڪڙي آهي، ٻي هر شيءِ ڇٽڪ ان جو اولڙو آهي يا ان جي حرڪات ۽ سڪنات جي اثرات جو ردعمل آهي- همه اوست يا وحدت الوجود جو نظريو ٻه اهائي اپٽار ٿو ڪري — طالب المولا جڏهن خالق حقيقيءَ جي واکاڻ ٿو ڪري تڏهن لازمي طرح سان روحانيت وارا نڪتا ٻه بيان ڪربو وجي- البتہ سندس ڪلام ۾ "انا الحق" يا "سبحاني ما اعظم شاني" وارو فلسفو گهٽ ملندو- فرمائي ٿو:

اڄ ٻہ اهو ئي آهہ، جيڪو هئو اڳ
هئڻ رڳو هن جو، جلوو آهي جڳ

*

بقا هڪ الله کي، ٻيو سڀ فنا
هستي فقط هن جي، انسان سندس ادا

*

صفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي
ڪارفرما ڪريم ٿيو، انسان سڀ اوزار
ڏس عبرت جا آثار، حسن قبح ۾ هڪڙا

*

ڏسڻ ڪان جو ڏور، سو ويجهو آهي وجود ڪان
ڪک پن ۾ ڪريم جو، نسورو ئي نور
ذرڙو، ذرڙو، ذرڙو، لئي ڪاملن ڪوه طور
جو ڏسي نٿو ڏيهہ ۾، تنهن قلب جو قصور
دربون دنيا واريون، اٿي پٽي پور
’طالب مولا‘ چاڻ تون، هرجا اٿئي حضور

هي دل کان ناهي دور، هردم آهي هنج ۾

واحد جي واڪاڻ ۽ سچي صفت، سندس قرب ۽ قهر، جلال ۽ جمال جي اپٽار آهي:

عاشق! الاالله ۾، اتئي واحد جو وصال
هي صيقل هٿي صاف ٿي، ڪر قرب منجهه ڪمال
تہ پسين جل جلالہ جي، جلوي جو جمال
ڪر اطاعت ان جي، خاصو رکج خيال
تہ هادي تيئي حال، طالب مولا طلب ۾

ربّ جليل جي عظمت اعليٰ، جاه، جلال، جباري وي
ان جي جمال کان ذري ذري ۾، جت ڪٿ جلوبداري وي
نرت هي رکبي نيڪ نظر ۾
بندا! عجز سان هلبو هردم، سائين ڪندو ستاري وي
'طالب مولا' ڪن وسارج، خالق جي خود داري وي
رهج انهي جي خوف خطر ۾

سموري سڪ جو محور، فيض جو منبع، هدايت جو سرچشمو، والي‌ءَ جي وات پسائڻ وارو، اونداهي‌ءَ مان سوجهري ڏي ڏيڻ نيڻ وارو، محمد مصطفيٰ ﷺ آهي- شرعي مسائل ۽ فقهي بندشن کي تسليم ڪندي، صوفيائي ڪرام انهي‌ءَ سڳوري سان لنؤن لڳائڻ، انهي جي در تي دل جهڪائڻ ۽ ڪائنس ئي سڄو سنئون ڪائنات جي ڪنہ ۽ ماهيت، قلب جي ڪميت ۽ ڪيفيت، روح جي راز ۽ رمز، خالق جي مخلوق سان لاڳاپي ۽ ڳانڍاپي جي سبق پڙهڻ کي افضل ترين عبادت پئي سمجهيو آهي —

طالب المولا جي نبي ڪريم ﷺ سان بي انتها محبت جو اندازو سندس سموري ڪلام مان ڪري سگهجي ٿو. جتي فقط مجازي عشق جون ڳالهيون پيون ڪري اتي اوچتو پڙهندڙ کي محسوس ٿيندو تہ مجاز سان گڏ ڪنهن حقيقي محبوب جي تانگهہ، طلب ۽ تات جو بہ ذڪر اذڪار اچي ويو آهي.

پيرن جي پربنءَ ڏي پلاڻڻ جو ذڪر ڪندي ڪندي خالص عشقيہ انداز مان مديني جي مير ڏانهن موڙيو اٿس ۽ انهي داستان جا آخري بيت مڪي معظمہ ۽ مديني منوره ۾ مڪمل ٿيا. ارشاد آهي:-

اکيون سڪنديون ئي رهيون، سڪ ۾ روز سدا
طالب المولا طلب ۾، ڪئا سبب خدا
ڪئا قدمن حق ادا، هلڻ جا حبيب ڏي

❊

اکن ڪري عاجزيون، پيرن تي پيئي
ڪيئون التجائون انهن کي، ڏهہ ڏهہ چميون ڏيئي
تہ پڄايو پربت مان، نرمل وٽ نيئي
سدا سڪون جن لئي، سڄڻ ڏسون سيئي
طالب مولا تن کي، جانب مليا جيئي
قربائتن ڪيئي، اکن تي احسان ڪيا

❊

دوڙي دوڙي پهتا، عجيب جي آستان
پسايئون پربنءَ جا، مڙئي ماڳ مڪان
ڏسي نور نرمل جو، ڪيئون اطمينان
طالب! قدمن کي ڏنا، الله وڏا ايمان
اهي سڀ احسان، اکين مڃيا ان جا

٭

راهان ڪڏهن نہ رهيا، هي قربائتا قدم
ڪٿي ڪيئون ڪين ڪي، دلبر ڏاران دم
لاٿئون سڀ اڪن جا، جيڪي گوندر غم
طالب مولا! تن ڪي، هٿا اندر منجهہ الم
تہ بہ ڪيئون اهڙا ڪم، جو ڪنهن ڪان ٿيا ڪين ڪي

٭

ڪيا ڪرم ڪريم، پر پير ڪٽي پريام
پهچي در پرينءَ جي، چاهہ منجهان چميام
دز تنهين جي تهدليئون، لڱن سان لاتيام
ميرا ٻئي محبتي، چشمن تي چايام
آئي جهير اڪين ڪي، تہ پرين خود پسيام
ٿيس سرخرو سڄڻ وٽ، جو منهن سان ٻئي مليام
لڙڪن سان لعلن جي، ڏوڙ سيئي ڌوتيام
اڪن سندي آب سان، ڇهڪ سندن ڇيتيام
مڙيئي مجيام، طالب! احسان انهن جا

حضور ڪريم ﷺ جن جي وصف ۾ واڪاڻ ڪندي طالب المولا شاعرانہ تخيل جي بلند مقام تي پهچي ٿو وڃي- مثلا هي بيت ملاحظ ڪريو:

ڪٿي سنبل سهڻا، ڪٿي مبارڪ مو
ڪٿي چهرو چنڊ جو، ڪٿي جبين جادو
ڪٿي شعاع شمس جو، ڪٿي رهبر رو
ڪٿي تلوارون تير ٿيا، ڪٿي احمد جا ابرو
ڪٿي اکيون عجيب جون، ڪٿي ساغر ۽ سبو
ڪٿي گل گلاب ۽ ڪٿي بدن جي بو

لبن لعل لجائيا، ڏندن لک لولو
هلڻ تان حبيب جي، عجب ۾ آهو
ڪٿي فضيلت فردوس جي، ڪٿي ڪامل سندي
ڪو حبيب آهي هو، طالب مولا تنهنجو

انهيءَ سڳوري سرور جي اڳيان عجز ۽ آزي ڪان سواءِ بندو ٻيو ڪوبہ تحفو پيش ڪري ڪونہ ٿو سگهي:

منا مير مرسل! ولهين جو تون والي
وربو تو وٽان ڪو سوالي نہ خالي
ڪنن، ڪوجهڙن جو هلي ڪونہ حيلو
تون ئي عيبدارن جو واهر وسيلو
مڙئي توکي پرتا هي عالي موالي
تون ئي آهين طالب جو ٻيو ڪير آهي
محمد منا! هاڻ پرواه ناهي
سندم لڄ ۽ لڏ سڀ سڄڻ! تو سنڀالي

موضوعن جي لحاظ سان طالب المولا جي ڪلام ۾ گهڻا اهڙا موضوع ملندا جن تي هن کان اڳ بہ ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، پر جيڪا خاص ڳالهہ هتي پڙهندڙن کي نظر ايندي، اها آهي انهن موضوعن کي نڀائڻ جو هڪ انفرادي ۽ امتيازي طريقو- اهوئي سبب آهي جو ڪنهن پراڻي موضوع کي پڙهندي ماڻهو هڪ عجيب سرور ۽ حظ حاصل ڪري ٿو- مثال طور عشق جي ڪيفيتن تي گهڻو ڪري سڀ ڪنهن شاعر لکيو آهي ۽ ائين بہ چيو آهي تہ عشق هر بوالهوس کي ڪونہ ٿو ملي وغيره- پر ائين ڪنهن ڪونہ چيو آهي تہ عشق ڪا هڪ خيرات خاني جي شيءِ نہ آهي جا محتاجن ۾ تقسيم ڪئي وڃي يا وري عشق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو بيت المال کوليو وڃي- مثال طور:

عشق نہ بيت المال، جو ملي محتاجن کي
عشق آهي ان سندو، جنهن کيو قرب ڪمال
طالب مولا طلب ۾، جو رکي خاص خيال
جانب جو جمال، اهو، ماڻيندو عشق سان

❊

برهہ نہ آهي بيت المال، هت محتاج جو ڇاهي!
ڪيڏي اهوئي برهہ جي بازي، غير ڇڏي جو ٿيندو غازي
ٻي ڪي ملندو محب محال، عشق اڙانگو آهي آهي
ڪننا، ڪولاپا، مٽيا، مصلا، ورهہ بنا ويران سي وصلا
ٿيندو ڪين ڪي حاصل حال، ناهہ نڳي جا ناهي ناهي

❊

اکن جي عجيبن ڏانهن اکنڊ، پرين پسڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ روج ۽ راڙو، رند ۽ راهون رلڻ، گهر گهر گهتي گهتي، گهوٽ لاءِ جهاتيون پائڻ ۽ ٻيون بہ ڪئين اهڙيون خيالي خصوصيتون هر شاعر جي ڪلام ۾ ملنديون پر طالب المولا جي تخيل جو رنگ ئي ٻيو آهي- فرمائي ٿو:

اکن ڪي آئون، روڪيان جيئن رئڻ ڪان
تئن تئن تنهنجي تات ۾، رهي رنائون
منن ماٺ نہ اچٽي، جو پرين پڇيائون
طالب مولا! طلب ۾، سهٽو سوجهيائون
هنجهون هاريائون، سجڻ ساربندي گهٽو

❊

تتي چيم تن کي، تہ منيون! ماٺ ڪريو
طالب چوي طلب ۾، چوندو سيٖ چريو
هدايت حبيب جي، ڪي ڪجهہ ڪن ڪريو
وريو ڪي وريو، اجهو واءُ وصال جو

❊

چيائون تہ چريو نہ تي، هي هنجون مرهون
ڳوڙها ڳڙيو ڳلن تان، پرينءَ جي لئي پون
دردن واري داغ کي، ڏوبو پيا ڏون
محبوب پلي محبت مان، چون جيکي چون
روبو پيا رون، طالب! آزار اندر جا

❊

وسيو ٿيو وسن، اکيون اوهيرا کريو
کهڙي مجال مينهن کي، جو اينهين ٿي اچن
طالب مولا! طلب ۾، تميو روز تمن
جيکر محب ملن، تہ بہ رهنديون کين رئڻ کان

❊

چوٽو کرين مينهن! مون سان ريس رئڻ جي
طالب مولا سان کيا، ناحق وڏا نينهن
تنهنجا بہ ٿي ڏينهن، منهنجي موسم سيکا

❊

پچن پچرن پاڻ ۾، کچن ۽ نہ پچن
تمڻ ٿهکن ورهہ ۾، کي اندر منجهہ اٿن
اکيليون عجيب لاءِ، کريو مانداڻا مچن
سدا رهن صبر سان، جو لڳو عشق اکن
پيغمبراڻي پر کي، پاريو ٿيون پارن
تذهن محب تن جي، ونن منجهہ وسن
طالب مولا! طلب جا، کيا حج هنن
سڪ ۾ کان سين، گونگيون گوءِ کٽي ويون

❊

پچن پڇرن پاڻ ۾، ڪن محڪم مات مدام
بي زبانيون بره ۾، ڪڏهن ڪن نہ ڪلام
آٺن آب اندر مان، صبح توڙي شام
حبيب نيث هٿن سان، ڏنن اڳهڻ جو انعام
طالب مولا طلب ۾، سڄڻ ڪين سلام
گوليون هيون گگدام، گونگيون گوءِ ڪٽي ويون

پر اکن پنهنجي دلبر جو ديدار جنهن ذريعي سان ڪيو، انهيءَ ذريعي ڏانهن ڪنهن جو خيال ئي ڪونہ ويو آهي- اهي تہ پير ئي آهن جيڪي اکين جي اداس پوري ڪرڻ لاءِ جهر جهنگ جهوتون جهليندا، رندن ڪي رت سان ريتو ڪندا، ڪاهيندا پوربندا وڃي تا محب سان ملاقاتون ڪرائين اک تہ اک آهي پر پير ڪانئس متيرو آهي:

تو چمان پنهنجا پير، جي وٺي تو وٽ آئيا
طالب مولا تي ڪيئون، پلائي جا پير
اوير ۽ سوير، قدمن تان قربان ٿيان

❊

اکيون بہ آهن اکيون، پر پيرن سان نہ پڄن
هو رئن تا رت ڦڙا، هي ڦتجو تا ڦتجن
هو بيوس آهن برهہ ۾، هي هيجئون اٿيو هلن
هو نهارين نجيب ڪي، هي ترِ نتا ترسن
هو اباڻڪيون عجيب لاءِ، هي رندن منجهہ رلن
احسان ڪيا اکن تي، پرت منجهان پيرن
طالب مولا! طلب ۾، چميو چميو چمجن
جهلئي نتا جهلجن، هلندي پنهنجي حبيب ڏي

❊

روبو روبو اڪيون، اچيو پيرن مٿي پون
چميو تن کي چاهہ مان، ڏوڙ سندن ٿيون ڏون
اهين اشارن ۾، چربون گونگيون چون
تہ هي سلامت هون، اسان سندا آسرا

❊

جي اکيون پير هجن، تہ پتو پوبن پنڌ جو
تہ اگهاڙا عشق ۾، ڪيئن ٿا سور سهن
ڪئن ٿا ڦٽ فراق جا، چڪيو ۽ چڪن
رت ٿين جي راهہ ۾، تہ بہ هيجئون اٿيو هلن
پهچن جڏهن پربنءَ وٽ، تہ بہ ڏوراپا نہ ڏين
ڪڏهن ڏٺو ڪونہ ڪو، تہ پٽي بڌين پربن
تہ بہ رڙهيو رڙهيو رڙهن، حبيب جي حضور ۾

❊

اکيون تہ اونداهي ۾، واٽ وڃايو وهن
پر پير ويندي پربن ڏي، بلڪل بس نہ ڪن
اوجهڙ ۾ عجيب لاءِ، لاڪيٺا لوچن
پهچن وڃيو پر وٽ، مورهئون ڪين مڙن
طالب مولا! طلب ۾، ڪمال ڪيو قدمن
انهن اڻ موٽن، اڪن تي احسان ڪيا

❊

اکيون تہ برابر گونگيون، پر زبانون تہ اٿن
هي بي زبانا برهہ ۾، سختيون سڀ سهن
هو اشارن سان عجيب وٽ، ڪجهہ تہ چيو ڏين
هي سدا صبر شڪر ۾، ڦتجو تا ڦتجن

هو هر هر حبيب سان، وڙهيو وربو پرچن
هي طالب مولا ڪڏهن، راڻل سان رسن
نہ بہ ڪرم تئي ڪونہ ڪو، متي مظلومن
پرت وڏي پيرن، قتجن، قرن ڪين ڪي

❊

اڪيون بہ عشق جي آزار ۾ تڏهن ٿيون اڙجن جڏهن سر ۾ سچڻ جي سونهن جي سنيار پيدا ٿئي ۽ پير بہ تڏهن تا پربن جي پيچرن جا پانڌيڙا ٿين جڏهن اڪند ۽ اڪير دماغ ۾ ديرو ڪري- جيڪڏهن سر ۾ سچائي ۽ سڪ موجود نہ آهي تہ پوءِ نہ عشق رهيو نہ اک جي اهميت، نہ پيرن جو پرڻ:

پير بہ آهن پيرن پر سر انهن ڪان سرسو
قدم قدم تي جهڪڻو ڏي سجدا ڍيرا ڍير
ان پيشاني ۾، رڳي پلائي جا پير
طالب مولا سڏجن، تا هردم مرد متير
صبح ساڻ سوير، ڏي سجدا سائينءَ اڳيان

❊

پير بہ آهن پيرن پر سر نہ رکي سانگو
گلا ۽ غيبت جو ڪٽي، گهور ڏئي گهانگهو
نڪري نرمل ڪاڻ تو، نينهن ۾ تي نانگو
بي مڙيئي ملڪ ۾، تئي متو مهانگو
سر تئي سهانگو، سچڻ وٽ صديقي چئي

❊

پير ويچارا پرت مان، گهڻو ئي ڪي تا ڪن
سر ٿين جت صدقي، ات ڪٿي پير پڄن!

پير وڍيا تہ متي ۾، دپجو ٿين دفن
سر شهادت بعد پڻ، نيزن تي چڙهن
پير بہ طالب! طلب ۾، مورهئون ڪونہ مڙن
پر سرويچ ئي صديقي چئي، صديق تا سڏجن
پير قربو قتجن، ۽ سر سدائين ست ۾

*

ڪڏهن ڪنهن نہ ٻڌو، تہ پيرن سوريون ماٽيون
سر فدا تي سجڻ ڪي، ڳڻن سان ڳڌو
"الانسان سري و اناسره" مورهئون نہ منڌو
سر وجي سوري تي، پنهنجي لالڻ ڪي لڌو
سر سوري پاڻ وڌو، پير اهي ئي پٽ تي

*

عاشق هلن ابتا، مورهئون متي پر
سر پر سڌا تا وجن، دلبر واري در
پارين تا پرت مان، پيغمبراڻي پر
سريو ڪن هو سر، منزلون محبوب جون

سر تہ برابر سوري تي محبت تا ملهائين، پر جيسيتائين من ۾ محب جي منزل نہ ٿئي، قلب ۾ قربن جي قرب جو ڪاڍو نہ اچي، دل دوست جي ديدار ڏيکڻ جو پڪو پهہ نہ پچائي تيسيتائين سڪٿو سر جهڪائڻ منافقن جي منزل آهي:

سر تہ برابر سر ٿيا، پر من جا ناهن مٺ
دل تان لهن ڪين ڪي، ڪڏهن جيڪر ڪٽ
تہ رڳي هوند هار ٿئي، يا ڪلندي ٿئي نہ ڪٺ
دل تي نہ هجن درد ۽، پيا قوڙائي جا ڦٽ
تہ سر نہ هجن منجهہ سٿ، سچ ٿو صديقي چئي

❊

سر پلي ڏين سجدا، سو سو ۽ سؤ بار
چائنث چمن چاهه مان، ۽ پرين جا پيزار
جي دل نہ محبت کي مڃي، تہ سر ڪلهن تي بار
سر بہ تڏهن تا قبول پون، جڏهن دل پرکن دلدار
سر جهڪن صد بار، تہ بہ درجا آهن دلن تي

❊

سر برابر ڪيترا، بيحد بار ڪٽن
مهل اچي مورهئون، تہ مڃيو متا ڏين
دل گهرجي درياءَ جيئن، نہ تہ سر ٿيو بار پون
نلها پتڪا تہ بندن تي بہ، ٻڌيو تا سگهن
طالب مولا! طلب ۾، دلبر بہ دل ڏسن
تهان پوءِ عاشقن کي، تا ٻيئا ٻک وجهن
سر سوين هجن، تہ بہ درجا آهن دلن تي

❊

سر ۾ رڳو گوڙ ٿيو تہ، گدوبندر ۾ گوڙ
هوندو هردم تنگ ۾، نير ۽ پيو نوڙ
سر ڦريو تہ سدائين، رڳو ٻروتي توڙ
طالب مولا! دل ٿي، تي ڪري طلب ۾ توڙ
پلي سر ٻڌجي موڙ، تہ بہ درجا آهن دلن تي

❊

اکيون تين جي انڌيون، ڏسڻ ڪان بہ وجن
ڪن بہ جيڪر ڪڏهن، ٻڌڻ چڏي ڏين
سرن ۾ سودا ٿئي، تہ چرتيا تي پون

پير بہ پرڻ ڇڏين جي، هلي ڪين سگهن
۽ مڙئي عضوا ضعف ڪان، جواب ڏئي وهن
تہ بہ دليون دوست پسن، طالب مولا! طلب ۾

❊

سالڪن الست جي آواز کي لبيڪ چوڻ واري شيءِ کي روح سڏيو آهي- روح ئي اها شيءِ آهي جنهن جي نوري جي نظر پوي ٿي ۽ اتي پرين پنهنجو پاڻ پسائي ٿو- روح لافاني ۽ ابدي آهي- ان جي اپٽار ڪري نٿي سگهجي- جنهن پيو اونهو وجبو تنهن پيا هڪڙا اسرار کلندا ۽ ٻيا معما پيدا ٿيندا- آدم جي بوتي ۾ ڏٺي پنهنجي روح مان ڦوڪ ڏني "ونفخت فيہ من روحي"- ان لطيف ۾ اڻ ڏٺي امر کي فقط ڪنايون ۽ اشارن تائين سمجهائي سگهجي ٿو ورنہ "يسئلونک عن الروح قل الروح من امر ربي"- روح فقط ڏٺي جو امر آهي-

دل تہ برابر آهي دل، پر رڳو آهي ماس
اڇي پيو ان ۾، ويتر جي وسواس
تہ هوئي هڪ گهڙي ۾، نگرو ڪندس ناس
ڪبو جي قياس، تہ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل ناليرو هڪ نانءُ
درد نہ اچي ان ۾ تہ ٺلهو آهہ ٺانءُ
امر ڪري ان کي جي ڏاتر ڏئي ڏانءُ
تہ ٿئي روحاني راز جي وايرليس وٿانءُ
پوءِ طالب مولا ٿو ملي الله پڻ اتانءُ
سمجهو کي سمجهانءُ تہ رمزون آهن روح جون

❋

دل تہ برابر آهہ دل در پردہ رهي روح
سوئي طالب مولا آهي سالم سنجهہ صبوح
فائق ڏنس فتوح رمزون آهن روح جون

❋

دل تہ برابر آهہ دل پر اجا اڳتي راز
ڦاسائيس ڦير ۾ مرڳو ڪٽي مجاز
تہ وحدت وڃيس وسري وٺيس حرص ۽ آز
متجي مولا جو مڙئي ستي سوز گداز
طالب مولا! تنهن جو عجب اتئي انداز
ظاهر دل دمساز پر رمزون آهن روح جون

❋

رمزون ڏسبيون روح جون پر روح بہ امر **الله**
پنهنجي **حقيقت** پاڻ ٿيو منجهہ وحدانيت واہ
انهي بحر عميق کي ووڙبندا ڇا واہ
لاحد واري لڪ ڏي رڙهي ٿو هي راہ!
ٽڙيو پير تہ سر ويو پرور ڏي پناہ
پتو پيو تہ بہ ترِ جو پر ساهہ کي ڏبي ساهہ
انهي ڪان آگاہ طالب مولا! مان ۾

گهري نظر سان مطالعو ڪبو تہ طالب المولا جي ڪلام ۾ ڪيترائي نوان موضوع نظر ايندا. عام چوٽين ۽ ڀهاڪن جي مخالفت ڪندي جنهن شيءِ کي ٻي خلق ٻري ڇئي هڪ معنيٰ ڏني آهي تہ طالب المولا ان جي ابتڙ لکي ان جي اصليت جا وسريل پهلو روشن ڪيا آهن. مثال طور شاهہ

صاحب جي ڪلام ۾ يا ٻين شاعرن وٽ هڪڙي مجبور عاشق پنهنجي محبوب کي ٻاڏائيندي ڪميڻي سڏيو آهي- ”ڪانڌ ڪميڻي آهيان“ جا لفظ هر ڪنهن کي سجهندا هوندا- پر طالب المولا چوي ٿو:-

ڪانڌ! ڪميڻي ناهيان توڙي ڪوجهي آهيان ڪني
سجڻ! سيل رکيو اتم ڇڏين متان ڇني
تنهنجي محبت من ۾ ڏاتر آهي ڏني
پيرن ڪان پني تون ور ورتم هڪڙو
جي ور نہ ڪن هڪڙو سي ڪميڻيون ڇئجن
در در لائي دل کي ور ور ڏيو وڃن
سي سنياليون سڄڻن جي ڪڏهين ويون ڪين ڪي

سنڌي ۾ عام چوڻي آهي تہ ”سانن کي کهڙيون سوگون“ پر طالب المولا ٿو چوي:-

چريا هئن چون تہ سان نہ سوگون ڪن
جي سانن سوگون ڇڏيون تہ سان ڪئن سڏجن!
اچو هرڪنهن ويل ۾ ولر منجهہ وهن
هرهر هر ڪنهن ئي منجهان پنهنجو سڳنڌ سنگهن
هو ويهي وٿاڻن ۾ سيڪي ٿا سمجهن
طالب مولا مستي جي مڻ مٿي ۾ اٿن
ٻيو سان اچي ڪو ٻاهران تہ صفا ڪين سهن
مٿو ڏيو مرن يا جهوريو ڪڍنس جوءِ مان

قارئين ڪرام! مون پنهنجي حقير علم موجب ارادو ته اهوئي ڪيو هو ته قبله طالب المولا جي ڪلام تي سير حاصل تبصرو ڪجي- جئن جئن لکبو ويبو تئن تئن نوان موضوع کلندا ويندا ۽ تبصرو وڏي وجي ڪتابي صورت وٺندو- انهي ڪري طوالت جي خوف کان فقط اِيتروئي چوندس ته طالب المولا جي ڪلام ۾ نه پڙهندڙن کي پراڻا. دقيق. منجهائيندڙ ۽ غير معروف لفظ ملندا ۽ نه وري جديد دور جي ڪن شاعرن وانگي هندي ۽ سنسڪرت جا ڪسرا ۽ ڪسجا. ڪن تي بار. نڙي ۾ قاسڻ وارا لفظ نظر ايندا- هن ڪلام جي ٻولي اڄوڪي عام مروج وچولي واري صحيح ۽ سوادي ٻولي آهي- تخيل ۽ پختگي سان گڏ ٻوليءَ جي سهڻائي، لفظن جي موسيقيت ۽ ڪلام جي رواني طالب المولا جي قلم جون اهي خصوصيتون آهن جو ڪلام ڪن تي پوڻ سان شاعر کي سڃاڻي وٺبو- سندن اثر ۽ صحبت جي ڪري ڪيترن شاعرن جي زبان ۾ اها ساڳي خوبي ٿوري ڪي گهڻي اچڻ شروع ٿي آهي گويا زبان جي لحاظ سان پاڻ شاعري جي هڪڙي جدا اسڪول جا باني آهن- ۽ هڪ شاعر جو انهي کان وڌيڪ ٻيو بلند مقام ٿي نٿو سگهي

جيڪو حال حبيبان سو پيش پريان

**بيخود حسيني**

[1]

# هادي آهي هڪڙو

تڏهن بہ هڪ الله هو جڏهن ڪجهہ نہ هو
جڏهن هوندو ڪين ڪي تڏهن بہ سو ئي سو
"وحده لاشريڪ لہ" ثاني سندس نہ ڪو
صحيح آهي سمجهيو طالبَ! مولا تو
اهو ئي اهو هادي آهي هڪڙو

9-12-1955ع
حيدرآباد

❊

اڄ بہ اهو ئي آهہ جيڪو هئو اڳ
هئڻ رڳو هن جو جلوو آهي جڳ
قرب ۾ ڪلتار جي مانجهي ٿيجئين مڳ
طالب مولا مرد تي وٽ داور وارو دڳ
تہ ليندين ساڳيو سڳ جي پاسي ڪندين پاڻ ڪي

9-12-1955ع
حيدرآباد

❊

هادي سو، حڪيم سو مالڪ سو، مختار
رازق سو، رحيم سو جابر سو، جبّار
اڳ بہ سو، پوءِ بہ سو اڙين جو آڌار
"الله الغني و انتم الفقرآءُ" سو ئي سو سردار

طالب مولا مرد تي کر وحدت جو واپار
قادر سو ڪلتار قائم دائم ڪل تي
1955-12-10ع
ميرپورخاص

❊

بقا هڪ الله کي ٻيو سڀ فنا
هستي فقط هن جي انسان سندس ادا
هو جبّار جل جلالہ جائي جلوه نما
اِنَّ الله عليٰ ڪل شيءٍ قديرٌ صفت سندس سدا
سيئي سطوت ان جا گولا ۽ گدا
اڳيان ان جي ڪا ڪانهي طاقت ڪنهن جي
1955-12-15ع
ڪرم نظامائي

❊

الله ئي الله ٻيو سنيران ڪين ڪِي
ڪن ۾ ٻانگي ٻانگ سان ڪيو آواز اِلاالله
مادر مون معصوم کي چيو لولي ۾ الله
ڪونهي ٻيو ڪريم ري هو شاهن سندو شاهہ
آهي ان جي امر ۾ سفيد ۽ سياهہ
هادي سو همراهہ هردم آهي هڪل ۾
1955-12-26ع
ڪرجات

❊

ساراهجي سچو ڌڻي قدرت جنهن جي قديم
"ڪل شيءٍ محيط" سو حاذق اهو حڪيم
قائم ذات قدير جي آهي پاڻ عليم
قادر اهو ڪريم قائم ڪائنات ۾

28-12-1955ع
ڪرچات

※

صفتون سو هزار ذات آهي هڪڙي
ڪار فرما ڪريم ٿيو انسان سپ اوزار
هلايو حڪمت سان قدرت ڪي ڪلتار
ڪافي قرب انهي سندو ٻي محبت ئي مردار
طالب مولا مرد ٿي ڪر نوڙت ساڻ نهار
ڏس عبرت جا آثار حسن قبح ۾ هڪڙا

1-1-1956ع
هالا

※

دوا اهو دارو اهو طاقت اهو طبيب
طالب مولا تنهنجو حاذق اهو حبيب
قادر آهي قريب پر ڏسڻ کان ڏور ٿيو

1-1-1956ع
هالا

※

هلي هر ڪنهن جاءِ تي فائق جو فرمان
انسان مان حيوان ڪري حيوان مان انسان
پري ڪونهي پاڻ ڪان مالڪ جو مڪان
"ڪل شيءٍ يحرڪ" ۾ غير نہ ڪو گمان
سبحان ئي سبحان هيو سر ۾ سجهي ڪونہ ڪو

10-1-1956ع
تعلقو ڪپرو

*

جنهن "ڪن" چئي ڪل جوڙيو تنهن واحد کي واڪاڻ
وحدت جي ويساهہ سان وجود پنهنجو واڻ
ڪر اتبار احد تي ايمان اِتي آڻ
ڪافي تو لئي ڪريم ٿيو چرڪين ٿو چاڪاڻ
در هڪڙو ديک تون بي جي ڪڏ نہ ڪاڻ
تون تيڏانهن ئي تاڻ طالب! مولا جنهن طرف

25-7-1956ع
حيدرآباد

*

ڏسڻ ڪان جو ڏور سو ويجهو آهي وجود ڪان
ڪک پن ۾ ڪريم جو نسورو ئي نور
ذرڙو ذرڙو ذرڙو لئي ڪاملن ڪوهہ طور
جو ڏسي نٿو ڏيهہ ۾ تنهن قلب جو قصور
دريون دنيا واريون پهرئين پٽي پور
طالب مولا چاڻ تون هر جا اٿئي حضور
هو دل ڪان ناهي دور هردم آهي هنج ۾

16-5-1956ع
ڪراچي

پري چو پلاٽيين واحد اتئي ويجهو
"ونحن" واري ويڙهه ۾ وار بہ نا ويچو
آهي سوئي سو در تون پور دوئي جا
21-5-1956ع
هالا

*

جو پري ناهه پساهه ڪان تنهن واحد ڪي ئي وٿ
ڪيڏي ڇڏ قلب مان هستي وارو هٽ
طالب مولا طلب ۾ ڪر ڪلمي سان ئي ڪٽ
من مان ڪيڏي مٿ مولائي تون مرد ٿي
19-6-1956ع
حيدرآباد

*

هادي سوئي هڪڙو ٻولي ڪبي نہ ٻي
وحدت جي واپار ۾ ٿيمو مرد مچي
"قل هوالله" ۾ قادر جي آهي صفت سجي
واحد جي وحدت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪبي!
هلي ڪا چلي دوئي واري جي دنيا ۾!
1-9-1956ع
هالا

*

"وحده لا شريڪ لہ" ويجهو اتيئي
"ماسويٰ" ڪي مرد ٿي ڏهاڳ ڇڏ ڏيئي
قدرتون ڪريم جون قلب ۾ ڪيئي

طالب مولا مرد تي ڇڏ نرت اتي نيئي
پڪ اتئي پيئي عاشق "اِلا الله" ۾
1-9-1956ع
هالا

❊

عاشق "اِلا الله" ۾ اتئي واحد جو وصال
سا صيقل هٽي صاف تي ڪر قرب منجهہ ڪمال
تہ پسين جل جلالہ جي جلوي جو جمال
ڪر اطاعت ان جي خاصو رکج خيال
تہ هادي تيئي حال طالب مولا طلب ۾
1-9-1956ع
هالا

❊

آڇ "اِلاالله" سان الله تي ايمان
رهبر ٿيندئي راهہ ۾ ڪلمو ۽ قرآن
هاديءَ جي حڪمت ۾ هرڪو ئي حيران
ناهي زور زبان ڪي ڪري باريءَ جو بيان
قرآن ۾ ڪريم جو شائق پس تون شان
جيڪي لکيم جيءَ سان سو بہ آڳي جو احسان
طالب مولا طلب ۾ دوئيءَ ڪان رک ڌيان
هڪڙو اتئي حنان شڪ نہ آڃ شرڪ جو
1-9-1956ع
هالا

❊

شائق شڪ نہ آڻجئين شڪ جو ٿين نہ شڪار
هادي هڪڙو مڄ تون جل جلالہ جبّار
شرڪ نہ ڪجئينس شان ۾ قادر اُتئي قهار
طالب مولا مرد ٿي ڪر احد تي انبار
تو سمجهي سڀ ستار ڪيفيتون قلب[1] جون
8-9-1956ع
ڪراچي

❊

آهي هڪ الله حاڪم سو حڪيم
هر هنڌ اُتئي هڪڙو مالڪ ئي مقيم
قائم آهي ڪل تي مولا مستقيم
"الله الغني و انتم الفقرآءَ" اهوئي عظيم
طالب مولا آهہ سو عالم پاڻ عليم
ڪريم ئي ڪريم قادر آهي ڪل تي
15-9-1956ع
حيدرآباد

❊

قائم دائم ڪل تي خالق خلقنهار
ڪونهي ٻيو ڪريم ري مالڪ ۽ مختار
ڪر اطاعت ان جي بندا نہ ٿي بيڪار
سڏو هل سائينءَ سان آهي ستّار ۽ غفار
هو ڏڪي تو ڏڪڻ ٿي عاصي عيبدار

[1] يعني "اعتبار". پر مروّج زبان ۾ "انبار" ٿي ڳالهائجي ٿو ۽ وزن جي لحاظ سان ائين استعمال ڪيو ويو آهي.

طالب، مولا کان نہ وجھہ وٺي هڪڙو وار
اصلوڪو اقرار پاڙٺا پارج پرت سان
17-9-1956ع
حيدرآباد

*

گھٽو سارج ساہ سان سبحان سنجھہ صباح
آهي قرب ڪريم جو محبت جو مفتاح
"فاذڪروني اذڪرڪم" فڪر ڪاڻ فلاح
مڙئي آهہ مباح محبت جي ميدان ۾.
27-11-1955ع
پڪاشريف

*

[2]

# مرسل مٺيادار

عربي عاشق الله جو پر مالڪ ڪئو محبوب
احمد کي اظهر ڪري خالق ڪيو خوب
طالب مولا جو ٻه سو محب ٿيو مطلوب
راغب ۽ مرغوب ڪنهن کي چئي ڪنهن کي چوان

18 9 1956ع
حيدرآباد

*

ڪائنات جو ڪريم ڪئو محمد کي مختار
رهبر ڪيائين راه جو مرسل مٺيادار
عاشق مٿس الله ٿيو جل جلاله جبّار
عربي احمد چام ۾ نور ڪيئين نروار
صلواتون سيد تي بيحد. بيشمار
آهي ان عجيب جو طالبُ طلبگار
ازين جو آذار عشق عربي چام جو

1956-9-20ع
حيدرآباد

*

صانع پنهنجي صنعت ۾ ڪيو قدرت سان ڪمال
احمد کي عطا ڪيو واحد پاڻ وصال
معراج ڪرائيئنس محبت سان رکي خاص خيال

جبار ڏنس جوڙ سان جلوو ۽ جمال
انهي جو احوال قلم لکندو ڪيترو

20-9-1956ع
حيدرآباد

❊

"لا اِلٰه اِلاَّالله" مُحَمَّد الرسول
جهانن ۾ جميل ڪي مولا ڪيو مقبول
پيغمبر پڌرو ڪيو الله جو اصول
طالب مولا مرد تي فڪر ڇڏ فضول
جنهن قريشي جي قرب ڪي قلبئون ڪيو قبول
سو محبتي ملول ڪڏهن ٿيندو ڪو نه ڪو

20-9-1956ع
حيدرآباد

❊

الله ڪرايو عربيء ڪي محبتي معراج
طالبَ! رکيائين تاج رسالت جو رسول تي

20-9-1956ع
حيدرآباد

❊

پيغام پرور موڪليو هٿان پنهنجي حبيبَ
امانت سان الله جو نياپو ڏنو نجيبَ
آخر ان عجيبَ ڪفر ڪعبي مان ڪڍيو

20-9-1956ع
حيدرآباد

❊

هاشمي جي حب ۾ جو عاشق ٿئي عليل
عربي ٿيندو ان جو واحد وٽ وڪيل
طالب مولا مرد ڪو ذرو ٿئي نه ذليل
قادر پڻ ڪفيل اول آخر ان جو

20 9 1956ع
حيدرآباد

❊

پرين پڇاڙيءَ آئيو ٿي اڳين جو اڳواڻ
صورت ۾ پڻ سهڻو ۽ سيرت جو سرواڻ
هٿين پيرين حبيب ٿيو پنهنجو مٿ ئي پاڻ
ڏنار پنهنجي ڏڻ جو سدائين سڄاڻ
پياري پياسن کي محبت پريو ماڻ
طالب مولا نور جو نرمل آهه نياڻ
پاڳئي سندو پاڻ پريو ئي پرپور آهه

29 9 1956ع
هالا

❊

سرسو آهي سونهن ۾ مديني جو مير
شمس اڳيائئس شرمندو توڙي ماه منير
فقيرن جو فقير سو پيرن سندو پير
خادم خاصو خلق جو ۽ امت جو امير
طالب مولا عشق ۾ ان جي آهه اسير
الله ڪيو اڪسير عشق عربي چام جو

22 9 1956ع
حيدرآباد
❊

صورت سيرت سهڻو محبوب سو مليح
لطيفن کان لطيف سو صبيحن کان صبيح
مئل دل جي لاءِ تي محبت سندس مسيح
امي عربي چام کي فائق کئو فصيح
سرور سو صحيح طالب مولا ملڪ ۾

22 9 1956ع
حيدرآباد

❊

ڪريم پنهنجي قرب سان خلقيو محمد مير
سر ۾ سجهي ڪونہ ڪو نرمل جو نظير
بشير آهي بشر لاءِ عربي چام امير
سائس رڪبو سير تڏهن مهند مرڪبو

4 10 1956ع
راڻوبگهيو

❊

عرب عجم ۾ اهڙو نہ پيدا ڪئو پرور
آندي "اِلاالله" جي خاصي خاص خبر
وڏا اچي وڙ ڪيا پرينءَ پيغمبر
طالب مولا مرد تي رک نرمل ڏي نظر
ساري ئي منجهہ سر سجهي ڪونہ سيد ري

4 10 1956ع
راڻوبگهيو

❊

مورهئون ڪونهن ملڪ ۾ محمد سندا مت
بيا سپ سهڻا ست جان هو تاجي پيتي پت
لائق لاهي لطف سان قلبن مٿان ڪٽ

محبت جي متي مان پر پياري پٽ
طالب مولا جنهن وڏي سچائيءَ جي سٽ
ان تان پرينءَ لاتي پٽ ڏئي وٽ وصال جي
1956-10-4ع
راڻو ڀڳهيو

❊

خالق خلقي خوب آهه جانب سندي جوڙ
محمد جهڙو نہ ملڪ ۾ ٻي خلق آهي ڪوڙ
سهڻا سهانگا سر ۾ ڪروڙين ڪروڙ
جنهن ڪي هوندي جيءَ ۾ لالڻ سندي لوڙ
ڪانہ پسندو سوڙ سو محبتي مورهئون
1956-10-4ع
راڻو ڀڳهيو

❊

محب مولا موڪليو عالم جو امين
درود ان دلبر تي جو هتين پيرين حسين
قائمِ آهي ڪل تي دائم سندس دين
ربّ العالمين عاشق ٿيو ان تي
1956-10-20ع
هالا

❊

دمدم آهه درود متي مرسل مير تي
مڙني موچارن ڪان مالڪ ڪيس مسعود
طالب مولا ملڪ ۾ محمد ٿيو محمود
شاهد ۽ مشهود مولا ڪري موڪليو
1956-10-20ع
هالا

❊

شاهه شفيع المذنبين مرسل موچارو
ڪفر ڪٽي ڪلمي سان ٿيو سيد سوپارو
مڪي ۾ محبّت جو نيڪ هنيو نعرو
وڄايو وحدت جو نرمل نقارو
طالب مولا مرد سو ناطق ناميارو
ڪامل قرارو قادر ڪيو ڪل تي

1956-10-20ع
هالا

❊

مالڪ پنهنجو محب ڪئو ملڪن جو محبوب
طالب امت ان جي هو مڙني ٿيو مطلوب
محمد سان منسوب طالب، مولا آهه ڪئو

1957-1-1ع
حيدرآباد

❊

آهي حضرت هاشمي حبيبن حبيب
پرين پراهون نہ ٿيو قربائتو قريب
اميرن جو امير سو غريبن ۾ غريب
صاحب شفاعت جو موچارو مجيب
طبيبن طبيب طالب مولا سو ٿيو

1957-1-4ع
حيدرآباد

❊

مولا مٿاهون ڪيو مصطفيٰ جو مان
شاهن سندو شاهه سو خانن جو پڻ خان
ڪامل پهچايو ڪل ڪي قادر جو قرآن

طالب مولا مست ٿيو جانب لاءِ جهان
جنهن جو ثناخوان سبحان تنهن جو مٽ ئي ناهه ملڪ ۾
23-1-1957ع
حيدرآباد

*

هيرا جواهر ڪيئن ڪريان محبوبن سان مٽ
هو ونڌجن وڪجن وڻجهار وٽ هي ڇپر، چانو ۽ ڇٽ
طالب مولا مرد سو جڏا جياري جهٽ
هي قلبون لاهي ڪٽ هو چاڙهن ڪٽ قلب تي
15-4-1955ع
هالا

*

صبح هڪ سانجهي ٿيو سج، چنڊ جي چال
ڪڏهن پهتا ڪين ڪي پنهنجي ڪنهن ۾ ڪمال
طالب مولا طلب سان سيد ڪي سنڀال
جو هميشه هڪ حال جانب پنهنجي جاءِ تي
17-4-1955ع
هالا

*

سج ۾ تيسين آهه جيسين آهي اپ ۾
مغرب ۾ محفوظ ٿيو تہ آئي ڪي اونداهه
طالب مولا محب جو ڪو مٽ موراهين ناهه
لوڪ انهي جي لاهه مون سهائو سپرين
15 4 1955ع
هالا

*

چنڊ سندي چانڊاڻ آهي ٻٽي راتڙيون
طالب مولا تنهن تي اعتبار نہ آڻ
ڪانهي ان جي ڪاڻ مون سهائو سپرين
15-4-1955ع
هالا

❊

ڪوڙين ٻرن قنديل تہ بہ وڃن وساميو ڏينهن جو
لاتم دل دليل مون سهائو سپرين
15-4-1955ع
هالا

❊

ڪڏي چڙهي قلب مان ٻيائي وارو ٻج
طالب مولا محب جي نينهن ۾ تيجئين نج
عالم وٺي سج مون سهائو سپرين
16-4-1955ع
ڪراچي

❊

سج، چنڊ ڪان سهڻو جانب جو جمال
قادر قدرت سان ڪئو قائم هيءُ ڪمال
طالب مولا، مرد سو لالن جو ئي لال
ماڻهو گهرن مال مون سيباڻو سپرين
16-4-1955ع
ڪراچي

❊

چنڊ چوڏهينءَ رات جو ڪري ٿو ڪمال
هميشہ هڪ جهڙو جانب جو جمال
هي رهي فقط رات جو هو ڏينهن جو بہ ڏيال

طالب مولا هن جو هردم هڪڙو حال
هن ۾ آهه زوال سجڻ سدائين سوجهرو
16-5-1955ع
حيدرآباد

❊

سج ۾ آهه شعاع طالب مولا ڏينهن جو
هو ڪري نيٺ وداع سجڻ سدائين سوجهرو
16-4-1955ع
ڪراچي

❊

ڪٿي منهن محمد جو ڪٿي ماهتاب
ڪٿي جلوو جانبن ڪٿي آفتاب
هڪڙو چمڪي رات جو ٻي ۾ ڏينهن جو تابش، تاب
هنن هي حساب سجڻ سدائين سوجهرو
23-12-1963ع
ڍاڪا

❊

ڪٿي سنبل سهڻا ڪٿي مبارڪ مو
ڪٿي چهرو چنڊ جو ڪٿي جبين جادو
ڪٿي شعاع شمس جو ڪٿي رهبر رو
ڪٿي تلوارون تير ٿيا ڪٿي احمد جا ابرو
ڪٿي اکيون عجيب جون ڪٿي ساغر ۽ سبو
ڪٿي گل گلاب ۽ ڪٿي بدن جي بو
لبن لعل لجائيا ڏندن لڪ لو لو
هلڻ تان حبيب جي عجب ۾ آهو
ڪٿي فضيلت فردوس جي ڪٿي ڪامل سندي ڪو
حبيب آهي هو طالب مولا تنهنجو
23-12-1963ع
ڍاڪا

❊

[3]

# تقويٰ ريءَ طاعت

ڪجھ بہ آهي ڪين ڪي تقويٰ ريءَ طاعت
روزا، نمازون، بندگيون نہ تہ آهن سڀ عادت
ٿينديون ڳَت ڳڇيءَ جو نہ سبب شفاعت
اصلي عبادت ڪو طالبُ مولا جو ڪندو

31-7-1957ع
ڪراچي

❊

طاعت. تقويٰ ڪانہ ٿئي تقويٰ ئي طاعت
عين عبادت ٿي تقويٰ طالبن جي

31-7-1957ع
ڪراچي

❊

تقويٰ، توبہ ٻئي ٿيون عبادت اوجر
جئن پاڻي نہ ملي پوک کي نہ آئي نہ اوير
تئن تقويٰ ريءَ طاعتون ٿلهو آهن ٺڪر
جن ورتو اهو وکر سي طالب مولا مرد ٿيا

12-8-1957ع
هالا

❊

تقويٰ، طاعت کي سدا ٿي آخر اجاري
نفس نافرمان کي مورهئون ٿي ماري

عيبدار اڳي ڪري ۽ وچ ۾ وهاري
”صراط المستقيم“ ڏي واريو تي واري
پوءِ ان جي پناري طالب مولا مرد تي
27-8-1957ع
هالا
❊

عبادت الله جي تئي تقويٰ ساڻ تمام
الفت رک عظيم سان آهي قرب ۾ ڪمام
”قالوابليٰ“ قول جو عاشق! پار انجام
تہ ”اظهرمن الشمس“ ٿيئي ناسوت اندر نام
طالب مولا طعام ڪا تقويٰ جو طلب ۾
5-9-1957ع
ڏگا
❊

طالب! تقويٰ ڪانسوا طاعت ڪجهہ ئي ناهہ
پاڪائي، پرهيز ڏي ڪاهيو ڪاهيو ڪاهہ
لاڳاپا سڀ لاهہ بي اجائي عبادت جا
28-9-1957ع
هالا
❊

تقويٰ ساڻ طاعتون ڪي عاشق اجارين
”خيار ڪم احسن ڪم اخلاقا“ پر اها پارين
”موتوا“ واري ملڪ ۾ جي ڪَي جيارين
طالب مولا مرد سي مرڻ ڪي مارين
گهڙيون تا گهارين عاشق روز الله سان
28-9-1957ع
هالا
❊

طالبن تقويٰ کي چٽ ۾ چتايو
ان ڪان پو عبادت جو وقت نہ وڃايو
پنهنجي نفس نادان کي ماري مڃايو
طالب مولا مرد ٿيا جن قرب ڪمايو
تن ڳايو وڃايو واحد جي واڪاڻ ڪي

16-10-1957ع
هالا

❊

عبادت ۾ اختيار ڪئي تقويٰ طالبن
غير ڪڍي غازي ٿيڻ رستو راغبن
قريب کي قريب ٿين هي قرب ڪاملن
اطاعت ۾ اڃهو ڪيو عجز عاشقن
طالب مولا مرد سي جن محبت رکي من
ملين ڪان محبن وحدت واري واٽڙي

18-10-1957ع
هالا

❊

تقويٰ ري نہ طالبَ! ٿئي حاصل هدايت
اول اڇبو عمل تي پو ٿيندي شفاعت
جي چاهين منزل ماڻيان نہ رک سالم سعادت
ڪنڌ نہ ڦيرج ڪيڏهين وڃي سهڙج سلامت
اصل عبادت تقويٰ ساڻ تمام ٿئي

18-10-1957ع
هالا

❊

[41]

# جي پائين جاني لهان

پرهيزگاري پار تہ وجي پهچين پار
هتي جون حقيقتون رسنديون پريين پار
طالب مولا مرد تي پر پرينء جي پار
پاريو پاريو پار جي ڪيئي قول قريب سان

16-10-1957ع
هالا

❊

جي پائين محب مانيان ڪر پرهيزگاري پر
هڻ صيقل سيني کي تہ نور اچئي نظر
طالب مولا مرد تي قربئون قدم پير
دل ۾ ڪنو ڪر محبت جي متاع کي

16-10-1957ع
هالا

❊

رڳي زهد عبادتون ظاهر جا ضرر
ري پرهيز ڪين ملن وحدت جا وکر
دلبر آهي دل ۾ پڇين چو ٿو پر
طالب مولا مرد تي ڪر پلائي ڏي پير
آديسين اکر اهي ڏسيا ڏيهه کي

16-10-1957ع
هالا

❊

پرهيزگاري پار تہ هادي حاصل تون ڪرين
نظر سيڪا نيڪ ڪڻ نحيف تي نهار
هٿ ڀلي رک هاج ۾ دل ڏٺي سان ڏار
طالب مولا مرد تي دنيا ڪي ڌڪار
وک نہ پوئتي وار قدم ڪٽج قرب جا

25-12-1957ع
هالا

❊

جي ڀانئين جاني لهان رک پاڪائي، پرهيز
طالب مولا مرد تي من ڪي ڏي مهميز
تہ لالڻ ڏي لبريز ڀري قدح قرب جا

26-12-1957ع
هالا

❊

پيندين قدح قرب جا جي ٿيندين پرهيزگار
نَشا ڪري نينهن جا تي سڪر ۾ سرشار
پي تون سرڪ سڪ جي تي مرد مٺيادار
طالب مولا مرد تي تہ قرب ڪري ڪلتار
وحدت جو واپار ويهي ڪر وجود ۾

26-12-1957ع
هالا

❊

پاري پر پرهيز جي عبادت اجار
محبت رکج من ۾ وهمن ڪي نہ وهار
"قد أفلح من تزڪيٰ" ڏي نوڙت ساڻ نهار

طالب مولا مرد تي پرهيزگاري پار
ڪر ڪا اهڙي ڪار جنهن ڪان راضي ربّ ٿئي
1957-12-26ع
هالا

❊

عبادتون آهين پرهيزگار ڪرڻ لاءِ
طالب مولا مرد سي جي سينو نہ ساهين
اوڙون ڏيئي عشق سان قلب کي ڪاهين
اندر واريءَ آگ ۾ پاڻ کي پاهين
رمز سان راهين قريب پنهنجو قلب ۾
1957-10-27ع
هالا

❊

عبادت جو الله سان نہ ويهي ڪر واپار
ڏي وٺ واري ڏيهہ ۾ تيج نہ گنهگار
اصلي عبد آهيين ڪر عبديت اظهار
تہ ٿيندو هر هڪ ڳالهہ ۾ مولا مددگار
"طالب الدنيا مخنث" بلڪل آهہ بيڪار
"طالب العقبيٰ مونث" عورتن آچار
"طالب المولىٰ مذڪر" تي مرد مٿيادار
جيتر ٿيبو ڪين کي پڪو پرهيزگار
تہ قلب جو قرار حاصل ٿيندو ڪونہ ڪو
1957-10-27ع
هالا

❊

[5]

# عشق نہ بيت المال

عشق عشق سيڪو ڪري    پر عشق ڪري ٿو ڪو
جو ڪچي پچي ڪين ڪي    سر بہ ڏئي ٿو سو
سو طالب مولا مرد ٿئي    جو عاشق عشق سندو
جو محبت اندر مو    سو جيرو آهي جڳ ۾

6-4-1957ع
هالا

※

عشق عشق سيڪو ڪري    پر عشق بہ ڪن ٿا ڪي
هٿ اڏي ۽ ڪات جي    بازي ٿي بنجي
"العشق نارالله" مان    ڪو سڙي سالم ٿئي
سڙيو سيڪو سيراف ڪان    پڄيو پيو پڄي
طالب مولا سي    جي ڪڍهن ڪچن ڪين ٿا

6-4-1957ع
هالا

※

عشق عشق سيڪو ڪري    پر عشق ڏڪيو ڏاڍو
جنهن جو ڪريم ڏي ڪاڍو    اهو طالب مولا مرد ٿيو

19-5-1957ع
حيدرآباد

※

عشق نہ چرچو پانء    هو شاهن سندو شاهہ
حجت هلندي ڪانہ ڪا    ڪئس باريء بي پرواهہ

خوديَ وارن کي خوب ٿو پڇي کري پاهه
طالب مولا ان کان کو کو آهه آگاهه
جو صدقي کري ساهه اهو ماڻي ان کي
19-5-1957ع
حيدرآباد

*

عشق نہ پاڻء آسان ٿو هرهر سوريء تي سڏي
سودو کبو سر جو اِتي کپي ايمان
جنهن هنيو دم دعوا جو سو نابود ٿيو نادان
طالب مولا مرد ٿئي کو عاشق عاليشان
سو مرد کٽي ميدان جو عاشق هجي عشق جو
19-5-1957ع
حيدرآباد

*

عشق نہ بيت المال جو ملي محتاجن کي
عشق آهي ان سندو جنهن کيو قرب کمال
طالب مولا طلب ۾ جو رکي خاص خيال
جانب جو جمال اهو ماڻيندو عشق سان
19-5-1957ع
حيدرآباد

*

آهيِ عشق الله جو بيو سيکي سمجهہ سور
محبت مولا پاک جي "نور عليٌ نور"
سو طالب مولا مرد ٿيو جنهن تي راضي ربّ غفور
جنهن کي پرور سندو پور عشق بہ عاشق ان جو
19-5-1957ع
حيدرآباد

*

عشق اڙانگو آهہ تو لاهي ور وڏن جا
طالب مولا مرد تي سينو هڏ نہ ساهہ
سانگا سيئي لاهہ پو عاشق سڏائج عشق جو
1957-5-27ع
هالا
❊

عشق نہ اٽڪل سان ٿئي هت سر جي بازي لاءِ
توري تڪي پڙ ۾ پير پختا پاءِ
دنيا. عقبيٰ کي ڇڏي نرمل وٺ ڪنڌ ناءِ
هڻ نہ دم دعويٰ جو لوڪئون پاڻ لڪاءِ
طالب مولا مرد تي قرب کي ڪماءِ
پنهنجو پاڻ پڇاءِ ويهي پنهنجي پاڻ ۾
1957 5 27ع
هالا
❊

عشق نہ اٽڪل سان ٿئي عشق الاهي راز
حجت نہ هن سان تي هلي جو مالڪ ڪئو ممتاز
پاڻ وڃائي پانهجو ڪر نوڙت ۽ نياز
طالب مولا مرد سو جو حقيقت سان همراز
ڇيڙ سريلو ساز محبت جي مضراب سان
1957 5-31ع
هالا
❊

عقل جي اثبات ۾ رڳي رد ۽ قد
اتي آسڻ عشق جو جتي شد نہ مد
جو لنگهيو ڪان لاحد سو طالب! عاشق عشق جو
1960-1-28ع
❊

سمجهه جيسين ساڻ تيسين ڪجهه ئي ڪين ٿئي
عقل کي اوري ڇڏي وٺ عشق جو اهڃاڻ
متان ڪريل ڪير ٿيين سالم تيج سنباڻ
طالب مولا طلب ۾ ٿي جٿ وڃاءِ نہ ڄاڻ
جنهن کي سمجهيئي پاڻ اهو ناهين پاڻ تون
1957-1-29ع

❊

عاشق جي آهين تہ هڪدم هٿڻ ڇڏ
ترڪ دنيا کي ڪري لالڻ پاسي لڏ
هستي، هوڏ حرام ٿئي ڪوءِ وڃهينس، ڪڏ
اهڙي اندر اڏ طالب مولا مرد ٿي
1957-3-7ع
هالا

❊

عاشق جي آهين تہ هڪدم ڇڏ هٿڻ
ويساهہ سان وحدت جو پوک وجود ۾ وڻ
ڪروڙن ڪان ڪثر ٿئي قرب سندو ئي ڪڻ
طالب مولا پٽ سان هستي کي تون هڻ
توري تکي ڪڻ قدم پنهنجو قرب ۾
1957-3-7ع
هالا

❊

عاشق جي آهين تہ ووڙي ڏس وجود
حرص هٿڻ ڇڏ ڪٺي نينهن ۾ ٿي نابود

"العشق نارالله" کي کر محبتي! مقصود
تہ خالق تئي خوشنود طالب مولا مرد تي
7-3-1957ع
هالا

❊

عاشق جي آهين تہ ون رسولي وات
محبت واري مي سندا ماڳ انهي تي مات
اتان اچ اسات طالب مولا دور تئي
10-3-1957ع
هالا

❊

عاشق جي آهين تہ پر رسولي پار
نفس نامراد کي ماري ماري مار
"من عرف نفسہ" جي عمل کي اجار
شارع شريعت جي تي وجي پرئين پار
طالب مولا مرد تي کيڏهن کيم نهار
کر اها ئي کار تہ اگهين آگي جي اڳيان
11-3-1957ع
هالا

❊

عاشق جي آهين تہ پار رسولي پر
مار موذي من جو چڏ نہ پلي جي پر
طالب مولا مرد تي کار قرب جي کر
ولهن مٿي ور کري عشق عجيب جو
13-3-1957ع
حيدرآباد

❊

عاشق جي آهين تہ تقويٰ ڪر تمام
پاڪائي سان پرت جو ڪنبي ڪج سلام
مشاهون محبوب جو مڙني ڪان مقام
طالب مولا مرد تي نرمل جو وڻ نام
ڪنهن کي ڪر نہ سلام سجڻ ذاران سڪ جو

13.3.1957ع
حيدرآباد

※

عاشق جي آهين تہ ناتو نپائيج
عمر ساري عجز سان پاند ڳچي پائيج
طلب واري تند کي وينو وڄائيج
طالب مولا درد کي لوڪان لڪائيج
پريڻ لئي پائيج لڪي لياڪا لوڪ کان

13-3-1957ع
حيدرآباد

※

عاشق جي آهين هڻ نہ دعويٰ جو دم
عبديت اثبات ڪر قربئون پير قدم
تي همدم سان همدم طالب مولا مرد تي

13.3.1957ع
حيدرآباد

※

عاشق جي آهين تہ سوچي ڪر سجود
شرڪ جو نہ شڪار ٿين هڪ مالڪ تئي معبود
تي بود م نابود طالب مولا مرد تي

13.3.1957ع
حيدرآباد

※

|6|

# جي ڪسين پاڻ قريب ڪان

محب جي منهن سامهون ٿو رکين جاه جلال
پو چو ٿو وربو ووڙئين ويتر تون وصال!
ڪهڙي طرح قرب ۾ ڪندين ڪو ڪمال!
ماڻي سگهندين ڪين ڪي جانب جو جمال
هوند ٿيين حلال جي ڪسين پاڻ قريب ڪان
3-9-1957ع
راڻو ٻگهيو

❊

اڇا تائين آهه تو ۾ خيال خوديءَ جو
دل تان ٻڪ ٻيائيءَ جو لحظي اندر لاهه
محبت اٿئي محبوب سان ته سينو هڏ ۾ ساهه
قدمن ڏي قريب جي ڪهيو ڪاهيو ڪاهه
طالب مولا مرد ٿي رمز انهي سان راهه
واهيو واهيو واهه آب اکين مان عجز جو
3-9-1957ع
راڻو ٻگهيو

❊

متان تون هٿين ڪنڌهن دم دوستيءَ جو
ٿيج دلبر يار جي پيزارن پٽي
هو مالڪ جاه جلال جو ۽ دل جو آهه ڏٽي

طالب مولا مرد تي رک ان جي گهرج گهٽي
قرب جي ڪٺي ڪروڙئان ڪثر ٿئي

1958-5-30ع

هالا ❊

سو ڪڏهن ڪتندو ڪونہ ڪو جنهن حجّت هلائي
سهڻي ڪي سيين پريين ڏني واحد وڏائي
جن "آئون" ۽ "اسان" ڪيو سي ٽڙيا توائي
طالب مولا مرد تي رک صبر سچائي
جن هلائي هيٺائي تن ڪي محب متي ڪيو

1958-5-30ع

هالا ❊

محب رڳو مناڻ سڀ ڪنهن منهن متو ڪري
هر هر پياريندو پرين محبت پريو ماڻ
طالب مولا طلب ۾ چاڙو تي رک چاڻ
جو اتي ڪندو پاڻ سو ڪڏهن ڪتندو ڪونہ ڪو

1958-6-22ع

هالا ❊

هنيو جنهن حبيب سان دعويٰ وارو دم
سو ڪٺي سگهندو ڪين ڪي قرب جو قدم
ڪائي چڏيندو ان ڪي غصو ۽ ٻيو غم
طالب مولا تنهن ڪان ٿئي ڪارائتو نہ ڪم
اهو بلڪل بم بڏي ٿو ٻيائيءَ جو

1958-8-30ع

راڻو ٻگهيو ❊

جو ڪري حجت حبيب سان سو هردم هارائي
سڏي ڳاٽ اچن جي سي محبت مارائي
جي نمي اچن نجيب وٽ پاند ڳچيءِ پائي
طالب مولا مرد سي ويا وارو وڃائي
جو سر ڪي سهسائي اهو اچي عجيب ڏي

30-5-1957ع

هالا ❊

حبيبي حضور ۾ جي اوچي ڳاٽ اچن
جن هنيا دم دوست سان سي موتايا محبن
اهي خان ڪٺي ويا جي پٽي پيزارن
طالب مولا تن ماٺيو محبوبن کي

22-6-1958ع

هالا ❊

هڪ جهڙائي حبيب سان جڏهن ڪئي جن
طالب مولا تن ٻيئي جڳ وڃائيا

22-6-1958ع

هالا ❊

ڪنهن کي ناهه مجال جو ڪلهو هڻي قريب سان
ٽر تفاوت نہ ٿئي کو ڪري ڪٿي ڪمال
هٿي سي حيران ڪيا جانيءِ جي جمال
طالب مولا مرد ٿي وٺ حقيقت جا حال
خوديءَ وارا خيال ڪم نہ ايندا ڪڏهين

30-5-1958ع

هالا ❊

متان ڪو يانئي تہ رائل آهي راند
محبوبن جي منهن تي مهر بہ ٿئي ماند
حجت نہ رک هيڪاند طالب مولا مرد تي
1958-5-30ع
هالا

❊

متان دم هڻي دوستيءَ جو دلبر سان
جو هيڻو رهي حبيب سان اهو اِت وڻي
هتي گوءِ کڻي ڪو طالب مولا مرد تي
1958-5-30ع
هالا

❊

تن ڪي محب مٿي ڪيو جن پاند ڳچي پايو
ڪنبدي ڪنبدي قريب جو تن قرب ڪمايو
انهن تي عجيب ڪان عتاب نہ آيو
طالب مولا مرد تي جن وجود وڃايو
سدائين سايو تن تي تهدل يار جو
1958-6-22ع
هالا

❊

ڪين ڪٿي تي ڪين تہ ڪين منجهان تون ڪين ٿيين
هستي، هوڙ، هٺ ۾ آهي ئي ڪي ڪين
جو ڪين ۾ ٿئي ڪين سو طالب مولا مرد ٿيو
1955-8-25ع
حيدرآباد

❊

هت ٻڌي حبيب ڏي همیشہ هليج
ڪنبي ڪنبي قرب ۾ وٽس تون وهيج
طالب مولا محب سان حج نہ هلائيج
اکيون، پير ڪريج پرج پوءِ پرينءَ ڏي

2-11-1959ع
حيدرآباد

*

حجت هلائڻ حبيب سان ڏاڍو آهي ڏوهہ
طالب مولا اهڙي عادت ڪبي ڪوهہ
سدائين ستوهہ اڳيان ڪبو ان جي

2-11-1959ع
حيدرآباد

*

پاند ڳچي پائي هلبو حبيبن ڏي
وڙ ڪندا واهہ جا عاجز جي آئي
دلبر پنهنجي در تان نہ ويتر ورائي
طالب مولا طلب ۾ نہ سهڻو سڪائي
سجڻ جي سائي هردم رهبو حفظ ۾

2-11-1959ع
حيدرآباد

*

جن لائي پيار پرينءَ سان ءِ وري ڪيو پاڻ
عقل منجهائي ان لءِ ڏاتر ڪيو ڏاڻ
پي نہ جاتئون پرت مان محبت سندو ماڻ
طالب مولا تڪڙن جاتو نہ ڪڏهن جاڻ
هئڻ گوڏو گوڏي ساڻ تہ بہ پري رهيا پرينءَ کان

6-9-1961ع
هالا

*

رکي هوڏ حبيب سان جن دليئون ڏريائون
تن سڄاتو نہ سر کي جو لئون نہ لاتائون
عشق پنهنجي عجيب سان ڪري نہ ڇاتائون
ٻچي ۾ ٻُڌهہ ڪري پاند نہ پاتائون
طالب مولا تن رڳو وڃايو واتائون
جن ۾ "اسين" ۽ "آئون" تن لائون ئي نہ لڌيون

1961-9-6ع

هالا

❊

پائي پاند ٻچي ۾ جي پيش پرينءَ وٽ پون
سي سدائين سرهيون ۽ هنجن ۾ ئي هون
اهي رويو رويو رون جن سينو ساهيو سڄڻ سان

1961-9-22ع

ڪوئٽا

❊

سدائين سڄڻ سان سينو جي ساهين
ڇئبو ڪڇيون قرب ۾ سي اڃا ئي آهين
لونيون اهي لوڪ جا نہ لاڳاپا لاهين
تيون ناهہ وڏا ناهين تہ بہ طالب پارين پڌريون

1961-8-10ع

راولپنڊي

❊

جن ڪن ڪيو پاڻ سي پرينءَ ڪان پري رهيون
تن عقل کي اجهو ڪيو تن ڏاهپ تين ڏاڻ
پورن لڌو پاڻ طالب مولا طلب ۾

1961-8-11ع

راولپنڊي

❊

هنيو جن حبيب سان دعويٰ وارو دم
تن محبت جي ميدان ۾ ڪنبي نہ رکيو قدم
جن ويڙهي ويو وهم سي طالب رسيون نہ توڙ ڪي
11-8-1961ع

راولپنڊي ❊

هڻ نہ دم دعويٰ جو پو متان پڇتائين
ان ڪان اڳ چڱو اٿئي تہ پاند ڳچي پائين
متان وقت خودي ۾ ويهي وڃائين
بڇڙي ٿيندي ڪانہ ڪا جي چڱي چتائين
هٿ ٻڌي حبيب ڏي تون هلج هتائين
ڪاوڙيون قريب جون پاندن ۾ پائين
طالب مولا طلب ۾ چئو سجڻ ڪي سائين
جي ناتو نيائين تہ ڪڇ پڇ ڪنهن پر ڪين ڪي
3-9-1957ع

راڻو ٻگهيو ❊

تو ۽ تنهنجي يار ۾ وڏا فرق ڦير
ڪلهو نہ هڻ قريب سان ٻلا آهين ڪيرا
ٿي آڏو هلين حبيب سان جو من ۾ اٿئي مير
پاءُ بہ آهين ڪين ڪي ۽ سڏائين ٿي سير
ڪڏهن ٿينديءَ ڪين ڪي شينهڻ منجهان شير
ڪاڻ ڪيندا ڪانہ ڪا دلبر اٿئي دلير
طالب آهين تن جي تہ نينهن ۾ ڪر نہ نبير
پرجهي نہ ڪٽنديءَ پير تہ متو ڪپنديئي متي ۾
3-9-1957ع

راڻو ٻگهيو ❊

|7|

# ڏولڻ آهي ڏک

ڏولڻ ڏکڻ تيو تو ڏکي عيب اپار
ڪري تو ڪرم جي نافع پاڻ نهار
ڏهاڙي ڏئي تو پياسن کي پيار
غافل گنهگار تو بخشي پنهنجي پال سان

1957-11-7ع
هالا

❊

ڏولڻ آهي ڏک ڪدي عيب نہ ڪنهن جا
محب جو مرک اهو آهي اصل ڪان

1957-11-7ع
هالا

❊

محب آهي منهنجو ماکي کان بہ منو
اينهين ڪنهن نہ ڏنو جئن مون ڏنو محبوب کي

1957-11-7ع
هالا

❊

ڪڏهن ڪرکيو ڪين ڏوراپو ڏيئي
هتان مون پيئي تہ بہ ڪوسو ڪونہ قريب تيو

1957-11-7ع
هالا

❊

پسيو عيب پانهنجا پيا ڏوهه ڏکن
اسان پارا عجيب جي نتا منهن چڙهن
هو ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ ٿو معافيون ڏي منن
طالب مولا تڏهين تا لڙيو لڙڪ پون
ڏسيو قرب قريب جا تيون اوچنگارون اچن
تہ ههڙا حبيبن پنهنجا پال پلائيا!

1957-11-7ع

هالا ❊

ڪڏهن ڪو نہ ڏنوم منهن مثيل محبوب جو
جي منهن، ميرائي پانهنجي ڏولڻ اڱيان ڏکيوم
۽ پري وينس پرينءَ کان جو ڏاڍو شرم ٿيوم
طالب حال حبيب وٽ نهوڙيل نيوم
تہ بہ سجڻ سڏ ڪيوم پيري پيري پال سان

1957-11-7ع

هالا ❊

منهن مٿيو ڪين ڪي ڪڏهن قريبن
پاڻان چاڻي پاڻ تيا اوت سندي عيبن
لوڪ لوڏي ڪڍيو ڏنو اجهو عجيبن
عاجز جو علاج تيا جو تڙيو طبيبن
طالب مولا مليو نرمل نصيبن
هميشہ هن ڳالهہ جو آهي مجرو مجيبن
تہ هيڏو حبيبن پلائي سان پال ڪيو!

1957-11-7ع

هالا ❊

سيڪنهن پيري سڪ مان — تو سهڻو روز سڏي
پلؤ ڏيو پرت جو — اڳليون يار اڏي
منهن ميرن کي مورهئون — چنيو ڪين چڏي
وهاري تو ويجهڙو — گوڏي ساڻ گڏي
طالب مولا تنهنجي — جو ترت اچي تڏي
جي هجي جي جڏي — تہ بہ وهاري تو ويجهڙو

1957-11-14ع

ڪراچي

*

محبّت جو متاع آهہ — محب وٽ مٺي
ٻئي ٻاجهاريون ٻاجهہ مان — ڪٺيو روز ڪٺي
طالب مولا ڪيترا — ڳڻ سندس ڳٺي
هن ئي هڪ جٺي — ڪروڙن کي قيد ڪيو

1957-11-16ع

هالا

*

ڪامل ڏسي ڪين ڪي — ڪنهن جون ڪچايون
ڳٺي ڪنهن جون ڪونہ ڪو — عجيب اڳلايون
دلبر پنهنجي ديد سان — ميٽي مدايون
طالب مولا تنهن جا — ڳڻ وڏا ڳايون
تو ڏئي واڌايون — وريو وريو وصال جون

1957-11-16ع

هالا

*

متان ڪو لاهي — اميدون عجيب مان
اجهو آسرندو جو — اهو ئي آهي
ڪِر ان جي قدم تي — لاڳاپا لاهي

رسي روز رندن ۾ قربائتو ڪاهي
طالب مولا تنهن جو ڪو مورهئون مت ناهي
سينو ڇا ساهي ڪو منهنجي هن محبوب سان!

19-11-1957ع
هالا

❋

جي ميري منهن اڇن حضور حبيبن جي
سي نرمل سندي نگاه سان ڌوپيو تا ڌوپن
هت ٻه سندن هاڪ تئي ۽ مهند ٻه سي مرڪن
چگو چگايون ڪري بيحد سان بچڙن
عادتون عجيب جون اهي ئي آهن
طالب مولا تهدليئون جي وجهيو وک وجن
نه خالي ڪونه ورن حبيبائي حضور مان

19-11-1957ع
هالا

❋

ڪري ڪوجهن ساڻ هو قرب مان ڪلام
معذورن ڏي موڪلي سوين روز سلام
نذر روز نوازيا جانب وتان جام
پچي پختا سي ٿيا جي خالص هئا خام
طالب مولا توڙ ويا جي سندس پيا سام
جي سئا نرمل نام سي پري نه ڪيائين پاڻ کان

20-11-1957ع
هالا

❋

ٻڌم ڪونہ ڪڏهن ڪو ڏکوئائين ڏيهہ ۾
جو ويو وٽس جڏهن سو نوازيئين نگاهہ سان
20-11-1957ع
هالا
❊
جو هڪ پيرو حبيب وٽ هليو تو اچي
سو وريو ڪين وجي ڏسيو مهرون محب جون
20-11-1957ع
هالا
❊
ڪڏهن رنجايو ڪونہ ڪو منهنجي محب وٽان
مجرم کي معافي ملي حبيبن هٿان
جو ڪري اچان اچان تہ سڏيو وهاري سٽ ۾
20-11-1957ع
هالا
❊
ڪونهي هٿ ڪو ڪال محبت جي متاع جو
انئي پهر عجيب وٽ پلايون ۽ پال
سوالي سوال هرهر ٻڌي ٻاجهہ سان
20-11-1957ع
هالا
❊
ڪارون ٻڌي ڪڏهين ڪامل ڪک نہ ٿيو
قرب مليو قريب ڪان اصلي اڱ ميو
طالب مولا طلب ۾ جيڪو وٽس ويو
تنهن سان پرين پيو نيائي نينهن ۾
20-11-1957ع
هالا
❊

عيب ڏنا ڪين ڪي سجڻ يار سچي
طالب مولا طلب ۾ تو رکيو رمز رچي
عجب تو اچي ڏسيو وڙ عجيب جا

1957-11-21ع

هالا

❊

ڪهڙي منهنجي ڪل طالب طبيبن ڪيا
هئي هئي منجهه هڪل نتا پهچن پل ۾

1957-11-21ع

هالا

❊

طبيبن تائي وڏو وجي تار ۾
نہ دارون منهنجي درد جو ڏنو عجيبن آئي
طالب مولا مست ٿي سجڻ ساماٺي
حبيبن هاٺي وڏا پيال پلائيا

❊

[8]

# جي جو جياپو

آءُ وري عجيب تون نہ لايون نوان نينهن
پي کي سرڪيون سڪ جون راتيون ڪريون ڏينهن
محبّت وارا مينهن بس نہ ڪن برهہ ۾
24-2-1963ع

ڍاڪا ❊

آءُ وري عجيب تون نہ نئون نينهن لايون
وصل جون وايون واري اچ وڻ تي
3-8-1955ع

حيدرآباد ❊

عجيب اوري آءُ نہ ساري سور سڻائيان
زمانو ضعيف تيو چڏيئين لاءِ ۽ ساءُ
محبت مان محبوب تون وار وصل جو واءُ
ڦڙي ڦڙي تلاءُ ڪنو تيندو قرب سان
14-12-1955ع

حيدرآباد ❊

منا موتي آ سجڻ ساريان ٿو گهڻو
توري طالب يار جي آهي واهہ نہ ڪا
پارج اچي پرت سان ٻولي ٻوليئي جا
سهڻا سائين سا پوري ڪج پيار مان
13-9-1958ع

حيدرآباد ❊

منا اڄ موتي سڄڻ ساربان ٿو گهڻو
طالب جي طلب ۾ چوٽِ آهي چوٽي
دل کي ڏي دل سان اميري اوٽي
متان ڪربن ڪوٽي اڄڻ ۾ عجيب ڪا

13-9-1958ع
حيدرآباد

❊

موتي آءُ منا سڄڻ ساربان ٿو گهڻو
آئين ڪوڻ عجيب تون ڏاڍا ڏينهن ڏنا
طالب تنهنجي طلب ۾ سوين سور سنا
قرب ۾ ڪنا تي رهون راتيون ڏينهڙا

13-9-1958ع
حيدرآباد

❊

منا موتي آءُ سڄڻ ساربان ٿو گهڻو
وئين جيئڻ وري پربن تہ لڏئي ڪونہ سماءُ
پساءِ اچي اڱڻ تي لالڻ ڪو لقاءُ
وار وصال جو واءُ طالب مولا ڏي منا

13-9-1958ع
حيدرآباد

❊

منا موتي اڄ سڄڻ ساربان ٿو گهڻو
محبت سندو من ۾ مچائي وئين مچ
سڄڻ بڏاءِ سچ ايندين ڪڏهين اڱڻ تي

13-9-1958ع
حيدرآباد

❊

منا وري موٽ سڄڻ ساربان ٿو گهڻو
تنهنجي عشق عجيب اڄ چڙهي ورتو چوٽ
طالب مولا تنهنجو اٿيئي اڻ موٽ
قرب سندو ڪوٽ جانب ڏي جود مان

1959-3-27ع
هالا

❊

محبت واري مئي مان جام پياريئي جال
ويهي نہ پڇيئي ڪنهن ويل م هيئا منهنجا حال
مٿيو منهن محبوب تو ڪالهوڻي ڪال
ڪيئي ڪانہ سنڀال طالب مولا جي منا

1958-9-20ع
هالا

❊

هئن نہ مناسب هوءِ پرين پيارا
پير ڪڏي وئين پوءِ لائي عشق عجيب تون

1958-9-20ع
هالا

❊

ڪين مڪو محبوب تو نينهن جو نياپو
تون پلارا پلا پرين جي جو جياپو
طالب مولا جو هيو سگ نہ سياپو
ڏيئي ڏوراپو پڇان تو پيار مان

1958-9-20ع
هالا

❊

پلارا پلا پرين آئين چو نہ اتي
واعدو وصال جو جانب هو جتي
هاٽي ڳالهہ هتي صفا ڪر صلح جي
1958-9-20ع

هالا ❊

پلارا پلا پرين هئن نہ مناسب هوءِ
وعدو ڏئي وصال جو پڇيئي وري نہ پوءِ
ڏاڍو ڏک ڏنوءِ دلبر منهنجي دل کي
1958-9-20ع

هالا ❊

راتيون ڪري ڏينهن سڄڻ وينو ساريئين
هيڪاندا هجر ۾ محبت وسايا مينهن
ناتو نيائج نينهن طالب مولا سان پرين
1955-4-17ع

هالا ❊

انئي پهر اون عجيب آهي اهنجي
پيو ڪنڌي ڪپر ڪونہ توري سهٹا سپرين
1959-9-2ع ❊

جاني! جئن جو تئن ٿو سڪان ۽ ساريان
هنجهون پيو هاريان هئي هئي تنهنجي هجر ۾
1960-8-6ع ❊

سپرين! تنهنجي سڪ ۾ سڪان سارو ڏينهن
محبت وارو مينهن وٹو روز وسائيان
1960-8-6ع ❊

سپرين! تو کي سڪ مان ساريان ساري رات
وائي اها وات تہ ملان پنهنجي محب سان

❊ 6-8-1960ع

سپرين! تو کي سڪ مان سڏيان ۽ ساريان
وينو تنهنجون واٽڙيون نرمل نهاريان
پرين تنهنجي پرت کي پلپل پڪاريان
هاريو تو هاريان هنجهون تو لءِ هجر ۾

❊ 6-8-1960ع

سجڻ پيارا، سپرين تو ۾ سندم ساهہ
مون ۾ وري محب تون ناهي وينين ناهہ
هردم منهنجي حال کان آهين تون آگاهہ
طالب مولا تو سندو چت ۾ رکي چاهہ
جاني تو الله حقيقت هن حال جي

3-11-1959ع

حيدرآباد ❊

پرين هت پرديس ۾ اڪيلو آهيان
هردم توکي هيج مان دلبر تو داهيان
ڪرم ڪر قريب تون بي ڪنهين جو ناهيان
تو لالڻ ليلائيان حبيب ٻڌي هٿڙا

28-7-1959ع

لنڊن ❊

حبيب ٻڌي هٿڙا تو ڪريان عرض اپار
مهر ڪر محبوب تون جاني جي جيار

پيارا پرديسي کي ڏي پل پل منجھ پيار
سيئي بخشج بديون سھڻن جا سردار
سھڻا سپ چمار تنھنجو ئي تان آھيان
1959-8-15ع
لندن
❊
پرين! تنھنجي پرت جون جي ۾ آھن جايون
ھجر مون سان ھر گھڙي ھئي ھئي ڪري ھايون
آءُ وري عجيب تون تہ نئون نينھن لايون
وصل جون وايون ورا جلد وري پرين
1955-8-3ع
حيدرآباد
❊
جيڏھن ڪريان نھار تہ آھين سڄڻ سامھون
اينھين ھوندس عشق ۾ جانب جي جيار
حاصل ڪندس حبّ مان پلپل تنھنجا پيار
لھي ويندا لطف سان سيئي غم غبار
سھڻا سپ چمار تنھنجو ھوندس طلب ۾
1959-8-11ع
لندن
❊
وينو آھين وجود ۾ پرين پيارا
جيَ جا جيارا تون ئي تون اندر ۾
1959-7-28ع
لندن
❊

اهو دم حرام جنهن ۾ ياد نہ تون هجين
نرمل تنهنجو نام انئي پهر اندر ۾

1959-7-28ع

لنڊن

❊

جڏي هن جسم جو سپرين آهين ساه
جائي هڪ الله حقيقت هن حال جي

1961-6-7ع

زيارت

❊

آئون تو اچان اکيون، پير ڪري
پنهنجو پيارل تون ڪجان دل تي هٿ ڌري
توري سڄڻ سهڻا ساعت ڪين سري
طالب تنهنجي طلب ۾ نہ تہ تو مفت مري
حاضر ٿيان تو حضور ۾ لائين من ڳري
پوءِ پرين پير پري من پائين ڳل ڳرهائين

1959-8-15ع

لنڊن

❊

متان ڪرين منا پرين پري ڪان پاڻا
آئون پنهنجي پاڻ کي تو جاڻان سجاڻا
انهن وانگر آهيان جي آهن اياڻا
ساجن سهمان تو سندا ساهئون سيباڻا
سهڻا سياڻا پري نہ ڪجئين پاڻ کان

1959-8-11ع

لنڊن

❊

ماٺو گهٽا ڏنا سهٽا سوين سر م
رڳو تن رمزن سان ڏاڍا ڏک ڏنا
پرين تو پاتا پيچ پنهنجي پيار جا
20-9-1958ع
هالا

❊

ماکي خوب مٺي تون منو ماکي کان
مون کڏهن کاڌ ڏٺي کا منائي مٺ تنهنجو
20-9-1958ع
هالا

❊

ٻيهر ٻہ هڻ کو ٻاڻ جڻن پهريون هيئي پيار سان
هلکو هٿ حبيب کر ساڳي صورت ساڻ
طالب مولا تنهنجو سورهه آهه سڄاڻ
پري نہ کندس پاڻ هر هر حاضر آهيان
3-8-1955ع
حيدرآباد

❊

هڻ حبيب اکيون کٽي ٻيهر پري ٻاڻ
پلي تہ گهائن گهور سان سهٽيون سرمي ساڻ
طالب مولا تنهنجو سڄڻ ڏاڍو سڄاڻ
پاسي نہ کندس پاڻ سڏيون هڻ سيني م
14-12-1955ع
حيدرآباد

❊

[9]

# جڙيو جانب جيَ ۾

رئان ۽ رڙيون ڪريان سڪان ۽ ساريان
پل پل ۾ پاريان جي ڪيم قول قريب سان

❊

ويني وهامي ويئيون راتِن جون راتيون
کهندي کهندي قرب ۾ برهه جون باتيون
لاتيون عشق اندر ۾ طلب جون تاتيون
جهاتِن تي جهاتيون پاتم پنهنجي پاڻ ۾

1955-11-27ع
پڪا شريف ❊

سهڻن جي صفت ۾ ظاهر آهي ذات
انس آهي ان سان ٻي ڪانهي بلڪل بات
طالب مولا تن جي وائي هردم وات
رهاڻن ۾ رات ويني وجي وهاميو

1955-11-27ع
پڪا شريف ❊

متان ڪو ڀانئي تہ مجازي ئي ماريو
مگر سڪ سڄڻ جي سمهڻ نہ سيڪاريو
طالب مولا طلب ۾ جي ڪي جياريو
هنجهن ڪي هاريو تو ڏوئي داغ دلن جا

1959-7-24ع
هالا ❊

راتيون کيم ڏينهن ساريندي سڄڻ کي
طالب مولا طلب جا محبت وسايا مينهن
نسنگ کيو نينهن جڙيو جانب جي ۾
1956-1-20ع
ايري

❊

ويهي ٻڌي شال سڄڻ سور منهنجا
محبت سندي مئي مان جام پياري جال
سکندي کي سورن ۾ تيا سالن متي سال
ميڙيا محبّت مال طالب مولا طلب ۾
1957-11-25ع
هالا

❊

منن محبوبن دل ۾ ديرا لائيا
ٻاروتڻ کان ٻاجهه پئي سنياليو سڄڻن
پرين پراهان کين تيا پيا هنئڙي منجهه هرن
طالب مولا تن جا تا پلپل پور پون
سي کئن ياد اچن جي کهين ويل نه وسريا
1959-8-15ع
لنڊن

❊

[10]

# ڪاند ڪميٽي ناهيان

ويراڳڻ ورونهن ۾ آهيان ويچاري
سڄڻ سهڻا سپرين تنهنجي ماڻن جي ماري
وساري نہ ويهہ تون تئي نرمل نيزاري
ملڻ ۾ مون ساڻ ڪا گهوٽ نہ وجهہ گهاري
طالب چوي طلب ۾ تنهنجي ئي تاري
ڪوجهي جي ڪاري تہ بہ ڪاند ڪميٽي ناهيان

❊

اڱلي سڱلي، ايري تہ بہ تنهنجي آهيان يارا
ڪني، ڪوجهي، ڪارڙي گولي گنهگار
هتائج نہ حبيب تون قدم قربدار
پاند تنهنجي پاند سان سلهاڙيم سردار
طالب چوي طلب جي تن ۾ آهي تار
پيڙو رهج پتار ڪاند ڪميٽي ناهيان

❊

ڪاند ڪميٽي ناهيان توڙي ڪوجهي آهيان ڪني
سڄڻ سيل رکيو اتم چڏين متان چني
تنهنجي محبت من ۾ ڏاتر آهہ ڏني
پِيرن ڪان پني تون ور ورتم هڪڙو

❊

ڪاند ڪميٽي ناهيان سيل رکيو تم ست
مون کي ڏج محبوبَ تون محبّت جو مهت
ڏينديس رت ۽ ست پرين تنهنجي پرت ۾

*

جي ور نہ ڪن هڪڙو سي ڪميٽيون سڏجن
در در لائي دل کي ور ور ڏيو وجن
حبيب جي حضور مان توڙئون ٽيون تڙجن
طالب تن جون کهڙيون ڳالهيون ڳٽي ڳٽجن
سي سنياليون سڄڻ جي ڪيڏهن ويون ڪين کي

*

|11|

# تون تنين سان ٿي

رڙهه تنين سان رڙهه رڙهي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين رڙهي ريجهه ڦٿائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❋

گهمر تنين سان گهمر گهمي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين گهمي گهور پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❋

رهه تنين سان رهه رهي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين رهي روح رنجائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❋

اچ تنين وٽ اچ اچي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين اچي اهنج پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❋

وڃ تنين وٽ وڃ وڃي جي چاڻن
متان وٽ ٻين وڃي وات وڃائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❋

ڊوڙ تنين سان ڊوڙ ڊوڙي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين ڊوڙي ڊوھ پرائيين

5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

مل تنين سان مل ملي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين ملي مونجھ پرائيين

5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

سمھ تنين سان سمھ سمھي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين سمھي سور پرائيين

5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

تِل تنين سان تل تلي جي چاڻن
مَتان ساڻ ٻين تلي تور ڦتائيين

5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

نچ تنين سان نچ نچي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين نچي نينھن وڃائيين

5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

ڪاءُ تنين سان ڪاءُ ڪائي جي چاڻن
متان ساڻ ٻين ڪائي ڪوٽ پرائيين

5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

پي تنين سان پي جيڪي پي جاڻن
متان ساڻ ٻين پي ۽ پرت وڃائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

گهر تنين ڪان گهر گهري جي جاڻن
متان ڪان ٻين گهري گهل پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

ويهه تنين وٽ ويهه ويهي جي جاڻن
متان ساڻ ٻين ويهي وهه پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

سل تنين سان سل سلي جي جاڻن
متان ساڻ ٻين سلي سڪ ڦٽائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

تر تنين سان تر تري جي جاڻن
متان ساڻ ٻين تري ترهو وڃائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

ٻڏ تنين سانُ ٻڏ ٻڏي جي جاڻن
متان ساڻ ٻين ٻڏي ٻوڙ پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

مر تنين سان مر مري جي چاڻن
متان ساڻ ہين مري منجو وڇائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد
❊

جِي تنين سان جِي جيڪي جي چاڻن
متان ساڻ ہين جي جنجل پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد
❊

ڪل تنين سان ڪل ڪلي جي چاڻن
متان ساڻ ہين ڪلي ڪل پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد
❊

ڏج تنين ڪان ڏج ڏجي جي چاڻن
متان ڪان ہين ڏجي ڏيڪ پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد
❊

وڙھ تنين سان وڙھ وڙھي جي چاڻن
متان ساڻ ہين وڙھي وات وڇائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد
❊

چڙ تنين سان چڙ چڙي جي چاڻن
متان ساڻ ہين چڙي ڇهڙ پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد
❊

چاھ تنين کي چاھ چاھي جي چاڻن
متان کي ڀين چاھي چاھ ڦٽائيين
1956-5-5ع
حيدرآباد ❊

ڏس تنين کي ڏس ڏسي جي چاڻن
متان کي ڀين ڏسي ڏوھ پرائيين
1956-5-5ع
حيدرآباد ❊

ڳاءِ تنين کي ڳاءِ ڳائي جي چاڻن
متان کي ڀين ڳائي ڳالھ وڃائيين
1956-5-5ع
حيدرآباد ❊

لاءِ تنين سان لاءِ لائي جي چاڻن
متان ساڻ ڀين لائي لاڳ وڃائيين
1956-5-5ع
حيدرآباد ❊

ڳول تنين کي ڳول ڳولي جي چاڻن
متان کي ڀين ڳولي ڳجھ ڦٽائيين
1956-5-5ع
حيدرآباد ❊

ٻول تنين سان ٻول ٻولي جي چاڻن
متان ساڻ ڀين ٻولي ٻول ڦٽائيين
1956-5-5ع
حيدرآباد ❊

لئون تنيين سان لاءِ لائي جي چاڻن
متان ساڻ پين لائي لئون ڦٽائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

بيهه تنين سان بيهه بيهي جي چاڻن
متان ساڻ پين بيهي باهه پرائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

روءِ تنين سان روءِ روئي جي چاڻن
متان ساڻ پين روئي راز وڃائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

نمر تنين کي نمر نمي جي چاڻن
متان کي پين نمي ناز وڃائيين
5-5-1956ع
حيدرآباد

❊

[12]

# رهاڻيون راهوند ۾

رات رهي راهوند ۾ ڪئيسون روح رهاڻ
ويراڳي ورونهن لئي پري آيا پاڻ
سوا سوز فراق جي ڪديئون نہ ڪنهنجي ڪاڻ
طالب مولا طلب ۾ ڪيئون وٽ وراڻ
الله اهي آڻ وري منهنجي وطن تي

1955-11-27ع

پڪاشريف- هالا

※

وري شال وطن ۾ سي آديسي اچن
رنگ لڳي راهوند ۾ محبّت مچ مچن
طالب مولا مرد سي ڏسي اکيون ٺرن
واحد! مان ورن رمي اهي راهوند ڏي

1955-11-27ع

پڪاشريف- هالا

※

محبّت جا ميلا رات هئا راهوند ۾
پسي رمز رندن جي روح ڏنا ريلا
وهائيون ورهہ ۾ وهواهہ سڀ ويلا
اچن البيلا رمي اهي راهوند ڏي

1955-11-27ع

پڪاشريف- هالا

※

ويراڳن جي ورونهه ڪي ساهه سندم ساري
واحدا وٺم شل اچن واڳڙيون واري
ويا گوندر گذاري رات رهي راهوند ۾
27-11-1955ع
پڪاشريف هالا

❊

"رمي هل راهوند ڏي" جت وحدت جي واڪاڻ
پياسي ات پين تا محبّت پريا ماڻ
وحد جي ويساه سان ٿو ملي پيارو پاڻ
طالب مولا طلب جا اهي اٿئي اهڃاڻ
نينهن سندا نياڻ تا وهن واري وچ ۾
27-11-1955ع
پڪاشريف- هالا

❊

"رمي هل راهوند ڏي" جت جوڳن ڪيو جوڳ
ويهي وڃائيو واري ۾ رڳن سندو روڳ
يوڳن ڪارڻ يوڳ هو طالب مولا مرد ٿيا
27-11-1955ع
پڪاشريف- هالا

❊

رند رهن راهوند ۾ جوڳي ٿيو جنگ
لڪيو ٻڌن لوڪ ڪان لالائي جا لنگ
دنگن مٿي دنگ پين شوق شراب جا
27-11-1955ع
پڪاشريف - هالا

❊

رضا واري رمز ۾ رند رهن راضي
محبّت واري مام سان قلب ڪيئون قاضي
قبل نہ ماضي هردم آهن حال ۾

16-9-1955ع
حيدرآباد ❊

رندن پنهنجي رمز ۾ حاصل ڪيو حال
ميڙيائون محبوب لاءِ محبّت سندو مال
”لباس الڪافرين قلوب المؤمنين“ اهو اٿن احوال
طالب مولا مرد تي ڪن قرب منجهہ ڪمال
جلال ۽ جمال اوري چڙهي اڳي ويا

16-9-1955ع
حيدرآباد ❊

رند ڪن تا رمز ۾ گوندر منجهان گذر
دم جو ڪڙهن در طالب مولا مرد تيا

16-9-1955ع
حيدرآباد ❊

رندن جي رمز جو رندن ڪي ئي راز
ويني پنهنجي وجود ۾ پري ڪن پرواز
”لباس الڪافرين قلوب المؤمنين“ غازي رکن غماز
طالب مولا مرد سي نرمل منجهہ نياز
سڀ وڃائي ساز رهن تا راهوند ۾

16-9-1955ع
حيدرآباد ❊

|13|

# گونگيون گوءِ ڪتي ويون

اَڪِن ڪي آئون روڪيان جيئن رئن ڪان
تيئن تيئن تنهنجي تات ۾ رهي رنائون
منن مات نہ اچڻي جو پربن پڇيائون
طالب مولا طلب ۾ سهڻو سوجهيائون
هنجون هاريائون سجڻ ساربندي گهڻو

23-9-1958ع
حيدرآباد ❊

اڪن جي اداس جو ڏاڍو ڏک ٿيوم
آين آب عجيب لءِ تڏهن پتو پيوم
ريئن ڪي روڪڻ جو وڏو وس ڪيوم
طالب مولا تن ڪي پلوءُ پاند وڌوم
چرين ڪي چيوم تہ بہ رهيون ڪين رئڻ ڪان

23-9-1958ع
حيدرآباد ❊

تتي چيم تن ڪي تہ منيون مات ڪريو
طَالب چوي طلب ۾ چوندو سڀ چريو
هدايت حبيب جي ڪي ڪجهہ ڪن ڪريو
وريو ڪي وريو اجهو واءُ وصال جو

23-9-1958ع
حيدرآباد ❊

چيائون تہ چربو نہ ٿي هي هنجون مر هون
ڳوڙها ڳڙيو ڳلن تان پربڻءَ جي لءِ پون
دردن واري داغِ کي ڏويو پيا ڏون
محبوب پلي محبّت مان چون جيڪي چون
رويو پيا رون طالب آزار اندر جا
23-9-1958ع
حيدرآباد
❊

وري وراڻيو واهه جو عجب اکڙين
روئي چيائون رمز سان تہ مڃن محبوبن
اکيون آليون چو ڪيون ڪالهہ قريبن؟
طالب مولا تڏهين تا وهيو لڙڪ وڃن
جي تا محب ملن تہ رئڻ ويندو روڪجي
23-9-1958ع
حيدرآباد
❊

وري ويهي تن سان حيلا ڪيم هزار
آهن منهنجي بہ اندر ۾ عشق جا آزار
ڪچان ٿو تہ قريب جي مون تي ٿيندي ميار
ڪچو پچو ڪين ڪي تہ پوي ڪنهن نہ پچار
طالب مولا ساڻ ئي ويهي ڪريو وهنوار
دلبر نيٺ ديدار ڪرائيندو قرب سان
23-9-1958ع
حيدرآباد
❊

ان دم هي اندر مان نڪتو ٿيو نروار
تہ طالب مولا تن کي آهي پربڻ سان پيار
اڪيون ڪنديون اڪن سان عشق سندو آچار
ايندن ڪونہ عجيب ري ڪڏهن ڪوبہ قرار
چڙين تہ چيهہ ڪن اٿن اندر ۾ آزار
روئي پلي تہ رج ڪن سو سندن ئي سينگار
دلبر دل جو يار ملندن تہ ماڻ ڪنديون
23-9-1958ع
حيدرآباد

❊

اڪيون ايئن چون تہ پسون روز پربڻ کي
ويچاريون وس پانهنجي اصلئون نہ آهن
طالب مولا طلب ۾ روبو روز رئن
سائين سبب ڪندن تہ روئڻ ويندن روڪجي
11-8-1959ع
حيدرآباد

❊

سجڻ! سارو ڏينهن رئندي رئندي گذريو
اکن منجهان مينهن وسندي وسندي رات ٿي
11-8-1959ع
حيدرآباد

❊

سجڻ! ساري رات رئندي رئندي گذري
پرهہ ڦٽي پربات تہ بہ اکيون آليون ئي رهيون
11-8-1959ع
حيدرآباد

❊

روئي روئي رات وهائي ڪيم ڏينهڙو
سهڻن سپرين جي وائي هيم وات

ڪنهين ويل نہ وسري لالڻ سندي لات
طالب مولا ڪي هئي طلب تنهين جي تات
اچي تي پرڀات تہ بہ اکيون آليون ئي رهيون
1959-10-29ع
حيدرآباد
❊
وسيون ٿيون وسن اکيون اوهيرا ڪريو
کهڙي مجال مينهن ڪي جو اينهين تي اچن
طالب مولا طلب ۾ ٺميو روز ٺمن
جيڪر محب ملين تہ بہ رهنديون ڪين رئڻ کان
1961-8-5ع
حيدرآباد
❊
وسي وسي مينهن سيئي پٽ پسائيا
سڪا سپ ساوا ڪيئين رهي راتو ڏينهن
اينهين منهنجي نينهن اندر ڪي آباد ڪيو
1961-8-9ع
ڪوه مري
❊
ڇو ٿو ڪرين مينهن مون سان ريس رئڻ جي!
طالب مولا سان تہ ڪيا ناحق وڏا نينهن
تنهنجا ٻتي ڏينهن منهنجي موسم سيڪا
1961-8-9ع
ڪوه مري
❊
ڇو ٿو ڪرين ريس مون سان مينهن رئڻ جي!
طالب مولا سان ڪيا قربائتي ڪيس

تنهنجا بہ آهن ڪي يلا جاني جوڙ ۽ جيس؟
جنين جي ٻاٻيس جهوريو تنهنجي جان کي
1961-8-9ع

ڪوه مري ❊

اڪيون ۽ مينهن ٻئي نہ اکر هڪڙي
هو موسم جو محتاج ٿيو هي وسن راتو ڏينهن
هن ۾ نرجا نينهن هو طالب! وسن وقت تي
1961-8-9ع

ڪوه مري ❊

مينهن تہ طالب وس ۾ اکيون نہ پنهنجي وس
هي ٻنهين نہ ڪن بس هو وسي ٿو وقت تي
1961-8-9ع

ڪوه مري ❊

مينهن تہ رڳوئي مينهن پر نينهن نہ آهي ان ۾
هو وسن فقط وقت تي هي رئن راتو ڏينهن
هي شوق ۾ ڀيئي شينهن هو هوا تي هليا وڃن
1961-8-29ع

ڪراچي ❊

مينهن وسن ٿا مند تي اکيون روز وسن
هو پروس ويچارا ٿيا هي وس ۾ ڪين رهن
هن جي موسم هڪڙي هي ٿميو ٿميو ٿمن
هو رڳو ٻارهين ماه ٿا سگها ساوا ڪن

هي دمدم ٿيون دلن کي اڇو آب ڏين
هو وسيو نيٺ وڃن هي طالب! وڃن ڪين ڪي

9-8-1961ع
ڪوه مري

❊

متان مينهن ڪرين تون ڪا ربس اکن سان
هي وسن ٿيون هر ويل ۾ تون هڪڙي رات وسين
هي سڪا ساوا روز ڪن تون ٻارهين ماه مچين
مورهئون جي نہ مڃين تہ ٻيهي ڏس پنن سان

9-8-1961ع
ڪوه مري

❊

مينهن وسي چا ڪندو وسن پل تہ اکيون
جن دلبر جي ديدار جون چاتيون روز چڪيون
پري هوندي بہ پريٖنءَ سان ٻيئي پي ٻکيون
جيڪي ربّ رکيون سي طالب پلي توڙ ڪن

9-8-1961ع
ڪوه مري

❊

جئن تي مينهن وسيو تئن پي اکيون امنڊيون
اوهيرا تي ان ڪيا تہ هن پڻ قهر ڪيو
هي زوراور زور ۾ هو وسي نيٺ ويو
هو ويو ڪونہ وريو هي طالب ساڳي تات ۾

9-8-1961ع
ڪوه مري

❊

ڪٿي مند مينهن جي ڪٿي اکن آرا
هو ورن تا وقت تي هي طالب مولا تار
هي سدا ساوڻ پار هو محتاج موسمن جا
1961-8-9ع
ڪوه مري

❊

پچن پچرن پاڻ ۾ ويچاريون وسن
ڪچن پچن ڪين ڪي نہ ڪي ڪجھہ ٻڌن
سدائين صبر جي عادت آھہ اکن
طالب مولا طلب ۾ گوءِ ڪٿي گونگن
تڏهين لڙڪ اگهين حبيبن هٿن سان
1961-8-8ع
راولپنڊي

❊

پچن پچرن پاڻ ۾ ڪچن ۽ نہ پچن
تمن ٿهڪن ورهہ ۾ ڪي اندر منجھہ اٿن
اڪيليون عجيب لءِ ڪريو مانداڻا مچن
سدا رهن صبر سان جو عشق لڳو اکن
پيغمبراڻي پر ڪي پاريو تيون پارن
تڏهن محب تن جي ونن منجھہ وسن
طالب مولا طلب جا ڪيا حج هنن
سڪ ۾ ڪان سين گونگيون گوءِ ڪٿي ويون
1961-8-10ع
راولپنڊي

❊

پڇن پڇرن پاڻ ۾ وينيون ويچاريون
رئن رڙن ڪين ڪي برهيل بيماريون
ايوب جئن اندر ۾ عشق آزاريون
طالب مولا تڏهين ٿيون پر ڪي پياريون
محبّت جون ماريون گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

10-8-1961ع
راولپنڊي

❊

پڇن پڇرن پاڻ ۾ صبر جنين جو سير
منيون محڪم مات سان نوڙيو وسائن نير
طالب مولا طلب ۾ پت رکندن پير
طلبئون ڪائي تير گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

10-8-1961ع
راولپنڊي

❊

پڇن پڇرن پاڻ ۾ ڪن محڪم مات مدام
بي زبانيون برهه ۾ ڪڏهن ڪن نہ ڪلام
آڻن آب اندر مان صبح توڙي شام
حبيب نيت هٿن سان ڏنن اگهڻ جو انعام
طالب مولا طلب ۾ سڄڻ ڪين سلام
گوليون هيون گگدام گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

10-8-1961ع
راولپنڊي

❊

پچن پچرن پاڻ ۾ اٿن ڳجھا ڳاروڙا
جاني لاءِ جڏن کي جي ۾ جاکوڙا
پنھنجي اٿن پاڻ ۾ ٺمڻ، ٺاکوڙا
گونگن مينھن وانگيان کن اپريو آروڙا
منن مانيٺن جا سجن نہ ساکوڙا
طالب مولا طلب ۾ پنن پانجوڙا
گھوڙا ڙي گھوڙا گونگيون گوءِ کٽي ويون

10-8-1961ع

راولپنڊي

*

پچن پچرن پاڻ ۾ لڙڪ سوين لاڙي
سدا رهيون صبر سان پچار نہ پئي پاڙي
حبيب هلي آئيو ڳوڙها ڪئين ڳاڙي
طالب مولا طلب ۾ سک ڇڏين ساڙي
گھوڙا گھوڙا ڙي گونگيون گوءِ کٽي ويون

10-8-1961ع

راولپنڊي

*

پچن پچرن پاڻ ۾ نہ ڪنھن سان سور سلن
سوين سوز اندر ۾ رکيو روز وھن
دانھون درد فراق جون ڪنھن کي ڪين ڏين
"الفراق اشد من الموتِ" جي سختي خوب سھن
"الھجر قطعة من النار" جي رمزن منجھہ رھن
عشق واري آگ ۾ پچيو ٿيون پچن
سجڻ انھن جي سامھون جھڪيو تا جھڪن

طالب مولا طلب مان حبيب هليو اچن
ڳالهيون تن جي ڳڻن جون مجيون محبوبن
شابس تن سچن گونگيون گوءِ کٽي ويون

10-8-1961ع
راولپنڊي

❊

پچن پچرن پاڻ ۾ نہ کي کنهن کي چون
ڦٽيون ڦت فراق جا دمدم اندر ڏون
بي وصاليون برهہ ۾ هونهنئين هئن ٿيون هون
اچي ٻولي ان جي تہ سور ويهي سمجهون
طالب طلبن واريون پيرين اچيو پون
رويو روبو رون گونگيون گوءِ کٽي ويون

16-8-1961ع
هالا

❊

پچن پچرن پاڻ ۾ لڙڪ سوبن لاڙين
وينيون پنهنجي پر ۾ پرت کي پاڙين
سکا ساڙي سيکو هي ساوا ٿيون ساڙين
قدم پياري پربنءَ جا عاجزيون آڙين
طالب مولا طلب ۾ ور ور ولاڙين
نينهن اندر نازين گونگيون گوءِ کٽي ويون

16-8-1961ع
هالا

❊

پچن پچرن پاڻ ۾ نہ سوريتيون سمجهن
چوان روز چريون نہ ٿيو پر منيون نٿيون مڃن

ستيون سمجهن ڪين ڪي ذارا اشارن
خبر ناهه اندر ۾ چا ارادا اٿن
ڪهي وجهن نہ ڪنهن کي جو صبر ڪيو ستن
مظلومن کان مورهئون تا منهنجا ڏوهه ڏکن
طالب طلبن واريون شل راضي روز رهن
مولا مدد ٿين گونگيون گوء ڪٿي ويون
16-8-1961ع
هالا ❊

پڇن پچرن پاڻ ۾ هي صابرين سڙيون
اچي ڪٿي اوچتو عاشق ٿي اڙيون
پنهنجي اٿن پاڻ ۾ دردن جون ڏڙيون
رويو رويو رمز سان گذارين گهڙيون
متان مورهئون مون مٿي ڪن نہ ڪاوڙيون
تو طالب ڏجان تن کان جو لالڻ سان لڙيون
ريهون ڪن نہ رڙيون گونگيون گوء ڪٿي ويون
16-8-1961ع
هالا ❊

پڇن پچرن پاڻ ۾ ٿيون سڄڻ سنڀارين
مڙن نٿيون منٿ تي هنجهون ٿيون هارين
ڪرڙيون نهاري قهر مان ڏيل ٿيون ڏارين
الله بہ بڌي ان جي جي گوندر گذارين
طالب ڏجان تو تن کان تہ مون کي نہ مارين!
پاڻ ڳڙيو ڳارين گونگيون گوء ڪٿي ويون
16-8-1961ع
هالا ❊

پڇن پڇرن پاڻ ۾ هجن سلامت
مستانن سان مورڳو نہ هلائبي حجّت
ويچارن کي ورهہ ۾ درد جي دقت
چرن کي نہ چوربو هي البيليون البت
هردم ڏبن حاضري ماريون هي محبّت
سڪ جي صديقي چوي سرين سعادت
همدردي ڪبي هنن سان خاصي ٻي خدمت
هيڏي جن سان حبيب ڪئي تن سان مور ڪبي مروت
طالب چوي طلب ۾ اتن محڪم محويت
نرمل جي نسبت ڳونگيون ڳوءِ ڪتي ويون

16-8-1961ع
هالا

❊

پڇن پڇرن پاڻ ۾ نہ ڪنهن سان سور سلين
سختيون سورن جون سدا جاني ڪاڻ جهلين
ڪنهن کي قلق قلب جو ڏاهيون ڪين ڏسين
ڪامليون، قريشي چوي سهما ڪنهن نہ سجين
طالب، فقط طلب ۾ محبن کي مجين
ڏوراپا نہ ڏين ڳونگيون ڳوءِ ڪتي ويون

24-8-1961ع
هالا

❊

پڇي پڇري پاڻ ۾ ڪيئون ماندائتا مڇي
انيون اوهيرا ڪري عاشق تي اچي
ڪيئون ڪانہ قريب سان ڪڏهن ڪابہ ڪچي

طالب مولا طلب ۾ تيون ريتيون هئي رچي
سچي ڙي سچي گونگيون گوءِ ڪتي ويون
28-8-1961ع

ڪراچي ٭

پچي پجري پاڻ ۾ تيون خودي ۾ خاموش
آخر آيو انهن ۾ جذبو ۽ هيو جوش
مست محبّت ۾ تيون بيئي جڻ مي نوش
طالب مولا طلب ۾ هڪبئي سان همدوش
ٿي پنهنجو پردو پوش گونگيون گوءِ ڪتي ويون
28-8-1961ع

ڪراچي ٭

پچي پجري پاڻ ۾ پختيون ٿي پيون
وهن ٿيون ورهه ۾ ٿي نياڻ ۽ نيون
ڪالهه ڪان بہ ڪرڙيون مست آهن ميون
طالب مولا طلب جي تئونس آهن تيون
ٿي صبر منجهہ سيون گونگيون گوءِ ڪتي ويون
28-8-1961ع

ڪراچي ٭

پچي پجري پاڻ ۾ ڪن ريجهي رهائيون
اتن اندر عجيب جون عجيب آڪائيون
ستِن ستر جهليو اتن گهورن ۾ گهائيون
منجهن ئي موجود ٿيا گز ۽ ڪمائيون
پر ڪيون آهن قريب جي ورهه ويڳائيون

تڏهن رهن تيون طلب ۾ — هي نرمل نمائيون
رئندي رئندي تن کي — کئين راتيون وهائيون
هائي سانت صبر سان — تيون رهن ريکائيون
پرين پنهنجون نہ کيون — تہ ٻہ حبيبن هائيون
طالب مولا تن جون — کهڙيون کهائيون!
ادب کريو انهن جو — هي نينهن جون نيائيون
جي ستيون ساماٽيون — سي گونگيون گوءِ کتي ويون

28-8-1961ع
ڪراچي

٭

|14|

# قدمن تان قربان ٿيان

ٿو چمان پنهنجا پيرِ جي وٺي تو وٽ آئيا
طالب مولا تي ڪيئون پلاٽي جا پيرِ
اوير ۽ سوير قدمن تان قربان ٿيان
26- مارچ 1962ع
جام صاحب، نوابشاهه

❊

ٿو پنهنجا پير چمان جي وٺي تو وٽ آئيا
طالب مولا طلب ۾ تن تان گهور ٿيان
مران جي جيان ته بہ قدمن تان قربان ٿيان
26-3-1964ع
جام صاحب

❊

قدمن تان قربان ٿيان جو هليا وٽ حبيب
هيرايا هٿن سان قربائتي قريب
نہ تہ ڪڏهن ڏسان ها ڪين ڪي لالن يار لبيب
طالب، ٿيا طبيب جو پرين وٽ پڄائيئون
26-3-1964ع
جام صاحب

❊

پير گهٽئي پٿون ٿيا تہ بہ رسيا محبَ مڪان
طالب مولا طلب ۾ ڪٽي سورن جا سامان

هلي پهتا حبيب وٽ      ڪمي ڪيائون ڪان
اکن تي احسان      قدمن ڪيا ڪيترا

2-3-1964ع
شاهپور چاڪر

*

هلي حبيبن وٽ      پيرن پهچايو
تڪليفن تن ڪي      نہ هرگز هٽايو
پهتا در دوست جي      ٿيو سانگ سجايو
طالب مولا طلب جو      تن ناتو نڀايو
ات پيرن پڄايو      جت پڄڻ پيئي ڪانہ هئي

3-3-1964ع
ڳوٺ منو پٽي

*

دلبر گهڻو دور هو      ات پڄايو پيرن
جن رند سيئي رت ڪيا      تن شابسون هجن
ويچارن وڙ ڪيا      مون مٿي ميرن
مڃيا احسان ان جا      چاهہ منجهان چشمن
سي چميو ۽ چمجن      طالب مولا طلب ۾

4-3-1964ع
ڳوٺ يارو ماڇي

*

اکيون بہ آهن اکيون      پر پيرن سان نہ پڄن
هو رئن ٿيون رت ڦڙا      هي ڦٽجو تا ڦٽجن
هو بيوس آهن برهہ ۾      هي هيجئون اٿيو هلن
هو نهارين نجيب ڪي      هي ترِ نٽا ترسن
هو اباٽڪيون عجيب لءِ      هي رندن منجهہ رلن

احسان ڪيا اکين تي پرت منجهان پيرن
طالب مولا طلب ۾ چميو وريو چمجن
جهلئي نتا جهلجن هلندي پنهنجي حبيب ڏي
1964-3-4ع
ڳوٺ ساجن ڳاهو

❊

هلندي حبيبن ڏي رند نہ ڏسن راه
هلن سڏا هيچ مان قربئون تا ڪن ڪاه
اکن جي بہ انهن ۾ اميد اها آه
پير جيڪي پٽون تيا چمجن منجهان چاه
طالب مولا تن جي سڪ جي چا ساراه!
رسيا راتو واه هلي در دوست جي
1964-3-4ع
ڳوٺ ساجن ڳاهو

❊

بلڪل اتان نہ پليا جيڏهن نينهن نيا
پهتا در دوست جي چوهئون ڪٽي چيا
طالب مولا طلب ۾ سڏي وات وَيا
پٽون پيير تيا تہ بہ قتيل قربا ڪين ڪي
1964-3-5ع
ڳوٺ ساجن ڳاهو

❊

روبو روبو اکيون اچو پيرن متي پون
چميو تن کي چاه مان ڏوڙ سندن ٿيون ڏون
اينهين اشارن ۾ چريون گونگيون چون
تہ هي سلامت هون اسان سندا آسرا
1964-3-20ع
راولپنڊي

❊

چو نہ چمان پانھنجا ھي پير پيارا
رت وھائن راھ ۾ ويتر ويچارا
احسان ڪن اکن تي سوين سچارا
طالب مولا طلب ۾ سونھن سک وارا
ھلن در دوست جي بيحد پلارا
سدا سوپارا تر ترسن ڪين ڪي

20-3-1964ع
راولپنڊي

*

اکيون تہ اکن سان مليو وجو وصال بہ ڪن
رئن تہ عجيب اگھن تا ھر ھر سانئ ھتن
لاڙيو لڙڪ لھوءَ جا پربن سان پرچن
پير ويندي پر ڏي جتي بہ ڪانہ وجھن
قتيل ويچارا فِراق جا صحت بہ نہ سنيرن
مجروح ٿين محب لءِ نہ بہ حڪيمن وٽ نہ وڃن
رحم نہ آندو روح ۾ مٿن محبوبن
طالب مولا تن ڪي ڪيو ننگو نصيبن
سي چميو چو نہ چمجن جي ڪڇن پچن ڪين ڪي

21-3-1964ع
لاھور

*

گونگيون اکيون آگميو ٿيون پچن ۽ پچرن
لکيو لکيو لوڪ کان راتو ڏينھن رئن
آخر اچو انھن کي عجيب تا اگھن
پير سدائين پرت ۾ ونيو رند رلن
راھون مڙئي رت سان ڳوليو ڳاڙھيون ڪن

ڪن احسان اڪن تي جو نرمل وٽ نين
طالب! لاتو تن ڪي هٿ نہ حبيبن
پيارن پرين ڪڏهن پيرنہ پڇيا
22-3-1964ع
راولپنڊي

*

پيرن ڪڏهن پرين جي منزل ڪين مٽي
هلندي حبيبن ڏي نہ همت سندن هٽي
راه مڙئي رت سان تن قرب مان ڪٽي
تہ بہ طالب پرت پٽي ڀڄڳڻ ٻڌين ڪانہ ڪا
22-3-1964ع
راولپنڊي

*

جي اڪيون پير هجن تہ پٽو پوين پنڌ جو
تہ اگهاڙا عشق ۾ ڪٽن تا سور سهن
ڪٽن تا ڦت فراق جا چڪيو ۽ چڪن
رت تين جي راه ۾ تہ بہ هيجئون اٿيو هلن
ڪنجهن ڪرڪن ڪين ڪي توڙي پٽون ٿيو پون
پهچن جڏهن پرين وٽ تہ بہ ڏوراپا نہ ڏين
طالب مولا طلب ۾ پڻ اها صحت سندن
ڪڏهن ڏنو ڪين ڪي هن ڏي حبيبن
سنيرن ڪڏهن ڪونہ ڪو ڪا پٽي ٻڌين پرين
تہ بہ رڙهيو رڙهيو رڙهن حبيب جي حضور ڏي
22-3-1964ع
راولپنڊي

*

جي اکيون هجن پير تہ پٽو پوين پنڌ جو
جن ڪي اچي ڪانہ ڪا جنبندي ڪڏهن جهير

هڪجهڙي هنن لاءِ تي اوير ۽ سِوير
ڪڏهن ڪن نہ قريب سان نينهن سندي نبير
هلندي در دوست جي شوق ۾ آهن شير
طالب مولا تن جي مٿان نہ لٿي مير
هردم اٿن هير هلڻ جي حبيب ڏي

22-3-1964ع
راولپنڊي

❊

اڪيون تہ اونڌاهي ۾ وات وڃائيو وهن
حڪم هلين ڪونہ ڪو ۽ وسان ٿيون وڃن
گونگيون ڪن گهمسان ڪٿين پر ڪجهہ ئي ڪين ڏسن
لڙڪ گهڻئي لاڙين ٿيون ڪارڻ قربن
پر پير ويندي پرين ڏي بلڪل بس نہ ڪن
اوجهڙ ۾ عجيب لاءِ تا لاڪيڻا لوچن
پهچن وڃو پر وٽ مورهئون ڪين مڙن
طالب مولا طلب ۾ ڪمال ڪيو قدمن
انهن اڻ موٽن اڪن تي احسان ڪيا

22-3-1964ع
راولپنڊي

❊

تا پير پڄائين هلي در دوست جي
طالب مولا طلب ۾ تا قريب ڏي ڪاهين
گونگيون اڪيون انهن جا تورا ڪئڻ لاهين
انهن تي آهين رحمتون رحمان جون

22-3-1964ع
راولپنڊي

❊

اکيون تہ برابر گونگيون پر ڏسيو تيون سگھن
پير ويچارا پٿون ٿيل ڏسن ۽ نہ ٻڌن
اکيون تہ هنجھون هاريو کي ٻڌايو بہ ڏين
پير پنهنجي درد جي ڳالھہ ڪٿي بہ نہ ڪن
اکيون تہ آخر محب جي اچڻ سان اگھجن
پير سدائين صبر ۾ سوين سور سهن
طالب مولا تن وڏا قرب ڪمائيا

1964-3-22ع
راولپنڊي

※

اکيون تہ برابر گونگيون پر زبانون تہ اٿن
هي بي زبانا بره ۾ سختيون سڀ سهن
هو اشارن سان عجيب وٽ ڪجھہ تہ چيو ڏين
هي سدا صبر شڪر ۾ ڦٽجو ٿا ڦٽجن
هو پرچو نيٽ پرين سان وڃو چار ٿين
هي هردم پنهنجي پر ڪان پري ئي رهن
هو پين مي محبّتَ جي ۽ ٿيو مست وتن
هي هميشہ هڪجھڙا هجر منجھہ هلن
هو هر هر حبيبن سان وڙهيو وريو پرچن
هي طالب مولا ڪڏهين راڻل سان نہ رسن
تہ بہ ڪرم ٿئي ڪونہ ڪو مٿي مظلومن
پرت وڏي پيرن ڦٽجن، ڦرن ڪين ڪي

1964-3-22ع
راولپنڊي

※

اکن تي احسان ڪيئون جو سهڙيا ساجن سينءَ
رهبر ٿي رسيا پنڌ ڪتي هو ڪينءَ
طالب مولا تيئنءَ ٿيو جي ٿي چيو جينءَ
پهتا وٽ پربنءَ پيرن پڇاڻيون ڪيون
1964-3-25ع
لاهور

❊

پيرن پڇاڻيون ڪيون جئن عاشق مست اليل
پربن پيارن ڏي ويا عشق منجهان اصيل
رليا ڪين راه ۾ جئن رلن تا رذيل
قرب جا قتيل پهتا در دوست جي
1964-3-28ع
خانپور ريلوي اسٽيشن

❊

پيرن پڇاڻيون ڪيون ڦتجي خوب ڦتيا
پربن پيارن ڏي هلندي ڪونہ هٽيا
ويچارن ورهہ ۾ سانگا سڀ ستيا
اکن روئي اگهيا لت ۾ جئن لٽيا
گس ۾ ڪين گهٽيا طالب مولا طلب ۾
1964-3-28ع
صادق آباد ريلوي اسٽيشن

❊

پيرن پڇاڻيون ڪيون پاڙون پنڌ پٽيئون
هلندي حبيبن ڏي سيئي سڪ سٽيئون
ٿي زخمي پنهنجي پاڻ کي لت ۾ خوب لٽيئون
وڏا ور واٽن جا ڪري ڪاهہ ڪٽيئون

ڪڏهن جاني يار ڪان جدا ڪونہ جنيئون
وري در دوست جو مورهئون ڪين متيئون
عجيب لاءِ اکن سان رهي راند ڪتيئون
ڦتي روز ڦتيئون ترِيون طالب پانهنجون

28-3-1964ع
صادق آباد ريلوي اسٽيشن

❊

پيرن پڄاڻيون ڪيون جهلئي ڪين جهليا
پنڌ ۾ جئن پيا تہ ڪنهين ڪونہ پليا
اتي ويا هليا جت طالب منزل محب جي

4-8-1964ع
اسلام آباد

❊

پيرن پڄاڻيون ڪيون اتيو پنڌ پون
اڻ تڻ پنهنجي عجيب جي انئي پهر اتن
طالب مولا طلب ري سڌ نہ بي سمجهن
جهل نہ ڏني جڏن وينا ڪڏهن نہ وات تي

20-8-1964ع
اسلام آباد

❊

اکيون سڪنديون ئي رهيون سڪ ۾ روز سدا
طالب مولا طلب ۾ ڪئا سبب خود خدا
ڪئا قدمن حق ادا هلڻ جا حبيب ڏي

8-9-1964ع
مڪہ معظمہ

❊

اکن ڪري عاجزيون پيرن تي پيئي
ڪيئون التجا انهن کي ڏهه ڏهه چميون ڏيئي
نہ پڇايو پريت مان نرمل وٽ نيئي
سدا سڪون جن لہ سڄڻ ڏسون سيئي
طالب مولا تن کي جانب مليا جيئي
قربائتن ڪيئي اکن تي احسان ڪيا

1964-9-13ع
مدينہ منوره

✻

ٻوڙي ٻوڙي پهتا عجيب جي آستان
پسايئون پرينءَ جا مڙئي ماڳ مڪان
ڏسي نور نرمل جو ڪيئون اطمينان
طالب قدمن کي ڏنا الله وڏا ايمان
اهي سڀ احسان اکن مجيا ان جا

1964-9-14ع
مدينہ منوره

✻

راهان ڪڏهن نہ رهيا هي قربائتا قدم
ڪٿي ڪيئون ڪين ڪي دلبر ڏاران دم
لاٿئون سڀ اکن جا جيڪي گوندر غم
طالب مولا تن کي هئا اندر منجهہ الم
تہ بہ ڪيئون اهڙا ڪم جو ڪنهن ڪان ٿيا ڪين ڪي

1964-9-15ع
مدينہ منوره

✻

كيا كرم كريم پر پير كٺي پربام
پهچي در پرينءَ جي چاهه منجهان چميام
دز تنين جي تهدليئون لڳن سان لاتيام
ميرا ٻئي محبتي چشمن تي چاڙيام
آئي جهير اكن كي تہ پرين خود پسيام
ٿيس سرخرو سڄڻ وٽ جو منهن سان ٻئي مليام
لڙكن سان لعلن جي ڏوڙ سيئي ڌوتيام
اكن سندي آب سان ڇهڪ سندن ڇينيام
مڙيئي مڇيام طالب احسان انهن جا

16-9-1964ع
اربع
10 جمادي الاول 1384هه
فجر نماز بعد
حرم شريف مدينہ منورہ

❊

[15]

# سر سدائين ست ۾

پيير بہ آهن پيير پر سر انهن کان سرسو
قدم قدم تي جهڪڻو ڏي سجدا ڍيران ڍير
ان جي پيشاني ۾ رڳي پلاٽي جا پيير
طالب مولا سڏجن تا هردم مرد مثير
صبح ساڻ سوير ڏي سجدا سائينءَ اڳيان

✻

پيير فقط پرينءَ وٽ پري پهچائي
سر سوين ڏئي سجدا محبّت مچائي
ڪفر ۽ اسلام ۾ فرق فرمائي
محبّت جي مقتل جو ميدان ملهائي
پاڻ کي پرينءَ لاءِ ڪڍيو کهائي
ڳڻ سدا ڳائي طالبُ مولا تنهن جا

✻

پيير بہ آهن پيير پر سر نہ رکي سانگو
ڳلا غيبت جو ڪٽي گهور ڏئي گهانگو
نڪري نرمل ڪاڻ تو نينهن ۾ تي نانگو
بي مڙيئي ملڪ ۾ تئي متو مهانگو
سر تئي سهانگو سجڻ وٽ صديقي چئي

✻

سر سدائين سنرو اوچي ڳات اچي
وعدي تي وصال جي هو محبتي مچي
رضا واري رمز ۾ بلڪل ڪين بچي
نيزي واري نوڪ تي نينهن ۾ خوب نچي
سانگو ڪيو نہ سچي ڪپجڻ ڪان قريشي چوي

*

پير نہ ڪڏهن تين سدا برابر سرن جو
هي مارڳ ۾ محبوب جي هليو پيا هلن
سر وڃن سوري ڏي تہ وري ڪين ورن
پير رڳو ئي پريں لء زخمي تيو پون
طالب مولا تن ڪي شاباسون بہ هجن
پر قربانيون ڏين سر سوين ئي سجڻ تان

*

پير ويچارا پرت مان گهٽوئي تا ڪن
سر تين جت صدقي ات ڪتي پير پڇن!
پير وڍيا تہ متي ۾ دبجو تين دفن
سر شهادت بعد پڻ نيزن تي چڙهن
پير بہ طالب طلب ۾ مورهئون ڪونہ مڙن
پر سرويچ ئي صديقي چوي صديق تا سڏجن
پير قربو قتجن ء سر سدائين ست ۾

*

پير بہ اهڙي ذات جو سر متن ڏي سجدا
پير نہ وڃن پريں وٽ پر سر تئي گهاتو گهات
سر جي صديقي چوي مقتل ۾ بي بات
جت اڏي ء ڪات ات پيرن پيئي ناهہ ڪا

پير ٻہ پير آهن	پر سر وانگر نہ ست ۾
جت سر جي بازي تي لڳي	ات پير نٿا پڇجن
سر ٻڌن ٿا سهرا	پيرن مينديون لڳن
طالب مولا سر ئي	ڪيچو قبول پون
ڪونڌر سي ڪوٺجن	سر ڪيا جن صدقو

❊

پير پري ئي ٿا رهن	سر سونهن لالڻ لڳ
پيرن ڏني مند ملي	سرن ڏني ٻئي جڳ
پير سدائين پنڌ ۾	سر ڏين ٿا سڳ
جنهن کي الله اوراهون	سر ۾ سا ئي رڳ
طالب مولا طلب ۾	سر ڏين چاهئون چڳ
سر تہ اگهاڙا ٻہ ٿهن	پر پير نہ ٻڌن پڳ
سر سوري جي سامهون	هو دم دم ڳولن ڏڳ
هو مارڳ ۾ ئي مڳ	هي ڪيچو قربانيون ڏين

❊

پير ٻہ پوريون ڪن ٿا	پر سر چڙهن تي چوٽ
جت پير پڇن ئي ڪين ڪي	ات سر وٺن ٿا ووٽ
پير ٽپن ٿا ڪوٽ	سر ڀڃن ٿا ڪوٽ
پير تہ موٽي ٻہ سگهندا	پر سر آهن اڻ موٽ
سرويچ ئي سدائين	جٽ ٻہ ٿين چاموٽ
هي طالب مولا طلب مان	ڪئي پرت اندر پالوٽ
تہ پير نہ ٿين گهوٽ	سهرا ٻڌجن سرن تي

❊

صدقي سر تان سون ٿين ۽ چاهه منجهان چانديون
سرويچن لئي سورميون محبّت ۾ مانديون
جن جن کيون سرن سان رٿن ۾ رانديون
انهي ور جي ورونهن ڪان وهون نہ ڪي وانديون
سر جنين جا صدقي تن لئي هلن هيڪانديون
سر ڏئي سهاڳڻيون بلڪل ٿيون بانديون
سر ڏيئي سوڪڙيون انهن ئي آنديون
محبّت پلي مٺين هجي تہ بہ پيرن پيرانديون
سرن. سيرانديون سدائين صديقي چوي

*

ڪٿي پير پڇن سرن سان صديقي چوي
پيرن ۽ پيزار تان تا صدقي سر ٿين
پيرين پون پيڙيون سر سرها گل چڙهن
پير تہ ڪاني جا بہ تا تنگن منجهہ وجهجن
پر ڪتان ملن ڪونہ ڪو جي تا سر وجن
پير فقط چمجن تا ۽ سرين ٻڪ پون
سڄڻ سدائين سرن کي تا سيني رکيو سمهن
پير پيراندي ئي رهن کٽي هنڌ پلنگ هجن
سرن هيٺ اچن ٻانهون ٻانهيارن جون

*

ٻانهون ٻانهيارن جون سرن وهاڻا
سر لايو سر سان کن محبّتي ماڻا
سر لءِ کن سهاڳڻيون وار بہ وڇاڻا

سيءُ سياري جو لڳي ته پري نه ڪن پاٽا
سر ئي سيباٽا سورمن کي صديقي چوي

*

پير ويچارا پنڌ ۾ شوقئون هلن شتاب
ڪڙيل ڪن ئي ڪونه ڪو هلڻ منجهه حجاب
سچ تو صديقي چوي ڪپجو ٿين ڪباب
مارڳ ۾ محبوب جي ٿين خون خراب
ويهو رهن وات تي بلڪل ٿيو بيتاب
چرڻ ڪان چور تي هارائين حساب
ڏين جنبڻ ڪان جواب ته به سر سربو پڇي سڄڻين

*

ڪڏهن ڪنهن نه ٻڌو ته پيرن سوربون ماٿيون
سر فدا تي سڄڻ کي ڳڻن سانڻ ڳڌو
بيٺو ٿئي ٻين سان پر سڄڻ وٽ سڌو
"الانسان سري و انا سره" مورهئون ڪين منڌو
سر وڃي سوري تي پنهنجي لالڻ کي لڌو
سر تو صديقي چوي ڪري نه ڪم ڪڌو
سر سوري پاڻ وڌو پير اهي ئي پٽ تي

*

پير به پنهنجي جاءِ تي وڏا وڙائتا ٿين
محبوبن جي ماڳ ڏي پريو پهچائين
حبيب جي حضور جي وات نه وڃائين
اهي ٽورا انهن جا اصل ڪان آهين
پر سر انهن ڪان سرسا جو ڪنڌ به ڪپائين

پيرن وانگر کين کي راز بہ ٻڌائين
پير حقيقت پانهنجي لوڪان نہ لڪائين
سر سجڻ جي سر ڪي پاڻ ۾ پائين
سچ پچ صديقي چوي اِت پير ئي پڄائين
پر سر تا سرچائين سجدا ڏيئي سجڻ کي

❊

سر کي جهلي سهڻا تا پلپل پيار بہ ڪن
سو سو پيرا سڪ مان چاهئون چميون ڏين
سر کي سيني تي رکيو محبّت مان ملن
ٻانهون هار ڪري ڪٽيو ڳچي منجهہ وجهن
پري ٿيو پرينءَ کان تہ سر لئي خوب سڪن
ويهو رهن ورهہ ۾ تہ اگڻ عجيب اچن
سر سلامت تنهنجو اها دعا بہ چون
طالب مولا طلب مان سر کي سلام بہ ڪن
پرين پير چمن اينهين ٿئي نہ ڪڏهين

❊

پير تہ رڱي پير ٿيا پر سرسا سر سو وار
ڪارا وار ڪلهن تي رڱي رعبدار
وڏا جاه جلال جا پيشاني ۾ پار
بيحد پرن جا ٿين ڏاڍا کي ڏهڪار
اڙٻنگ آهن اکيون جنگي ٻئي جهونجهار
پنبڻيون پيڪانن جان ڦهري منجهہ قطار
نظرون نهارن جي ڪٽيو تہ شير بہ ٿين شڪار
سونهن سونهاري سان شهپر ٻئي شهڪار

كتي گل گلاب جا ڪت رنگينا رخسار
ڪنڊيا نڪ ڪونڌن جا جڙيل جلوبدار
ڏند چپ سوڏا سهڻا گجگوڙيون گفتار
اوچا ڪنڌ انهن جا جن جا متا مڻيادار
صفون پچن تا سو دفعا سهڻا سي سردار
ڪسن نہ بہ قبول پون قربئون وت ڪلتار
سچ پچ صديقي چوي ڪي ويهي ڪن ويچار
نہ تسليم ڪن تن ڪي وهوا سي وينجهار
تن ڪي پيرِ پچن ڪيئن جن جا حوصلا هشيار
پيرِ ويچارا پت تي سر سدائين سوار
طالب مولا تن جي وجي پري پئي پچار
هو سوري جا سينگار سوري نہ سينگار تن جو

❊

پيرن برابر پرينء ڏي نانگو تي نيو
پر سر سڄڻ کي پانهنجو قربئون جهڪي ڪيو
ات پير نہ پچي سگهيا جت سر وڏي ويو
پير رهيا ئي پٽ تي ء گچي پاند پيو
پي پيالو عشق جو سر ڪلي ٿيو ڪيو
سر ئي ويو سڄڻ وت ات پيو نہ ڪو ٿيو
سر پاتو صديقي چوي لالڻ وت ليو
اينهين ڪڏهن ٿيو جو پيرن پڏو پتڪوا

❊

سچ پچ صديقي چوي چڱا هئن تا چون
نہ پيرن جايون پنهنجون جن م جتيون پون

پرين وهاري پاڻ سان — تہ بہ پير پري ئي هون
ڪوڙ نہ ڪبو ڪڏهين — جو صحيح سمجهيوسون
سر سڄڻ جي سر سان — سدا، ڏنوسون
ڇگون تن جون چاهہ مان — ونيو دلبر ڏون
سدائين سنيرون — تہ هنجهون حاصل سرن ڪي

*

سدائين سرن جون — جوتون وهاڻا
سڄڻ جي سينن ڪي — سر ئي سيباڻا
چمن پيشاني پيار مان — پرين تا پاڻا
سچ پچ صديقي چوي — ٿين حبيبن هاڻا
ماڻا ۽ ٽاڻا — انهن سان عجيب جا

*

جتي سر ڪپت — ات قدم ڪپجي چا ڪندا!
سر جي اتي سوپ ٿئي — جت پيرن جي نہ پڇت
سر، اتي صديقي چوي — جتي گهورون گهت
پرين پڇن نہ پيرن ڪي — سر جي وٺن وٺت
پير نہ ڪن پرڻ ۾ — ڪڏهن ڪابہ ڪپت
پر پيرن سندي پت — سر ئي سدائين ٿو رکي

*

سسن جي سدا ٿئي — رٽن ۾ ئي راند
پير وڃن تہ پري پون — سسي پوي پلاند
سچ پچ صديقي چوي — وقت نہ ڏي ويساند
هٿيو تي هنڌ ڪري — سسي نہ وڃي وڙواند
اها اصلئون آهہ ڪا — خاوند سندي خاند
تہ سسيون نيزي پاند — ڏڙ ويچارا ڏوڙ ۾

*

ڏاهپ سان ڏولي جاني جوتون ڪري ڏنيون
ويهي ڪيئين ورونهن سان ٻاجهاري ٻولي
اسان اڳ ۾ ئي ته پي ڳالهه اها ڳولي
سدا ملي سر ڪي جانب جي جهولي
طالب مولا کو پيچي هي پرجهي پرولي
توڙي هئا منجهه هولي ته به قتيل پيير پري رهيا

❊

پيرن چيهه چنا ته به پهچن در دوست جي
سرن اچي آستان تي سجدا سو ڏنا
سروهه سوري ڪان وري ڪڏهن ڪونه ڏنا
موتن مورهئون ڪين ڪي سينگارين سنا
ڪوجها جي ڪنا ته به سجڻ جا صديقي چوي

❊

جڏهن پيير پرڻ ڪان مورهئون ٿيا مجبور
پهچايئون نه پنهنجي منزل تي مهجور
ڏنئون جواب جنبڻ ڪان سانجهي ۽ سحور
منٿون مجيئون ڪين ڪي ۽ مڙيا نه هو مور
ته سر سرڻ ئي لڳو پهتو پهريين پور
اگهيئين هلي آستان سان نراڙ وارو نور
هو ويچارو وهڻ ڪان ويو ٿي وهلور
قرب مان قريشي چوي ڪيائين ڪلور
حاصل ٿيو حضور طالب مولا تڏهين

❊

عاشق هلن ابتا مورهئون مٿي پير
سر پير سڌا تا وجن دلبر واري در

پيرين پنڌ وساريئون مرگو چڏي مگر
قرب مان قريشي چوي وڃڻ جي ڪن ور
پارين ٿا پرت جي پيغمبرائي پر
سريو ڪن هو سر منزلون محبوب جون

❊

سير سيڪوئي ڪري ڪپر ڪري تو ڪو
پيرن سان نہ پنڌ ۾ هرڪو هلي تو
جنهن پيرين پنڌ وساريو سو صادق ۽ سچو
طالب مولا توڙ ڪري جيڪو جاني جو
سر جنهين جو ست ۾ سر پر سري سو
مجائي مٿو محبّت محبوبن کي

❊

ڪٿي سير سرن جو ڪٿي پيرن پنڌ
هن جو سير سماء تي هنن هي ئي هنڌ
قريشي چئي ڪنڌ قرب سان تو ڪپجي

❊

سر کي چميون چاهہ مان ڏين وهون ويچاريون
راتيون وهائن رمز ۾ سر سان سچاريون
سيءُ نہ سربتن کي لڳي جن لئي سر تيا ستاريون
سر کي سينن تي رکي ٻڪجن ٻانهياريون
ونن ساءُ سرير جو سر ڏئي سوياريون
منهن تي رکي منهن کي ڏين منيون موچاريون
طالب مولا جن ۾ طلب جون تاريون
سي ري سر سرچن ڪين کي سدا سوگاريون

سر ڏنا جن سر کي گل تنين گاريون
اهي سيني سمهاريون سرٻتن صديقي چوي

❊

سِرٻتيون سمن تي سدائين سهڙن
سِرٻتن جي سڪ ۾ رکي سر نہ سمهن
سِرٻتا سرٻتن تان صدقو سر ڏين
سِرٻتا صديقي چوي سر ڏئي سرچن
جي سر پر سري اچن تن پيرن پنڌ وساريو

❊

سِرٻتن ۽ سرٻتن ۾ وڏا فرق ڦير
سرٻت سرٻتي کانہ تئي اها آهي ڪير؟
سِرٻتيون لين لکن مان سرٻتيون ڏيران ڏير
سِرٻتن رڳي سونهن تي سرٻتن پلا پير
سرٻتن جي صاف دل سرٻتن من ۾ مير
سرٻتيون سر ڏين ٿيون سرٻتون مڙئي خيرا
سِرٻتون هلن حساب تي نينهن جي ڪن نبير
سِرٻتن کي صديقي چوي حبيبن جي هير
سرٻتن سر پير سرٻتون ٿين سڪٽيون

❊

سِرٻتون سو هزار سرٻتي ڪاڪا تي تئي
سِرٻت هرهر ڏي هڏي سرٻت پلپل پيار
سِرٻت محڪم مال تي سرٻت وفادار
سِرٻت طالب طمع جي سرٻت قرب قرار
سِرٻت رڳو سمهڻ لءِ سرٻت سار سنيار
سرٻت ٻي جو سر گهري سرٻت سر ڏي يار

سريت پري پيرن سان سريت پر ڪاپار
سريت فقط سامهون سريت پرپٺ پار
سريت پلي سهٺي پر سيرت جا نہ سينگار
سريت آخر تي تٺي ڏڪا ڏيو ڏار
جمي ڏي جمار سريت صديقي چوي

❊

پير ڳولين پنڌ ۾ وربو وربو وات.
قتجو قاڪون جي تين نہ اٺئ ڪان ڏين آت
سر ڪڏهين نہ سر ڪيا جي قرب مان تيئن ڪات
چڙهن نيزي نوڪ تي نہ ٻہ اوچا انهن ڳات
سچ پچ صديقي چوي ڪڏن جئن ڪنوات
لڏن نہ اڳيان لات متا متيرن جا

❊

مدامي منصور جان سرويچ ئي سڏجن
سر هميشہ حق تي ڪڏيو تا ڪپجن
سر جتي ڏين سجدا پير اتي نہ پڇن
پيرن پچا ناهہ ڪا سر اطاعت ڪن
سردارن جي ست ۾ پير نہ پڳ ٻڌن
وٺن ڪنهن ڪي ڪين ڪي جي اگهاڙا تين
سر اگهاڙا سيين پربن نهيو تا نهن
ڪانگيون ڪلاهون ڪڏهين پيرن ۾ نہ پون
قرب سان قريشي چوي سيڪي سر سهن
جهڪن جانب اڳتان نہ ٻہ هنجن منجهہ هجن
پيرن پنڌ وساريو ڏسي سرڻ سرن
تن لئي طالب تڏهين سجڻ روز سڪن

بنهي بانهن وچ ۾ سهڻن وٽ سونهن
تا گفتا گوءِ ڪڻن سچ پچ صديقي جا

❊

پيرن ڪي پريت جا اصلئون آهن انڌ
هلن ات هو هيج مان جت حبيبانا هنڌ
نماڻن نصيب تيا رڳي پراڻا پنڌ
پر قبول پون ڪنڌ سجڻ وٽ صديقي چوي

❊

پيرن پنڌ گهڻا ڪيا حبيب وٽ هلي
پربن جي پيزار جي سرن متي ملي
سُورن جي صديقي چوي سرن ڳالهه سلي
هٿي انهن هنڌ ڪيو رمزن منجهه رلي
سر تيا جي صدقي تہ جاني جهول جهلي
هي هلي ڪا چلي تين پير پربنءَ تان صدقي!

1 ۽ 2 مارچ 1967ع
اسلام آباد
راولپنڊي

❊

|16|

# درجا آهن دلن تي

سر تہ برابر سر تيا پر من جا ناهن مت
دل تان لهن ڪين ڪي ڪڏهن جيڪر ڪت
تہ رڳي هوند هار ٿئي يا ڪلندي ٿئي نہ ڪٿ
جي دل تي چڙهن ڪين ڪي عشق جا الهت
دل تي نہ هجن درد ۽ ٻيا ڦوڙائي جا ڦت
تہ سر نہ هجن منجهہ ست سچ ٿو صديقي چوي

3.3.1967ع
اسلام آباد

※

سر پيلي ڏين سجدا سو سو ۽ سئو وار
چانئٺ چمن چاهہ مان ۽ پرين جا پيزار
جي دل نہ محبّت ڪي مڃي تہ سر ڪلهن تي بار
ظالب مولا طلب جي جي دل کي لڳي لغار
تہ سر بہ تڏهن سر ٿين نہ تہ بلڪل سي بيڪار
سر بہ تڏهن تا قبول پون جو دل پرکن دلدار
سر جهڪن صد بار تہ بہ درجا آهن دلن تي

17 رجب 1387هہ
22.10.1967ع
حيدرآباد

※

سر پيشانيون پنهنجيون جودئون جهڪائين
چميو چانئٺ چاهہ مان تا پرين پرچائين
پاٺهي وجيو پاڻ کي هو ڪلها ڪپائين
طالب مولا تن جا ڳڻ گهٽا ڳائين
دل نہ مڃي جيڪڏهن تہ هليو هارائين
پل سهرا سر پائين تہ بہ درجا آهن دلن تي

17- رجب — 1387ھ
22-10-1967ع
حيدرآباد

*

سر برابر ڪيترا بيحد بار ڪٽن
مهل اچي جي مورهئون تہ مڇيو متا ڏين
سورهہ سامهون جي ٿيا تہ ڏڙ ڪان ڏار ٿين
دل گهرجي دِرياءَ جئن نہ تہ سر ٿيو بار پون
نلها پتڪا تہ بندن تي بہ ٻڌيو تا سگهجن
طالب مولا طلب ۾ دلبر دل ڏسن
تِهان پوءِ عاشق کي تا بيٺا ٻک وجهن
سر سوين هجن تہ بہ درجا آهن دلن تي

6 رمضان شريف 1387ھ
9-12-1967ع
ڈاڪا

*

جت لڳن سر جون بازيون اتِ ارادا گهرجن
دل نہ هوندي شير جئن تہ سر سيڙاپو ٿين
مقتل جي ميدان ۾ بيهي ڪين سگهن
ڪٽيو پتڪا پوئتي بلڪل سي ڀڄن

طالب مولا طلب ۾ داور پسي دلن
جن ۾ نيت نيڪ ٿئي ۽ پختايون پلجن
هي ئي حجّ بہ ڪن درجا آهن دلن تي
9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

جيڪو داور در تي دل سان ڪري دانهن
تہ پيهر بہ وڃي پانهن طالبَ، مولا تنهن جي
9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

رڳو ڪعبي اڳيان جي سگهٽا سر جهڪن
۽ هلي احرام اجرا پيٽا ڪٽي پڌجن
نيت نيڪ نہ آهہ جي ۽ نمازون پڙهجن
چمچي چانئٺ رسول جي روزا پڻ رکجن
تہ بہ مولا ۽ محبوب ٻئي دائم دليون ڏسن
قلب جڏهن تو قلب ٿئي تہ دهرا دان ملن
طالب مولا طلب سان محبّت رکبي من
حجّ هزار ڪجن تہ بہ درجا آهن دلن تي
9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

دل ٿئي فدا دوست تان متو نہ ٿئي منصور
سر ڪي سودا، وسوسا مورهئون ڪن مجبور
سر سدائين ستن ۾ جهجي ٿئي جهور
دل اچي جي عشق تي تہ ڪري ٿي ڪلور

طالب مولا دل سان دلبر جو دستور
دل ئي دردن ساڻ تي پرجي ٿئي پرپور
سر ۾ نلهو سور درجا آهن دلن تي
9-12-1967ع
ڍاڪا

*

سر ۾ رکو عشق تيو ته گدو بندر ۾ گوڙ
هوندو هردم تنگ ۾ نير ۽ پيو نوڙ
سر قربو ته سدائين رکو روتي توڙ
طالب مولا دل ئي تي کري طلب ۾ توڙ
پلي سر پڌجي موڙ ته به درجا آهن دلن تي
9-12-1967ع
ڍاڪا

*

دائم دل جي زور تي سر فدا تا ٿين
بلکل باطل ڳالهه کي مرکو کين مڃين
کاهيو پون کٽک ۾ ته کلهان کنڌ کپين
طالب مولا مرد تا مهمن متا ڏين
ستون سر جهلين ته به درجا آهن دلن تي
9-12-1967ع
ڍاڪا

*

آهي برابر سر ۾ رمزن واري رڳ
دل نه ڏني جنهن داور کي تنهن وڃايا ٻئي جڳ
نيت کپي نيڪ تي جنهن جا دل ۾ دڳ
ان مان وري کين کي جي سڪٽي پڌبي پڳ

طالب مولا دل ڏئي ونبا سيئي سڳ
چاهئون ڏبي چڳ تہ بہ درجا آهن دلن تي

9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

سر جهڪيو تہ ڇا ٿيو جهڪي نہ جيڪر دل
تہ اها اڪثر ٿي ٿئي منافقي منزل
سر ڏني نہ حل ٿئي مورهئون ڪو مشڪل
طالب مولا دل سان هڙ ئي ٿئي حاصل
سر وڃي اول تہ بہ درجا آهن دلن تي

9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

سر سدائين سٽن ۾ رکي دل تي بيحد پير
جيڏهن لاڙو دل جو تيڏهن ڪري ڪر
ڪڏهن ڏسي ڪين ٿو واٽن جو ڪو ور
دل واري دنيا ۾ ڪونهي خوف خطر
طالب مولا ٿو ملي دل سان ئي دلبر
سر نہ ٿئي ٿو گهر "دل ئي ديرو دوست جو"

9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

سر ۾ سودا ٿي پوي تہ بہ ماڻهو جال جين
جنون جيڪر ٿو ٿئي تہ بہ هڙئي پيا هَلن
جي هجين ماليخوليا تہ بہ گهمن ۽ ڦرن
وسواس ئي وڏي وڃي تہ بہ ڪائن ۽ پيئن
منڊڙا. ٽنڊڙا. لولڙا تہ بہ رستن تي رڙهن

دل بيني تہ دنگ ٿيو هڪدم مريو پون
حڪيم هيڪاندا اچن تہ بہ ڪري ڪجهہ نہ سگهن
ڪرن ۽ ڪوٺن جي دليون خبر ڏين
طالب مولا سر ڪي پرين پوءِ پڇن
دلبر دل گهرن ٻي ٻولي ناهہ ڪا

9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

سر ويچارو سدائين آهي دل جي وس
دل چوبس تہ وڃي نہ تہ بلڪل ڪري بس
اونهين ٿئي اوس جئن طالبَ مولا دل چوي

9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

اکيون ٿين جي انڌيون ڏسڻ کان بہ وڃن
ڪن بہ جيڪر ڪڏهين ٻڌڻ ڇڏي ڏين
سرن ۾ سودا ٿئي تہ چرٿيا ٿي پون
پير بہ پرڻ ڇڏين جي هلي ڪين سگهن
۽ مڙئي عضوا ضعف کان جواب ڏئي وڃن
تہ بہ دليون دوست پسن طالب مولا طلب ۾

9-12-1967ع
ڍاڪا

❊

سر تہ ربائي رمز ۾ بہ سجدا خوب ڏين
پيشاني جي داغ ڪي ڏاها ڪونہ ڏسن
نظر انهن تي الله جي جي دل ڪي پاڪ رکن

جنهن ۾ نج نيڪي جون نيتون تيون نپجن
۽ طالب مولا طلبون پختيون تيون پون
ڪم ارادا ڪن سر نہ هلن تا حڪم تي
7 رمضان شريف 1387ھ
10-12-1967ع
ڍاڪا

❊

هينئي ۾ حبيب وٽ دل تي ڪري دنگ
وجهي تي واحد سان وحدت وارو ونگ
نرمل ڪاڻ نروار تي نيائي سا ننگ
عشق واري آڳ تي پاري پر پتنگ
طالب مولا طلب جي رمزن جو تس رنگ
آهي دل اڙبنگ پر ظاهر سر تيو ست ۾
10-12-1967ع
ڍاڪا

❊

سر ڪيجي نہ ڪا گهڙي دل تي هجي حيات
طالب مولا مات ۾ ڪري نہ هوءَ هيهات
مورهئون تئي نہ ممات رکي عشق عجيب سان
10-12-1967ع
ڍاڪا

❊

ماڻهو مري نہ مريو وڃي پر دل پئي پوءِ بہ جئي
ڪڍيو وجهن ڪنهن هئي ۾ نہ هو جيئرو تو تئي
جهجهو هلي جهان ۾ پيو ڪائي ۽ پئي
طالب مولا تنهن ڪي ڏاتر بہ ڏان ڏئي

سر وڍيل ڪنهن ہي تي جي لڳي تہ نهڙ نئي
ڪو اهڙو عمل ڪئي اڃان تہ ڪامل ڪونہ ٿيو!

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

همدم جڏهن حبيب ٿئي تہ ڏي دل کي دلداري
دل ونڻ لئي دل تي رکي هٿڙو هيڪاري
سوز گداز بہ دل جي سئنا سينگاري
سر ۾ ٿئي ڪين ڪي ڪا برھ بيماري
طالب مولا سر جي نہ ٿئي غمخواري
سدائين ساري دل جي سر ڪان سرسي

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

دلبر درد فراق ۾ دل ئي ڏتاري
سر ۾ سودا تي پوي تہ مٿو پيو ماري
طالب مولا نيت سو گدوءَ ۾ گهاري
ڪو ويهي ويچاري تہ دلبر بہ آهي دل جو

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

نينهن نهوڙي سر ڪي هي ڪڏهن ڪونہ ٿيو
حيلن سان هليو ويو جي سر ۾ سور پيو
طالب مولا طلب جو دل کي درد مليو
اينهين ڪنهن نہ چيو تہ سوز الم ٿئي سر ۾

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

دل وارا ئي دنيا ۾ سورهه ءِ سرويچ
دل نہ هجي ها ڏوهڻ جي تہ کهي نہ وڃي ها کيچ
جن نلها سر سنباهيا سي ڏاها بہ ٿيا ڏاميچ
"انهن سان ئي عجيب جا بلکل آهن پيچ"
جن دل سان پاتا پيچ طالب مولا طلب ۾

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

سر تہ برابر تا کهي وڃو وسائن سچ
سدا ات سهن تا ڏاکڙا ءِ ڏچ
هلن اوڏاهين هيج مان جتي رڳي رچ
پر جڏهن لڳي ٿي دل کي کا برهه واري پچ
سر بہ تڏهن ٿو سر ٿئي جڏهن من ٿئي ٿو مچ
طالب مولا دل سندا اهي آهن اهڃ
انئي پهر اچ ويچاري وصال جي

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

سر تہ وڃو تا سڄڻ جي سينن تي بہ سمهن
اکيون پڻ عجيب کي ڏسيو نيت وڻن
پير بہ پنهنجي پر ۾ هليو ات پڄن
جسم بہ آخر تا وڃو لالڻ ساڻ لڳن
طالب مولا طلب ۾ دلڙيون درد سهن
انئي پهر عشق کان ڏڙکيو ٿيون ڏڙکن
سک کري نہ سمهن هو سدائين سکڻ ۾

1967-12-10ع
ڍاڪا

❊

من جي مخالف کو تئي — هڏهن نہ تيو هيئن
دل ئي پڇائي سر کي — سدا سڄڻ سيئن
جيکي جڏهن جي چيو — تيو طالب مولا تيئن
دل نہ اچي جنهن کم تي — سو کري سگهبو کيئن!
سر بہ اونهين ئي پيو کري — جي تو چوي جيئن
الله بہ کري ايئن — جيکا دل مان دانهن تئي

8 رمضان شريف 1387هہ
1967-12-11ع
ڍاڪا

❊

"القلب مراة المؤمنين" — اتان رباني راهہ
جنهن مان الاهي عشق جا — اجهامن نہ آڙاهہ
ان تي کرم کريم جو — ۽ نوراني نگاهہ
طالب مولا چا کري — سگهندو سندس ساراهہ
دل ئي سا درگاهہ — جت الله آهي اوڏڙو

1967-12-11ع
ڍاڪا

❊

آهي هن جهان کان — دل جو وڏو جهان
لاشڪ لا مکان جو — هي ئي ماڳ مکان
حاصل هتان ئي تئي — سدائين سبحان
دل ڏي رک ڌيان — طالب مولا مرد تي

1967-12-11ع
ڍاڪا

❊

دل کي مڃن کين کي — اڇوکا انسان
هو مائل رڳو مغز ڏي — جت عقل جا امکان

پر آهي هينئن فرمائيو ڪريم منجهه قرآن
اِن الله يَحول بَين المرءِ و قَلبه
ڇيو مالڪ مهربان
تنهن جي نبي تائيد ۾ ڏنا بلڪل هي بيان
"اِنَّ فِي الجسد مُضغة اذا صلحت" جا
آهن صورتِ اندرِ سامان
"اِن الله لا يَنظر الِيٰ صورتڪم ولٰڪن ينظر الِيٰ قلوبڪم"
هي فائَق جا فرمان
رڪن ايمان ان تي محڪم مسلمان
جي مورهئون نہ مڃن دل ڪي سي نسورا نادان
طالب مولا تون بہ اِت آڇ ڪي ايمان
جو رسول ۽ رحمان بہ درجا ڏنا دلن ڪي
20-12-1967ع
هالا

※

|17|

# رمزون آهن روح جون

دل تہ برابر آهہ دل جو قادر منجهہ قرآن
ڪئي تعريف تنهن جي سڳوري سبحان
آئي حديث ان جي منجهہ شوڪت ۽ شان
اسان جا پڻ ان تي اتبار ۽ ايمان
پر معنيٰ آهي مام ۾ رکي جا رحمان
سا ڪو سمجهو سمجهندو بي ڪنهن جي تڪڙ ڪان
ان ۾ امر الله جو وهم نہ ڪي گمان
طالب مولا تڏهين ڏرج اوڏهين ڏيان
آهن اطمينان تہ رمزون آهن روح جون

*

دل تہ برابر آهہ دل پر رڳو آهي ماس
اچي پيو ان ۾ ويتر جي وسواس
تہ هوئي هڪ گهڙي ۾ نگرو ڪندس ناس
طالب مولا طلب سان رک اصلئون هي احساس
ڪبو جي قياس تہ رمزون آهن روح جون

*

دل تہ برابر آهہ دل ناليرو هڪ نانءُ
درد نہ اچي ان ۾ تہ نلهو آهي ٿانءُ
امر ڪري ان کي جي ڏاتر ڏئي ڏانءُ

تہ تئي روحاني راز جي وايرليس وٺانءُ
پو طالب مولا تو ملي الله پڻ اتانءُ
سمجھو کي سمجھانءُ تہ رمزون آهن روح جون!

❊

دل تہ برابر آهہ دل پر محبّت ري محتاج
امر اچي ان ۾ ۽ ڏاتر ڏئيس ڏاج
تڏهن ملندو طلب جو طالب مولا تاج
حاصل ٿيندو تڏهين خالق وٽان خراج
آهہ روحاني راز جو اصلي هيءُ علاج
رازق جو بہ رواج تہ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل پر نيت اصلي چيز
سهاڳو جئن سون تي تئن آهي پر پرهيز
هجي هر ڪنهن ويل ۾ ۽ دمدم درد آميز
پو محب جي محل جي ٿيندي دل دهليز
هتي هرڪو ڏينهن آهہ روز رستاخيز
مليل مالڪ ڪان اتم محڪم هي مهميز
طالب رک تميز تہ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل پر نيت گهرجي نيڪ
ڪڍبيون ڪوري قلب مان اگلايون انيڪ
ڏبس هردم هيج سان سڪ، صبر جا سيڪ
طالب مولا تنهن ڪي چڏي نہ ڏبو چيڪ
هي حقيقت هيڪ تہ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل ۔۔۔ در پرده رهي روح
سو ئي طالب مولا ۔۔۔ آ سالم سنجهہ صبوح
فائق ڏنس فتوح ۔۔۔ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل ۔۔۔ پر تنئي دل آويز
نہ تہ ان مان ٿيندو ڪين ڪي ۔۔۔ ٿي جي شور انگيز
ان مان اچڻ بو ڪپي ۔۔۔ اڪثر عنبر بيز
شال نہ تنئي شر ۾ ۔۔۔ طالب مولا تيز
بلڪل چوءِ برخيز! ۔۔۔ تہ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل ۔۔۔ پر نلهو ان جو نام
صفا ڪجي نہ صبر سان ۔۔۔ تہ اچيس نہ الهام
پچي نہ جيتر پرت ۾ ۔۔۔ تيتر خالي خام
پاڪ جڏهن تنئي پيار سان ۔۔۔ ۽ درد بہ وجهنس دام
طالب مولا طلبون ۔۔۔ تڏهين ٿين تمام
وري وحدت وات ڏي ۔۔۔ ۽ عشق تنئيس امام
آهي انهيءَ ڳالهہ جو ۔۔۔ مٿائون مقام
نہ بہ تنهن ۾ صبح شام ۔۔۔ رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آهہ دل ۔۔۔ پر اجا اڳتي راز
قاسائيس قير ۾ ۔۔۔ مرڳو ڪٿي مجاز
تہ وحدت وجيس وسري ۔۔۔ وٺيس حرص ۽ آز
متجي مولا جو مڙئي ۔۔۔ ستي سوز گداز
طالب مولا تنهن جو ۔۔۔ عجيب اتئي انداز
ظاهر دل دمساز ۔۔۔ پر رمزون آهن روح جون

❊

دل تہ برابر آھ دل پر طالب ٿئي تمثيل
ھي خزانو خون جو امر سواءِ عليل
رمز آھي راز جي ڄاڻي ربّ جليل
ڪو صوفي صفا سمجھندو واحد جو وڪيل
طالب مولا تن سان ڪجئين دور دليل
ٻيو رڳو قال ۽ قيل رمزون آھن روح جون

19-9-1968ع
25 جمادي الثاني 1388ھ
اسلام آباد

❊

دل تہ برابر آھ دل پر نيڪ ھجي نيت
عليل ھجي عشق ڪان رھي منجھ رقت
پڳل رھي برھ ۾ منجھ دردن جي دقت
خاص مليس خلوص سان روحاني رغبت
تقوا ڪپيس تمام تي ۽ سھڻي صداقت
رھي منجھس نہ مورڳو تڪبّر جي طاقت
طالب مولا آھ ھي ھردم حقيقت
حقيقي حدت رمزون آھن روح جون

❊

دل تہ برابر آھ دل پر جذھن ٿئي صاف
وڃي ان ڪان وسري صفا لاف گزاف
چڙھي مٿس مورڳو غيرت سندو غلاف
نہ تہ ڪندي خطائون خيال جون جي مور نہ ٿين معاف
ات طالب طالب مولا اڪثر ٿيندو آف
ھوءَ توڙي ڪري طواف تہ بہ رمزون آھن روح جون

❊

دل تہ برابر آھ دل پر روح نہ ڪري رحلت
نوڙيل ھجي نياز سان ۽ پريل سان برڪت
ھجي ھر ڪنھن ويل ۾ شامل شريعت
قبولي ھوءَ قرب ڪان طريقو طريقت
رھي ھميشہ حق سان رکي ھردم حقيقت
طالب مولا تي وجي سا ماھر معرفت
اھڙا عمل ٻيا مڙيئي ڪريس واحد وديعت
نالو ان مجموع ڪي "قلب" ڏنو قدرت
ان ۾ امر الله جو وينو سان وحدت
جنھن ۾ سڀ جرائت سي رمزون آھن روح جون

20-9-1968ع
25 جمادي الثاني 1388ھ
لاھور

❊

دل تہ برابر آھ دل پر روح بنا بيڪار
روح تہ امر الله جو ٻي ڪائي خبر نہ چار
ان ڪان سوا اصلي سونھن نہ منجھہ سنسار
روح نہ آھي دل ۾ تہ سدا سيہ ڪار
پاٺان وجھي فتور جا چارن متي چار
طالب مولا تا ڪنبن سچا سمجھدار
جي ڏسن اصلي ڳالھہ ڪي سي اکيون آھن ڏار
يقين ڪر ھي يارا تہ رمزون آھن روح جون

❊

دل تہ برابر آھ دل پر ان جي ھڪڙي حد
ان ۾ رکيو روح ڪي وحدت سان واحد

طالب مولا راز ھي — آندو ات احد
ھجي ويھي ڇا ڪبو — ھتي شد نہ مدا
ڏسبا ھرگز ڪين ڪي — فقط خال ۽ خد
ڳالھ ڪبي انصاف جي — ڪڏھن نہ ٻڌبا قد
رڳي نہ ڏبا رد — رمزون آھن روح جون

❊

دل تہ برابر آھي دل — پر روح بنا بي رنگ
ڌڙڪي برابر پاڻ تي — پر ڇري منجھس ٻيو ڇنگ
معنيٰ واري ملڪ ۾ — فرحي نہ ڪو فرھنگ
ڪم اچي ان جاءِ تي — عشق وارو انگ
طالب مولا ان ۾ — ڍولڻ رکيو ڍنگ
سمجھي انھي راز کي — ڪو مولائي ملنگ
دوڙ ڪيو ھي دنگ — تہ رمزون آھن روح جون

❊

دل تہ برابر آھي دل — پر ڪجھ نہ "اِلاّ ھو"
نہ تہ ھوندي ھردم ھن ۾ — خودي واري خو
طالب مولا طلب جي — شل ھجيس جستجو
ھي رڳي رت ۽ پو — رمزون آھن روح جون

❊

دل تہ برابر آھي دل — جي رمز ڏئيس نہ ربّ
تہ پويس ھوند پلاند ۾ — رڳو ڪوڙ ڪسب
وتانس وڃي نڪري — الاھي ادب
طالب مولا مورڳو — ڪو لڳيس ٻيو لقب
ڪم اچي ڪين ڪي — ھتي حسب نسب

قلب بہ ڪعبو تڏهين جي واحد ڪري وهب
نہ تہ سڏجي اهو شخص تو لاشڪ ابولهب
ٻيو سيوئي سبب رمزون آهن روح جون

❊

دل بہ تڏهن تي دل ٿئي جي تقويٰ ڪري تمام
تقوا تڏهن تمام ٿئي جي عشق ٿئيس امام
عشق بہ تڏهين امام ٿئي جي روح بنائيس رام
روح تہ امر الله جو اتس متاهون مقام
طالب مولا طلب جو جوڙي پيبو جام
پو هر هنڌ هر مقام رمزون ڏسبيون روح جون

❊

رمزون ڏسبيون روح جون پر روح بہ امر الله
پنهنجي حقيقت پاڻ ٿيو منجهہ وحدانيت واهہ
انهي بحر عميق ڪي ووڙيندا ڇا واهہ!
لاحد واري لڪ ڏي رڙهي تي هي راهہ
ٽڙيو پير تہ سر ويو پرور ڏي پناهہ
پتو پيو تہ بہ ترِ جو پر ساهہ ڪي ڏبي ساهہ
ان ڪان جي آگاهہ سي طالب مولا مات ۾

❊

آهي هرڪنهن علم جي هڪڙي حد نشان
عقل، فهم ۽ فڪر سڀ منجهہ پهڻ پريشان
هتي منزل هن ۾ حيرت خود حيران
نہ سڀ ڪجهہ آهي هن ۾ هو سڀ ۾ ئي سبحان
خبر جي نہ خبر ڪا نہ بي خبري بيان

طالب مولا تون بہ رک ڏريئون اهو ڏيان
آهي ماٺ مڪان چئي چئبو ڪيترو!

❊

چئي چئبو هيترو تا جنهن کي سمجهن جو نہ
اهو آهي اصل ڪان ڪنهن کي پيو پرو نہ
ڪجهہ بہ جڏهن هو ڪونہ ڪو تڏهن بہ هو هو چونہ!
اڪيلائي ان ۾ هئي نسبت ۽ نالو نہ
"تي" چيئين تہ تي پيو جو حقيقت ۾ هو نہ
پتو لڳو نہ مورڳو پرور ڪنهن پرڪيو نہ
جيڪي سمجهن تا سيئي صاحب آهي سو نہ
رمزون انهي راز جون ڪوئي سمجهي ڪونہ
طالب مولا تو نہ کڙي ڳجهڙي ڳالهہ ڪئي!

❊

"ونحن" وارو ويجهڙو ڏاڍو ڏنئين ڏس
نہ پاڻ سوا ٻيو پيچرو ۽ گهوربو مون هر گس
ويتر وڃائي چڏيم ووڙڻ وارو وس
طالب مولا طلب کي جوڙي چيم جس
موتايم مهوس ڳولڻ واري ڳالهہ جو

❊

"ونحن" وارو ويجهڙو ڏنائين ڏس جو
نہ لڌم ور وجود ۾ سڌو سائين سو
طالب مولا اندر ۾ اهوئي اهو
پڇي پيو پولو ڳولڻ واري ڳالهہ جو

❊

"ونحن" وارو ويجهڙو ڏس جو ڏنائين
تہ ووڙڻ ويو وسري هو هوئي هتائين
طالب مولا پاڻ ئي سپ چتو چيائين
مون ئي منجهائين پاڻ کيائين پڌرو

❊

"ونحن" وارو ويجهڙو پتو جو پيوم
تہ سموري سنسار مان نينهن کڏي نيوم
طالب مولا تڏهين ووڙڻ سپ ويوم
قلب انهيءَ قرار ۾ تکو ٿانءِ ٿيوم
حيرت لڳي هن ڳالهہ جي تہ کيئن پي پنڌ کيوم
کک، پن، گل، قل، گاهہ ۾ پي وڻ ٽڻ واجهايوم
الا! هو تہ هيوم وريدن کان ويجهڙو!

❊

ويهي کيم وجود ۾ جوڙي جستجو
تہ آهي بقا ان کي بي خالي فقط خو
گل گهڻا گلزار جا پر بلڪل هڪڙي بو
پيو هرکو بحر عميق ۾ حباب هوبهو
ماٺهن کي منجهائيو مورهئون "ما ۽ تو"
طالب مولا ذات سا سدا سوبسو
هڙئي آهي هو پيو ڪجهہ آهي ڪين ڪي

22-9-1968ع

28 جمادي الثاني 1388ھ

ڪراچي.

❊

[18]

# اَڪِن مينهن وسايو

اَڪن مينهن! وسائيو اجا ويهه عجيبَ
طالب مولا طلب ۾ نوان ڪري نصيبَ
پسي متان پرين پوين لالڻ يار لبيبَ
هو ماٺ ڪن مجيبَ پو ڀهڳڻ پاهر نڪرجان

27-9-1961ع
راولپنڊي

❊

اڪن مينهن وسائيو ڪري ڪارونيار
اجا وڄ نہ عجيب تون محبُ منا منٺار
طالب چوي تن ۾ اجا وسڻ جا وهنوار
جڏهن ڏين وار پو ڀهڳڻ پاهر نڪرجان

27-9-1961ع
راولپنڊي

❊

اڪن مينهن وسائيو وسنديون سڄي رات
منجهن ڪانهي مورهئون بس ڪرڻ جي بات
طالب چوي تن ڪي تنهنجي آهي تات
پرهہ ڦٽي پريات پو ڀهڳڻ پاهر نڪرجان

27-9-1961ع
راولپنڊي

❊

اکن مينهن وسائيو وسنديون رات سڄي
ويندين جي وسڪار ۾ ته بيحد پونديون پڄي
وڄ نه، منا ويهه تون لالڻ ڪر نه لڄي
ترس پرين تڪڙا ته وڃن هي نه هڄي
بادل ڳتن ڪڄي پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان
27-9-1961ع

راولپنڊي
❊

اکن مينهن وسائيو چؤڦير آهي چڪ
طالب چوي طلب جي تڙ مان پيون تَڪ
سڄڻ لاهيون سڪ پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان
27-9-1961ع

راولپنڊي
❊

اکن مينهن وسائيو وڃڻ نه جنهن جي وس
اڃا ويتر وسڻ جا ارادا[1] اٿس
بيهه ته ڪري بس پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان
27-9-1961ع

راولپنڊي
❊

اکن مينهن وسائيو گوڙ نڪو گهمسان
اهڙي گونگي مينهن ڪان الله ڏي امان
سڄڻ رهه تون راتڙي اهو ڪر احسان
نه ته ترسي پؤ طالب چوي منا ٿي مهمان
اڃو ٿئي آسمان پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان
27-9-1961ع

راولپنڊي
❊

[1] ايرادا هئڻ ڪپي پر مٿي وزن ۾ عام استعمال جو خيال رکيو ويو آهي.

هڪ اڪن مينهن وسائيو ــ هي اوندهه انڌوڪار
ٿيو ماري منهنجي من کي ــ تنهنجي وڇڻ جو ويچار
چوٿون اويل آهه عجيب تي ــ پنجون پليو نہ تنئي پيار
ڇهون بي مدو نہ بس ڪندو ــ وسڻ جو وهنوار
جڏهن وڇڻ جو ڏي وار ــ پو ٻهڳڻ ٻاهر نڪرجان

27-9-1961ع
راولپنڊي

*

بلڪل ڪندو نہ بس ڪا ــ اهو منا مينهن
رهي پؤ هي رانتڙي ــ تہ نياپيون ڪو نينهن
طالب مولا طلب ۾ ــ شوق جو پاليو شينهن
جڏهن تنئي ڏينهن ــ پو ٻهڳڻ ٻاهر نڪرجان

27-9-1961ع
راولپنڊي

*

ڳوڙها ڳڙيو ڳلن تان ــ تا منتون منا ڪن
ڪري قرب پانهنجا ــ عجيب من اڱهن
منهنجي پاران منٽرا ــ تا توڪي هيئن چون
ترسي پؤ طالب وٽ ــ تہ سڪون سپ لهن
حبيب ساڻ هتن ــ اڱهڻ جو انعام ڏيو

11-5-1959ع

*

هي لڙڪ منجهه اڪن ــ جڻ سچا موتي سپ ۾
تن جا سوداگر سپرين ــ تا وڏا قدر ڪن

هي بلڪل بازارن مان ڪنهن ڪي ڪين ملن
نہ وڪجن وينجهار وٽ نہ هٽن تي هجن
طالب مولا طلب ۾ جي ڪريو لڙڪ پون
تن سهڻن ۽ سچن ملهہ مورهئون ناهہ ڪو

5 10 1958ع

*

|19|

# سار سنڀار

ڪري اٿيا اتر ڪان ڪڪر ڪارونڀار
وسڻ سندا ويس ها هيا منجهن سو سينگار
مٿان "ڪوه مري" جي ڪيئون وارو وار
ڪٿي ڇوها ڇوٽ مان ڪٿي بوند بهار
پهاڙن تي پرت مان ڪيئون وسڻ جا وهنوار
پسايائون پيار مان ڪنوارن ڪاپار
هو ڊوڙي ڊڪي ڊيل جان هليون هوٽل ۾ هڪوار
جهڙيون هرڻيون هيج مان ڪن رمز پري رفتار
ڪلها هٽي قرب مان شائق ڪيئون شڪار
پاتل ڪجل ڪانيون نرمل ڪيئون نهار
واٿهڙن تي ورهه جا بيحد وڌئون بار
ڪي وٽن هيٺ وينيون ڪي دڪانن تي ڏار
ڪئي نہ بس بيهڻ جي مٿائن ملهار
پسي پاٽي ۾ پين ڪپڙا قربدار
بدن بکيو تن مَان چيلهہ ڪيا چمڪار
هو سمتيو سوڙهيون ٿي ويون جي گوڙ ڪيا گجگار
نہ ڇاڙي ڇاڙي سان ملي جو سي ڪيا ستڪار
هوڏنهن گل گلاب جا هيڏهن هي دلدار
ڏاڍا ڏو ڪرائيا ڏسڻ مان ڏاتار

جڏهن بس برسات ڪئي ته هلڻ لڳيون هيڪار
نوري نظارن جا چا شاعر ڪري شمار
سمجهڻ وارا سمجهندا پيارن سندا پار
ڪارا ڪارا ڪنڌڙا ونگڙا ونگڙا وار
سهڻا سهڻا سنهڙا چلڙا چگهدار
ڇهتيل جڻ چندن تي ماريندڙ سي مار
پرون پيشاني پر ۾ جڻن ڍال اکيان تلوار
اکيون عجيبن سنديون خاصيون ٻئي خوددار
سنهڙي سنهڙي نڪ سان ڳڻ گلابي رخسار
ڏند چپ محبوبن جا جوهر جلويدار
قربائتن ڪلهن تي ڪونج ڳچي ۾ هار
جواني جي جوش ڪان اپريل سيب انار
ٻانهون ڀڳڻ جون واهه جا متن وار
ڪراين ۾ ڪنگڻيون ۽ چوڙا چوڙيدار
نازڪ هٿ حسين ٻئي حسن جا هتيار
چيلهه چيتن ڪان چوڪي لڏي لچڪيدار
هتين پيرين هڪڙا نه ثاني سندن سردار
اهي اسان ڪان ئي پڇو دم دم جا ديدار
ڪهڙا "ڪوه مري" ۾ ها جهلڪا ۽ جنسار
جبل پنهنجي جاءِ تي سيئي سبزه زار
متي نه ڏسجي مورهئون رڳي ساوڪ جا سينگار
گل ڦل تن جي گود ۾ وڏا قدرت سان ڪلتار
وهن تن جي وجود مان چشما ڪئين چوڏار
درخت تن ۾ دل گهريا سدا سايي دار

طالب ڏسيو تن کي برھ سندا بيمار
رويو وھن رمز ۾ ھو نيڻين واھيو نار
جو جدا آھن جن کان جاني جي جيار
تن کي آھي طلب جي تن ۾ لڱل تار
سي سک ھوندا کين کي جن کان جدا يار
تن کي "کوه مري" جا جار لڱن جنسار
وسن ھن جي ونن ۾ جانبَ جلويدار
جن لڏي وري کانہ کا سندن سار سنيار
ويچارن ويچار آھن پنھنجي پربنءَ جا

9-8-1961ع
سيسل ھوٽل، ڪمرو نمبر 31
ڪوه مري

※

[20]

# وٿان جيئن ويام

وٿان جيئن ويام وري نظر نہ آئيا
سهڻن سپرين کي ڏني ڏينهن تيام
ڪئين پيغام پرت جا منڙن ڏانهن مڪام
جيڪي ڏوهہ نہ منهنجا سي مڙيئي مڃيام
طالب مولا طلب جا پلو پاند ڏنام
تہ بہ آيا ڪين اڱڻ تي وهلور تي ويام
الا! ڪيئن هيام ويا ڪيئن تي سپرين

1-1-1962ع
کهور

✻

ڪالهہ هئا هو جيئن اڄ نہ ساڳيا سپرين
جيڪي اتم جِي ۾ ملن تہ چوان تيئن
پرور پهچائينم شل سڄڻ سهڻن سيئن
چوان تہ ڪيانو ڪيئن طالب سان طلب ۾

2-1-1962ع
کهور

✻

هو جيئن ڪالهہ هئا اڄ نہ ساڳيا سپرين
کهڙو پهہ پيِن جو وريا ڪين، وئا
دور ڪيائون دل کان نڪت ڪنهن نئا
ورهہ ويهي تن سان مون وڏا قرب ڪئا

اڳ ها حبيب هڪڙا هاڻ ڀهڳڻ تيا ٻئا
وجي تاڪ تئا طالب ڇڏي طلب ۾

3-1-1962ع
ٽنڊو مٺا خان

❊

حبيبن ئي هيئن ڪيو تہ ڪنهن ڪي ڏوھ ڏجي
فيصلو فراق جو نازڪ ڪٽ نجي
پنهنجي ويهي پاڻ سان قائم قرب ڪجي
طالب پنهنجي طلب ۾ حبيب ڪر هجي
پنهنجي توپ تِجي سدا پنهنجي پاڻ لاءِ

9-1-1962ع
حيدرآباد

❊

[21]

# ڪُونجن ڪَرڪِي ڪالهہ

ڪونجن ڪرڪي ڪالهہ مون کي رت رئاڙيو
رئندي رئندي رئندي هيٺا تيم حال
هو ٻيهر وڃي ٻچن سان ڪنديون واهہ وصال
آئون پاڙي رهان پربنءَ جي تہ بہ جر وهايان جال
طالب مولا طلب ۾ سڪندي وريا سال
ڪيم ڳڏ فراق جا ميڙي چوندي مال
عجائب احوال آهن منهنجي عشق جا

1962-1-12ع
بودليجا

⁂

ڪرڪي ڪونجڙين مون کي رت رئاڙيو
مون سڪ ۾ اينهين سمجهيو تہ پيون پار ڪڍن
پر هن کي ٻاجهہ ٻچن جي رڙڪيو تيون رڙڪن
آئون سڏڪا سهڻي لئي پريان تا اڏما روز اچن
جي پاڙي رهي پربنءَ جي هجر منجهہ هلن
طالب مولا تن کي پلپل پيار ڏجن
جي محبت منجهہ مرن سي جيئرا آهن جڳ ۾

1962-1-13ع
هالا

⁂

ڪرڪڻ جي ڪونجڙيون اٿو ٻچن لئي ٻاڪار
وچي پنهنجي وطن ۾ ٿيون ڪريو خوب قرار
آئون پاڙي رهان پرينءَ جي تہ بہ عشق سندا آزار
اهنجي وروڻهن ولر سان آئون دلبر ڪان ئي ڌار
طالب هاريان طلب ۾ لڙڪن لک هزار
مون ڪي پرينءَ پچار اهنڪي ور وطن جي
1962-1-14ع
هالا

❊

ڪرڪي ڪالهہ اوهان جذبا، جوش جاڳائيا
اوهان ٻوليو ٻاجهہ مان آئون پيو رت رئان
اهنجي وروڻهن ولر ۾ آئون جهوري منجهہ جهڄان
اهين موٽي پڄو ملڪ ۾ ڪٽان جو ڪٽان
آئون پاڙي رهي پرينءَ جي سڪ ۾ روز سڪان
رئان ۽ رڙان طالب مولا طلب ۾
1962-1-15ع
هالا

❊

ڪونجون مونجهون نہ ٿيو ويندئيون وري وطن
ملنديون اتي محبّت مان ٻيهر ساڻ ٻچن
آئون پاڙي رهان پرينءَ جي تہ بہ هنجهون هارجن
جو مون ڪي ڏار ڏڪي ڪيو پاڙيچن پرين
جئن طالب مولا ساڻ ڪيو منن محبوبن
هئي هئي حبيبن هئن ڪڏهن ڪيو ڪونہ ڪو
1962-1-16ع
هالا

❊

كونجون مونجهون نہ ٿيو وينديون وطن وري
بيهر ملنديون ٻچن سان اينديو پت پري
آئون پاڙي رهان پر جي تہ بہ مون لئي ڳالهہ ڳري
ويجهي هوندي ورهہ ٿيا پرين نہ آيو پري
طالب مولا دل كئي هن جي چاهہ چري
جنهن جاني جي جدائي كان ساعت كين سري
سو وري ويو وري موٽي موٽيو كين كي
17-1-1962ع
هالا

❊

كونجن كهڙا حال اسان جي عشق جا
هو پرديسان آئيون كالهوٽي كال
سكندي مون كي سڄڻ لا ٿيا سالن متي سال
هو ٻڙهكن رڳو ٻچن لا آئون رئان جاني لئي جال
پكيڙا پڻ پيار ۾ كن ٿا قرب كمال
پر اسان وانگر انهن كي مورهئون ناهہ مجال
طِالب مولا طلب ۾ هت جهوري ۽ جنجال
هت وڇڻ ساڻ وصال هت هنجهون هاريون هجر ۾
18-1-1962ع
هالا

❊

كتي كركڻ كونج جو كٿ عاشق جون آهون
هو ڀهكيو ٻوليون كن ٿيون هت ڳجهہ اندر ڳاهون
هي بي وطن ۾ هو پرن ٿيون پاهون
هو بيهر ٻچن سان ملن اٿيو اتاهون
هِن كي عشق عجيب جو ڏي سٽون ۽ ساهون

طالب، طالبن جون قريب ڏي ڪاهون
ويچارن واهون پيون ويون وسري

1962-1-19ع
هالا

❊

ڪرڪي اج ڪونجن رئاڙيو سچو ڏينهن
هن ڪي ٻاجهه ٻچن جي مون ڪي نرجو نينهن
هن جو چاهه چڻن سان شوق سندم چڻ شينهن
محبت وارو مينهن طالب وسايم ورهه ۾

1962-1-20ع
هالا

❊

[22]

# ٻڌان ٿو ٻين کان

ٻڌان ٿو ٻين کان ته رئن راتو ڏينهن
وسائن پيا ورهه ۾ منجهان اکن مينهن
نِٿو نندَ ڪرڻ ڏين نانگو نپٽو نينهن
شوق منهنجي جو شينهن طالب هيرايئون هٿن سان

5-1-1962ع
ڪراچي

*

ٻڌان ٿو ٻين کان ته راتو ڏينهن رئن
واٽون منهنجون ور ڏيو پڇيو ته پڇن
شوق منهنجي جي شينهن کي پيا پنهنجو ماس ڏين
پنهنجي ڪيي تي پاڻ ئي رويو ته رئن
صلاح آهي سولي ته پاٺهي ئي پرچن
صحبتون صديقي جون نٿيون تن وسرن
هليا اڳڻ اچن ته ڪلي ڪيڪاريون تن کي

6-1-1962ع
ڪراچي

*

ٻڌان ٿو ٻين کان ته رئن ڏينهان رات
انئي پهر اندر ۾ اٿن طالب جي ئي تات
منهنجي ئي مقال جي وائي اٿن وات

پو اچن نتا عجيب چو چا ويا آهن ولات؟
ممکن کونهي، منهنجو نينهن ڏيندن نجاتِ
بخشان هوند براتِ جي هلي اچن هنج ۾

7 1 1962ع
هالار

*

توکِي هئن حبيبَ کئن وڇوڙو وِڌيو!
محبت هيئي نه من ۾ لالن يار لبيبِ
جو مورهئون منهن متي وئين عاشق کان عجيبِ
طالب مولا کان پرِي ناحق تئين نجيب
نرمل کنهن نصيب پري کيئي پيار کان

8-7-1962ع
راولپنڊي

*

[23]

# لِڪي لِيا مَ پاءِ

لڪي ليا م پاءِ تون سامهون اچ سڄڻ!
تہ پرين ڏيانءِ پرت مان محبّت سندا مڻ
مون وٽ ولر ورهہ جا ۽ دردن سندا ڌڻ
طالب وٽ آهي تنهنجي گهڻن سندي ڳڻ
ورهہ وارا وڻ ڪڏهن ڏس قريب تي

❊

لڪي ليا م پاءِ تون سامهون سڄڻ اچ
ڀهڳڻ اچا ہري پيو محبّت وارو مچ
طالب مولا تو چوئي سهڻا سائين سچ
پرين تون پڻ پچ جئن آئون پچان تو پرت ۾

❊

لڪي ليا م پاءِ سڄڻ اچ تون سامهون
جي درد اتيئي دل ۾ تہ ٻيهر لنئون لڳاءِ
قدم پنهنجا قرب ۾ ويتر تون وڌاءِ
طالب مولا ساڻ تي نيهي، نينهن نياءِ
نہ تہ چريو ڪين چواءِ محبت واري ملڪ جو

❊

لڪي پاءِ ۾ ليا سڄڻ اڄ تون سامهون
جي ويھي وعدا تو ڪيا سي پورا ڪين ٿيا
تہ بہ طالب مولا جا سڄڻ تو سان پيچ پيا
محبّت واري ملڪ ۾ جي مئا سي جيا
ورھ ٿي ويا ملئي، ماڻھو مٺڙا!

❊

ليا پاءِ ۾ لڪي سڄڻ اڄ تون سامهون
پرين تنهنجي پيار جا پيا چھڪ چڪي
طالب مولا مست ٿيو سڪ ۾ روز سِڪي
تہ بہ دلبر تو ڏڪي دلڙي پنهنجي در تان

29 8 1964ع
تيزگام

❊

[24]

# جيڪر آئون هجان!

هجنم ور ورن تي ڏنگايون ڍوار
پيون ڪارايون ڦهر جون ٽيا جلوا جوهردار
ڪر ڪاريهر جان ڪٽي ڏاڍي ڏيان ڏيڪار
وجهي ڪمند قرب جا ڪريان شوق شڪار
ساري عمر عجيب وٽ رکان غازي گرفتار
طالب مولا طالبن کي ٻڌي وڻان پيهار
صبا لڳي تہ سر ۾ هوند ٽين هبڪار
جيڪر هجان وار مٿي تي محبوب جي

❊

ڪٽيو هميشہ پيو هلان ڪاريهر جان ڪر
ڪڏي ڇڏيان نہ ڪنڌ مان ويتر وجهان ور
نانگ ٻلائون چا ڪندا ٻيا ڪپايان ڪپر
سامهون اچن سورما تہ ڏنگي ڪيان ڏر
طالب مولا تن کي هوند پوي پوءِ خبر
هجان ها جيڪر ڪارا ڪيس قريب جا

❊

مون ۾ هردم ئي هجن ڪي وڏا جاهہ جلال
رکان نوري نسبتون ۽ ڪمال تي ڪمال
سج چنڊ منهنجي سامهون ظاهر منجهہ زوال

همسر هجي ڪونہ ڪو ۽ جوڙ نہ ڪي بہ جمال
جهڪن اڇي جود مان لاڪيٽا ڪئين لال
طالب مولا مون جيان ڪنهن کي ڪانہ مجال
ميٺي چڏيان ملال جي پرڀڻ پيشاني هجان

❊

جيڪي منهنجي صبح سان اچي زيارت ڪن
تہ سيني جا سيئين پرئين هوند ڀلا بخت ٿين
سجو ڏينهن سکن ۾ پيا کلن ۽ ڪڏن
جتي وڃن جڏهين تہ مڙني ۾ مرڪن
ڪانئر تين ڪين ڪي پر فاتح ٿي رهن
گهنڊ وجهي جي گهور ڏيان تہ مٺا جي جين
طالب مولا تن ڪي نہ ڪوسا واءُ لڳن
مون کي مڙيو ڏسن جي جبين جاني جي هجان

❊

عاشقن کي اشارن جا جام ڪرايان جج
لاهيان هوند ذري ذري سندن اندر جي اڄ
ڪرايان قرب جا پلپل پلپل پج
لاهي چڏيان لحظي ۾ ڏاڪڙا ۽ ڏج
طالب مولا محبت جي سيبايان سج
پو صفن جون صفون پيچي بلڪل وجهان پيچ
ماري ڪريان مچ جي ابرو هجان عجيب جا

❊

تلوارن کي اهڙو ڪٽي هوندو آب؟
خنجر خود جهڪي پون تبرون پڻ بيتاب
سينگُون سوبن هجن ته به منهنجو ڪونه جواب
پهرين ماهه شوال جي اڳتان مون بي آب
هو ابرو ابتو آسمان جو آئون سجڻ وٽ صواب
طالب مولا تعريف ۾ منهنجي حد نه حساب
مون وٽ جهڪي محراب جي ابرو هجان عجيب جا

❊

اک چنبي ۾ آٽيان عجيبُ انقلابَ
دلن کي ڏڙڪائيان شوقئون منجهان شتاب
ڦريو ڦريو ڦتڪائيان شوقينن شباب
لحظي اندر لاهيان هيڪاري حجاب
طالب مولا تن ڪان وٺان هزارين حساب
نه منهنجا هجن جواب جي هجان چپر حبيب جا

❊

هوندس حاضر هر گهڙي متي ميدانن
چيف ڪماندر ٿي ڪري سان سوبن سپاهن
هڪدم منهنجي حڪم تي هردم جي هلن
بلڪل بيباڪي سان ور ور ڏيو وڙهن
هِردم رکن هٿ ۾ محڪم مشين گن
بچان ڪٽي ته بي ڏپا ڪنهن مان ڪين گسن
جيڪو اچين اڳيان تنهن کي قتل ڪن
سستي هجي ڪانه ڪا طالب مولا تن
اهي سيئي ئي صفتون پوريون منجهه پنبڻن
لاهيان ور وڏن جي هجان چپر حبيب جا

❊

نھاريان نہ نھوڙيان ڪيئي جنگ جوان
گھور ڏيان تہ گھائيان ساري جڳ جھان
نظر اينھين نڪري جئن گز منجھان ڪمان
اک نہ ڪڻن اڳيان سورھہ ۽ سلطان
ڪنڌ نمائن ڪوڙبون بيا خانن سندا خان
دوناليون ڏبجي وجن مورھئون منجھہ ميدان
"ترِي نات ترِي" ۾ ڪتي اھڙا ڪان
ائتم اينھين ڪيئن ڪندو جئن آئون ڪندس احسان
ڪران تہ بجلي تي ڪران پر دھرا ڏيان دان
سڪا پڻ ساوا ڪريان اندر جا ارمان
طالب مولا پريان دردن سان دامان
دانا ڪريان نادان جي اڪيون ھجان عجيب جون

❊

نظر ڪُپائي نھاريان ڪري جذبا جانانا
تہ واعظ، شيخ ۽ محتسب ڪريان مڙئي مستانا
زاھدن وجن وسري فرض دوگانا
شاھي شاہ ڇڏي تين بلڪل بيگانا
وجن قلندر وس ڪان ڪن رقص رندانا
ساقن وجن وسري پيارڻ پيمانا
طالب مولا ڪئين ڪريان آئون دانا ديوانا
جُنگ پرن جانا جي اڪيون ھجان عجيب جون

27 شوال 1387ھ
28-1-1968ع
ڪراچي

❊

ڏسي ملاحت منهنجي گل ڦل شرمائين
موسم جا محتاج هو هي اينهين ئي آهين
خزان اچي نہ خوف کان ڪٿيو پلؤ پائين
پنهنجن پراون ۾ ڪو فرق نہ فرمائين
سونگهڻ ڏين سين کي ۽ عبرت نہ ڪائين
هٿ لڳي نہ حجاب ڪن ڪٿيو ڪنڌ نائين
ڪچن پچن ڪين ڪي جي ڳچي ڪي پائين
طالب مولا پاڻ کي وجو وڪڻائين
مت ست منهنجو مورهئون هو ڪڏهين ئي ناهين
آئون حجت نہ رکان هڪ سان ڪٿي چاهئون ڪئين چاهين
ڳڻ سوبن ڳائين جي هجان ڳل عجيب جا

❊

بلبل پلجي هوند پئي اهڙا هجنم انگ
پنهنجي لالائي لال تيان ڪربان دلبري ۾ دنگ
وجهان پري کان پيار جا ٻهڳڻ ٿي ڪي ٻنگ
اچي جهڪن اڳيان عاشق ڪئين اڙٻنگ
مون ۾ ٻوءِ بهار جي واسيان پيو جهر جهنگ
طالب مولا مون مٿي پلپل اچن پتنگ
هزارين حيران تين ڍولڻ ڏسي ڍنگ
توري چڏيان تنگ جي هجان ڳل عجيب جا

❊

شوقئون شاعرن کان ڳڻ پيو ڳارايان
ڪوڙين ڪافر پيا چون تہ ٻہ منيان نہ پانيان
ويهي ڪعبي وچ ۾ مسلمان بنايان
آنءُ ڪارو ڪارو ئي رهان پر سوبن سڪايان

نظر لڳڻ ئي ڪانہ ڏيان — حفاظت هلايان
دشمن سندو داغ ٿيان — سڄڻن سيبايان
بخت ڀلا ڀايان — جي طالب مولا تِر هجان

❊

مون کي ملاحت تي — ڏي فائق فضيلت
ڪوليان آئون عجيب جي — ڪارو ٿي قسمت
وڏي حسن حبيب جو — منهنجي معرفت
نهوڙيان سڀ ناظرو — منجهہ هجان حفاظت
لڪين لڪندا ئي رهن — منهنجي صاف صفت
جت ذڪر منهنجو نہ اچي — ٿئي اوٿائي البت
مٺين مون لئي ئي هجي — محبن وٽ محبّت
اعليٰ مليم عزت — جي طالب مولا تِر هجان

28 شوال 1387ھ
29-1-1968ع
ڪراچي

❊

ڏريان اوڏاهين ڏيان کي — جيڏهن طلب تنڻ
اتبار نہ ڪريان ڪنهن ڳالهہ تي — جيتر ڳڻيان نہ ڳڻ
ٻڌان نہ ٻولي سان ٻڌان — جنهن ۾ محبّت منڻ
اهو سمجهان ۽ سٺان — جنهن ۾ ورهہ واري ونڻ
طالب مولا پيو ڪريان — رڳي چنڊ ۽ چڻ
سٺان نہ ٻي ڪا سڻ — جي هجان ڪن قريب جا

14 شوال 1387ھ
13-1-1968ع
ڪوئٽا

❊

ٻيون ٻوليون وجهان ٻن | جن ۾ رڳي جار
مٺا ٻول رڳو ٻڌان | ٻيا هڙئي چڏيان هزار
ڳلا غيبت جي هجي | تہ ٻوڙو ٿيان ٻيهار
سٺان سمجهان ڳالهہ سا | جنهن ۾ پختا پيار
سڏ جن ۾ سڪ جا | تن آوازن سان آر
طالب مولا تن ڏي | ڏيان ڏيان ڏهوار
هي ڪرم ڪري ڪلتار | جي ڪن هجان قريب جا

27 شوال 1387ھ
28 1 1968ع
ڪراچي

❊

ڪٿي منهنجو ڏينگ ٿئي | ڪٿي انبَ جي ڦار
ڀلا قوس قزح ڪٿي | ڪٿي منهنجا پار
ڪٿي تشبيہ تبر جي | ڪٿي منهنجي ڏار
طالب مولا جڳ ڪندو | پلپل منهنجي پچار
سيڪاتيان سردار | جي هجان نڪ نجيب جو

27 شوال 1387ھ
28 1 1968ع
ڪراچي

❊

ڪٿي چڏيان ڪيترا | خنجر سپ خمدار
دڙٻاتيان دوناليون | محڪم ڪري مار
برهہ منجهہ بنائيان | بيحد بيقرار
طالب مولا تڪڙ مان | سامهون اچن سردار
تہ ويتر ڪريان وار | جي هجان نڪ نجيب جو

27 شوال 1387ھ
28 1 1968ع
ڪراچي

❊

مرڪي محبوبن جو شان وڏايان
سڏون ڪري سيڪو ته ڇميو آئون ڇمان
پر اچڻ نه ڏيان اوڏڙو ويجهو ڪين وڃان
لڪين نه پڇن لعل ڪي جنهن ۾ ڪانهي جان
ياقوت ياد ئي نه پوي مورهئون بي مرجان
عزت نه تئي عقيق جي جو شايان نه منهنجي شان
طالب مولا جي ڪلان ته موتي ڪڍي ڏيان
لعاب ساڻ لڳان لالڻ جا جي لب هجان

12 شوال 1387ھ
13 1 1968ع
هالا

❊

بند هجان ته بلڪل ئي رعبَ جمايان
چران ته چرپر چؤطرف بيتابيون پايان
مرڪان ڪئي ته مورڳو بيخود بنايان
ڪلان ته ساري لوڪ ۾ لو لو لٽايان
ڪلان ته سر سرهو تئي هبڪار هلايان
ڳالهايان ته ڳتن جا گل قل ورهايان
ڪئين راتا رلايان لالڻ جا جي لب هجان

12 شوال 1387ھ
13 1 1968ع
هالا

❊

دليون نه دکايان مورهئون نه واتان وڃايان
پراون ڪي پيار سان پنهنجو بنايان
هرڪو حيرت ۾ پوي سي بول بڌايان

طالب مولا هر گهڙي ڳڻ ئي ڳالهايان
سيني سيبايان جي هجان دهن حبيب جو
16 صفر 1388ھ
1968-5-15ع
اسلام آباد

*

وعدا سپ وفا تين ۽ پورا ڪريان پيمان
سچ سدائين سليان ڪوڙ ڳالهايان ڪان
لڏان لچڪان ڪين ڪي سيف تيان سبحان
دشمن سپ دبائيان درس ڪري دهمان
ڳڻن پريون ڳالهيون ڪريان هجان نہ جيئن حيوان
مٺين منايون ڏيان جوڙي جڳ جهان
طالب مولا طلب جا بيحد ڪريان بيان
دهرا رڪان ڏيان جي لالڻ جي لسان تيان
28 شوال 1387ھ
29 1 1968ع
ڪراچي

*

اچو مليم آب پيو جهڙو عرق گلاب
لاهيان اڄ ذري ذري شوقئون پيان شراب
پڙهان روز پرينء وٽ بيخودي جا باب
ملنم آب حيات مان نشا ڪئين ناياب
طالب مولا محب سان هجنم ڪين حجاب
لڳان سانڻ لعاب جي لالڻ جي لسان تيان
28 شوال 1987ھ
29-1-1968ع
ڪراچي

*

مون کي ڏسي تہ ڦٽو ڪري ساقي صراحن
هٿ لائڻ تہ پري ٿيو هو گڏي گلاسن
بلڪل ئي ڀڃي ڪري پرزا پيمانن
وساري ويهي رهي موڪي کي مٿن
حيرت ۾ حيران ٿي ڇپي هوند ڇپن
طالب مولا جي اينهين ٿاهيس ڌريئون ڏٿن
تہ ڪونجون ڪر نہ ڪٿن جي ڳٿن پيري ڳچي هجان

29 شوال 1387هہ
30-1-1968ع
ڪراچي

❊

تڪبر تباه ڪري منجهہ مٿي ملايان
سٽي سرفرازي کي گردن جهڪايان
اوچا ٿي اچن جي سي ڪنڌ نمايان
تڪڙن جي بہ تڪڙ کي هيٺو هلايان
مٿي ڦريل جي مورڳو آڪڙ اڏايان
پنهنجي اڳيان پيرن جون ٻانهون ٻڌايان
زبردستيون زور سان مخدومن مڃايان
محتسبن کي مورهئون ڳٽ ڳچي پايان
واعظن جا ور ڪڍي تن کي نمايان
لاهي شيخي شيخ جي سڌو سمجهايان
پاڻ نمي پاڻ کي ليڪو نہ لايان
پر طالب مولا اندر ۾ نوڙتون نپايان
ڪنڌ نہ ڪٿي نايان جي ڳٿن پيري ڳچي هجان

29 شوال 1387هہ
30-1-1968ع
ڪراچي

❊

عجب وڻي عام کي ٻي هڪدم حيراني
تعريفون ڪن تڪڙيون ڏسي نفاست نشاني
پاڻي پيان تہ ڏسجي ٿيان نهر نوراني
طالب مولا آئون هجان لوڪئون لاثاني
نڪري هر زبان مان جاني ڙي جاني!
ڪن سارهہ سبحاني جي هجان حلق حبيب جي

13 صفر 1388هہ
12 5 1968ع
ڪوئٽا

❊

ڳايان ڪٺي تہ ڳٽن جا ڪتڦهار ڪڙن
ٿين رس رهاڻيون ۽ نغما نوازجن
ققنس ڪٺي نہ ڪنڌ کي نہ ڪونجون ئي ڪرڪن
سر لڳن جي سرن تي تہ ميون دليون جين
اکيون بيماريل برهہ جون غسل صحت جو ڪن
طالب مولا طلب جون باهيون ڪئين پڙڪن
وار بہ ايا ٿين جي آواز هجان عجيب جو

13 صفر 1388هہ
12-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

بلڪل بس ڪري وڃي طوطو نہ ڪري تنوار
قمري ڪو ڪو کي ڇڏي تہ چيهو ڪري چونگار
ڪوئل ڪوڪون وسرن نہ مور ڪولي منقار
ققنس خود ڪنبي وڃي پئي حيرت ۾ هيڪار

ريبيان رباب کي گس نہ وڻن گيتار
جلترنگ جڏو ٿئي نڙ نہ وڃي نروار
وسري وڃن مورڳو وايولن وهنوار
الغوزا عجب ۾ نہ سرمنڊل سر تار
سارنگي سڪتي ۾ مرلي تہ اڳ مردار
ڪرشن هجي تہ هٿ ۾ ٿئيس بنسري بيڪار
زرياب ڪري زاربون هڪدم مڃي هار
خسرو اچي تہ خبر پئي سڏائي نہ ستار
ابن سينا عجب ۾ پيا مڙئي موسيقار
طالب مولا جي ڪٿي آلاپيان آزار
جيڪر ربّ غفار آواز ڪيس عجيب جو

14 صفر 1388ھ
13-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

جوڙ نہ ڪوئي جڳ ۾ نہ منهنجو پيو نظير
مصحف تشبيہ منهنجي آئون ان جو پڻ تفسير
آئون ڇهرو ڇهرو چنڊ ڪان اصل ۾ اڪسير
هجي مهندان منهنجي منو ماه منير
طالب مولا آئون هجان اصلئون عالمگير
قادر ربّ قدير جي منهن ڪري محبوب جو

14 صفر 1388ھ
13-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

نڪران جڏهن نقاب مان ته طلبون تين تمام
نور هجيم نراڙ ۾ ۽ جلوا هجن جام
تجلي سندي تاب ڪان اڪيون جهڪائي عام
نهاريان ته نمي پون غازي تين غلام
قربئون ڪيئي ڪن اچي سدائين سلام
طالب مولا چا چوان ۽ ڪهڙا ڪريان ڪلام
حاصل مطلب هي ٿيو ته حسين نه هٽن هام
منهنجا سي مقام جو چوڏهين مٽ نه منهنجو

14 صفر 1388ھ
13-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

هتڙا لائن هيج مان جودئون ڪيئي جهڪن
ڏين سوبن ئي سجدا نيتئون اچو نمن
دل وارا ڪئين دل سان ذوئي پاڻ پين
ڪي چنبڙي چنبڙي چنبڙي مورهئون منٿون ڪن
عاشق سر ڪي جيئن رکن ته مورهئون مٿي نه ڪٽن
طالب مولا تهدليئون پڻ نذر سر ڏين
چاهئون لکين چمن پير پربنءَ جا جي هجان

15 صفر 1388ھ
14-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

جتان وات وني وجان ۽ قدم گهمايان
ته سڪل سر ساوا ڪريان پڻ ڦتا وسايان
بخت پلارا تن سندا جن پاڻ چمايان

جيڪي پيراندي وهن سي شاه بنايان
پاڻ ڏکاريان جن ڏي تہ فيض فرمايان
طالب مولا محبّت جا مينهن وسايان
تن جا شان وڏايان پير پيرينءَ جا جي هجان

15 صفر 1388ھ
14-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

ميندي رتا تہ ملڪ ۾ ڪٿي ڏسبا تہ ڪوڙ
پر اصلي جيڪي ڳاڙهڙا سي ڪتي آهن ڪروڙ
جاني جهڙا نہ لين پل ڏجي وجي ڪا ووڙ
سوچيل سمجهيل ڳالهہ جي ڪئي طالب مولا توڙ
تہ ڪتي پير پرينءَ جا ڪتي ڳاڙها موڙ
ڪتي جباري جوڙ ڪتي هاج هتن جي!

15 صفر 1388ھ
14-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

جيڪر هجان وار متي جا محبوب جي
ڏوپي واسي نڪري ڦٽيون ڪري ڦوڪار
ملي مڪي مشڪ سان ڪري خوشبودار
هر هر لائي هتڙا منا ۽ من ٺار
وجهي گل گلاب جا بيهي منجهہ بهار
پائي ڏاڻ ڏهہ دفعا سرسا ڪري سينگار
پلپل ڏيم پيار طالب مولا مست ٿي

28 شوال 1387ھ
9-1-1968ع
هالا

❊

سڳيون سهڻي يار جون ٿي پٺن تي پوانس
بلڪل بي حجاب ٿي چاهه منجهان چنبڙانس
ڪس ڪريانس ڪس ٿي پر ماڳهين مس ٿيانس
ڏيءُ ٿئي ئي ڪونه ڪو پيو ڏينهاڙي ڏسانس
طالب مولا تهدليئون وربو وربو وٺانس
ڏاڍو هوند نهانس سرتِن سندي سٽ ۾

21 شوال 1387هه
22-1-1968ع
لاڙڪاڻو

❊

چمان پيشاني پيار مان هوءَ نرمل نوراني
ته به حيا ڪري ڪين ڪي دلبر دل جاني
طالب مولا تنهن جي ڪربان سر تي سلطاني
پوڄيان پيشاني جي الي هجان عجيب جي

9 شوال 1387هه
10-1-1968ع
هالا

❊

پائي پاٿهي پاڻ مان دوست دل جاني
سينگاريانس سيئين پرئين نظرون نوراني
لڳيِ هوند هرڻ کي هڪدم حيراني
طالب مولا جي ڪري اها آساني
ته ڪجل تي ڪاني ڪارن کي ڪڪوريان

10 شوال 1387هه
11-1-1968ع
هالا

❊

سڪايا سون کي ۽ چرڪ بہ چڙايان
سهڻن کي سوين پتئين چوڙس چمڪايان
بي پرواهن جا پر ڏي ڪئين ڏيان چڪايان
طالب مولا تن کي ڪٺي طلبن ۾ تايان
هر هر هرڪايان جي هيرو هجان حبيب جو

14 صفر 1388ھ
13-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلن تي لڳيو روز لڳان
هو پڻ چمن چاھ مان آئون پڻ چميون ڏيان
طالب مولا تر کي ماڳهن ڪس ڪيان
رمز پرئي رخسار سان مورهئون مس ٿيان
سدائين سهاڳ تي سڄڻن کي سونهان
ٿين بخت سنوان نرمل جي جي نت هجان

13 شوال 1387ھ
13-1-1968ع
هالا

❊

ڳٽن پري ڳڇي کي پلپل ڪريان پيار
محبت مان منيون ڏيان هر هر ۽ هزار
طالب مولا طلب مان تيان جاني جا جنسار
بخت ٿين بيدار تہ جهومڪ جاني جا ٿيان

11 شوال 1387ھ
14-1-1968ع
هالا

❊

لٽڪي لٽڪي لٽڪي حسن وڏايان
چمڪي چمڪي چمڪي ڪئين مست بنايان
لڏندي لڏندي لڏندي دليون ڏڙڪايان
پاپڙن ڪي پيار سان لڏيو لڏايان
طالب مولا پاڻ ڪي لالڻ سان لايان
لعلون لجايان جي ايرينگ هجان عجيب جا

16 صفر 1388ھ
15-5-1968ع
اسلام آباد

❊

پرين جيئن پائين تہ چمان روز چپن کي
طالب مولا هوند هو لبن سان لائين
آءٌ مٺن ڏيڻ کان نہ مڙان هو هر هر هٿائين
حبيبَ هنڊائين بولو بنجي جي پوان

13 شوال 1387ھ
14-1-1968ع
هالا

❊

لبن ساڻ لڳي لڳي ڪربان لعل نشان
چپاڙي چس وٺي عجيب ڪري احسان
طالب مولا هن ڏي دم دم آهي ڌيان
جيڪر ٽيان پان تہ لڳان هوند لسان سان

13 شوال 1387ھ
14-1-1968ع
هالا

❊

هجان جي حبيب جو چوکو چندن هار
ڳهڻو تيانس ڳچي ۾ پلپل وڻانس پيار
پيو لڳان پرينءَ جي سيني تي صد بار
منيون ڏيانس منِ تي ۽ ڇمانس وار وار
طالب مولا ٿي پوان دلبر جو دلدار
تيان سجڻ جو سينگار سجڻ نہ سينگار منهنجو

22 شوال 1387ھ
23-1-1968ع
هالا

❊

جيڪر جاني جو تيان بلڪل بازو بند
تہ وجهانس قرب ڪمند طالب مولا تهدليئون

15 شوال 1387ھ
16-1-1968ع
هالا

❊

جيڪر جاني جي هجان ٻانهين ڪنجاري
ڪنڌ هيٺ رکيم قرب مان تيان ٻلهار ٻيهاري
طالب مولا آئون تيان هوند پر ڪي پياري
وتان سينگاري ڀهڳڻ سَندي ٻانهن ۾

25 شوال 1387ھ
16-1-1968ع
هالا

❊

جيڪر هجان گهڙي تہ ٻک وجهانس ٻانهن ۾
نرمل نگاهون ڪٽي لالڻ مون ڏي لڙي

طالب مولا تنهن سان اچيم پرت پڙي
پايانس ڪا ڪڙي ڪرائي ۾ قرب جي
18 شوال 1387ھ
19-1-1968ع
هالا

※

منڊي ٽيان محبوب جي تہ هٿ ۾ پئي هجانس
سنهڙيون سهڻيون آڱريون ڇميو ڇميو ڇمانس
هردم پيئي هٿ ۾ سدائين سونهانس
ويجهي هجانس وجود کي لونءَ لونءَ ساڻ لڳانس
ويتر آئون وٺانس طالب مولا تهدليئون
19 شوال 1387ھ
20-1-1968ع
هالا

※

جيڪر هجان چيلهڪي تہ چيلهہ ڇمان ڇوڏار
ڇنبڙان ۽ ڇهنانس پئي ٻڪ وجهي بيهار
پري نہ ڪري پاڻ کان ٽيان سندس ئي سينگار
واهہ جا ڇمانس وار طالب مولا طلب مان
21 شوال 1387ھ
22-1-1968ع
لاڙڪاڻو

※

پازيب ٿي پرينءَ جا پلپل پير ڇمان
پانچو پري جي ٿئي تہ جلوا جام ڏيان
رمز پيري رفتار تي ڇيربون ٿي ڇمڪان

قدم قدم تي واھ جو ناچو تي نچان
ميندي رتڙن جي مٿان ڪري ناھ نهان
سهاڳ تي سونهان طالب مولا تن ڪي

23 شوال 1387ھ
24-1-1968ع
هالا

❊

ميندي ٿيان محب جي تہ پيرن تي هٿن
مون ڪي ڏسي محبوب تي سوين پيا سڪن
سرتيون، ساهيڙيون مڙئي چاھ منجهان چنبڙن
طالب مولا طلبون چريون هيئن چون
پرين لائي پيرن تہ بخت پلارا پائيان

20 شوال 1387ھ
21-1-1968ع
دادو

❊

جيڪر ٿيان پٽ حويلي حبيب جي
پسان روز پرينءَ ڪي نهاريان مان نرت
پاريان پيو پرت طالب مولا تنهن سان

26-6-1954ع
هالا

❊

جيڪر ٿيان زمين حويلي حبيب جي
مٿان پير پرينءَ جا جتي هيٺ جبين
هو هلي سدا هيج مان مٿي مون مسڪين
تہ ڪريان آئون آمين جي طالب مولا ايئن ٿئي

1 شوال 1387ھ
2-1-1968ع
هالا

❊

جيڪر تيان آستان دوستِ سندي در جي
تہ اورانگهڻ جا انيڪ هو عجيب ڪري احسان
طالب مولا جنهن جا درشن ئي درمان
هجن هرگز ڪين ڪي سورن جا سامان
اندر جا ارمان پورا پلپل ۾ ڪريان

7 شوال 1387ھ
8-1-1968ع
هالا

※

جيڪر تيان ٿانءُ پربنءَ لاءِ پيڻ جو
رکان چپ چپن تي عجيب جي آنءَ
طالب مولا شل ڏئي ڏاتر اهڙو ڏانءَ
وٺي نرمل نانءُ لڳان روز لبن سان

5 شوال 1387ھ
6-1-1968ع
هالا

※

درسني ٿيان دوست جي تہ اگيان هجيم عجيب
سهڻل يار صفا ڪري هتن ساڻ حبيب
ڏسي مون ڏي ڏھ دفعا مرڪي محب، مجيب
وجان جي وجائجي تہ نهاريم نجيب
طالب مولا هيئن ٿئي تہ قربئون وٺي قريب
اهڙو ٿئي نصيب جو هردم هجانس هٿ ۾

7 شوال 1387ھ
8-1-1968ع
هالا

※

جيڪر ٿيان هنڌ پنهنجي جاني يار جو
تہ ملائي مون سان سمهي سينو ۽ سنڌ سنڌ
مون تي رکي محب سو هر هر قربئون ڪنڌ
طالبِ مولا تنهن لاءِ پري ڪريان نہ پنڌ
محبَت وارو منڌ پئي پياريندو رهي

2 شوال 1387ھ

2-1-1968ع

هالا

※

|25|

# جتي جوڙ ٻه جي ٿيان

جيڪر جتي هجان پنهنجي محب مجيب جي
ته پيرن ۾ پرينءَ جي پيئي روز پوان
وک وک تي واهه جا چميو قدم چمان
ٿانيڪي ٿيان طالب مولا تنهن سان

1 شوال 1387هه
2 1 1968ع
هالا

❊

هئي هئي منهنجون قسمتون جيڪر جتي ٿيان
پلپل پائن پير ۾ ته پاڪر وجهي بيهان
چوڙن سدا چاهه مان بيحد بار کڻان
پيارا پير ته پري ٿيا پر مٽي مر چمان
پيئي پيراندي هجان ته ٻه سدائين سونهان
طالب مولا تهدليئون ڏينهاڙي ڏسان
پگهر پئي پيان عمر ڏيان عجيب سان

2 شوال 1387هه
3-1 1968ع
هالا

❊

جتي ٿيان جيڪر پنهنجي محب مجيب جي
ته ڪري پيار پيرن سان پريو وجهان پاڪر
پيئي هجانس پير ۾ سدا منجهه سفر

طالب مولا طلب جي هي خاصي آهہ خبر
تہ نذر بہ تيان سڏر جي لالڻ وٽ لتاڙجان
3 شوال 1387ھ
1-4 1968ع
هالا

❊

پنهنجي محب مجيبڙا جيڪر جتي ڪن
تہ پيرن ڪي نہ پڄڻ ڏيان خراشون خارن
قدمن ڪي قرب مان ڏيان پريون ياڪر
متي هاڻا پير ٻئي مون م محب وجهن
تہ بہ منهنجو منهن متي تئي اڇو الاهي اگهن
ممڪن آهي مورڳو مون ڪي چميون ڏين
طالب مولا ايئن تئي تہ قسمتون ڪلن
پلي ڏيهہ ڏسن پئي لالڻ وٽ لتاڙجان
3 شوال 1387ھ
1-4 1968ع
هالا

❊

جيڪر آئون تي پوان جتي جاني يار
پير نہ ڏيکاريان پرينءَ جا ڪوڙين ڏيان قرار
مٺن تي مٺن جي ڪريان وارو وار
سيبايان سيئين پرئين وٽان هر ڪنهن وار
چنبڙان اهڙي چاهہ مان جو ڪري نہ پاڻان ڌار
ماٺي مون ڪي ئي فقط نہ ٻي ڏي ڪري نهار
لاهي ڪٽي ڦٽو ڪري تہ بہ سڏو ڪن سردار

طالب مولا ايئن تئي تہ ڪرم وڏا ڪلتار
سهان پيو صد بار لتون لالڻ يار جون

15 صفر 1388ھ

14-5-1968ع

ڪوئٽا

❊

جتي جانيءَ جي تيان هي لاڪيٺي تم لوڙ
طالب مولا طلب ۾ تهدل ڪئي توڙ
وٺي تي وجود کي پيارل جي پتوڙ
ڪِٿ چلولن چوڙ ڪتي پائڻ پرينءَ جوا!

15 صفر 1388ھ

14-5-1968ع

ڪوئٽا

❊

وڪجي تہ قيمت ڪانہ ڪا ۽ هلڪي متي هٿ
پوري پرينءَ جي پير ۾ تہ جهڪن تاج منگهٽ
جتي جانيءَ جي تيان تہ ڪي بہ نہ منهنجا مٽ
مون تي مدامي هجي سرن سندي سٽ
سوين صدقي تي وڃن جام وڏا ۽ ڇٽ
طالب مولا وانگيان ڪيئي پيان ۽ پٽ
هوءَ تخت لتاڙي تاب مان چاهي ڇپر ڪٽ!
ڪتي ڪلنگيون چٽ ڪتي پيزار پرينءَ جا!

15 صفر 1388ھ

14-5-1968ع

ڪوئٽا

❊

بلڪل بازارن ۾ جتيون ڍيران ڍير
پئسن ساڻ پيون ملن ۽ ٿئي ڪانہ نبير
موچن وٽ نہ مهانگيون پڻ سستيون جڙن سوير
طالب مولا طلبون هئن تيون چون هير
تہ جنهن ۾ جانيءَ پير آئون بہ جتي اها ٿيان

16 صفر 1388ھ
15 5 1968ع
ڪوئٽا

❊

سوني جتي بہ پير ۾ آئيو وجهن امير
لچ، لانبڙ، لونيا ۽ پائن پير، فقير
اهي جتيون اصل ڪان حيثيت ۾ حقير
پائي پرين جا پير ۾ تہ سا ٿئي بي نظير
طالب مولا هن لاءِ تا نڪرن اڪيان نير
ڪجي ڪا تدبير تہ جتي جانيءَ جي ٿيان

16 صفر 1388ھ
15-5-1968ع
ڪوئٽا

❊

جتيون تہ شاهن جون بہ ٿيون موتن ۾ مڙهجن
ڪانهي ڳالهہ سون جي پر هو ٿيون لک لهن
البت ٿيندو ايئن آهہ تہ تخت تي بہ چڙهن
تہ بہ پون اهي ئي پير ۾ نہ متي تي رکجن
سي بہ تہ ڪنهن جاءِ تي ٿيون لاهئيون پون
جي سر جهڪن تا تن کي تہ بہ دليون ڪين جهڪن
طالب مولا طلب مان هي نڪتا نهارجن

تہ تن کي مهت ملن — جي پون پرينءَ جي پير ۾
18 صفر 1388ھ
17-5-1968ع
کوئٽا

❊

جتيءَ سندي جوڙ کي — ڪلنگيون ڪين پڄن
ات ڪئين ڪلاھون اچيو — تيون جذباتئون جهڪن
جن کي اتان عار ٿئي — سي سر ٿي ڪسيو وڃن
جيڪي اتي جهڪيا — تہ تاج بہ ماٿيا تن
محبوب جڏھن وڃي پڳا — متائين مقامن
پانيئون تہ جتي لاهيون — اھو اجا خيال هئن
تہ پيين پڙلاءُ ڪن تي — ۽ حڪم ھي ملين
جانب جتي نہ لاھجو — متان پير اگهاڙا ٿين!
وڃي پھتا توڙ تي — سان پيارن پيزارن
طالب مولا ڪئن چوان — ٿيان جتي نہ جانبن!
جتي ٿيان تہ ٻيو چا ڪپي — ڪتان ٻنهي جهانن
جو پھتي ساڻ پرين — جتي عرش عظيم تي
18 صفر 1388ھ
17-5-1968ع
اسلام آباد

❊

ڪتي جانب جي جتي — ڪتي آئون غريب!
مون ۾ تہ آھن مورڳو — وڏا عيب عجيب
آئون گدلو ڪنڙو ڪوجهڙو — ھو نرمل پاڻ نجيب
وٽس ڪهڙي منهن وڃان — جو تيندس ڪيئن قريب!
پر اٿم اھو ئي آسرو — تہ لالڻ آھ لبيب

چڱو چڱايون ئي ڪندو حاڪم سائين حبيب
طالب مولا آئون ڪٿي ڪٿي محب مجيب!
هو هميشہ حسيبِ آئون جتي جوڙ بہ جي ٿيان
19 صفر 1388ھ
18-5-1968ع
اسلام آباد

❊

ڪيم انصاف امين تي ڳڻ ئي پي ڳوليام
ويهي پنهنجي پاڻ جا قولا جو قوليام
تہ سچ پچ صديقي چوي رڳي عيب پسيام
پنهنجي اوٽاين جا جڏهين پتا پيام
تہ پنهنجي مرم مسي ويس سڄڻ جو سوچيام
طالب مولا پاڻ ڪان پو سوين سوال پڇيام
جواب هي جڙيام تہ جتي جوڙ بہ جي ٿيان!
19 صفر 1388ھ
18-5-1968ع
اسلام آباد

❊

|26|

# ليلائي ليلاءِ

هيرو آيئي هٿ ۾ قدر ڪونہ ڪيئي
لا قيمت جي لاڏلي قيمت ڪتي وڌيئي
مغروري ڪان محب جو پتو ڪين پيئي
پنهنجو اڇلي پاڻ ۾ پرايو پڇيئي
معصوم محبّت ڪي رڳو ڏوھہ ڏنئي
دعويٰ ڪيئي نہ دل سان چپن سانءَ چيئي
طالب چوي طمع ۾ من مٿيي تي مٽيئي
اھو ڪونہ ٻڌئي تہ ڪاند ڪميڻن مٽيو

❊

هيرو آيئي هٿ ۾ تو ولهي وڃايو
هنيلي تو هٿ ڪان نہ پاند ڳچي پايو
قرب ڪري ڪاند سان تو لايو نہ نڀايو
ور پنهنجو ويسلي تو مٿيي تي مٽايو
پنهنجي پاڻهي پير تي تو هٿيار هلايو
هو غازي غيرت مند هو وئو پٽ ورايو
سچ ٿو صديقي چوي تو هڪدم هارايو
وقت ويو نہ آيو توڙي ڪجن ڪوششون

❊

هيڪر مليئي هٿ ۾ گهر وڃي گوهر
کهڙو آيئي اوچتو اندر مان اوپرا
پنهنجو ڇڏي پٽ ۾ پسند ڪيو تو پ

کيڏهن ملهه مٺئي جو ... کيڏهن پنهنجو ور
هي پيٺي هيٺي پر ... هن وڃايئي وڙ ڪان

❊

مٺيو مهانگو ڄاڻئي ... ايڏي طمع تات!
مٺيا نہ موڙي هٿ جي ... ور ڏاتر جي ڏات
هنن جا مت ملڪ ۾ ... هي پنهنجو ذات ئي ذات
ڪمائي سڀ ڪٺ ڪيئي ... موڙهي منجهہ هڪ رات
قرب جي قريشي چوي ... بلڪل نہ سمجهيئي بات
هو بخشئي ها برات ... هي ٿيئي گٿ گچي جو

❊

پورهيت ٿين ها پرينءَ جي ... ڪري ڪنئوروءَ وارو ڪم
ور وٽ تون اي ويسلي ... جتي ڏين ها جم
بدن بخشڻ ڪاڻ هو ... دلبر جو هڪ دم
طالب چوئي طمع ۾ ... پلجي ويئي پرم
قرب جو قدم ... ڪٿي ڄاڻئي ڪونہ ڪو

❊

ڪامڻ پنهنجي ڪر ڪي ... ٿي لوٺي لڄايوءِ
طمع آڏو تڪڙي ... عقل نہ آيوءِ
ويهي ويهي ويسلي ... وقت وڃايوءِ
وڃي نہ پنهنجي ور ڪي ... روئي ريجهايوءِ
وري ور پوي ها ... جي بيهر باڌايوءِ
سک مان صديقي چوي ... نينهن نہ نڀايوءِ
سرتن سمجهايوءِ ... تہ بہ سمجهي سگهئين ڪين ڪي

❊

ڪيو چا تو ھي ڪامڻ پنھنجي ڪاند سان!
منھن انھي ڪان متيئي جنھن تي چيئي جي
پڳئي ڪئن ھڪ رات لاءِ چئيس "پرايو تِي!"
ھو تہ فقط ھو تنھنجو وارث، وير ولي
ڇڏي ويئي چوھ مان ڪاوڙ اتس قوي
ونئي پلي تہ وري وري سوڙن منجھان سي
ويتر ھاڻ ورھ جا پر پيالا پي
عجب آھي اِي اجا آھين ويسلي!

❊

متجي وئينءَ ماڻڪ تي جاڻ نہ جاتوئي
نينھان چڱو چاڳلي نينھن جو ناتوئي
شايد پيچ پرينء سان ڪو نہ پاتوئي
اڱلو ڇڏيئي آتڻ ۾ ڪچو ڪاتوئي
روئي ريجھاءِ راءَ ڪي ڏينھان راتوئي
جو لڪي لاتوئي سو پاڳل! پڏرو تي پيو

❊

قلم تنھنجي ھٿ لڳ سجڻ جا لوح تيا
لک تہ وري لائون لھين ڳالھ چڱي ڪا ڪٿ
وھاربندئي ولھو سڏي پنھنجي ست
لجي تي لت پٽ نوڙي نيزاربون ڪري

❊

چمي پيزار پرينءَ جا ڪٿي متي منھن لاءِ
اڪن جي زبان سان گڻ اتي ڳالھا

ڪري ڳهه ڳچي جو پاند پرت مان پاءِ
ڪنڌ پنهنجو ڪاند جي قدمن تي ڪيراءِ
ورچي ويل ور ڪي منٿن سان موٽاءِ
حجتون ڪيم هلاءِ هٿ ٻڌي ڏي حاضري

❊

نوڙت ۽ نياز ۾ هنيين ڪي هيراءِ
ڪامڻ پنهنجي ڪر ڪي لڄي تي نہ لڄاءِ
طالب تي طلب ۾ روئي هو ريجهاءِ
ليلائي ليلائي ليلائي ليلاءِ
ڪچي چو ڪياءِ هٿان نہ پئي هن جي!

❊

هٿان پيئي تنهنجي ڏين تي هن ميارا
مڃين نٿي مورڳو اهي نہ پرت پار
ياد ڪري ڏس يار سان ڪيل قول، قرار
ناتن نيائڻ جا توتي منڌ مدار
واٽين ورهہ وارئين وڇائي چڌ وار
اڇي آخر انهن تي پرين ڏي پيزار
تنهنجي بخشي ڏوهہ ڪي ڪن درگذر دلدار
هو اٿئي وڏا وڙائتا بديون بخشڻهار
مٿي ڪٿي مٿي مان ڪندئي ڳچي جا هار
سڄڻ اٿئي ستّار اميد نہ لاهہ انهن مان

❊

جي اميدون لاهين سي ئي سڄڻ ڌڪاريون
انهن هنجون ماٽيون جي ڪاند ڏي ڪاهين
جوتون وهاڻا ور جون انهن لئي آهين
سينو جي ساهين اهي وران وچڙيون

30-8-1961ع
ڪراچي

❊

ڪامڻ ڪري نہ ڇاتئي قرب پنهنجي ڪاند سان
ڪري ڳُهہ ڳڇي ۾ پاند نہ پاتئي
لالچ لاتئي ليڪو لڱاين جو

31-8-1961ع
ڪراچي

❊

[27]

# قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي!

حيرت تم هن ڳالهه جي حاڪم سائين حبيب!
عجب آهم هن جو تہ ڪليم ڪئن نصيب
سچ ٻڌائج سهڻا ماڻهو منا مجيب
طالب مولا سان ڪئن لائق ڪيئي لبيب
اڻ ڏٺي عجيب قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي

❊

اڻ ڏٺي عجيب تو قرب ڪني سان ڪئن ڪيو!
پاڻڏي تنهنجي پيار جو نرمل اچي نيو
ڏيئي نياپو نينهن جو ڪٿي لاڻ تنهن ليو
گهراڻ گهرائي ورتئي جو طلبن هيئي تيو
طالب مولا پيار سان تو ڏولڻ آهه ڏيو
عجيب! اڻ ميو مد پياريئي پيار جو

❊

اڻ ڏٺي عجيب چو اچي پور پيئي!
محب مون مسڪين جو ڪئن نرمل ناڻ ٻڌئي
حيران هردم آهيان جو منهنجي نينهن نيئي
آئون ڪنو ڪوجهو ئي هيس چو حبيب هي نہ سيئي
طالب مولا ڪي منا چاهہ منجهان چاهيئي
مون گمنام گدلي سان هيڏو پيار ڪيئي!
سڄڻ ڪئن سمجهيئي تہ آئون اهڙو آهيان!

❊

عجيب! اگلو آهيان نہ صورت ۽ سينگار
ادلو، گدلو، ايرو نہ منهن ۾ مٽيادار
تون سرتاپا سهڻو سهڻن جو سردار
تو وٽ طالب مولا اڄ آهي عرض گذار
سڄڻ سچ ٻڌاءِ تون تہ سچ پچ اتئي پيار
متان مون کي وهم ٿئي آهہ کيو گرفتار!
اڇي ٿي نٿو اتبار تہ قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي

※

توکي ڏسيو ۽ وريو تو پسان پنهنجو پاڻ
تہ مت نٿو تين منڙا مورهئون ٿئي مون ساڻ
طالب مولا ڪٿ تيو ڪٿ پرين تون پناڻ!
ڪٿي منهنجو ماڻ ڪٿي تنهنجي تور تي!

※

سڪ جي ڪنيم ساهمي هٿ ۾ اڄ حبيب!
هڪ پاسي تون هئين ٻي پاسي آئون عجيب!
ڪيم انصاف امين تي نرمل، يار، نجيب
تور ڪئي مون طلب مان لائق، لڪي، لبيب
اعتبار ڪن ان تي منڙا، محب، مجيب
سوگند آهي تنهنجو قلب ڪان بہ قريب
طالب جا طبيب تنهنجو وزن وڌي ويو

15 ذيقعده 1387ھ

15-2-1968ع

سرور آبا

※

اهو لڳيم عجب ٿو — مون سان ڪئن ڪيا تو پيار
مون ۾ تہ آهن مورڳو — عيبن جا انبار
ڏسيو پنهنجي پاڻ کي — تو مرم وني منهار
جوڙ بہ تنهنجو ناهيان — ڪامل، قربدار
طالب مولا سان تہ ڪئا — ڪرم هي ڪلتار
تنهنجو قسم دلدار — تہ کهہ بہ ڪڙي جِي جي ٿيان

❊

اچي عشق عجيبَ — مون ڪني سان ڪئن ڪيئي
مون ۾ ڏٺئي محب ڇا — منڙا ماڻهو مجيب!
ڪتي منهنجو منهن منا — ڪٿ تنهنجو حسن حبيب!
تنهنجو قسم تہ تنهنجي — لائق ناهيان لبيب
حيران هن ڪان آهيان — عاشق مونِ اديب
طالب مولا ساڻ ڪئن — ڪيئي قرب قريب
منهنجا هي بہ نصيب — جي کهہ ڪڙي جي ٿي پوان

❊

ڪتي تنهنجو شان — ڪتي آئون اگلو!
هڪجهڙو ناهيان — تنهنجو مٿي مون ڪان مان
گهرائي وهندين گڏجي — هي اصلي نہ هو امڪان
طالب مولا کي نہ هو — اهڙو وهم، گمان
تہ ايڏو ڪندين احسان — ڪوڙي تي قرب جو

❊

هوئي ڪونہ حبيب هي — مون کي خواب خيال
پيدا ٿيو ئي ڪونہ تي — سهٹا هيِ سوال
تہ ڪنڙي کي قرب جو — ڏيندين محبت مال

تو تہ گهرائي بخشيو جانب پاڻ جمال
طالب مولا ۾ تہ ڪئو آهہ ڪناين ڪمال
آهين ڪو لڄ پال پيو آئون تہ اهوئي آهيان!

❊

تو تہ وڏا ئي وڙ ڪيا اڳلي متي عيان
تنهنجو منهنجو مقابلو جي قلبئون تو ڪيان
تہ ڦڪو پيو لڳان تنهنجو قسم طالب چوي

❊

تنهنجو نقش قدم منهنجي سو سجدئان سرسو
عيب پسي پانهنجا ٿو اچيم شاهہ شرم!
تون تہ ڪرين تو طلب مان پنهنجو قرب ڪرم
مون ڪي تہ منهنجي حال جو ماري پئو مرم
طالب مولا تئو ڪتي ۽ ڪتي تون صنم!
تنهنجي سر جو قسم کهہ بہ ڪڙي جِي جي ٿيان

❊

عيبن وارو آهيان لوڪان يار لڪاءِ
گوڏو گوڏي سان گڏي لالڻ ڪين لڄاءِ
طالب مولا کي منا پل سڪ ۾ خوب ستاءِ
پر قسم اتئي قادر جو سڄڻ سچ سڻاءِ
ڀهڳڻ هي تہ ٻڌاءِ قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي!

❊

جڏهن گهران گهرايئي نياپو ڪري نينهن
تہ مون ڏي محب موڪليئي شوق بنائي شينهن

طالب مولا کي ڏني دردن پرين پينهن
اکن تڏهن مينهن وڏڦڙا وسائيا

21 ذيقعده 1387ھ
21-2-1968ع
جام صاحب

❊

پهريون ئي پيغام محب جڏهن تو موڪليو
ڏنم تہ مون کان ئي وڌو نرمل تنهنجو نام
تون خاصن ۾ خاص ٿئين آئون عامن ۾ پڻ عام
ويهي سوچيم سهڻا پنهنجو محب مقام
هلندو ڪئن حضور ۾ نڪمو هي ناڪام!
دل ۾ چيم تہ ڪئن ڪندس قريب ٿي ڪلام!
جي سڄڻ ڪيو سلام تہ طالب مولا ڪئن ڪبو!

22 ذيقعده 1387ھ
22-2-1968ع
سرور آباد

❊

هردم هراسيل آهيان ڏسي پنهنجي حيثيت
قربائتا ڪري وڌيئي مون ادنيٰ سان الفت
سيئين پرئين تون سرسو منجهہ فائق فضيلت
مون ۾ تہ ڪائي ڪانہ آهہ خاصي ڪا خصلت
مون ۾ او منهنجا مٺا! عيب اٿئي البت
اجا تہ آهي تو سندي مون سان مروت
پر منهنجي مداين کي ڏسي جي نرمل ٿيئي نفرت
۽ طالب مولا کان پرين جي مٺي وئين محبّت

تہ ان لئي تي ويندي تڏهن قائم قيامت
پو ڪيڏهن وينس ڪئن ڪنس جو فنا ڪندي فرقت
شل چڱي هجي قسمت نہ تہ ڪنهنجو ٿيندس ڪين ڪي

27 ذيقعده 1387ھ
27 2 1968ع
ڪراچي

⁂

چڙ نہ ڪرين تہ چئي ڏيان معاف بہ ڪج مننارا
دلبر ء درياء جا عجيب آهن آر
پور پيين تہ رات ۾ هو وڃو وسائن پار
پٺ ورائي جي ويا تہ وري ڪن نہ نهار
ترس نہ پوين تر جو نہ وٺن خبر چار
سال لڳيو ئي تا وڃن جي موٽن ڪٺي بيهار
ڪهڙا آهن دلربا عمرن تي اتبارا
نيتر قيامت ڪان وڏا آهن انتظار
ماريو چڏين تا من ڪي وڏا هي ويچار
جي ذڪي ڪيئي ذار تہ طالب مولا ڪئن ڪندوا

20 صفر 1388ھ
19 5 1968ع
اسلام آباد

⁂

[28]

# جنهن کي چئجي ڪاند

جنهن کي چئجي ڪاند سو ڪميڻو ڪئن ٿئي!
هو هميشہ هڪڙي جو وڃي نہ ڪي وڙواند
طالب چوي، چڪ ۾ پوي نہ اُن جو پاند
هو ڏندين آهي ڏاند محتاج نہ ڪنهن مهري جو

29-8-1961ع
ڪراچي

❊

جنهن کي چئجي ڪاند تو ان جو اعليٰ شان
هو جنهن جو ٿيو جهڏهين تہ ٿئي نہ ٻي مهمان
هو ڏئيس طعنو تڪ مان جڻ لڳس ڪڪ جو ڪان
قربائتي جي قهر ڪان شل الله ڏي امان!
سچ تو صديقي چوي جوڏو هو جوان
جئن سوگ رکي تو سان تئن وري ويجهو نہ اچي

29-8-1961ع
ڪراچي

❊

جنهن کي سڏبو ڪاند تنهن سان ليڪا ڪهڙا!
طالب چوي تنهن ڪان وڃو متان وڙواند
جنهن سان پختو پاند عمر تائين اٽڪيو

29-8-1961ع
ڪراچي

❊

جن کن پانيو کاند کي رڳو کري راند
تن منهن کنيو نہ معرڪين ويبون تي وڙواند
هو اڇو اجرو ئي رهيو هن پيئي چڪ پلاند
غفلت ۾ نہ غرق ٿيو وقت نہ ڏي ويساند
طالب چوي طلب ۾ هن سان ٿيو هيڪاند
خاوند سندي خاند ولهيون تي نہ وڃائيو

29 8 1961ع
ڪراچي

*

جن کن پانيو کاند کي رڳي راند کري
کاند انهن جو کين ٿيو کا جيئي يا مري
کلفت سان ڪڏهين ولهو کونہ وري
جا هلي سندس حضور ۾ اکيين وکون پري
سا کامڻ کاند گهري جا ڪيڏهن نهاري کين کي

29-8-1961ع
ڪراچي

*

کاندن گهٽو کم کامڻ کم ئي هڪڙو
هو پلپل گهرن پيار تا جو وڃائين وهم
هي هردم پري حاضري ڏيئي هڏ ۽ چم
پر هئي نہ هرگز هوء ڪڏهن دعوا وارو دم
پو بلکل تي باهم منڌ. متيندو کين کي

29 8 1961ع
ڪراچي

*

ڪاند نہ ڪرڙا تا تين ڪاند نہ پانيو راند
جنين جي پلاند اوهين اچي پيئيون
29-8-1961ع
ڪراچي

*

ڪڏهين ڪميڻي ڪاند نہ ڪئي پانهنجي
هزار پيرا هوءَ ٿئي هيٺي جي تيٺي
ڪاند انهي جي پاند سان هلي جا هيٺي
سا ئي سگهڻي ڪاند ڪندو قرب سان
29-8-1961ع
ڪراچي

*

ڪڏهين ڪميڻيون ڪاند نہ ڪيون پانهنجون
حاصل حق انهن ڪي جي هلن ٿي هيٺيون
سرت رکي جن سڪ جي تيون سيئي سگهڻيون
هيون هيٺيون ۽ تيٺيون تيون، تہ بہ ٿيندن ڪين ڪي
29-8-1961ع
ڪراچي

*

سي ڪاند نہ ڪري پانهنجون جي تيون حق پڄن
تن جايون ورتيون جيءَ ۾ جي رکيو سيل رهن
سي ئي جيِريون جڳ ۾ جي محبّت منجھ مرن
جي ٻين جي ٻڌن سي پنهنجن پرايون ڪيون
29-8-1961ع
ڪراچي

*

سي ور وٺي پاڪرين جي ڳات ڏين ڳارا
هنج حاصل تن ڪي ۽ ور ڏئين وارا
ڪاند ڏسي تو قرب ڪي نہ اڇا نہ ڪارا
سدا رکين سيني سان پون جي پارا
سي لڳي نہ سهاڳڻين توڙي سخت سيارا
قرب سان قريشي چوي ڪن پلي پلارا
سڄڻ سوڳارا ٿين قربائتن ڪنن جا

31-8-1961ع
ڪراچي

❊

ڪاند نہ ڏسي زال ماڪي نہ ڏسي ور
هوءَ بہ ڪري آر ٿي ۽ ڪاند بہ ڳڻي ڳڻ
پلو برابر ٻڻ پر سلڇڻيون ئي سهاڳڻيون

31-8-1961ع
ڪراچي

❊

اهي قبول ڪاند وٽ جي قربائتيون ڪنيون
هو مهر گهري مهري جي نہ تہ ڪري چوريون چنيون
اهي وٺي آغوش ۾ جيڪي پيچ پنيون
مٺيون ڏين منن تي جي ڏاءِ سندس ڏنيون
هن ڏهہ ڏهہ پيرا ڏنيون وٺيون تن وصال جون

31-8-1961ع
ڪراچي

❊

وڻيون سي وصال جون ونن تيون ونيون
جي ور ور ڏيو ور سان بيٺيون آهن پنيون
ونيون ۽ ہنيون ڪاند وسارن ڪين ڪَي

1961-8-31ع
ڪراچي

❊

ڪيئي پائن پانءَ کي چوڙيون ۽ چنيون
ور انهن کي ويجهڙو جي لاڪس روز رنيون
بي وڙن جو ور نہ ٿئي هو ڪوڙين ڪن ڪنيون
طالب مولا طلب ۾ تيون گسن بي گنيون
جن جون پيرن ڪان نہ پنيون تن جون پرينءَ سيپ پچائيون

1961-8-31ع
ڪراچي

❊

سهاڳ جي سيج تي سا سورمي سمهي
جا قرب منجهان ڪاند کي ٻئي ٻک وجهي
هو ڏي مني هڪڙي تہ هيءَ ڏهہ ڏهہ پريو ڏئي
انئي پهر انهي وٽ تي هيناهين هلي
هي تڙيو پٽي تڙي هو جي پائي پير اڱڻ تي

1961-9-1ع
ڪراچي

❊

ڪاند هڪڙي ڪامڻي ڏٺڻ منجهان ڏٺي
اها وٺي ور کي جيڪا گري ڳٺي
هو ڏسي مهر مهري جي ۽ ڪٺي ڪونہ ڪٺي
چنل تارون طلب جون ڏيو اميربون اٺي
سائي سرهي سرتئين ڪڏيو ڪنڏ ڪٺي

سا سورمي صديقي چوي چام تي چڻي
محبّت ڏي مڻي طالب مولا تنهن کي
1-9-1961ع
ڪراچي

❊

اگلي سَگَلي تي تئي جنهن ۾ ڳرا ڳڻ
هو منگي تو مهر کي ڪاند نہ وجهي ڪڻ
چڱو چڱايون ئي ڏسي پلي پلا هجن بڻ
صفتن جي صديقي چوي چوند ڪري ۽ چڻ
داناء سندي ڏڻ ڪڏهن گسي ڪين ڪي
1 9 1961ع
ڪراچي

❊

ڪچي ڪري ڪامڻي نہ ڍولڻ تو ڍڪي
ڀهڳڻ ان کي بي دفعي ڏڪيو تو ڏڪي
داناء پنهنجي دل ۾ طلبون ئي تڪي
اها ونهون وڏيڪ تئي جنهن جو ڏوهہ ڏڪي
جا ڪريو بڪ بڪي سا ڪڍيو ڇڏي قربشي چوي
1 9 1961ع
ڪراچي

❊

جيڪا ڪامڻ ڪاند کي هر هر ڏي هڏي
سوبن ڪري سينگار سا گل تي اچي گڏي
طالب مولا تنهن جي ٻيڙي ئي ٻڏي
تڏي ڪاند تڏي سا سدا صديقي چوي
1-9-1961ع
ڪراچي

❊

|29|

# سو نہ ڇئبو ڪاند

جيڪو ڪميڻو ٿئي سو نہ ڇئبو ڪاند
اهو ور واهيات ٿيو پاڪ نہ جنهن جو پاند
سو ڍهڻو آهي ڏاند سچ ٿو صديقي چوي

❊

جيڪو ڪميڻو ٿئي سو ولهو نڪي ور
جنهن جو منهن مدي ڏي ۽ بيحد آهي پر
سو مٿي نہ ڪندو مورهئون ڪڏهين پنهنجو ڪر
هنڌ هنڌ جنهن جو گهر سو ڪاند نہ قريشي چوي

❊

ڪاندن وڏا پاند جن وٽ سڪيون سورميون
جن جا چارئي پلو چڪ ۾ سي نہ ڇئبا ڪاند
وجن جي وڙواند اهي ڪميڻا قريشي چوي

❊

ور انهي ڪي سڏبو جو ور ڏيو ڪري ور
جو ور ور چوي ونهونءَ ڪي ۽ وربو ڏئي ور
جنهن ڪنيا وجڻ لئي ور سو ڪاند نہ قريشي چوي!

❊

ور سڏائڻ سولو پر ڏکيو ڏيڻ ور
ڪوڙو ڇئبو ڪاند سو جو وجهي وڏو ور

سو ئي سڏبو ولھو جو وڃي ڪري ور ور
جنھن جو ونگو ناھي ور سو سچو صديقي چوي

❊

ور اھي ئي ور تيا جيڪي حق رڪن
ڪري ور ونھن تي پلپل پيار ڏين
ونيو وريو ونن ونھون ھر ھر پاڪرين

❊

جي ور ڪٺيو وڃن اھي نہ چئبا ور
جن ۾ وڏا ور سي ڪوڙا قريشي چوي

1961-9-1ع
ڪراچي

❊

|30|

# سان سدائين سهڻا

چريا هيئڻ چون ته سان نه سوگو ڪن
جي سانن سوگون ڇڏيون ته سان ڪيئن سڏجن!
اچو هر ڪنهن ويل ۾ ولر منجهه وهن
هر هر هرڪنهن ئي منجهان پنهنجو سڳنڌ سنگهن
هو ويهي وٿاڻن ۾ سيڪي تا سمجهن
طالب مولا مستي جي مڻ متي ۾ اٿن
بيو سان اچي ڪو پاهران ته صفا ڪين سهن
متو ڏيو مرن يا جهوريو ڪڍنس جوءِ مان

❊

سانن ڪي ساڃاهه جا متي ۾ ڪئين مڻ
هردم هنن اڳيان ڏٽن سندا ڏڻ
هڪ هڪ توڏيءَ جي اٿن تانگهه، طلب ۽ تڻ
طالب مولا تن ڪي ڳجهي اندر ۾ ڳڻ
وٿاڻن جا وڻ ڪڏهن وسارن ڪين ڪي

❊

سان سجاڻن پنهنجون پري نه ڪي پهرن
وڃي ٻي وٿاڻ تي ڪڏهن ڪين وهن
جهاڳي پنهنجي جوءِ ڪي سمن تي سهڙن
اڳيان ڪري انهن ڪي پٽ ۾ سندن پرن

هجي مهاڙ مڙن ۾ ته به پنهنجن ڪين پڇن
سائو سائو ڪن تا سدائين سين
ذاران ذرارن طالب ڪنهن جا ڪين تيا

٭

سوگ نه ڪن ٻيا ساهه پريا سان ئي سوگارا
جي وڃي ڪا وڙواند تي هٿن ڦريو ڦونگهارا
واريو آٽين ولڙ ۾ پيربو پٽارا
باس نه وٽين ٻد جي پڇن ٿاڙهيون ڏيو تارا
گهڙيو پون گهور ڏيو سائوءَ سوپارا
جهڙا لهوارا تهڙا اوپارا
طالب چوي تن جا متا موچارا
ميا متارا جالين پنهنجي جوءِ ۾

٭

سانن سائي آهه جا ڪنهن نه پاري پر
بلڪل پٽارن جي ڪڏهن نه ڇڏين پير
جتي ڪٺڪا ڪندين جا اتي وربو ڪن ور
وهن ڪين ڪپر جهاڳيو اڇن اجهاڳ ڪي

٭

سان سدائين سهٽا ڇگا ڇوڪا چال
وڃن نه ٻي ڪنهن جوءِ تي سالن سندا سال
رکن سدائين روح ۾ محبت پنهنجي مال
جهنگ چرن تا جال پر وڃن ٻي نه وٿاڻ تي

٭

جيڏي ساجاه سانن کي تيڏي جي ماڻهن
ته جنگ جهيڙو نه ٿئي واٽان ڪين وڃن
ويهي پنهنجي وڳر ۾ سدا سک سمهن
ولر واريو پانهنجا سدا ساوڻ ڪن
سدائين صديقي چوي موجن منجهه مچن
هميشه هجن سيئين پرئين سنرا

❊

سان نه سهي وڻ ڪاڻ نه ڪدي ڪنهن جي
سختي سهي ڪاڻ ڪا محبّت سان ٿئي ميڻ
ته ٻه سڄاڻي ماءُ ۽ پيڻ مِچي جڏهن مست ٿئي

❊

سانن جهل نه پل چرن ٻلي چاه مان
ڪن تا اهي قرب ۾ سڪي، سائي ڪل
وهن جنهن وٿاڻ تي ته پِريو ڪن سي پل
جن ۾ هوندي ال سي ورائيندو واٽ تان

❊

سوگون سان نه ڪن ته وڙ ئي وڃن وڃائجي
حضورن ۾ هزارين هوند اچي الون پون
وڙن وجهن واريون مورڳو ڪين ملن
ڦنڊيون ڦرن ڦرن تي ڏڪيون ڪونه ڏڪن
ڪڙي وڃن ڪڙڪ تي ٻلون ڪين پڄن
ڏڌ، مکڻ ۽ ڪير مان بَرڪتون پَڄَن
پينگ ٿئي ياڻن تي ڪنڊيون نه ڪڻڪَن

ياڳيا ٺلهيون ياڻ تي وبنا وايون ڪن
جي ڪن تا مست مهي سان تن کي بڪون پچن
سچ تو صديقي چوي ٻلاريون نہ ٻرن
طالب مولا تڏهين ڪرڪيون نہ ڪڙڪن
سانير ڪين سڄن بنياد ئي وڃن بدلجي

29-8-1961ع
ڪراچي

※

|31|

# عورت ڏنگي پاسري

عورت ڏنگي پاسري سڌي ڪين ٿئي
زور ڏجيس ذرڙو ته ڀڄي نيٺ پئي
مرد به آهي تيغ جيئن جيڪو زور ڏئي
ته ڀڄي نهڙ نئي طالب مولا تنهن جو

❊

عورت ڏنگي پاسري سيئي ايئن چون
پر مرد به آهن تيغ جئن جي سڌا ڪين ٿين
هو ڀڄن ته ٿلهيون ئي ڀڄن هي ڀڄن ته ٻيا به ڦٽن
هو ڳنڍجن ته ڳنڍ ٿئي هي ٿهن ته خوب ٿهن
هن کي فقط هٿ سان پنيون پٽيون ٻڌجن
هن کي ڏين آتشون تڏهين تا مڙن
هو سڄيون ٿيڻ ڪان پوءِ پڻ ڪمزور ئي رهن
هي ٿهي وڃن ته ٺاٺ سان صدا صفون ڀڄن
سچ تو صديقي چوي مت نه ڪو مردن
چڱيون سي چئجن جي هٿ نه ڪن هنن سان

❊

وڏي وت وگر ۾ عورتون آهين
ويچاريون هر ويل ۾ ٿيون نندڙا نپائين
لوليون ڏيئي لاڏ سان راتيون وهائين
تڪليفون سڀ تن لءِ چشمن تي چائين

ننڍڙا وڏا ڪرڻ ۾ ورھ وڃائين
بديون بخشائين مائون پنھنجي مھر سان

*

ڪن جي محبّت مرد سان تہ روئي ريجھائين
سچيون ٿين صحبت ۾ تہ ناتا نڀائين
ڪن جي وفا ور سان تہ پاند ڳچيءَ پائين
پنھنجو ڪن پريِن ڪي تہ وري نہ وڃائين
قرب واري جو قَلبَ سان چاڪر چوائين
جي خودي ڪي ڪائين تہ مت نہ سندن ڪو ٻيو

*

اعتراف آھي انھن جو ٿيون محبّت ملھائين
ڪاھي پون ڪلفت ۾ تہ ٻيٺيون ٻڌائين
ڪاوڙجن ڪنھن مھل جي تہ سڀ سر سٺائين
اڇن پنھنجي پر تي تہ نات بہ نڇائين
سچيون ٿين سڪ ۾ تہ ڪنڌ بہ ڪپائين
مرد سندن محتاج ٿين جي ٻيھر ٻاڌائين
افسوس ٿيندو جيڪڏھن رڳو حجتون ھلائين
ڳرھاتيون ڳنڍڻ لاءِ جي پيار منجھان پائين
ءِ پلپل گھڻا پيار ڏئي تي محڪم مڃائين
تہ مست گھڻي ئي مرد تي ڳڻ سندن ڳائين
طالب مولا طلب ۾ شل قرب ڪمائين
لئون سچي لائين سدا ھجن سھاڳڻيون

30.8.1961ع
ڪراچي

*

[32]

# ڪُتو ڪُتو نہ چئو

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي وڏو ڪار
ڏئي ڏاران ڪڏهين ڪري ڪونہ قرار
بک ڏک ڏسي ڪين ڪي سدائين سچار
طالب مولا تهدليئون هميشہ هشيار
پهرو ڏي پرت مان جاڳڻ سان تس جار
پنهنجن سان پيار يونڪي بيگانن تي

4-6-1964ع
راولپنڊي

※

ڪتو ڪتو نہ چئو تو چان وڏي جائي
سدا حاضر حڪم تي ڏي متو مانڊائي
پادر پنهنجن جا جهلي پاڻ نہ ات آئي
ماڻهن وانگر مورهئون وري نہ ورائي
جي چتو تي پوي تہ بہ ڏئي سجائي
طالب مولا تنهن ڪي وينو واڪائي
هو تيڏاهن ئي تائي جيڏهن مالڪ موڪلي

4-6-1964ع
راولپنڊي

※

ڪتو ڪتو نہ چئو تو چاڻي وڏي چاڻ
بلڪل وڙهي بِچ تي متو ڏي ماڻڏاڻ
پونڪيو بيگانن سان ڪري چند ۽ چاڻ
مري مالڪ اڳيان پٽ نہ ڏي هو پاڻ
آدمن اهڃاڻ طالب مولا تنهن ۾

4-6-1964ع
راولپنڊي

❊

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي وڏو ڪم
نمڪ ملهائي نياز سان ڏئي هڏ ۽ چم
هٿي ڪونہ ڏٿي وٽ دعوا وارو دم
طالب مولا تنهن تي ڪو ڪري ڪونہ ڪرم
تہ بہ هڪل سان هڪدم هليو اچي هيج مان

4-6-1964ع
راولپنڊي

❊

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي وڏي ڪار
عادتون انهي جون آدمن آچار
ويتر وفادار سان دلبري ئي ڏار
طالب مولا تنهن ڪي پيار ڏئي تون پار
مري مالڪ اڳيان پٽ نہ ڏي پيڪار
گندو نہ ڏئي گار جي مالڪ هٿيس موچڙا

4-6-1964ع
ڪوه مري

❊

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي ڪم وڏا
ماني مليس ڪين ڪي تہ بہ هيجئون ڪائي هڏا
پاليل، پرايا ڪڏهين تڪي ڪين تڏا
محبّت مالڪ سان رکي لوچي ڪونہ لڏا
قِربو ڪري قڏا بلڪل بيگانن سان

4-6-1964ع
ڪوه مري

*

ڪُتو وجي ڪين ڪي پري پلڪ پهر
ماڻهن وانگر مورڳو متي نہ ڏئي در
ماني مليس ڪانہ ڪا تہ پٽي اچي پر
محڪم مالڪن جو سهي ڏوت ڏمر
محبّت جو محتاج سو گهري ڪونہ گهر
حڪم تي حاضر طالب چوي تهدليئون

4-6-1964ع
ڪوه مري

*

ڪُتو وجي ڪين ڪي پري پهر پلڪ
ڪچي پچي نہ ڪڏهين جي ڏئي هٿيس ذڪ
بلڪل بيگانن ڪي چنبڙيو هٿي چڪ
محبّت ئي مرڪ طالب مولا تنهن جو

4-6-1964ع
ڪوه مري

*

سالڪ هيئن چون "تہ ڪتو ويري ڪڙم جو"
جي نهارين نرت مان تہ عجب رنگ ڏسن
تہ ماڻهو ماڻهن سان وڙهيو ٿا وڏا چڪ وجهن
ڪتا بہ وڙهن ڪين ڪي جيئن ٿا هو وڙهن
پٽيو ماس پاڻ ۾ ننگئون ٿا نڪرن
"الدنيا جيفة" تي عمل خوب اٿن
سله رحمي ڪي سدا وساريو وهن
ڪتا وڙهيو ۽ وريو پيا گڏ هلن
هي رسيو مٿئين مقام تي تڪبر ۾ ترڪن
ظالم زبردستيون ڪن مٿي مسڪينن
حاڪم هيڪاري ٿين تہ سچ نہ ڪڏهن سنيرن
طالب مولا تن ڪي جي چڱايون چئجن
تہ بوڙا ٿيو بڌن هيڪاري هدايتون

5-6-1964ع

ڪوه مري

❊

ڪتو ماڻهو نہ ٿئي پر ماڻهو ٿئي ڪتو
اٿي هرگز ڪين ڪي ٿي غافل سنجهي ستو
طالب چوي طلب ۾ ٿي محبتي متو
تہ مت ماڻهوءِ جو نہ ٿئي جي رنگ ۾ خوب رتو
رکي ڪوٽ اندر ۾ تہ پوي ڪونہ پتو
ڪائي ڏر ڏٿي ڪي جي پوي ٿي چتو
گوئي ڪري گتو تہ گپ مان نڪري ڪين ڪَي

2-8-1964ع

اسلام آباد

❊

[33]

# مَتو ڪُپَندئي مِٽَي ۾

مهمايل! مجاز جي لڳيئي ڪانہ لغار
نرمل وجهئي ها نڪ ۾ محبّت جي مهار
تہ هوند نہ رکين ها هيتري محبتن ميار
پڙهي پروڙيئي ڪين ڪي ويئي عمر اپار
دک پهچايئي دلين کي بحث ڪري بيڪار
"لباس المؤمنين قلوب الکافرين" پڌرا سنڌ پار
رُلين شال رندن ۾ بڇڙو تين بَدڪار
تو پلائين خلق خدا جي نالائق نيڪار
طالب چوي تڪرار تو ڪرين سڀ طمع تي

27 4 1961ع

هالا

❊

تنهنجي سڀ طمع تي نيت آهي نادان
ڪرين رڳو ڪوڙ تون هلڪو ٿي حيوان
مومن جهڙو منهن ۾ بلڪل بي ايمان
اندر اونداهون اٿئي منجهايئي مسلمان
ظالم ذري ذر تي مڙيو اچين مروان
لافون هڻين لوڪ ۾ ظاهر ساڻ زبان
متو ڪپندئي متي ۾ شر پسند شيطان
مولا نہ ڏيندئي مان ڪنڌ نہ ڪڻندين ڪڏهين

28-4-1961ع

هالا

❊

مهمايل! منجهين پوين منجهہ من جي مونجهاري
ڪنڌ ڪٽين ڪين ڪي منهين موچاري
پوئي ڳت ڳچي ۾ وجهئي مجازي ماري
پرائي پچار ڪي شل ويهين وساري!
وري اچين وات تي پر چاڻي ڀهاري
ساري سنپاري ڪو بدلو ونئي بره جو
28-4-1961ع
هالا

❊

متو آهين مچ جان مهمايل! متير
پيو هت هلائيين پختا نہ اٿئي پير
رنگ ڪريو رات جو سجدا ڪرين سوير
تو ۾ ڏهاڙي ڏينهن جو ڏسجن تا ڏهہ ڦير
محبّت رکين مال جي مولا ڪان منهن ڦير
اهڙا ڪئين انڌير ڪرين تو ڪلتار سان
28-4-1961ع
هالا

❊

ڪرين تو ڪلتار سان نڳين وارا ناهہ
آذر سنڌءِ امام تيو وبئي رسولي راهہ
پاڻ نہ ڏنئي پانهنجو پر بينو ڪرين باهہ
پڇتائين هوند پاڻ لاءِ اٿئي بين جي لاءِ باهہ
سني اچئي ساهہ جي موچڙو لڳئي منهن ۾
28-4-1961ع
هالا

❊

ڪيو خدا خراب مهمايل مچ کي
واري وڻندس وير ۾ الله سائين آب
ڏنو ٿيندو ڏيهه ۾ ڪجندس نيت نقاب
طالب سندو تاب سهي سگهندو ڪين ڪي

3.5.1961ع
هالا

❊

[34]

# طالب تنوارون ڪري

آگا! ڪربان عرض تو بيٺي هٿ ٻڌي
وڪ وڪ تي وڏي طالب تنوارون ڪري

❊

طالب تنوارون ڪري رت ڦڙا روئي
دشمن دفع تون ڪجان چيو "تقنطوا" توئي
راتو ڏينهان روح ڪي آسر اهوئي
ڪونهي ڪو ڪوئي تو ري مدد منهنجي

❊

مولا! مددون منهنجيون هن دم ڪر هزار
سر ڪي سجدي ۾ رکي پلپل ڪيم پڪار
مهابي محمد جي ڪا چڱي ڪر چوڏار
منهنجو مٿو مٿي ٿئي هزارن ۾ هروار
منهنجي مداين جو ستر ٿيج ستار
طالب مولا تو اڳيان تو عرض ڪري اظهار
غافر ربّ غفار! ڪر تون سهنج سٺايون

❊

سيئي سهنج سٺائيون تون آگا ڪر عطا!
پلا پيو ڪو ٻڌندو سائين سندم صدا!
پناه ڏي تون پنهنجي عالم جا اجها

جيڏو آهين پاڻ تون کر ايڏا وڙ وڏا
بيو کير کريم آهه سائين تو سوا!
طالب مولا جا مشڪل سڀ معاف ڪر

❊

مشڪل سڀ معاف ڪر تون هادي حڪمتدار!
نڪمايون نڪري وڃن جئن مکڻ منجهان وار
قادر آهين ڪل تي غالب ربّ غفار!
جيڪي ڏوهه فريب ڪن سي گدودي ڪر غار
پردو تي پينار جو تون سدائين ستّار
هلاءِ سڀ هدايت سان پڪو پوڙهو پار
ربّ! تنهنجي رحم جو طالب طلبگار
ان کي ڏئي آذار مخالف مات ڪرين

❊

مخالف مات ڪري مون کي ڪر متي
تو کي عرض الله! ڪيم اها ڪٿ ڪتي
لتي ۽ پٿي تئي طالب فاتح فضل سان

❊

ڪري عرض اپار هي ڪريان تو آمين
رهبر رهج راهه ۾ ربّ العالمين
سازشن تي سيئين پرئين يا ربّ پڙهه يسين!
مهت ذبيح مهابي ختم المرسلين
الاهي آمين! طالب ڪئي طلب ۾

❊

طالب ڪري طلب ۾ رويو صدا ربّ!
مخالفن کي منهنجي آڻين منجهه ادب

ختم ڪر خالق تون چرين سندي چپ
ڏي هڙني کي هدايت جي طالب چوي طلب
سهٽا ڪري سبب ڇڳي وڇهين چت ۾

❊

ڇڳي وڇهين چت ۾ هادي ڏين حيا
ڪجي سگهن ڪين ڪي مون کي ڏيج ڏيا
پنهنجا هجن پاڻ ۾ اڪثر سپ اڙيا
موٽي لڳن منهن ۾ سندن سپ گهڙيا
طالب چوي تڙيا وري اچن وات تي

❊

وري اچن وات تي هادي سپ هڪدم!
ڪچو ڪڻن نہ ڪڏهين پنهنجو ڪوبہ قدم
مدايون ڪيين من مان مولا تون محڪم!
پڇتائين سيئين پرئين ڏين فيض ساڻ فهم
طالب چوي طلب ۾ دائم نہ هٽن دم
خرابيون ختم اج ئي ڪر الله تون!

❊

اج ئي ياالله تون آزيون سپ اگهاءِ
مهابي مرسل جي عرض هي اوناءِ
طالب سندا تاءِ دشمن پنهنجا پاڻ ۾
10-5-1961ع
امين منزل - حيدرآباد

❊

[35]

# پاڻ مرادو اچ

پاڻ مرادو سڏ تہ اوريان حال اندر جا
سهڻا، سڄڻ، سپرين! چرڪ سپيئي چڏ
طالب مولا تنهنجو عجيب! ان ڪي اڏ
گوڏي ساڻ تون گڏ تہ پرت وراهيون پاڻ ۾

27-2-1966ع
ڪراچي

❊

پاڻ مرادو تي تہ هڙئي حال بڌائيان
منهنجي ٻہ پرين پيار جا پت پيارا پيءُ!
طالب جو تو ساڻ ئي قرب آهي قوي
جاني! گڏجي جي عجيب! اداسي آهيان

27-2-1966ع
ڪراچي

❊

پاڻ مرادو اچ تہ ڪريان تو سان ڳالهڙيون
طالب مولا طلب جون ڳالهيون ڪري ڳچ
هڪدم هڙي حال ۾ پرين اچي پهچ!
منهنجا سهڻا! سچ تون ئي واهہ ولهي جي

❊

پاڻ مراديون ڪر ويهي مون سان ڳالهڙيون
قربائتا! قرب جي ڪر ولهي تي ور

يا سڏ مون کي سپرين | دلبر پنهنجي درا
نہ تہ هلي آءُ حبيب! تون | هن گوندر ئي جي گهر
تہ پاري پوري پر | طالب مولا طلب جي

❊

ٻڌ هنيڙي جون هزار | پاڻ مراديون ڳالهڙيون
اڄ تہ سهي اڳڻ تي | حبيب تون هيڪارا
ڏيندس وٺندس ورهہ جا | وهوا سڀ وهنوار
جي سچي هوندي سهڻا! | تہ مڃيندس ميار
اعتراف ڪندس ان جو | ڀهڳڻ آئون ڀيهارا
جي حرفي ٿئين حبيب تون | تہ بہ معاف ڪندس مننارا
ڏيندئي رڳي پيار | طالب مولا طلب ۾

❊

ڪريون اڄ عجيب! | ڪي پاڻ مراديون ڳالهڙيون
ڪن ڏئي ٻڌجان قرب جون | ڪرم ساڻ قريب!
درد اچي دور ڪر | طالب جا طبيب!
نرمل مون نصيب | جي اچين منهنجي اڳڻ تي!

❊

پرين اچي تون پيچ | پان مراديون ڳالهڙيون!
مات نہ ڪر محبوب تون | ڪجهہ تہ پيارل ڪيچ!
لڪي لوڪان لڄ | طالب ساڻ طلب ۾

❊

ٻانهون ڪري هار | ڪريون پاڻ مراديون ڳالهڙيون
پلا چاهي ان ۾ | جي پيارا ڪجن پيارا!
سڏي ون سجڻ تون | يا هلي آ هڪوار
محب، منا، مننارا! | طالب مولا تنهنجو

28-2-1966ع
ڪراچي

❊

|36|

# مناين منو گهڻو

کنڊون، ماکيون، مصربون، جي کٿي اچجن کوڙ
منايون سڀ ملڪ جون پل ڪنيون ڪجن ڪروڙ
تہ بہ مت مني جو نہ ٿين ڪٿ وجي ڏجي ووڙ
هو منو مڙني کان گهڻو هي جاني سندي جوڙ
ڪئي طالب مولا توڙ ڳولي انهيءَ ڳالهہ جي

2-3-1966ع
تاراهہ

❊

مدام آهن مناڻ اڻ ميا عجيب ۾
پڪون پياريئين پرت جون پاڻان جاڻي پاڻ
مَنهنجو منهن منو ڪيئين ڏئي منن جا ماڻ
ناهي وينو وجود ۾ وهڻ جا وتاڻ
طالب مولا تنهنجي چا ويهي ڪري واڪاڻ!
مون ڪي پريٽءَ پناڻ پيِنڌ پاتا پرت جا

2-3-1966ع
تاراهہ

❊

گهڻي ماڻهو منا پر مڙنيان محب منو
اينهين مون نہ ڏٺو ڪو طالب مولا ملڪ ۾

2-3-1966ع
تاراهہ

❊

کندان، ماکيان، مصريان منهنجو منو محبوب
مناٽن کان منو گهٽو طالب جو مطلوب
مون سان ٿيو منسوب طالب مولا تهدليئون

3-3-1966ع
هالا

❊

منايان منو گهٽو منهنجو محب منو
ڏاڍو اُٿم ڏنو تہ بہ نئين سج نئون ٿو ڏسان

3-4-1966ع
نوابشاه، تيزگام

❊

[37]

# آهي آب حيات

ڪٿي ماڪيون، مصريون ڪٿي پربن پڪ!
چکئي چربائي نہ ٿئي پڻ سڪن مٿي سَڪ
دارو آهي درد جو هردم سا هڪ ٽڪ
طالب مولا جي رهي چو نہ انهي ڏي چڪ!
چوان چڙهي چوٽِ تو ناهي لوڪان لڪ
ڳالهہ اها ئي لڪ جِي حقيقت ۾ هڪ
تہ هن جي تکي تِڪ مڙني مشروبات کان

❊

ڪٿي ماڪيون، مصريون ڪٿي شهد شڪر!
مد کي ناهہ مجال ڪا جو ڪلهو هڻي ڪنهن پر
مت مورهئون نہ ٿين مشروبات مگر
ڏني لبَ لبن جي عجيبن اگر
طالب مولا تر هرهر ڪبو حلق کي

❊

طالب مولا هن ۾ نہ شڪ، گمان، دليل
هوءَ جڙي هن جهان ۾ هن جي هت سبيل
هوءَ هتي ملي تہ بہ ڪڏهين ڪنهن کي ڪا قليل
ڪٿي سلسبيل ڪٿي پڪ پربن جي!

❊

لائق لبَ لبن جي نس پسِ نجابت
طالب مولا تنهن ۾ نامي نجاست
سراسر سعادت آهي پڪ پرين جي

❊

ڪٿي اچن انَ ميون چاشنيون مان چين
مورهئون ماڪيون. مصربون ۽ اچي انگبين
ٻي مڙيئي ملڪ جون شيون سڀ شيرين
ناهي پلي ناهه سان مشروبات مشين
هي طالب مولا پي ڏسن جي ميخانن مڪين
نہ وسري وجي واهه جا مورهئون مئي مشڪين
بيشڪ ٻي قرين آهي لبَ لبن جي

❊

ڪٿي لب لبن جي ڪٿي شاخ نبات!
شرم شوڏارا ڪري ۽ مڙئي مشروبات
طالب مولا تيا اچي جت معالج سڀ مات
اتي پڪ پرين جي ڪري ڏاتر ڏني ڏات
اصلي آب حيات آهي لبَ لبن جي

❊

ڪٿي لبِ لبن جي ڪٿي عرق گلاب!
جئن جئن پيچي پيار مان تئن نشا ڪري ناياب
طالب مولا تنهن جو آهي حد نہ حساب
ڪٿي لبن لعاب ڪٿي شيشا شراب جا!

❊

جڏهن ياقوتن    ڪجهه بہ ڪيو ڪينڪي
طالب مولا تڏهين    ٿي ماريو مايوسن
پر اتي لب لبن    اچي ٻيڙا پار ڪئا

❊

هليو نہ زور ذهبُ جو    مهل نہ ڪئي موتِن
اوج نہ ڏني جڏهين    جواهرات جڏن
ڪجهہ بہ ڪيو ڪينڪي    خالص خميرن
جتي بلڪل بس ڪئي    دائم دوائن
طالب مولا جو اچي    پهتي پڪ پرين
تہ هٿي وِجي هنڌ ڪيو    سوهارن سرڪن
ڪتي لَبَ لبن    ڪتي جواهر مهرا!

24-8-1968ع
24 جمادي الثاني 1388ھ
هالا

❊

هڙان وڙان اچي ڪيا    وس وڏا ويجن
ستِن سور وڏائيا    فرق نہ ڪيا ڦڪن
پڙن نيو پوئتي    هيٺو ڪيو حبن
آٿي ڏاهن ڪئين ڏنا    شيشا شربتن
تڪليفون طلب جون    ٻيٺيون ڪيون ٻڪن
لاٿا درد نہ دل جا    حاذق حڪيمن
معجونن مان ڪين ٿيو    اثر نہ ڪئو عرقن
جوارش جڏو ڪيو    ڪم نہ ڏنو ڪشتن
ڪجهہ نہ ماءُ اللحم ڪئو    لوڏيو لعوقن

ويتر سوز نوان تيا دور نہ ڪئا دارن
هئي بيماري برھ جي سا سنوان چا سمجھن!
اتي تڏهين ڪجھ نہ ڪئو تڪڙن تشخيصن
وينا هارائي وير ۾ تہ بہ ترس نہ طبيبن
اتي انهي حال ۾ سنپاليو سڄڻن
ڪو جو پور اچي پيو هڪدم حبيبن
پهتا پري پلڪ ۾ ڪئا قرب قريبن
اچي پاڻ پريم مان پياري پڪ پرين
طالب مولا تي شفا انهي ئَي پيرن
ڪتي لعاب لبن ڪتي حيلا حڪيم جا!

❊

مد مرڳو وڪجي هر دم متي هٿ
پيالو اچا پري هجي تہ چوهئون اچي چٽ
ان جي پيتي پاڻ تئي ڏادي ڏاڙهي پٽ
طالب مولا تي وجهي وسڪي وڏا وٽ
اچو چڙهن اڪن تي تہ لهن ڪين لٽ
ڪتي مي جا مٽ ڪتي پڪ پرين جي!

❊

ڪتي پڪ پرين جي ڪتي مئي جا مات!
انهي سرڪي واسطي ليلائن تا لاٽ
چکي جن هي چاٽ سي طالب راحت رسيا

25-8-1968ع
30 جمادي الثاني 1388ھ
هالا

❊

جا ڪتي نہ ملي ڪڏهين ۽ سا ڏني نيت نجيب
آخر اچي عجيب ٿيئا طالب مولا طبيب
ڪتي لب لبيب ڪتي مفرحون ملڪ جون!

1968-8-30ع
5 جمادي الثاني 1388هه
هالا

❊

ڪت طبيبن تدبير ڪتي عطا عجيب جي!
ڪتي لب لبن جي ڪتي لبوب ڪبيرا
طالب مولا محب جي ڪري قرب ڪثير
نہ ڪتي ٿيئا اڪسير ڪتي پڪ پربن جي!

1968-9-2ع
8 جمادي الثاني 1388هه
حيدرآباد

❊

چندا قيمتا ڪئين ڪيا پيرن، فقيرن
ڏاڳن ڏونڌاري چڏيو تايو تعويذن
ڏاڍو ڏينهاڙي ڏنو بيٺو بر بڪن
سوپ سحيقن مان نہ ٿي لوڙهيو لبوبن
طالب مولا توهہ ڪئي تر نہ ترياقن
بيٺا چڪ چڪائيا مرگو مرهمن
وڏي لب لبيب جو منجهہ مزني مرڪبن
مورهئون ڪان مرضن شافع شفا پو ڏني

1968-9-9ع
15 جمادي الثاني 1388هه
ڪراچي

❊

ڪرين تو قرب ۾ لالڻ ڇا ڪان لڪ!
پنهنجو بنائي پيار مان چو تو پرين چرڪ!
شايد تو وٽ ناهه سا چاتي واري چڪ
طالب مولا سان نہ ڪر دم دم دلبر ڏڪ
لائي لب لبن سان سرڪي پياري سڪ
جانب يار! جيار تون حقيقت ٿئي هڪ
علاج اٿيئي منهنجو حبيب! هي هڪ ٽڪ
جاني! جياري چڏيين جي طلبئون ڏيين ٽڪ
پربن پيارين پڪ تہ وري جاني جي پوان!

10-9-1968ع

16 جمادي الثاني 1388ھ

حيدرآباد

❊

[38]

# ويل وقت نہ آهيان

جي پائين جيئرو هجان تہ پڪ پريمي پيار
انهي آب حيات مان ڏاتارا! ڪي ڏيار
طالب مولا کي منا ماري، ماري نہ مارا!
ڪٺي نظرون ناز سان جاني! پاڻ جيار
پهريان وعدا پار ويل وقت نہ آهيان

15-9-1968ع
21 جمادي الثاني 1388ھ
هالا

❊

جي پائين جيئرو هجان تہ اچي پاڪر پاءِ
جڏي منهنجي جسم کي پنهنجي لڳين لاءِ
سالن کان پوءِ سپرين پنهنجا پير چماءِ
سهڻا صديقي کي بيخود اچي بناءِ
پنهنجو سڳنڌ سنگهاءِ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان تہ مون لئي ٿيج مچڏ
تون قوي آهين قرب ۾ منهنجو هيٺو تئي هڏ
سهڻا! صديقي کي گهرائي وهارج گڏ
سڏ ۾ ڏيندس سڏ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته هڪل ۾ رس هاڻ
طالب مولا جي پرين کر ڪا وٺ وراڻ!
منڙا! مون کي ماڻ ويل وقت نهَ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته سائي ٿي سان سڏ
پرتي اٿئي پيار جي لالڻ سائين لڏ!
اڪيون پوريو اڄ تون اڳيان ڪوهه نہ ڪڏ
شل آڏي اچئي نه اڏ ويل وقت نه آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته محبّت ۾ تي مڳ
اونهين پيار وري بہ ڪر جئن عجيب! ڪيئي اڳ
طالب مولا وٽ پرين! پرچي ڏي کو پڳ
ورچون ڏي وصال جون ته درد بہ وڃن دڳ
اچي لڳين لڳو ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته هلي آءُ حبيب!
لائي لڳ لڳن سان منيون ڏينم مجيب!
سهڻا صديقي جا لائق يار لبيب!
منهنجا تِي نصيب ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته گڏجي پيالا پي
مون کي بہ جوڙي جيارجان ۽ تون پڻ جانب جي!
سينو سيني تي رکي سجڻ لاهه کو سي
سچ تو صديقي چوي توپ تڪي جو تي
کر کو قرب قوي ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته قرب اچي ڪي ڪر
نوازڻ جا نجيب تون پيير پيارا پِرا!
محبّت واريون منزلون سيپيئي ڪر سرا!
راتِن جي رهاڻ جي ويتر ڪجئين ور
آهن تو لءِ اکيون طالب سنديون تر
سهڻا! صديقي ڪي نوري تون نظر!
گهرائي وٽ گهر ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته ڳري لاءِ ۽ ڳل
ويهي وري وصال جون رمزون سيئي رل
ڪٿي چاڙهج چاهہ مان وري گهورن گهل
سينو سيني تي رکي جذباتن کي جهل
جن وهڻ وهہ ڪري ڏنو تن پورن کي پڻ پل
سچي ڳالهہ تون سل ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته دل جا ڏوئج داغ
اچي پيارج عشق مان اڻ ميا اياغ
بينا ڪري بهار اچ برهہ وارا باغ
ٿو زوري منجان زاغ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ٿي حامي منجهہ هڪل
نہ تہ مون کي گهراءِ محب تون جي هجيئي جانب جهل!
مون کان تہ نہ ٿي ٿئي پرين! پورن سندي پل
تو ۾ منڻا محب! ڪا اصلي ڪانهي ال

تہ منهنجا بہ ناهن ملڪ ۾ بلڪل ڪي بدل
اڇي اوڳاڙ عشق جي ڍولڻ! مون ڪان ڍل
سهڻا صديقي چوي عاجز لاءِ امل!
منهن جا محب منل ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان تہ ٿار مڙيئي ٿپ
طالب مولا ڪان ڪبا کهڙا ڊاءَ ۽ ڊپ!
برج ڪيڏون برھ جي لائق! ڪر لهپ
ڀهڳڻ! ڀاونگير جي هجني ڪتڻ جا ڪپ
ڏي ڪا شوق شراب مان لالڻ ساقي لپ!
چتا آهن چپ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان اڇي اولا لاھ
ليڪا سپ لڪڻ جا ڊج نہ ڍولڻ ڍاھ!
قرب مان قريشي ڏي قربدار تون ڪاھ
اڇ تہ سهي عجيب تون پو سينو پلي ساھ
وسائين نتو وجود مان برھ واري باھ
سوين هجنئي شابسون اِينهين ڪبو آھ!
چاهئون وري چاھ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان تہ محب اڇ مون وٽ!
عجيب! عزت تنهنجي نہ گوھر تيندي گهٽ!
ڪٽي سيني لاءِ تون جي پيل آهيان پٽ
تارون طلبن واريون قربدار نہ ڪٽ!

نرمل! نوحاڻيءَ لاءِ سانگا ڪٺي ست
منهن نہ منا! مت ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان تہ وائي ڪر وصال
پهريين ڏينهن پرين منا! جا ڏنم جوت جمال
تہ ڪڏهن ڇڏيو ڪونہ ڪو تنهنجي خاص خيال
سچ پچ صديقي چوي ماريو هن ملال
جو پچي پرين پري ٿيين قربدار ڪلال!
هاڻي تہ پچ حال ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان تہ پيارا! لهہ پرگهور
حبب! اچي هتاءِ ڪا قلب واري ڪور
ڏي ڪا وٽ وصال جي تہ جهڪي ٿئي جهور
نرمل! نوحاڻي جي لهن هنيين جا هور
موتي اچ تون مورا! ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان تہ عجيب هلي اچ!
محبت ڏني ڏينهڙا گڻ تہ ٿيا گچ
مري نہ وڃان محب مان پلڪن منجهہ پهچ!
نرمل نوحاڻي سان محبت اندر مچ
سجڻ سائين سچ! ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان تہ مهر خموشي هڻ
تہ باهر باڦ ئي نہ ڪيان چيرين پوان نہ چڻ

ڏکي دلبرا! دور ڪر دردن وارو ڏڻ
اڄا سلو سڪ جو سائو آهي سڻ
ڏينس پاڻي پيار جو تہ وڌي تئي وڻ
ميوا جهلي محبّت جا سي ڪاءُ اچي، ٻيا ڪڻ
عجيب! ڪپئي اچڻ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان هلي اڄ هاڻي
زورآورا! زبان ڪي پرين ڏي پاڻي!
توکي معلوم منهنجي عجيب! آکاڻي
پري نہ ڪر پاڻ کان جاڻي سجاڻي
طالب مولا جا منا! تو جاڻ سيئي جاڻي
اهو آهي چا پلا اڄ ۽ صبحاڻي!
ويل نہ وهاڻي ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان تہ هاڻي ڏيج نہ ڏڄ
پياري پڪ پيار جي پرين! ڪرائج پڄ
حبيب! هاڻي هجر ۾ ماري ڪجئين نہ مڄ
توري منا! من سان بلڪل آهي پڄ
سڄڻ! صديقي تو سوا رڳي پانيئي رڄ
اچي اجهائج اڄ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان بلڪل ڪينڪي پڄ
حبيب! اچي هڪ تي منهنجي حال ۾ هڄ
تہ ولوڙي ڪيئن ورهہ تو احوال جڙئي اڄ!

طالبُ مولا، تون ٻئي ڏيون ڪڙاين ڪج
رلجي ڪر ڪو رج ويل وقت نہ آهيان

❋

جي پائين جيئرو هجان تہ رڙهي اچي رس
حقيقت هن حال جي پرين پيارا پس!
ڪندين اڄ احسان هي تہ جڳ ۾ چوندئي جس
قريشي سان قرب ۾ ڪر رهاڻ ۽ رس
سڪ ۾ صديقي سان صحبت ڪج سرس
ڪٽي ڪائج ڪس ويل وقت نہ آهيان

❋

جي پائين جيئرو هجان تہ رسٽا لاءِ ڪو رنگ
وري اچي وجود ڪي ٻيٽو پاءِ تون ٻنگ
تہ ڇڏي شهرت شهر جي جهونجهي لهون جهنگ
طالب مولائي ۽ تون وري وڃهون ونگ
ٿار اچي انگ انگ ويل وقت نہ آهيان

❋

جي پائين جيئرو هجان تہ هاڻي ڪيِ نہ ڪنڌ
پرين! اچي پيار تون وري محبّت منڌ
نہ تہ مون کي گهر گهراءِ تون جي پڄئي نٿو پنڌ
مون وٽ تہ آهي مورڳو عشق وارو انڌ
سڪ ۾ صديقي جو سڪي ٿو سنڌ سنڌُ
هي ئي اتئي هنڌُ ويل وقت نہ آهيان

❋

جي پائين جيئرو هجان تہ لاهہ برهہ جا بند
نوري اچي نواز تون عجيب آسروند!

پيارج لب لبن جي — ڪيڏهن ڪيا قندا!
اچي قوت قلب ڪي — سنگهاءِ اچي سڳند
نتو اچين نجيب تون — چو ڦير ڪيئي ۽ ڦندا!
حيرت ڪان هن ڳالهه جي — ٿم ڏندن متي ڏند
صديقي تنهنجي سڪ ۾ — ٿو سڙي جئن سپند
رس رڙهي سڀ رند — ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان — تہ اچي اڳن اڏ
چڏ هي رسڻ روز جا — ڪٿي وڃهين ڪڏ
طالب مولا سان وري — گوڏو پنهنجو گڏ
قسم قادر جو اٿئي — چرڪ سيپئي چڏ
سهتا! ڪٿي سڏ — ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان — تہ چڏ تون ڏاءِ ۽ ڏپ
هلي اچ تون هيج مان — ٿپ تي ڏيئي ٿپ
طالب مولا آهيان — سجڻ! ناهيان سپ
هجئي منهنجو ڪپ — تہ ويل وقت نہ آهيان

16.9.1968ع
22 جمدي ثاني 1388هہ
هالا

*

جي پائين جيئرو هجان — تہ صحبت مان ڏي ساءُ
هليو اچ حبيب! تون — ڪيا نہ ڪي ڏپ ڏاءُ
وري ڪي وصال جا — وار ورهہ ۾ واءُ
کهڙا ڪيا قرب ۾ — پيلا رک رڪاءُ!

طالب مولا مان ٻہ وٽ — ڪي تہ سڄڻ تون ساءَ!
هلي آءُ ”هماءَ“! — ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان — تہ سڄڻ! تي نہ سخت
نوري! نوحاڻي ڪي — ڏي طلبن وارو تخت
تي هاڻ ٻہ منهنجو بخت — ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان — تي نماڻي نصيبُ
اڱ ۾ ئي تون آهيين — لائق ۽ لبيبُ
طالب مولا لاءِ تي — طلبن منجهہ طبيب
جيڪر تيين قريب — تہ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان — تہ قلب مان ڪڍ ڪچ
هيٺي وٽ حبيب تون — پاٺهي پري اڄ
ويهي ڪريون قرب جون — دلبر ڳالهيون ڳجهہ!
صديقي چوي سچ — تہ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان — تہ اکيون اچي ڪر چار
هجر ۾ نہ حبيب! تون — پل محبت ۾ پيو مار
اها سرت صديقي چوي — دلبر سائين ذار!
ڪر قربائتي ڪار — ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان — تہ هاڻ نہ وڃاءِ ويل
پرين! ڪر ڪا پيار جي — ريهي ريل ۽ چيل
تہ ڪريون ڪي قريب تي — محبت سندا ميل
سورن جي صديقي چوي — بيهي ڪريون پيل
سڄڻ! اڄ سويل — ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ته نرمل ڪر نه نراس!
تنهنجا سور صديقي چوي تا مورهئون کائن ماس
ڳڌجي گوندر ڪي نهوڙي ڪريون ناس
عجيب! هجئي احساس ته ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان ته ڪن قرب جا قدم
عجيب! اجايا تا وڃن دوري وارا دم
ڳڌج ته گوندر لاهيون غلط ڪريون سڀ غم
رکون ڦٽ فراق تي محبّت جا مرهم
اٿئي منهنجي سر جا ڪيئي سو قسم
لاهي ڇڏ وهم ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان ته رس تون ڪارڻ ربّ
ڦتا ڪر فقير سان سڀيئي سبب
سچ تو صديقي چوي چڙون ڇڏ ۽ چب
عجيب! نه ڪاۓ عجب ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان ته لالڻ ڇڏ لڪون!
ڦٽڪن تيون فراق ۾ تو لئي سڄڻ سڪون!
اڪن اوهيرا ڪري چؤطرف ڪيون چڪون
عادت هي نه اسان جي ته ڏورن جيئڻ ڏڪون
طالب مولا ڪي تڏهين ڏي طلب مان تڪون
پيارج پاڪ پڪون ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان ته پربن رهه نه پري!
دردن سوڏي دلڙي پئي ڳِڻتن منجهه ڳري
فرق فقط هي ٿورڙو پئي ٻڏي ۽ تري
تنهنجي به سربو تي وجي منهنجي به پئي سري
سچ ٿو صديقي چوي هيئن وري نه ڪي سري
مالڪ مرضي جو ٿيين ڏس دل تي هٿ ڌري
اڄ تون پيرِ پري ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان ڍولڻ منهنجا ڍول!
نوري! ڪر نوازشون نه جهلي بيهان جهول
قلب مان قريشي جي هڪدم لهن هول
پورا ڪر تون پيار مان جي بيهر ٻڌئي ٻول
ويتر ڪين وسارجان قربن وارا قول
سهڻا! صديقي جي ڪر ڳجهارت جي ڳول
نه روح رچنديون ڪي ڪريون ريجهي منجهه رتول
پلائي چڏ ٻيا پول ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان محب مٿي جا موڙ
منهنجي ڏئين ڪا ڪنهن ڪي وجي جيڪر ووڙ
تو سان به ڪيا ڪڌهن ڪي گوندرن گوڙ!
يا اسان سان اصل ڪان پئي ڪري پرت پتوڙ
تنهنجي ڪئي طلب ۾ طالب مولا توڙ
جوڙِ اڄي ڪا جوڙ ويل وقت نه آهيان

※

جي پائين جيئرو هجان ڏي طالب کي نہ تڏ
هن وٽ آهي ڪانہ ڪا پرين پيارا پڌ!
پرتي اتئي پيار جي لالڻ سائين لڌ!
ڏکي ڪيڏ دوري کي ڪر گدلي سان ڪا گڏ
قريشي سان قرب جي اچي ڪر ڪا اڏ
چڏي اچ هوء چڏ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان ۽ مران ڪين مان
نہ هليو اچ حبيب تون حالي هڪ لڱان
نہ وٺئين ڏاڍو وجود کي ۽ ربجهين پئين روحان
طالب مولا کي منا! هوند چمين چاهہ منجهان
سڏ پرين! تون پاڻ ڏي نہ پلڪ اندر پچان
وري هوند اچان ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان نہ پري اچي ڪر پيار
هاٿي چڏ حجاب کي عجيب چڏي آرا
ڏسندين نہ چاهئون چنبڙندين بلڪل بي اختيار
نوري! نوحاٿي جو ٿي غمن ۾ غمخوار
سچ ٿو صديقي چوي نہ ڀهگڻ ٿي نہ بارا
قريشي قربائتو ڀيهر ٻہ تئي ٻلهار
طالب مولا ٿو چوي هي عشق منجهان اظهار
اهو ڪر اتبار نہ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان　　تہ پت پرت جي پار
رمزون روز رسڻ جون　　تيهہ ئي ڏينهن تون ٿار
اصلي تنهنجو آهيان　　هنيون نہ هرگز هار
نہ تہ عاشق چواءِ نہ اصلي　　۽ وعدا سڀ وسار
ڪوڙو سمجهيئي قرب ۾　　محبوب سائين مار!
طالب مولا ڏي پرين!　　ڪٿي ڪنڌ نهار
اکيون اچي ڪر چار　　ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان　　تہ ڪڻ برهہ جو بار
سوگند تنهنجي سر جو　　اٿم نينهن نبار
اصلئون تنهنجي عشق ۾　　ڀڳڻ! ناهيان ٻار
اڄ تہ جهولي ۾ جهلي　　اهڙو ڏيئين پيار
سيوڪارن ۾ سهڻا!　　ونجئي هڪ هڪ وار
طالب مولا سان ڇڏ　　گوهر تون گينوار!
ٻنهي ٻانهن جو ڪٺي　　پاءِ حقيقي هار
اهو ڪر اتبار　　تہ ويل وقت نہ آهيان

❊

جي پائين جيئرو هجان　　تہ اچي ڪر احسان
سڏڪا هر هر ٿو پري　　اندر جو ارمان
تون بہ انسان آهيين　　آنءُ بہ آهيان انسان
مشڪل مڙئي پانهنجا　　اڄ تہ ڪريون آسان
يا فطرت ۾ ڪو فرق پيو　　ڇڏيو جذبن جهان!
آرزو مان عشق ويو　　ٿي تقاضا تالان!
يا ختم ٿي ويون خواهشون　　۽ سڪ جو ويو سامان!
متان تاب تمنائن ڇڏيو　　۽ مطالبن ميدان!

نوري! نوحاڻي جو اچا نينهن اتئي نالان
حبيب هميشہ نہ اچين تہ بہ محب تي مهمان!
نرمل! ٿيس نادان تہ بہ ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان اچ عجيب الاڙي!
اکيون عاجز تي پيون ڳوڙها سو ڳاڙي
حبيب سائين! هجر تو لونءَ لونءِ لتاڙي
ڪٿي واري ڪنيو جان پئي محبت مناڙي
آوي وانگر عجيب! تي سڪ سدا ساڙي
ڪيل قول قرار تون اچ پرين سپ پاڙي!
تہ بہ سمجهين نٿو صديقي چوي گهوڙا گهوڙا ڙي!
من پچين اچين پاڙي ويل وقت نہ آهيان

*

جي پائين جيئرو هجان تہ ڏک نہ ڏي ڏوڙا
عشق هٿي تو اڻ ڳڻيا هر هر هٿوڙا
پيارا يار! پڇي تہ ڏس سپ اوڙا ۽ پاڙا
هلن ڪئن حبيب تا جهان ۾ جوڙا!
پنهنجا بہ پرين شل هجن جوڙا سجوڙا!
تہ بہ سمجهين نٿو صديقي چوي گهوڙا ڙي گهوڙا!
ٻڌين نٿو ٻوڙا تہ ويل وقت نہ آهيان

17 9 1968ع

23 جمادي الثاني 1388ھ

حيدرآباد ۽ ملتان جي وچ ۾

فوڪر فرينڊشپ پي ڪي 602

*

[39]

# ڪنهن کي خبر نہ ڪنهن جي!

چرين کي چريو چوڻ آهي چريائي
ڪڏهن ڪبي ڪانہ ڪا حقيقت هوائي
مورهئون متان تون هجين صفا سودائي!
سچ تہ صديقي چوي طالب مولائي
ناهي ڪڏهن ڪائي ڪنهن کي خبر ڪنهن جي

❊

چرين کي چريو چوڻ چريائي آهي
ڪهڙو پتو ڪنهن کي ان سان ٿيو ڇاهي!
متان اهي عشق ۾ ويا لاڳاپا لاهي!
طالب مولا هو متان پيو نينهن نباهي!
چئي نوحاڻي ناهي ڪنهن کي خبر ڪنهن جي

❊

چرين کي چريو چوڻ آهي وڏي چڪ
متان هڏ هنن جا رلندي ٿيا رڪ!
طالب مولا ڪا هنين متان محبّت رڪ!
هي نڙي ڇڏج نڪ تہ ڪنهن کي خبر نہ ڪنهن جي

❊

چرين کي چريو چوڻ هي ڳالهہ ئي اجائي
متان پيتئون پريم جي ڪا سرڪي سوائي!

حقيقت هن حال جي ڪنهن کي نا ڪائي
شايد محبوبن ڪاڻ تيا آهن توائي
اهڙي منزل محبتي هئي اسان تي به آئي
متان دردن هن کي چڏيو کپائي ڪائي!
طالب مولائي ڪنهن کي خبر نه ڪنهن جي

❊

چرين کي چريو چوڻ ڏاڍو آهي ڏوهه
سردي گرمي هڪڙا لڳ اتن چن لوهه
وڏي وين وجود ۾ محبوبن جو سوهه
طالب مولا هن کي آهي طلبن سندو توهه
اهو آهه اندوهه نه ڪنهن کي خبر نه ڪنهن جي

❊

چرين کي چريو چوڻ ڏوهه آهي ڏاڍو
متان هجين ڪو ڪاڍو ڪنهن کي خبر نه ڪنهنجي

❊

چرين کي چريو چوڻ هي ڪم نه ڪاملن
متان سودا سڪ جي ۽ محبت اتن من!
تڏهن پيا طلب ۾ رجون سپ رلن
متان تن جي مورڳو پيا ڪيئي ڪليو ڪلن
هو مڙئي محبوبن لاءِ سر تي تا سهن
طالب مولا تن سان همدرديون هجن
اندر چا اتن ڪنهن کي خبر ڪنهنجي!

❊

چرين ڪي چربو چوڻ خوف نہ خدائي
پهرين ڏس تون پاڻ ڪي متان تون ئي توائي!
سوچڻ سمجهڻ ڪان سوا ڏوڙ تهڙي چائي
متان نہ چربو تون هجين رڪ سمجهہ سجائي!
طالب مولائي ڪنهن ڪي خبر نہ ڪنهنجي

❊

چرين ڪي چربو چئي خلق نہ ڪلائين
متان حقيقت پانهنجي ٿو بين بڌائين!
سمجهہ وارن جي سامهون متان سنئون سڏائين
طالب مولا ڏيان سان سوچج سدائين
ڪڌهن پنهنجي پاڻ ڪي متان پڌائين
سمجهہ رکج سائين! ڪنهن ڪي خبر نہ ڪنهنجي

❊

چرين ڪي چربو چئي پاڻ نہ چربو ٿي
سور پنهنجا پاڻ ئي پاٿهي وينو پي
هميشہ هلڻ جو اٿئي رستو اِي
ڪنهن تان ڪين ڪلون ڪبيون قادر آهہ قوي
نظر ڪندئي نبي طالب مولا تڏهين

❊

چرين ڪي چربو نہ چئو سامهون آهہ سميع
ڪنهن جو ناهي ڪنهن سان خريف ۽ ربيع
طالب! مولا جي اڳيان مدام رهج مطيع
واحد اٿئي وسيع گهرج چڱايون چاهہ مان

18-9-1968ع
24 جمادي الثاني 1388ھ
اسلام آباد

❊

چرين کهڙيون چت سي تنين کي خبرون
جي هتِ هوندي هتِ سي ڪامل قريشي چوي

❊

کهڙيون چت چرين سي تنين کي خبرون
سرڪي سڪ سرين پر ۾ پنهنجي پيار جي

❊

چرين هڪڙيون چت ۾ پين آهن پيون
پرينءَ ڪان تن پاڪريون نيت ساڻ نيون
وڃي ٽانيڪيون ٿيون طالب طلبون تن سان

16-9-1961ع
هالا

❊

[40]

# چپر ۾ چڙيون

وڄ تون سڄ لهي ته پير وڃائيان پرينءَ جو
ويهي رهان واٽ تي متان پهچان ڪيچ ڪهي!
جهوتون ڏيندي جبل ۾ وڃيم پل ته وهي
جو پاري سگهيس نه پنهل سان جا مون پر ۾ ڳالهه پهي
ڪهڙي منهن محبوب جا سهما سگهنديس سهي!
طالب مولا محب جي روح ۾ ڳالهه رهي
پل صدما سور سهي پهچان پوءِ پنهونءَ ڪي

7-8-1955ع

پيتهڙو

❊

سسئي سان سورن جا عشق ڪيا آزار
جانب جت وٺي ويس تيا ڪيچي سپ قهار
وٺي واٽ وهي ويا ڪرها ڪري قطار
اوٺن ڪيا ڪينڪي اوڳي لئي آچار
طالب مولا تن لاءِ پلپل ڪديائين پار
تن ڪي ڪهڙي خبر چار جن عمر اٿ تي چاريا!

13-12-1954ع

پينگهارو

❊

اٺن ڪين اتاريس موڳن مات ڪئي
پنهل سندي پرڻ جي پروڙ ڪانه پئي

اتي تہ ان کي اندر ۾ لاتي طلب تنئي
جهلئي جهل نہ ڏنئين هئي محبّت منجهہ مئي
وئي ڙي وئي واکا کندي ور ڏي

4-1-1955ع
ٽاٽو بولا خان

*

حجت پائي هوت ڏي جي هلکيون ٿيون هلن
سي رسن کين راز کي پيون رندن تي رلن
طالب مولا محب سان محبّتيون ملن
سي کليو ۽ کلن جن عاجزي اجهو کيو

17-4-1955ع
هالا

*

ڏونگر ڏکوييئم جو سکن ۾ سمهي رهيس
سکن ساڙي ڇڏيس تہ ڏک وڏا ڏيئم
پنهل ري پرديس ۾ متان توپ تيئم
رندن ۾ رڙن کندي رلايو رلاييئم
پٽون پير کريئم جو سجڻ سنپاليم کينکي

5-7-1955ع
عبدالحڪيم برڙي جو ڳوٺ

*

پلي ڏک ڏنام سجڻ ري سنسار ۾
پنهل پاهون ويو هليو تہ گوندر اچي گڏيام
جبل پلي جاڙ کئي جو نينهن ۾ نند کيام

سنجهي سنياريم ڪينڪي تہ هتان هوت ويام
تڏهن سور سنام جو سمهي رهيس سيج تي

1955-11-7ع

هالا

*

پلي ور ويو ڏئي ڏهاڳ ڏکن جو
سڪ وندي سان سيگهہ ۾ پل ڪيچن قهر ڪيو
نيو ڙي نيوا عشق آري ڄام جي

1955-11-27ع

25 صفر 1377ھ

پڪا شريف

*

ديسي تہ سيڪنهن سين ڪجن پرديسي پرين
روئڻ روز انهن لاءِ نهاري نهاري نين
ورهہ وارا وين پيا سيبائن ساهہ کي

1956-3-10ع

ڳوٺ صوفي

صبح 10 بجہ

*

پنهنجو ڪن نہ ڪن پرين پنهنجا مون ڪيا
ڪڏهين من هو قرب مان ڏکي ڏي ڏسن!
محبّت سان محبوب سي واري واڳ ورن
طالب مولا جا تا دل ۾ دود دکن
هن کي جن نہ ڪن مون کي عشق اليل ڪيو

1952-9-20ع

هالا

*

منهنجا تين نہ تين پرين پنهنجا مون کيا
کنديس ورهاڱو ور تي ميڙيون مان مڄين!
ويهي شل کنهن ور ۾ سائم سور سلين!
ڏيئي پاند پريت جو ڍڪڻ تي ڍڪين
طالب مولا تهدليئون جانب سام جهلين
ڏکي کي ڏسين من پرين وجهہ پرچائڻ جا!

20 9 1957ع

هالا

❊

منهنجا تيا کينکي پنهنجا پرين کيام
رلندي رلندي رندن تي گذري ڏينهن ويام
سکن سنگت چڏيو ۽ سائي سور تيام
گوندر اچي گڏيام طالب مولا طلب ۾

20 9 1957ع

هالا

❊

کنبدي کنبدي هل تون اڳيان اتئي کيچ
متو متان متي کٿين هيٺي تيجئين هيچ
جنهن سان پاتئي پيچ سو ڏاڍو اتئي ڏيهہ ۾

6 7 1955ع

ڳوٺ جمان. تعلقہ شهدادپور

❊

سورن مون کي سرتيون پينر کدي پچ!
مورهئون ناهہ مين لاء مئن وت کا مڄ
هتان حبيبن موکلي چيرن سندي چڄ
هلي آيا کين کي جو ڳالهين کربان ڳڄ
تڏهن سختن جي کيئون سڄ جڏهن طالب هيس تن جي

❊

طالب هيس تن جي — تڏهن هيڏيون ڪيون هن!
پراين ڪي پرت مان — ڪي ئي ڪين پچن
پنهنجن متي پيار جا — ايڏا بار اچن!
ڪوڙيون ڪڏهن ڪينڪي — سهندا بار سهن
جي منيون محبوبن — سي پاڻهي ڪيئون پانهنجون

❊

آهون ۽ دانهون — ندا ناهه نجيب جي
مطلب آهه مني جو — تہ اچن اوراهون
طالب طلبن واريون — روز ڏسن راهون
ٻئي ڪٿي ٻاهون — ٿي سڏيان هوت حبيب کي

❊

متان ڏئي ڪي مهڻا — مٺي ڪي ماريو
اٿو همدردي هن سان — نہ ور وجي واريو
ميون! نہ تہ مات ڪري — گهر هلي گهاريو
اوهين سڪن واريون — نہ لايو نہ پاريو
طالب چوي طلب ۾ — منهنجي سڪ سڄڻ ساريو
اوهين ويتر وهاريو — آئون هرگز وهان ڪينڪي

❊

اوهين وهڻ واريون — هلڻ واري ڪام
سنڀالي سرتن کي — سوبن ڏجو سلام
آڻ تي وڃان ور ڏي — هٿي وڏي هام

مون لئي شام صبوح ٿيو ۽ صبوح آهي شام
اِهي اوهين ۽ عام آئون طالب آهيان تن جي

12.8.1961ع

لاهور

❊

پنڌ مڙوئي پنڌ پر پربڻ وارو پنڌ ٻيو
سي ڪين پھچنديون ڪيچ کي جي هتان پڇن هنڌ
ڪھنديون اهي قرب سان سگھو نہ جنين سنڌ
ٿينديون واصل ور سان جن کي عشق وارو انڌ
ڪٻڙو جنين ڪنڌ سي نہ وڃائن وات کي

13.3.1958ع

ڪپرو

❊

هلو، تہ ڏيکاريانو هوت ٻاروچل پنھنجو
جيڪو آهي جوءِ ۾ ڇپر سڄي جي ڇانو
ميون اوهين بہ مست ٿيو اهڙو هو اتانو
پر پلي اوهين ٻيھي رهو نٿي آنءُ نيانو
ٿيو نہ عاشق ان تي آنءُ رقيب ٿي رهانو
طالب چوي طلب ۾ جي ڪا چاٽ چکيانو
جي هڪڙي ڏينھن ڏٺانو تہ هليون سيئي هوت ڏي

❊

پيو ڪانہ ڪڙي ڪڏهين ڪا قرب جي
نہ تہ هلو ها هوت ڏي عاشق تي اڙي!
گھر ۾ گھاريو ڪيم ها گوندر جي گھڙي
آنءُ ويندس پنھنجي وَر ڏي لکن سانءُ لڙي
جو جانب پنھنجي جِي جي جِي ۾ ميخ جڙي

طالب آهيان تنهنجي سورن منجهہ سڙي
پڙي جي نہ پڙي تہ بہ رڙهندس انهي راهہ ۾
13-8-1961ع
لاهور

*

جهليو کيم جيڏيون بيهر مون کي ٻڙيون!
کوهياري قلب ۾ پاتيون قرب کڙيون
کم نہ پايان قيام کان گوندر جون گهڙيون
هو ٻتي ٻاهر نکتا چانگن جون چڙيون
آنءُ گهاريان ڪئن گهنگهر ۾ سوربتي، سڙيون!
چو ٿيون ڏيو چوهہ مان طالب کي تڙيون!
ڏونگر ڏورڻ آئيو کندس رڃن ۾ رڙيون!
کندو کهل کني تي آري چام اڙيون!
نہ تہ بہ چپر منجهہ چڙيون هٿندس هوت پنهونءَ لاءِ
13-8-1961ع
لاهور

*

[41]

# متفرقات

اج عجيب چو نہ هئين سڄڻ ساڳي جاءِ!
پو نياپا نينهن جا چو تي محب مڪاءِ!
گهرائيي بہ گهر ڪري چا ڪان ۽ چا لاءِ!
هيرائيي بہ هتن سان سهٹا سڪ جي ساءِ!
متان عيب انيڪ ڪي مون ۾ محب ڏناءِ!
حڪم ڪر تہ هتي وڃان وري نہ اچان واءِ
طالب مولا ڪي ڪٹي سچي ڳالهہ سٹاءِ
ميار نہ رکبي مورهئون سوگند آهن سنداءِ
نيائي سگهين تہ نياءِ نہ تہ بہ دلبر دعاگو آهيان!

19-2-1968ع

19 ذوالقعد 1387ھ

هالا

❊

محب! منهنجي دل ڪي تو ماري تنهنجو موهہ
حبيب! هن جهان ۾ تنهنجو اتم توهہ
عجيب! اڇڻ چڏي ڏنئي ڪنهن ڊنل ڪيئي ڊوهہ
ڀهڳڻ هي بہ ڀڏاءِ تون نہ ڏنئي ڪهڙو ڏوهہ!
ڪمند پائي قرب جو چو لالڻ ڪيئي لوهہ!
طالب مولا تو ڪري تو ڪي سڄڻ ستوهہ!

هيڏيون وري وٺيون وڏئي قرب وارا ڪوهه!
چنڊبيندين جي چوهه تہ بہ دلبرا دعاگو آهيان

5-9-1968ع
11 جمادي الثاني 1388ھ
هالا

❋

ڪارا ڪيس قريب جا واسينگ جڻ وار
پيشاني پرينءَ جي چنڊ جئن ڪري چمڪار
اکيون هن عجيب جون نرگس جئن نروار
جهڙا گل گلاب جا تن ڪان وڌ رخسار
لعل لب لبيب جا منڙا ٻئي من ٺار
وجهي ڪونج ڳچيءَ ۾ چهرا چندن هار
ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان سجڻ جا سينگار!
جان ۽ جند نثار طالب مولا تن تان

25-1-1955ع
هالا

❋

ڪلوئڙو قرب جو هنيين منجهہ هنيئي
لڳي ڪُنڍ ڪنيئي طالبُ مولا طلب مان

9-9-1968ع
15 جمادي الثاني 1388ھ
ڪراچي

❋

محڪم ٿو مڃي ڪي ڪلو جيئن لڳي
تيئن پيو تڳي طالبُ مولا طلب ۾

9-9-1968ع
15 جمادي الثاني 1388ھ
ڪراچي

❋

سورن کي سو وار ۔۔۔ هر هر هجن شابسون
هردم همدردي ڪيئون ۔۔۔ وتي نہ وڌائون وار
رنا رڙيا گڏجي ۔۔۔ پلپل ڪڍيئون پار
اٿي، ويٺي، هلندي ۔۔۔ سمهندي لڌئون سار
آڏيءَ مانجهيءَ اسر جو ۔۔۔ ويتر وفادار
حقيقت ۾ ها منهنجا ۔۔۔ پر ڪنيئون پريڻ جا پار
طالب مولا طلب ۾ ۔۔۔ اچي تيا آڏار
پر عجيب اچڻ ساڻ ئي ۔۔۔ تي ڏکي ڪيا ڏار
خوشين مليا خرار ۔۔۔ تہ بہ ويچارا ڪين ويا

8 5 1968ع
9 صفر 1388ھ
پاڪ سنگھار

❊

پڇارو پڇي جيئن ۔۔۔ ڪيترا پيرا ڪپاھ کي
طلبن مون کي تنبيو ۔۔۔ طالب مولا تيئن
آهي ڪيو ايئن ۔۔۔ مون کي عشق عجيب جي

28-2 1968ع
27 ذوالقعد 1387ھ
ڪراچي

❊

تون منو برابر مناڻ ڪان ۔۔۔ ۽ سيني ڪان بہ سنو
پر طالب مولا کي پريڻ! ۔۔۔ تو ڏسڻ جيئن نہ ڏنو
پاٺان بہ لڳئين منو ۔۔۔ جي مون کي ماٺي تون ڏسين

28-2-1968ع
27 ذوالقعد 1387ھ
ڪراچي

❊

منيان متان پائيين تو سڄڻ سچ چوئين!
ناهي ڳالھ چپن جي پڪ ڪٿي ڪجئين
تہ پنهنجو طالب مولا ڏسڻ جيئن ڏسجئين
۽ جيڪي اچئي جي ۾ سو چئي سپ چڏجئين
پو بہ جيڪر نہ وڻان تہ ڏوراپا بہ ڏجئين
پاڻان بہ منو لڳئين جي مون ڪي ماڻي تون ڏسين

19-5-1968ع
20 صفر 1388ھ
اسلام آباد

❊

تي قيامت تڏهين جو ڏني پٽ پرين
هج هلي نہ هٿن جي پچڻ چڏيو پيرن
زور هليو نہ زبان جو چڪو چونڻ چپن
طالب مولا تڏهين ميڙ ڪئي منتن
وائي بلڪل بند تي تہ سڏ ڪيا سڏڪن
هڏڪن هيرائي ڏنو ۽ لوڙ نہ ڪئي لڙڪن
آخر اوچنگارن وري ورايس واٽ تان

19-5-1968ع
20 صفر 1388ھ
اسلام آباد

❊

اپتيان تہ اڳيان پوريان تہ محب منجهن
پري نہ ڪيو پاڻ کان ويگاڻن ونن
وهاريو وجود ۾ سڄڻ کي ستن
پل پل اندر پرين سان محبّتي ملن

سک نہ لھي تن جي توڙي ڏسيو روز ڏسن
سھڻو وھاري سربر ۾ ٿيون سدوريون سمھن
نئين سج نئين عشق مان ٻئي البيليون اٿن
ڏينھان ڏينھن ڏسون ڪٺيو تہ نئون نينھن اٿن
عجيب رمز رکن طالب مولا طلب جي

2-2-1966ع

ڳوٺ بخش خان ڪلوئي

❊

ھردم ٻڌي ھٿ ھلبو حبيبن سان
طالب مولا! نہ ٿبو لالڻ سان لٽ پٽ
ڪبي ڪھڙي ڪٿ ناھي جاءِ جواب جي!

6-2-1966ع

ھالا

❊

ڏاتار ٿي ءَ ڏي گھڻو ڪيپن جا ٿم ڪپ
ٻڪين پيارين تان چڱو نہ تہ بہ لالڻ! ڏي ڪا لپ
چتا آھن چپ پڪون پيار ڪي پيار جون!

4-4-1966ع

لاھور

❊

# چپر ۾ چڙيون

# كافيون

[1]

# مالڪ جي مختاري

ٿل: مالڪ جي مختاري وي ٻيو نہ سجهي ٿو ساري سر ۾

1. سوئي هادي، سوئي رهبر سنديس ئي سرداري وي
اول، آخر، ظاهر، باطن بيشڪ آهي باري وي
ان جي قدرت شجر حجر ۾

2. ربّ جليل جي عظمت اعليٰ جاهہ، جلال، جبّاري وي
ان جي جمال ڪان ذري ذري ۾ جِتَ ڪِتَ جلويداري وي
نرت هي رکبي نيڪ نظر ۾

3. هر شئي تي ئي حڪم هميشہ جابر جو آهي جاري وي
”فاذڪروني“ فڪر ۾ رهبو گهڙي نہ وجهبي گهاري وي
عاشق رهجان انهي اثر ۾!

4. بندا! عجز سان هلبو هردم سائين ڪندو ستّاري وي
طالب مولا ڪين وسارج خالق جي خودداري وي
رهج انهي جي خوف خطر ۾

18-9-1956ع
حيدرآباد

*

ٿل: هادي حڪمتدار اِلاّاللہ سائين آهي سڀ صورت ۾

1. ڪل شئي کي خود محيط جو آهي وچ ۾ وار وٿي ڪا ناهي
غالب آهہ غفار اِلاالله ذات سمائي وينو صفت ۾

2. عبديت جي ويڙهي ويهي ڳولج ان کي پاڻ ۾ پيهي
صاحب ربّ ستّار الاالله طالب! ملندئي سو طاعت ۾
3. لا شريڪ ۽ هو لاثاني ڪيس بقا ٻيو سڀ ڪجهه فاني
قائم سو ڪلتار الاالله قادر پنهنجي ئي قدرت ۾
4. ذرتي کان تا عالم بالا سوئي سو اي طالبَ مولا
خالق خود مختار الاالله هرڪو آهي هن حيرت ۾
1967-9-17ع
حيدرآباد

❊

ٽل: هن جا حمد هزار ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايون!
1. ڪک پن ۾ قادر جي قدرت اکن وارن لئي آهي عبرت
گل ڦل ۽ گلزار تِن ۾ وحدت جون واڌايون
2. 'ڪن' چئي ڪل جنهن آهي جوڙيو نيزو نينهن جو تنهن ئي ڪوڙيو
عجب ڪري اسرار پاڻ وينو آهي لوڪان لڪايون
3. جڳ جنسار سندس ئي آهي ٻي ڪنهن جو هي مظهر ناهي
ٻيا سڀ نقش، نگار صفتون انهي جون سڀ ۾ سمايون
4. "من عرف" ۾ طالب مولا چاڙهو تي ڪج ڳولا ڦولا
پارس جا هي پار جِي ۾ جنهن جون آهن جايون

❊

ٽل: نرمل! رخ تان لاهه نقاب لڪندي لڪندي عمر گذاريئي
1. روحن جت هو ميڙ مچايو پيچ پرين! تو تڏهين پايو
ورتئي مون کان 'ها' جو جواب ڪيئن تي پيارا مون کي پڪاريئي!
2. سهڻا سائين! ياد اٿئي سا قرب ۾ مون سان ڳالهه ڪيئي جا
توئي عجيب! ڏنو هي آب وقت انهي ۾ ويجهو وهاريئي

3. سمجهي نہ سيڪو تنهجون رمزون آهن عجيب، غريب هي غمزون
ڪنهن ۾ نہ آهي طاقت. تاب جنهن ڏي نهاريئي تنهن کي ماريئي
4. سيڪنهن جي ڳل طوق غلامي سها تنهنجا سو تہ سلامي!
تون ئي هڪڙو عالي جناب جن کي ماريئي تن کي جياريئي
5. تو ڪان مني ناهي ماڪي، مصري ويندين پلا ڪٿن مون ڪان وسري!
تنهنجي حسن جي حد نہ حساب صورت وهوا ڏاڍي سينگاريئي
6. طالب مولا مست بنايئي پيارا پرين! هي پاڻ پلايئي
هاڻ سجڻ تون ڪر نہ حجاب سڪ جي سرڪي چوتي پياريئي!

2-1-1958ع
هالا

❊

[2]

# منهنجو محمد ﷺ مير

ٿل: محبّت جو مقصود لائق ستائش جو ئي آهي

1. هردم آهن حامد هزارين هڪڙو هو محمود
2. خلقڻ بعد حبيب پنهنجي تي خالق ٿيو خوشنود
3. ڪلفت واريون ڪوڙين واٽون محب ڪيون مسدود
4. ڪهڙو تعارف ان جو ڪرايان پاڻ شاهد مشهود
5. طالب مولا ان تي سدائين آهه سلام درود

1956-2-15ع

هٽونگو ❊

ٿل: منهنجو محمد مير-مولا ڇاٿي - سرسو آهي سڀ صورت سان

1. آهي قسم، ڪائنات ۾ ڪونهي نرمل جو ڪو نظير
2. شمس اڳيانئس ٿو شرمائي توڙي ماه منير
3. عامل، ڪامل عرب، عجم ۾ ڪل ڪان قريشي ڪبير
4. آهي فقير فقيرن ۾ ئي پيرن جو خود پير
5. ڪاڻ بشر جي قادر ڪيڙو بيشڪ سو ئي بشير
6. طالب مولا نِنڍڙي ڪان ئي عشق سندس جو اسير

1956-9-29ع

حيدرآباد ❊

ٿل: حضرت پاڻ حَسين-صلّواعليٰ - مورهئون انهي جو ڪو مٽ ناهي

1. ڪل ڪان قرارو امي، عربي جوڙ نہ جنهن جا شرقي، غربي
عالم جو سو امين

2. منهنجو محب مليح جو آهي سڀ سهڻن کان صبيح سو آهي
آهي حق اليقين
3. عالم جو اڳواڻ سو ٿيڙو قادر ان کي آهي ڪيڙو
سڀ جا صدر نشين
4. طالبَ مولا پنهنجو سوالي ڪين ڇڏيائين هرگز خالي
مون جهڙو مسڪين

31-1 1957ع
هالا

❊

ٿل: منا مير مرسل ولهن جو تون والي!
وريو تو وٽان ڪو سوالي نہ خالي
1. ڪنن، ڪوجهڙن جو هلي ڪونہ حيلو
تون ئي عيبدارن جو واهر وسيلو
مڙئي توکي پرتا هي عالي موالي
2. سدائين سيئي سنڌ۽ در صدائي
پياڪن کي پيارج ڪا سرڪي سوائي
اسين آهيون ساقي! ستي جا سوالي
3. تون رهبر اڇي رس او هيڻن جا حامي!
اي سردار سرور سنڌ۽ جڳ سلامي!
ڪا لهہ سار منهنجي وجهي وڪ وصالي
4. تون ئي آهين طالب جو ٻيو ڪير آهي
مُحَمَّد منا! هاڻ پرواهہ ناهي
سندم لڄ ۽ لڏ سڀ سڄڻ تو سنڀالي

1-1-1956ع
بوقت سحر
حيدرآباد

❊

ٿل: سچ چيم تو کان سوا، منهنجي تہ ڪا ڪانهي ڳلي
ڪج ڪرم پنهنجو پيارا، اچ اڳڻ حاڪم هلي!

1. تنهنجون ارڏايون عجب، کهڙيون ڇنئي کهڙيون چوان
تو پليو دل کي سجڻ، مون کان نہ پنهنجي دل پلي

2. پاڻ ڏي ڏسجئين متان کو پيرڙو مون تان پڇين
تون ئي عاجز جو اجهو، تنهنجي اتم دامن جهلي

3. مون تہ پانيو تنهنجي ڪسيم دل، مگر تو ئي ڪسي
واه ڙي سهڻا سجڻ، هي چال وئين ڏاڍي چلي!

4. عابدن ۽ زاهدن، پنهنجا عمل توشو ڪيا
عيبدارن سان ڪندين، بيشڪ پلارا تون پلي!

5. بي تہ سيڪنهن جا وڏا ئي آسرا آهن تيا
مون نماڻي ۽ نڌر جو تون ئي ور، وارث، ولي

6. اي مٺا محبوب مرسل، جت نہ پڇندو ڪنهن کي ڪو
ات اچي سيد سچا، هيڻي نہ ڇڏجان هيڪلي

7. ڪوبہ دل کي خوف ڪونهي، ڪوبہ خطرو ڪونہ آهہ
طالب المولا تيو، ناصر نبي، آذر علي

9-9-1956ع
حيدرآباد

❊

ٿل: اونائج هي عاجز جون سيد صدائون!
سندءِ در تو عاصي ڪري التجائون

1. او سردار، سرور، شفيع آهين شافع!
سندو دردمندن نفع بخش، نافع
سجڻ سيگهہ مان ڪر اگهي تي عطائون!

2. سوا تنهنجي ناهي وسيلو ڪا اوهر
منا مير مرسل اجهو تون ئي آڌر!
خدا کان گهري ڪر بسم سڀ بلائون
3. سفارش خدا وٽ سندم ڪر اي سرور!
عرض ڪج تہ عاجز تي رحمت عطا ڪر
خطادار جون بخش اڄ سڀ خطائون
4. خدا کان گهري تندرستي عطا ڪر
طبيب آهين طالب جو ان تي نظر ڌر
سنڌءِ هٿ ۾ آهن دعائون، شفائون

8-12-1956ع
وقت فجر
هالا

※

ٽل: عاجز جون التجائون سيد تون سڻ سوپارا!
مل مهل ۾ محمد مشفق، منا، موچارا!
1. توکي پرين پڪاريان واتون سدا نهاريان
سيدا! سٺي صدائون ڏي سيگهہ ۾ سهارا
2. سڏ ۾ تون سڏ ڏيين ٿو محڪم مدد ٿيين ٿو
عربي! ڪي ڪر عطائون او منهنجا جي جيارا!
3. سائين! اهيان صدائي دردن کان ٿئي رهائي
ٿينديون دفع دوائون منهنجا پرين پيارا!
4. نرمل! نراس ناهيان اميدوار آهيان
خادم جون سڀ خطائون بخشاءِ اڄ پلارا!

5. منٺرا الله سائين کر سهنج پڻ سدائين
ٿينديون بسم بلائون ويندا هي سور سارا
6. اي هاشمي، قريشي! هرڪا ڪمي ۽ بيشي
نرمل سٺي ندائون خرم ڪجئين خدارا!
7. مولا سنڌِ مجيندو محبوبَ! مهت ڏيندو
سڀ ڏي وني شفائون ڪل ڪان ڪثر قرارا!
8. طالب تي يار هٿ ذر پوريون منا مڙئي ڪرا!
محبوب ﷺ! مدعائون منهنجون پيار وارا!

8-12-1960ع
لاهور

*

[3]

# تقوا سان ڪر طاعت طلب

ٿل: طاعت ڪي ٿي اجاري تقوا ئي طالبن جي
1. رک پاڪ تون نظر ڪي ڪر صاف اج اندر ڪي
هن ورهه جي وڪر ڪي سچ سان رکج سنڀاري
پو "ڪين" مان ته "ڪجهه" ٿي
2. هٿ هاڄ ۾ هلائج دل يار سان ملائج
اڳتي ڪا وڪ وڌائج هنجهڙون هئڻ جون هاري
پيالو پريت جو پي
3. قربائتا قدم پر نڪي غير ڏي نظر ڪر
سر يار جي اڳيان ڌر نيڪي سان تون نهاري
حاصل ته يار ڪر ڪي
4. مولا جو بنجي طالب ۽ ڪل تي ٿي غالب
ڪنهن ڏي نه ٿيج راغب جيئري ئي پاڻ ماري
تون هن جهان ۾ جي

18 10 1957ع
هالا

❊

ٿل: مائٽ گهرين محبوب جي پرهيزگاري ڪر سدا
1. سرڪي پلي سڪ جي چکج دل غير کان غافل رکج
دلدار سان پو پل ٻڪج سڀ خواهشون دل جون پلي
تون راز جي پهرج ردا

2. مَن مان ڪڏي ڇڏ مير تون ۽ رک پلن جو پير تون
نہ تہ پوءِ آهين ڪير تون! جو سر سجڻ توکي بہ ڏي
جانب ڪندئي جلدي جدا

3. تقوا سان ڪر طاعت طلب سڪڻا نہ ڏج ناهي سبب
هت ڪين پڇجن تا نسب هن پڙ ۾ سو مقبول ٿئي
جو فڪر ۾ ٿيندو فدا

4. ظاهر ۽ باطن صاف رک عربي سندا اوصاف رک
اهڙو اندر انصاف رک آهي حياتي روز ڪي
ڪرڻا فرض آهن ادا

5. مولِا جاِ طِالب جي ٿِين پر عشق جا پيالا پيين
جُڳ جُڳ اهي ئي تا جين پو ڪبريا تن کي سڏي
سڻندو سندن ساري صدا

7 11 1957ع

هالا ❊

ٽل: ڇگُو رکج گمان مولائي جي مومن آهين

1. تنهنجون نگاهون نيڪ جي رهنديون، ٻي جي بدن کي مور نہ ڏسنديون
آهي اهو ايمان غير جا لاڳاپا جي لاهين

2. هيڏنهن هوڏنهن ڪين نهارج پنهنجو پاڻ سنجهي ئي سنيارج
مٿان اٿئي آسمان مٿان هتي تون سينو ساهين

3. جي تو پاڻ سنڀالي ورتو پوءِ پيمبر کي آهين پرتو
ساٿي ٿيندءِ سبحان قرب ۾ ڪامل ٿي جي ڪاهين

4. عيب ثواب جو پولو لاهي سندرو ٻڌجان ساهي ساهي
محبّت وارو مڪان ماٺيندين جي ماڻن چاهين

5. طالب مولا ڪاهيو ڪاهج پنهنجي اميد نہ لاهيو لاهج
تيجئين سرت سبحان منزل ڏاڍي آهي پراهين

29-1-1959ع
حيدرآباد

*

ٿل: جاڳڻ سان رک جار-مسافر - جانب لهندين جاڳي جاڳي
1. سمهڻ منجهان متان سور پرائين وحدت جو ويساه وڃائين
منزل اڳتي آهي اڃائين متان رسي مننار - مسافر
سنجهي رڪجان يار سجاڳي!
2. ويل رهڻ جي ڪانہ ڪا آهي سالڪ! ٻڌ تون سندرو ساهي
لوڪ سندا لاڳاپا لاهي ورهہ جو ڪر واپار-مسافر
صورت پسندين سهڻي ساڳي
3. واٽهڙو تون وات نہ ڇڏجان گوندر سان دل پنهنجي ڳنڍجان
اڃهو وڃي اوڏانهين اڏجان سهڻو جت سردار-مسافر
نيئي نہ نهوڙي نند نياڳي
4. مرد ٿي محڪم طالب مولا سر تي سهجان ڏک ۽ ڏولا
تيندا ڏور جهڪون ۽ جهولا مولا مددگار -- مسافر
وحدت سان جن دلڙي واڳي

1-10-1955ع
امين منزل
حيدرآباد

*

[4]

# هِتِ آهيان انسان

ٿل: ڏي کو هيءَ جوابُ چا هت آهي، چا هت ٿيندو!

1. ڪيئن بي رنگ سمايو رنگ ۾ عاشق ڳوليو کهڙي انگ ۾
لاهي هر کو حجاب ورهه وارو ات واقف ٿيندو

2. ”و في انفسڪم“ راز رندانا ”ونحن اقرب“ شوق شاهانا
همدم کهڙو حسابُ نرت اتي کو نيهي نيندو

3. ”الانسان سري“ سر سارو ”و هو معڪم“ ناز نيارو
چاهي ڏوهه، ثوابُ سزا جزا جي خبر کو ڏيندو!

4. برزخ واري ملڪ ۾ چاهي عاشق خود برزخ چا آهي!
هي نه حياتي حباب ويندڙ ڪونه کو موتي اُيندو

5. ذات، صفت ۾ ڪيئن آهي ظاهرُ مام ٻڌائي مرد کو ماهر
پي محبّت جو مئي ناب کو منصور هي ملڪ ماڻيندو

6. طالب مولا شان شريعت حسن حقيقت، طور طريقت
معرفت مآبُ پيد وارو کو پيد پٽيندو

17-8-1955ع
ڳوٺ گل محمد شر - ضلعو سکر

❊

تل:[1] هتِ آهين انسان هت الاهجي چا وجي ٿيندين!

1. ملڪ فنا جو آهي مانجهاندو ڪثرت کان تون ويهه تي واندو
پڪو ڏنئي پيمان تہ وات وصالي وٺيو ويندين

2. سزا جزا جو پولو لاهي ڪامل تي رس قرب ۾ ڪاهي
لاهج غير گمان سالڪا نيٺ هي سانگ ستيندين

3. قطرو قلزم جو ئي آهين اصلي آهين، نقلي ناهين
معنيٰ جو ٿئي مڪان خيال ڪجئين نہ تہ چرڪ چڏيندين

4. هت اتيئي سانگ صفاتي ٿيندين آخر ذات ۾ ذاتي
عاشق عاليشان! ٻيائي جون جڏهن پاڙون پٽيندين

5. فنا في الله جي منزل ماڻج بقا بالله جو ساز سڄاڻج
ٿيجئين سر سبحان موکو نہ تي، هي ماڳ
متيندين

6. طالب مولا مرد تي محڪم هادي سان رهہ حال ۾ همدم
دم جو رکج ڌيان ڳالهيون پلا پيون کهڙيون ڳڻيندين!

1955-11-28ع
حيدرآباد. امين منزل

*

تل: اها الله جي جاڻ جي تون پاڻ سڃاڻي
پاڻ سڃاڻي غير نہ آڻي

1. "من عرف" جي رمزن اندر اهي اتئي اهڃاڻ

---

[1] ڪنهن ٻئي شاعر جي طرح ڏنل هئي تہ:
هت آهيان انسان هُت الائي چا مون آهيان
تل ۾ ڦير گهير ڪئي وئي آهي.

2. "وفي انفسكم و اينما كنتم" محبّت وارا ماڻ
3. "ونحنِ اقرب" پاڻ چيائين واهه جي هي واڪاڻ!
4. طالب. مولا تنهنجو تو ۾ پيهي وينو پاڻ

15-7-1955ع
حيدرآباد

※

ٿل: جيتر تون موجود تيتر لا موجود هو هوندو
1. "موتوا قبل" تي مائج مطلب نينهن ۾ تي نابود
2. دور وجڻ ئي آهي اجايو ويجهو اتيئي وجود
3. ڪک پن ووڙڻ راند باراڻي شاهد تون مشهود
4. سر سبحان بہ تون ئي آهين سوچي ڪر سجود
5. هڙئي هتان ئي ڪر تون حاصل من مان ئي مقصود
6. پاڻ چڏي ۽ پري تہ نہ وڃ تون منزل بي مسدود
7. توکان تو کي ويجهو آهي مڙني جو معبود
8. وڃ وڃان تون طالب مولا خوب تيندين خوشنود

18-9-1968ع
اسلام آباد

※

ٿل: ڏور نہ ٻئا ڪي ڏس "ونحن اقرب" پاڻ چيائين
1. ڏس وجود کان ويجهو پيڙو گهوريا ٻيا سڀ گس
2. دور وجڻ آهي پولو بلڪل ڪر وجود ۾ وس
3. هيڏهن هوڏهن جهوت نہ پائج اتئي هت هٿ ڪس
4. ويسلو تي تون ڪين ڪي وهجان مولا ملي تو مس
5. "طالب دنيا" تيج نہ هرگز چٽ ڪندي هي چس
6. ڪنڌ نہ ڦيرج ڪيڏهن طالب مولا منجهہ نس نس

18-9-1968ع
اسلام آباد

※

ٿل: آهيان پنهنجو پاڻ جيڪي اڳي هس سوئي آهيان
1. هت بہ اهوئي هت بہ اهوئي صورت واري سڃاڻ
2. سير ڪرڻ لاءِ هت آئون آيس اِهي اٿئي اهڃاڻ
3. اسم جسم جو ناز نيارو ڄاڻو ٿي رک ڇاڻ
4. طالب مَولا مرد ٿي محڪم برهہ وارا ڏس پاڻ

13 12 1954ع

پينگهارو

❊

ٿل: مون ۾ آهين تون تون ئي تون
تو ۾ آئون آهيان
1. وار بہ ويچو ناهہ ڪو وچ ۾ "تون" ۽ "مون"
تو ۾ آئون آهيان
2. آهي حقيقت هڪڙي ڏيهہ پلي چئي ڏون
تو ۾ آئون آهيان
3. هردم هڪ ئي آهيون سوجهي سمجهيوسون
تو ۾ آئون آهيان
4. دوئي آهي ڪانہ ڪا هونگ رهي هڪ هون
تو ۾ آئون آهيان
5. آئون بہ يڪتا آهيان تون بہ آهين بيچون
تو ۾ آئون آهيان
6. پاڻ ئي پنهنجي راز کي صحيح ٿا سمجهون
تو ۾ آئون آهيان
7. شاهد پنهنجي پيار جا اپ. عرش ۽ پون
تو ۾ آئون آهيان
8. طالب مولا جا ٿيا گفتا گونا گون
تو ۾ آئون آهيان

❊

|5|

# لالڻ لئي لوڙين

ٿل: آپِت ۾ اورين آديسي تا الک کي

1. بابو ويهي برن ۾ ڏاتِر کي ڏورين
2. عاشق اسم الله جو چِت ۾ ئي چورين
3. مالها محبّت مام جي سَاميڙا سورين
4. عدل ۽ انصاف سان ترِ ترِ کي تورين
5. ناتو نينهن فراق جو ٿوربو پيا ٿورين
6. جوڳي ڪاڻ جبّار جي جان، جسو جهورين
7. طالب مولا سر کي گهور ڪريو گهورين

7-10-1957ع
أنڙ پور

❊

ٿل: ويراڳي ووڙين هر هنڌ حسن حبيب جو

1. صدما سوز فراق جا لالڻ لئي لوڙين
2. ڪثرت واري قرب کان منهڙو تا موڙين
3. هڪ ۾ ويڙا هڪ تي ٻيائي کي ٻوڙين
4. ويهي پنهنجي وجود کي آڏوتي اوڙين
5. هنڌ هنڌ خيما خيال جا ڪاهوڙي ڪوڙين
6. جايون جاني يار جون جيڙي ۾ جوڙين
7. سامي سوز گداز کي چِاه منجهان چوڙين
8. طالب مولا محب ري تڳڙا سڀ توڙين

10-10-1957ع
اچ شريف

❊

تل: ڪوڙي ڇڏي ڪثرت بيراڳي برن ۾ دونهڙا دکائن

1. در دوئي جا پوري پلپل وائي ڪن وحدت
هوڏ، هٺ ۽ هستي وڃائن

2. "لا" کان لنگهي "اِلاالله" سان اورن فنا ڪري فرحت
خيال خودي جا خوب تا کائن

3. بقا بالله جو قرب ڪمائي ماڻن تا محبّت
ويهي ورهه جو وکر وهائن

4. طلب منجهان تي طالب مولا سڪ سان ڪن صحبت
رندي رمزون روز رچائن

26-11-1955ع
هالا

❊

[6]

# سوا عشق جي پيو ڪو مذهب نہ ملت

ٿل: اڇي عشق اندر ۾ سمايو جنهن وهم وجودي وڃايو
1. ذات صفت جي سڌ سمجهائي برهه بهادر بات بڌائي
اتي رمزن رنگ رچايو
2. "و في انفسڪم" وارو اشارو "ونحن اقرب" ناز نيارو
مچي محبّت مچ مچايو
3. ڪک پن ۾ ڪيو ذات ظهورو پرجهي اهو جو پرت ۾ پورو
هي ساقي سر سمجهايو
4. عبد. احد ۾ پردا حجابي نازڪ آهن ناز نقابي
آهي فائق فن فرمايو
5. طالب مولا حسن حقيقت مرد ٿي ماڻج ماڳ معرفت
هي هادي حڪم هلايو

15-3-1957ع
هالا

*

ٿل: عشق ڏنا آزار سورن آهي سمهڻ وڃايو
1. عشق جڏهن اڇي ٻارڻ ٻاريا عشق وارن ات سرڙا واريا
ورهه ڪري واپار پرت وارن اتان سيڪي پرايو
2. اڪيون عجيب جون اصلئون عالي ٻيئي آهن مست موالي
چاڙهن خاص خمار گهور انهن جي گهڻن کي گهايو

3. هر جا آهي حسن حقاني لاشڪ ۽ لاريب لاثاني
دل جو دلبر يار سڀ صورت ۾ آهي سمايو
4. طعنا، تنڪا، مهڻا، ملامت شهرت شامل ساڻ شڪايت
محبّت جا معيار سالڪ هي آهي سر سمجهايو
5. بره اچي يرا باهيون ٻاريون گوندر ۾ تا روز گذاريون
نينهن ڪري نروار گهٽي گهٽي ۾ آهي گهمايو
6. عشق الاهي آهي اعليٰ محو انهي ۾ طالب مولا
قائم قرب قرار پيچ انهي سان مون آهي پايو
11 1 1955ع
هالا

❊

ٿل: جي عشق امالڪ اچي ته عقل وڃي ٿو راند هارائي
1. عقل ويچارو عاجز آهي عشق سان ڪهڙو سينو ساهي!
ڪير برهه جي باهيئون بچي سبحاني ٿو سر سمجهائي
2. عقل جي هڪ حد آهي مقرر عشق جو يارو! هر جا مظهر
ڪو رنگ انهي ۾ رچي وهم وجودي سارا وڃائي
3. عشق بهادر جت هڻي نعرو عقل ٿئي ٿو ات ويچارو
نينهن اڳيان پيو نچي طوق غلامي پائي پائي
4. عشق الاهي وات ڏيکاري آب ِ حياتي پل ۾ پياري
جو پرت انهي ۾ پچي طالب مولا تنهن کي بنائي
26-2-1955ع
هالا

❊

ٿل: عشق ڪرڻ آسان ناتو نڀائڻ ڏاڍو مشڪل
1. حِرص، هوس جي حاجت ناهي ايندو اِتي ڪو ڪوپو ڪاهي
اتي کپي ايمان قرب ڪمائڻ ڏاڍو مشڪل

2. سڏڙيو هرڪو هر هر سنيري  نيهي اڇي ٿو ڪو ڪو نسري
محبّت جو ميدان مرڪي ملهائڻ ڏاڍو مشڪل
3. دم دعوا جو مارڻ سؤڪو  پر اِثبات ڪرڻ آهي اؤکو
ثابت ڪري سبحان وارو وڃائڻ ڏاڍو مشڪل
4. چڙيو لاهي سر جو سانگو  ته به هي آهي سودو سهانگو
تيڻ ڪڏي قربان ڪنڌ ڪپائڻ ڏاڍو مشڪل
5. عشق حلاج سان چا چا ڪيڙو  شمس ڪي نيت نهوڙي نيڙو
لاهي غير گمان "انا" الائڻ ڏاڍو مشڪل
6. عبديت جو چگّو آهي چولو  پيچ پائڻ جو بلڪل پولو
دمدم رکج ڌيان ورهه وسائڻ ڏاڍو مشڪل
7. طالب تي مطلوب ڪي ماٺج  پاڻ اتي هرگز نه آٺج
تيجئين سرت سجان خود ڪي ڪائڻ ڏاڍو مشڪل

9-10-1956ع
ميرانپور، هالا

*

ٿل: برهه نه آهي بيت المال  هتِ محتاج جو ڇاهي ڇاهي!
1. مٿو متي وٺ جيڪو رکندو  سڪ جي سرڪي سوئي چکندو
پاٺهي ڏيندو ڪيف ڪلال  ڏس هي ڏنو ڪنهن ڏاهي ڏاهي
2. ڪيڏي اهوئي برهه جي بازي  غير چڏي جو تيندو غازي
بي ڪي ملندو محب محال  عشق اڙانگو آهي آهي
3. دعوا ڪرڻ ڏاڍي سولي سؤکي  پر قرباني آ اهنجي اؤکي
اڳيان جابر جوش جلال  حق حجت جو ناهي ناهي
4. هتِ هزارين هرکي آيا  پيير وري تن پنتي پايا
سڏڙين جو آهي خام خيال  ڪو ڪو رسندو ڪاهي ڪاهي

5. جت گهمسان گهورن جا تيندا  ات اِپري ڪي عاشق ايندا
فَڪر ۾ فاني تي في الحال  لڳ لاڳاپا لاهي لاهي
6. ڪننا، ڪولاپا، مٽيا، مصلا  ورهه بنا ويران سي وسلا
تيندو ڪين ڪي حاصل حال  ٺاهه ٺڳي جا ٺاهي ٺاهي
7. طالب مولا مرد تي مانجهي  سڪ ۾ رهجان صبح ۽ سانجهي
قرب ۾ ڪرٿو آهي ڪمال  سندرو ٻڌبو ساهي ساهي
16 10 1956ع
هالا

※

ٿل: عشق ٿيو استاد  سيکنهن ڪي ٿو سبق پڙهائي
1. حضرت عشق جي اعليٰ عظمت  سڀ کان سرسي شان ۽ شوڪت
علم ڪري امداد  خيال خودي جا خوب وڃائي
2. سڀ جڳ عشق جا آهن سلامي  هرڪو مڃي ٿو ان جي غلامي
الٽو ڪري ارشاد  مهميرن ڪي نيٺ مڃائي
3. عشق اڳيان جو لاف هڻي ٿو  سوري تي سو نيٺ چڙهي ٿو
سورهه ٿيو صياد  قيرا ڏئي ٿو ڪيئي قاسائي
4. عشق جي بازي آهي اؤکي  سمجهي متان ڪو سولي سؤکي
اتي ڪري اتحاد  ڪيئي وڏا ٿو ناٿ نچائي
5. طالب مولا مرد تئي جو  هن ميدان ۾ سنيري اچي سو
اهو تيندو آزاد  ”هوهو“ وارو هل مچائي
1957-3-28ع
هالا

※

ٿل: "عشق ڏنا آزار رئندي گذاريم راتيون راتيون"

1. سر تي ڪنيون مون خلق جون خواريون ڳانا ڪري. ڳل هار
تن جون ڪيان ڪهڙيون ڳالهيون باتيون

2. مون ڪان ڦري ويو دلڙي دلبر پل پل ۾ ڏئي پيار
منڙيون ٻڌائي لاتيون لاتيون

3. ورهه ويراڳ ۽ درد جا دفتر باري برهه جا بار
ڏاتر ڏنيون اهي ڏاتيون ڏاتيون

4. طالب مولا تو لئي دائم دل جا دلبر يار!
جام پائي تو جهاتيون جهاتيون

1957-4-27ع

ڪراچي

❋

ٿل: آهي ڪنهن کي خبر ڪا چار ڏاڍو عشق اٿانگو يارا!

1. عشق ٿو جنهن سر ٻارڻ ٻاري دنيا عقبيٰ اهو وساري
پرت پيارل سان سو پاري توڙي لکين آزار

2. ڪات اڏي جي آهي بازي ڳوءِ ڪتي ڪو ٿيندو غازي
عش اڳيان ڪن آزي نيازي ڪيئي ڪلا دار

3. ذڪريا سر ڪرت وهايئين ڪاڻ خليل آڙاهه مچايئين
ڪربل وارو ڪوس ڪرايئين عجب ڪري اسرار

4. سولي تي منصور چڙهايئين شمس جي کلڙي نيٺ ڪلايئين
صوفي جو سر نيزي رسايئين اهي اتس آچار

5. جيڪو طالب مولا ٿيندو سر سجڻ نه انهي کي ڏيندو
عشق نه ان کي مور مٽيندو واهه ڪري وهنوار

1957-6-7ع

هالا

❋

ٿل: ماري عشق ڇڏيو ڇڻ اديون ڙي! اڦٽ
لنگهيو تير جدائي جو دل مان ٻست

1. مون پانيو تہ منهنجا ٿيندا پَربن
جي ويندا تہ پاڻ سان نيندا پربن
هي وهم نہ هو، هو متيندا پربن
جهلئي ڪين جهليا، هليا ويا جهٽ پٽ

2. ويا آڌي رات هو لال لڏي
ڏيئي ڏاج ڏکن، ڇني ڇوري ڇڏي
ڇڏيئون گوندر ۾ هي گولي گڏي
ڏاڍو نرجو هين ڙي! نينهن نپٽ

3. هليا ڏاڍايون ۽ ڏاڍ ڪري
پئي نينهن ۾ نمائي سور ڇري
هن ويئي سري، مهنجي ڪانہ سري
هو ڏاڍو ڏکيو منهنجي نينهن جو نکٽ

4. آئون ويندس، وهندس ڪين ڪڏهن
وڃي ملندس، طالب مليا جڏهن
اهي ايندس وٽي، جڳ ڏسندو تڏهن
۽ ٿيندس محب سان مان مت ست

2-8-1961ع
لاهور

❊

ٿل: "محبّت ري مردار هي تہ حياتي ڇا ڪندي!"
1. زهد. عبادت پڻ چڱا عشق وڏو اسرار

---

(1) هي ٿل حضرت مخدوم امين محمد عرف "پکن وارا صاحب رحہ" جن جو آهي. سڄي ڪافي هٿ نہ اچي سگهي. انهي ٿل تي نئين ڪافي جوڙي وئي.

2. ورد، وظائف جو سدا الفت آهي اجار
3. اول، آخر مون سندو آهي محب مدار
4. ڪرٺو آهي ڪريم سان ورهه سندو واپار
5. طالب، مولا تو مٿان لاٿو غير غبار

9-8-1955ع
حيدرآباد

※

ٿل: ورهه وهائج ويهي ويهي رلندي رلندي ڪنهن نه ڪمايو
1. بند نظر ڪر ظاهر واري پو تون پسندين صورت پياري
نام ونج تي نيهي نيهي تيندءِ پوءِ هي سانگ سجايو
2. محبّت وارو مارگ مشڪل ڪو ڪو هلندو ان تي ڪامل
رمز سان دل جنهن ريهي ريهي سو ئي ويندو وک وڌايو
3. هلندي ڪانه ڪا هتِ مخدومي جيڪو ماٽيندو مغمومي
ڳالهه ڪبي هي ڪيهي ڪيهي سو سمجهي جو پڙ ۾ آيو
4. جيڪو زمان، مڪان ڪان واقف سوئي آهي قريب جو ڪاشف
ديهہِ انهي جو ديهي ديهي لوڪان وهي تو پاڻ لڪائي
5. طالبُ مولا سوئي آهي جنهن کي ضرورت بي ڪا ناهي
پاڻ ۾ ويو جو پيهي پيهي پرينءَ انهي کي پاڻ پسايو

2-1-1958ع
هالا

※

ٿل: ڪٿن وساريا ويهي تو "قالوا بَلىٰ" اقرارڙا!
چا ڪري سگهندين سجڻ سان عشق ۾ انڪارڙا!
1. "فاذڪروني" فڪر ڪر هت وار ويچو ناهه ڪو
"نحن اقرب" ۾ تين تا دل اندر ديدارڙا

2. ري نيائڻ جي تہ هاڻي ڪانہ آهي واهہ ڪا
جي نہ ملڪن تي قبوليا سي ڪنيا تو بارڙا
3. روح هو آزاد پر مجبور ٿيو هڪدم تڏهن
هن جڏهن آدم اندر سرسا ڪيا سينگارڙا
4. هوئي همدم، هوئي هادي، هو حڪيم ۽ هو طبيب
هن بنا ڪنهن کي نہ ڏسيا عشق جا آزارڙا
5. طالب المولا دوائون ۽ شفائون هن جي هٿ
يار کي پرتل هجن شل برهہ جا بيمارڙا

1956-5-28ع

هالا

❊

ٿل: عجب عشق آهي اسان جو الستي
ڪڏهن بت پرستي ڪڏهن خود پرستي
1. جهان کان جدا ٿي جهان ۾ رهون ٿا
سين ساڻ گڏ هوندي سيڪجهہ سهون ٿا
وسائيسون وهوا ورهہ واري وستي
2. اذيت عجيبن جي لذت ڏئي ٿي
انهي ڪانِ نہ تڪليف ڪائي ٿئي ٿي
سراپا ٿياسون محبت جي مستي
3. اسان جي محبّت جا معيار محڪم
ڪري پيار ٿياسون جو هن ساڻ همدم
اسان تان سجاپي حبيبن جي هستي
4. اسين هر هميشہ بلند بخت آهيون
۽ سود و زيان کي ڪڏهن ڪونہ چاهيون
ڏسون ڪين هرگز بلندي ۽ پستي

5. ٿياسون جو طالب ته مطلوب مليو
ٿي ساقي صنم، پو ڪٿي جام اٿيو
سري مان سڄڻ جي ملي سرڪ سستي

24-6-1966ع

مري

※

ٿل: جنهن کي عشق جڏهن ٿو نهوڙي نئي
ڏسي ڪين ڪڏهن سو ڪٿئي ۽ ڇئي

1. جي عشق ۾ ڪنهن ڪئي خود غرضي
ٿيو ذاتي عشق نه پر فرضي
سو ڪوڙو ڪفر جو ٿيو قرضي
پلي وعدا ڪٿي ڏھ پيرا ڏئي

2. جيڪو سور ڏسيو ٿو پٽ تي وري
محروم ٿيو سو نيٺ مري
جو پيار جي خاطر پيار ڪري
مئي عشق جا پيالا روز پئي

3. ڪو پيار ۾ شل مجبور رهي
ڪجھ وقت جي لئي مهجور رهي
ملي محب سان پو مسرور رهي
پوي خبر ته عشق ٿو ڪيئن ٿئي

4. ڪو مون کان عشق جي ڳالھ پڇي
نه ته ڏوران اچي رڳو حال ڏسي
ته پو پاڻهي پتو هوند پئجي وڃي
ته هي عاشق عشق ۾ ڪيئن پيو جئي

5. مون کي پنهنجو پربنءَ محبوب ڪيو
محبوب سان گڏ مطلوب ڪيو
اهڙو راغب تي مرغوب ڪيو
جو پنهنجو ڪيو نہ ٻئي ء تئي

6. پائي جهاتي هن جا نگاهہ ڪئي
منهنجي انگ تي واهہ واهہ ڪئي
تِتي طالب مولا آهہ ڪئي
ڪيو قيد انهي هڪڙي ئي لئي

1-3-1966ع
ڪراچي

❊

[7]

# ساري سر ۾ سھڻو صبيح ٻہ تون

تل: تون تارن ۾ چوڏھينءَ جو چنڊ
ٻيا سھڻا ٻلي ڪن گھڻو ئي گھمنڊ

1. تنھنجي رمزن واري روءِ ڪٿي!
تنھنجي خود مستي جي خوءِ ڪٿي!
پرين! تنھنجي پڳھر جي بوءِ ڪٿي!
ڪٿي عطر، عنبير ۽ سچو سر ڪنڊ!

2. ھند، سنڌ ڏٺي مون گھمي ۽ ڦري
تنھنجو مٽ نہ ڪنھين جي شڪل ھئي
جي ڳالھہ اھا منھنجي يار ڳتي!
نہ پو ڏيندس پري ڏھہ پيرا ڏنڊ

3. تي پيارا! ھڪڙو پل نہ پري
ماندي دل تي منا! منھنجي مفت مري
ھلي آءُ اڱڻ پرين! پير پري
قربان وڃان، تيون ڪير ۽ ڪنڊ

4. تو پھرين نظر ۾ ماري چڏيو
پئي ڪانہ خبر نہ ھي چا تي ويو!
پتو پوءِ پيارل! نيٺ ھي پيو
وئين محب! ھٺي محبّت جو منڊ

5. سهڻا ماڻهو سڄڻ، ٻي ڪا ڳالهه ٻڌيئي!
پلي حسن، جمال حبيب! هجئي
چوي طالبَ هي ڪا خبر اٿئي!
ڏاڍو عشق اڙانگو آهي اهنڌ

10 7 1965ع

ڪوه مري

✻

ٿل: تنهنجي ڪارن وارن پاتو ڪمند
ٿي سوگهو ويو منهنجو بند، بند، بند
1. اهي ڳهريل ڳوڙهيون ۽ ڳاڙهيون
جيڪي جلوبدار ۽ ٻئي جاڙيون
پرين! پرت مان ويهيِ تو پاڙهيون
تن پيتو مٺان محبت جو منڊ
2. تنهنجو حسن ڏسي ٿو لڳيم عجب
ڪيو خالق هي ڪيڏو نہ غضب!
ياقوت ۾ جڻ تيا موتي نصب
آهي ڪئن نہ جڙيل تنهنجو، ڏند، ڏند، ڏند
3. ڏوراپا ڏئين تہ ٻہ سهڻا سنا
مون پيار ٻہ ڏاڍا پيارا ڏنا
تنهنجا قرب قريب ٺئا ماڪيان منا
مت ڪونہ مني جو ٿئي گلقند
4. رخسارن ۾ جيڪو رنگ پربل
ناهي ثاني ان جو گلابي گل
جنهن جوِ ڪوبہ جهان ۾ ڪونهي مل
ساري سرَ ۾ تنهن جو آهي سڳند

5. جي پاڻ کي منهنجي اڪ سان ڏسين
ته پو خبر پوئي ته تون ڇا آهين!
۽ پاڻ تي عاشق خود ٿي پوين
مون کي تنهنجي سر جو سجڻ سوڳند!
6. آئين يار سجڻ سينگار ڪري
ٻئي ٻانهون ڳچيءَ جا هار ڪري
ملئين طالب سان ڏاڍا پيار ڪري
منهنجو سچ پچ آهي بخت بلند

11-7-1965ع
ڪوهه مري

*

ٿل: تنهنجي قرب جو آهي وسيع ڪمند
تو تي عاشق ٿي پيو خود خاوند
1. ساري سر ۾ سهڻو صبيح به تون
محبوب منو ۽ مليح به تون
وري فائق پاڻ فصيح به تون
تنهنجو گفتو گفتو ڪمال جي قند
2. تنهنجي در تا جهڪن سڀ مثل گدا
ديدار جي دولت ڪر ڪا عطا
تون شاهن جو آهين شاهنشا
مان مفلس ۽ تون سهڻا! سرند
3. جيڪو تنهنجي در تو سوالي اچي
سو مورهئون ڪين ڪي خالي وڃي
منهنجا سهڻا سجڻ! ڪو مڃي نه مڃي
پر ڪونهي انهي ۾ قير ۽ قند

4. بي يارن جو آهين يار ٻہ تون
بي واهن جو پوتار ٻہ تون
بي دلين جو دلدار ٻہ تون
بي ڪارن جو دلبر دلبند
5. تنهنجي عشق ۾ ڪيئي اسير ٿيا
تنهنجا دلبر دامن گير ٿيا
سو طالب مولا فقير ٿيا
تنهنجي پيرن سان منهنجو پرين! پيوند

11-7-1965ع
11 ربيع الاول 1385ھ

ڪوه مري ※

ٿل: تنهنجي حسن جا هل دلدارن ۾ يار دلارا!
1. ورر وڪوڙيل، ڪنڍڙا، ڪارا سينڌ سڌي پئي ڏي چمڪارا!
مشڪ سان موهيل خوشبو وارا تن ۾ گلاب جا گل
پرين! لڳن ٿا ڏاڍا پيارا
2. سهڻيون سڳيون ٻئي ڪولي هلين ٿو ڊيل ڪان وڌ تون چال چلين ٿو
تن ڪي لٽڻ ڪان ڪين جهلين ٿو چوڪا چوٽي ڦل
جهومر جاني! ڪن جهلڪارا
3. واه جو ٻڌين ٿو ونگيو وانگوڙو سمجهي سيڪو نانگ هي جهوڙو
تنهنجو قسم آئون ناهيان ڪوڙو منهنجا محب منل!
ڦٽيون ڪڍيو جڻ ڏين ڦوڪارا
4. ڏاڻ پيارو ڏاڻ وجهي ٿيو سيڪو اتي اڇي پاڻ سجهي ٿو
قاسي اهين جو ڪجھ نہ ڪنجهي ٿو اهڙي اتئي اتڪل
جنهن سان ونگين ٿو ورهن وارا

5. الي عجيبَ جي ڏاڍي موچاري نوڙيو نراڙ کي چمي چوڏاري
ِپرن پِران تو ڪئن نہ بيهاري جنهن کي نڪا جهل پل
لڏيو لڏيو تي ڏي لامارا
6. منجهہ ڪنن ايرينگ لڏن تا ڳاڙهن ڳلن کي خوب چمن تا
ناز منجهان ٻئي نوري نچن تا عشق مان ڏين اچل
پيارا پري ڪان مارن موچارا
7. هيرو نڪ ۾ آهي هزاري بولو، بنئيسر مينا ڪاري
چندن هار سچو سونهاري برھہ لائين بَڪل
جڻ چمڪن تا چنڊ ۽ تارا
8. مرڪيو مرڪيو ماريو وڃهن تا سهسين ڪري سينگار اڇن تا
نئين سچ نرمل! نوان ڏسجن تا آهن پاڻ امل
منهنجي ساه جا سي ئي سهارا
9. پر ۾ پلي ڪو ڪنوار بيهاري پوءِ ڪٺي ڪو هن ڏي نهاري
دل ۾ وري سو ويهي ويچاري پوءِ پويس ڪا ڪل
نہ سونهن ۾ آهن ڪير سوپارا
10. سيبئي سجڻ سان ريسون ڪن ٽيون زيور، زريون پڻ پهرن ٽيون
منهنجي پرينءَ سان ڪين پڄن ٽيون ڪن ٽيون رڳيون ئي اهل
اصل، نقل ۾ وڏا ويچارا
11. ڪتان آٽن اهي ناز نزاڪت لالڻ منهنجي واري لطافت
طالب تن کي ڪهڙي طاقت! اها انهن جي پل
سينو ساهن جيڪي ويچارا

12-7-1965ع

ڪوھ مري

❊

تل: سهڻل جا سينگار- وهوا دل کي وٺن تا
دل کي وڻن تا، ڏاڍا نهن تا ڏاڍا نهن تا، من کي موهن تا

1. ڪارا ڪارا، ڪنڊڙا ڪنڊڙا سهڻا سهڻا، سنهڙا سنهڙا
وانگوڙي ۾ وار

2. تيل، قليل، قڻيون، ڦوڪارا ڏوپيل واسيل، ڪيس هوڪارا
گهرا گهنڊيدار

3. ابرو عجيب، ڏنگا ۽ ڏوڙا ڏيهه ڏسيو ڪن گهوڙا گهوڙا
تيز ڪنان تلوار

4. بيئي اکيون چڻ باز ۽ بحري مار ڪرڻ لئي پون ٺيون پهري
ڪن شاهاڻا تہ شڪار

5. نڪ نجيب جو ننڍڙو ننڍڙو سنهڙو سنهڙو، ڪنڊڙو ڪنڊڙو
رنگ پريا رخسار

6. لب لالڻ جا مرڪيو مرڪن ڏند موتن جا جهرڪيو جهرڪن
ڪونج ڳچي ۾ هار

7. روز چمان، چشمن تي چايان لائق سمجهي لبن سان لايان
پرين جا پيزار

8. گڏ گذارڻ، اتڻ ۽ ويهڻ طالب مولا رسڻ ۽ پرچڻ
محبّت جا معيار

13 7 1955ع
حيدرآباد ۽ هالن جي
وچ ۾ لکي وئي

*

ٽل: تنهنجي عجب اڏاوت ۽ بيهڪ
تنهنجي ٽرڻ ڦرڻ ۾ عجيب ڏنڪ

1. تو کان ڪونہ وڏيڪ ملوڪ ڏٺم
تو کان ڪونہ زياده حسين ٻڌم
تو کان ڪونہ وڌو ڪو مثال مليم
ڪٻا ڪهڙا انهي ۾ شبها شڪ

2. ڪو دنيا گهمي پلي توڙ ڪري
ڏسون ڪنهن کي ٿو تنهنجو جوڙ ڪري
توکي ونندو متي جو موڙ ڪري
تنهنجو ملندو مثال نہ اوڏي ڇڪ!

3. نہ شباب جو جاني! جواب ڪٿي
انهي حسن جي حد حساب ڪٿي
لکي توکي سو آهي ڪتاب ڪٿي!
تنهنجي قوه جواني عجيب اٽڪ

4. تو کي پنهنجي هٿن سان ٺاهيو خدا
اها چاٽي حقيقت شاه و گدا
اي جاني جواٽي ماٽي سدا
ڏين ڏهہ ڏهہ پيرا ٽليو ٺهڪ

5. محبوب مٺا تون شال جيين!
مون سان گڏجي کندون ۽ کير پيين
تون پنهنجو مثال بہ پاڻ ٿيين
آهي مون کي نہ، پر پرجا کي پڪ

6. ڇو مون کي قريب ٿي قرب ڪيئي
ڇو وڇڙيل کي وري پيار ڏنئي!

چا طالب جي ڪا خبر اٿئي
تنهنجي عشق ۾ وئي ساڃاهه سمڪ

30-4-1967ع
20 محرم 1387ھ
ڪراچي

❊

ٽل: اِهو اٿم يقين تہ آهيان برحق
تِوکي نہ مجي سو آهي احمق

1. سپ هيرا جواهر گڏجي ڪجن
اتي محب! مٺين ڪٺي موتي هجن
تہ بہ تنهنجي برابر ڪين ٿين
اکيون تنهنجيون رشڪ در ابلق

2. جي تيڏي اک سان يار! ڏسين
تہ هيڪاري چرڪ چڏايو چڏين
تو پاڻ ڏي دلبر! گهليو وٺين
تنهنجي چشمن ۾ آهي چقمق

3. محبوب سڄڻ ماکي کان مٺا!
تو سدائين پلايا پال پلا!
تنهنجي سر جو قسم تنهنجو ڏوھ نہ آ
مون کي منهنجي سورن ڪيڙو سحق

4. تاريخ محبّت پڙهي جا ڏٺيم
"ريسرچ" انهي تي ويهي ڪيم
رڳي هجر ۽ غم معلوم ٿيم
اٿلائي ڏٺو مون ورق ورق

5. مون خاطي روز خطائون ڪيون
تو مون تي الاهي عطائون ڪيون
تنهنجي جورو جفا ۾ وفائون ڪيون
رڳو تنهنجي نينهن ڪيو ناحق
6. تنهنجون عجب رهاڻيون رس نوان
ڪري حاصل ٿياسون نوان ۽ سنوان
والله سڄڻ! هي سچ ٿو چوان
تنهنجي وسري نٿي صحبت سابق
7. تنهنجو طالب مولا زنده رهي
پلي دلبرا دنيا ڇا ۾ چوي
مان ته هيئن چوان هڪ هام پري
"منهنجي عذرا تون مان تنهنجو وامق
20-5-1967ع
9 صفر 1387ھ
اسلام آباد

*

ٿل: تنهنجي رخ ۾ نوري ڏاڍو نمڪ
سڀ سهڻن ۾ ئي حبيب! تون هڪ
1. منهنجا غم گوندر ٿيو دور وڃن
جي توکي اکيون ٿيون ڪلندي ڏسن
سڀ جذبا جيئرا ٿيو ٿا پون
تو زندگي بخشي ٿهڪ ٿهڪ
2. تنهنجي هلڻ چلڻ واري چال ڏسي
مونکان پنهنجي قيامت وئي وسري

اها لوڏ لکن جي ماري ٿي
سهڻا! تنهنجي ڇيلهه جهڙي چابڪ

3. مون کي اڳ ۾ آهي خبر اها
جي گري چڙهيين ته پو ٿيندين چا!
آهي اسان جو نه هاڻي ئي حافظ خدا
انسان آهيان، نه کي جن ملڪ

4. ڪنهن جي ڪرڻ خوشامد آهي بري
پر سچ ٿو چوان چاهي ان ۾ وري!
تنهنجي پير هينان وچي نانگ سري
ٿئي پيرن ۾ لاڪيٽو لڪ

5. توسان هام هڻي سو ڪير ٿئي!
جيڪو سامهون اچي اهو آهه ڪٿي!
هي طالب مولا سچ ٿو چوي
ساري سر جو نجيب! تون آهين نڪ

3-5-1967ع
13 محرم 1387ھ
هالا

❊

ٽل: گهڻو آهن گهٽ تو ڪان سي گل ڦل!
ساري ملڪ ۾ تنهنجي حسن جا هل

1. ڪنئين خود کي خوب سينگارن ٿيون!
ملي مهتي پاڻ کي مارن ٿيون!
توڙي هر هر پاڻ سنوارن ٿيون
نٿيون تو سان پڄن ڪري تنهنجي اهل

2. منهنجا جاني، منا، قربدار، ڪنا!
تو ڪي مولا حسن هزار ڏنا
تون سهڻو آهين سينگار بنا
تنهنجي حسب نسب ۾ ناهي ال
3. تون پاڻهي اچي تو پيار ڪرين
منِڙن جي منا! وارو وار ڪرين
ڪنئين مون سان عجيب! تو آر ڪرين
اِهي منڙا پلي ڪر آر انگل
4. منهنجو توڏي اچڻ، تنهنجو ڪوڙو رسڻ
منهنجي منت ڪرڻ، تنهنجو منهڙو مٽڻ
منهنجو پيار ڏيڻ، تنهنجو پرچي پوڻ
ڏاڍي مِرڪي ملڻ جي اتئي اتڪل
5. مون ڪي پنهنجو بنايئي حبيب پرين!
ڪيو قرب ڏئي تو قريب پرين!
منهنجو بخت پلو ۽ نصيب پرين
منهنجي درد جا تو وٽ سپ درمل!
6. تنهنجو طالب نرمل! نماڻو آهيان
تہ بہ تنهنجو آهيان جي اياڻو آهيان
تنهنجي ڏِٺ جو رمز ۾ راڻو آهيان
منهنجي ڪاڪ جي آهين تون مومل
16-3-1966ع
ڍاڪا

*

ٺل: تنهنجو دنيا ۾ محبوب! نہ مٽ
پلي پائي اچي ڪو ڪلنگي ڇٽ

1. ڪٿي هار سينگار هزارين ڪن
وري ناز انداز سان سامهون اچن
تنهنجو هوندس مان پلي مون لئي سڪن
ڪنهن ڪي طاقت جو ڪري مون سان ترڪٽ!

2. زر زيور سان نٿو حسن وڌي
لڪي هوندي لباس بہ ڪجهہ نہ ٿئي
اِها ذات خدائي جنهن کي ملي
هِڪ تون آهين جنهن جو ناهي مٽ سٽ

3. هٽ ڪونهي خوشامد جو ڪو سبب
هن ڳالهہ کي ڄاڻي هڪڙو رب
تنهنجو اعليٰ آهي حسب نسب
تون تاجي پيٽي آهين پٽ

4. پرين! پاڻ سان تو پابست ڪيو
اهو سودو دست بدست ڪيو
محبت ۾ منا! ڏاڍو مست ڪيو
مون کي پيار جو پياري پٽ تي پٽ

5. ڪنهن کي طالب مولا ڪجهہ نہ مڃي
پلي ڪير اڏامندو چو نہ اچي!
ڪٽي اک بہ انهي ڏي ڪين ڏسي
رڳو تو وٽ آهي چريو چرڪٽ

5-4-1966ع
ڪالا باغ

❊

تل: آهين لاثاني بي نظير پرين!
پوري ملڪ ۾ با توقير پرين!

1. تنهنجي فرقت جو احساس هيم
تنهنجي صبر نهوڙي نيٺ نيم
جڏهن رهبر عشق عجيب! ٿيم
اڇي پيش پيس اڪسير پرين!

2. ڪڏهن تو ڪي وساري ڪين ڇڏيم
مون ڪي محب مٺا! تنهنجي سر جو قسم
تنهنجو خط ۾ لکڻ هئن ياد اٿم
"منهنجي جي جا جاني پير پرين"!

3. هاڻي اون عجيبا! ڪا ئي نہ ٿم
جيڪي دل ۾ هئا سڀ سور لٿم
تنهنجي نينهن تي بيحد ناز اٿم
منهنجي عشق جا يار اسير پرين!

4. هر هڪ خواهش معذور هئي
هر هڪ ڪوشش مستور هئي
ڏاڍي يار سڄڻ! مجبور هئي
تقدير اڳيان تدبير پرين!

5. تنهنجو طالب مولا در نہ مٽيو
بازي برهہ جي ڪان هرگز نہ هٽيو
هن پاڻ هارائي تو ڪي ڪٽيو
منهنجا ڀهڳڻ، ڀاونگير پرين!

15-4-1966ع
بنگلو جمڙائو لانڊي واري موري
شهدادپور

❊

ٿل: تنهنجي شان وٽان ڪينهي مڙئي منصب
ڪٿان آڻيان سجڻ تنهنجي لاءِ لقب!

1. ڪولين وار ته سنبل سهميو وڃن
ڪنين اک ته نرگس جا ڏوهه ڏڪن
سڀ غنچا ٽڙيو گل ٿيو ٽا پون
جڏهن مرڪن تنهنجا لال ٻئي لب

2. ڪنهن کي طاقت تنهنجي ڪٿ ڪا ڪئي
تنهنجو مٽ نه ٿئي ڪو لٿي ۽ پٿي
هڪ ذات سيد جي سا آهي مٿي
باقي تو کان سيئي گهٽ حسب نسب

3. پلي هر ڪو ٻڌي منهنجا ٻول اڄهي
مون کي ڪونه ٿو اهڙو سر ۾ سجهي
جيڪو تنهنجي جتي ۾ پير وجهي
سو پيدا ڪيو ئي ڪونهي رب

4. تنهنجي عشق ۾ ڪينڪي اهنجو آهيان
تنهنجو نه پلا ٻي ڪنهن جو آهيان!
سهڻا يارا فقط مان تنهنجو آهيان
مون تي ڪنهن جو "ڪليم" نه ڪا چپ سب

5. اهو گفتو گفتو واهه جو ٿهيو
جيڪو پنهنجي زبان سان هئن تو چيو
"تيا ڏينهن، مون سان تو نه پيار ڪيو"
وهوا ڏاڍي وڻي اها تانگهه طلب

6. تنهنجو طالب ٿي تنهنجي پيش پيس
تنهنجي قربن آخر قيد ڪيس
تون ڪين تہ تو هاٿو ئي ٿيس
تڏهن پاٿهي ڪريان ٿو پنهنج ادب
22.4.1966ع
ڏيپري

*

ٿل: جيڪي منهنجي ڳچي جا هار ٿيا
اهي ڪارا ڪنڍڙا وار چمان
جيڪي ڳوپ ڏئي ٿي دام پيا
سي خاصا خوشبودار چمان
1. جنهن ڪان شمس و قمر شرمائن ٿا
جنهن ڪان تارا ڪتيون گهبرائن ٿا
اها نور پري جا پيشاني
ڪري همت سا هڪوار چمان
2. جن آڏو هلال ڪا شئي ناهي
جن آڏو ڪمان بہ چا آهي!
جن آڏو خنجر خم ٿا ٿين
اهي خوشتر ڀئي خمدار چمان
3. جي چرڪ چڙايو خوب چڙن
۽ پنبڻيون مورهئون ماريو وجهن
اهي چپر چنيڻ سان چيهہ ٿا ڪن
وهوا تن جا اکن سان وار چمان

4. چڻ مئي جا ڪتورا ہيئي پريل
يا ماڳنهن آهن خود پيتل
اهي مست ۽ مست قلندر ٿئي
ڪري ڏاڍو ادب، ڏئي پيار چمان

5. سو آهي ڪنول جو ڍنگ ڪٿي!
سو آهي گلاب جو رنگ ڪٿي!
جتي بلبل پنئورا خود بيخود
اهي رمز پريا رخسار چمان

6. چڻ لعل ۽ موتي صدف ۾ بند
قربان مناڻ تان تن جي قند
سي لال لعابي لالڻ جا
لب سرخ ٿئي بيهار چمان

7. ڪٿي ڪونج نہ پنهنجو ڪنڌ مٿي
جي سامهون سجڻ پئي ان ڪي ڪٿي
منهنجي ڳڻن پرئي جي ڳچي تہ ڏسو
جا چؤڪي، چڱي چوڏار چمان

8. هو پيربن هٿين ٽيو هڪ جهڙو
جو ثاني سڏائي، سو ٿئي کهڙو!
تنهنجي نقش قدم جي خاڪ ڪٿي
اها غيرت عنبر بار چمان

9. جيڪي در تي سندس هليا مون ڪي وٺي
ڏيان تن ڪي ترت مني تي مني
اهي طالب مولا ٿئي تهدل
پنهنجا پير چمان، پيزار چمان

8-8-1966ع
اسلام آباد

*

ٿلھ: منا محب ماڻھو پرين پيار وارا
انھي لئي اکن ۾ اڏيا مون اوتارا

1. اِھي وار چلڙا نہ کي نانگ ناھن
ڏين پاڻ ۾ پيچ اھڙا ئي آھن
ڏيو ور وريو کن ونگڻ لاء وارا

2. چٽي چنڊ کان پڻ پرين جي پيشاني
نہ بجلي برابر نہ ٻيو مٽ ۽ ثاني
جھلي تا سگھن کين کي تاب تارا

3. نہ تلوار جي ڌار اھڙو کري ڪم
نہ خمدار خنجر ھٽي کو ھتي دم
ڀنا پاڻ ڀيئي ڀرون ڀئونر ڪارا

4. چپر جي ڪجن تا نہ اولا لھن تا
ڏکويل کي تسڪين ڏاڍي ڏين تا
اھي پاڪ پنبڻيون نہ کن پارا پارا

5. ھو شھباز جئن عزم سان جي اچن تا
نہ پھرين نظر ۾ ونيو دل وڃن تا
اِھي نينڻ نرمل جا جڻ مست مارا

6. ڪڏھن مت کي تيندا پلا گل گلابي!
ڪتي ناز آھن انھن وٽ نقابي!
انھن ۾ نہ آھن ھي نوري نظارا

7. لڄي لعل، ياقوت، ھيرا تين تا
۽ شرمائي مرجان، موتي وڃن تا
جو محبوب مرڪن تا منڙا موچارا

8. نظر تو اچي جي پين تا هو پاڻي
نزاڪت، نفاست ڪئي هت پچاڻي
ڪيا حلق حيران عقل، سمجھ سارا
9. وڏا وڙ ڪري هو اڳڻ منهنجي آيا
وريو بخت طالب تيا لايا سجايا
ڪٽي ڪير تو هيئن قدم قرب ڏارا!

22-12-1960ع
لاهور

*

[8]

# سڪندي ٿيڙم سال

ٿل: مست الفت ۾ ڪيا ڪئين ورھ ويچارا ھٺي
پرت سان ڪيڙا پڌر ڏڪ درد دل وارا ھٺي

1. درد وارن جي او سھڻا ويچ واھر ڇا ڪندا!
چاڙھ چاڙھي مان سڄڻ! تو تن کي چوڪارا ھٺي

2. ڪيف سان ڪاربون. ڪڪوريل قربدارن جون اکيون
باز بحري جان جھتن دلڙن کي لامارا ھٺي

3. سالڪن ھي سچ چيو ”ري عاجزي ڪا واھ ناھ“
تار ۾ تابع ڪري تو برھ بي تارا ھٺي

4. جن جي سرتي عشق اطھر ٿيو اڇي جلوه نما
سي ھليا سبحان ڏي ھو ھو جا ھونگارا ھٺي

5. ات فقيري فيض جا چشما ٿيو جاري پون
جت اڇي ويھي ٿو حضرت عشق اوتارا ھٺي

❊

ٿل: تو لاءِ ڪوڙين ڪانگ اڏايان پئي
تنھنجا پانڌي روز پڇايان پئي

1. تو صبح اڇي نوان درد ڪٺي
تي رات تئي مون لءِ گھنگھر گھٺي
سو سور سندئي مان ھڪڙي جٺي
تنھنجا آھن، تن سان نيايان پئي

2. ٿي روز سنجهي منهن ويڙهيو سمهان
وريو آڌي ڏيو ٿي عجيب! اتان
پايو منهن مونن ۾ رويو روئان
لڪيو لوڪان لڙڪ وهايان پئي
3. ٿِين نرمل شل! ناراض م تون
تنهنجا هنڙا هجن. منهنجون چام! چتون
منهنجون محب! اکيون. تنهنجون لالڻ! لتون
ونيو واٽون تنهنجون واجهان پئي
4. من منهنجو منو سمجهي ٻہ نہ ٿو
مٺو مون کان وري پرچي ٻہ نہ ٿو
رنو رمزن سان ريجهي ٻہ نہ ٿو
تہ ٻہ ڪيس پرين! پرچايان پئي
5. تنهنجي ياد ۾ هئن مان مست آهيان
پنهنجي پاڻ کي "تون" سمجهيو ٿي وهان
اهڙي محبت ۾ ٿيو محو وڃان
جو ياڪر پاڻ کي پايان پئي
6. تو چا ٿي چيو يلا چا هي ڪيئي!
منا محب! وڇوڙو ڏاڍو ڏنئي
پنهنجي طالب کي چو وساري ڇڏيئي
تنهنجا مان تہ اجا ڳڻ ڳايان پئي

*

ٿل: ساهه سڪي ٿو جن لاءِ سڄڻ شل سارين!
سڄڻ شل سارين واڳون من وارين!
1. سرتيون! هوند آئون سون ٿيان جي محبّت ڏئي مارين
2. ويهي ڪيئون جي وعدا پربن سي پارين
3. سيئي پر ڪي پهچنديون گوندر جي گهارين
4. رسنديون سيئي راز ڪي جن وره ۾ سر وارين
5. طالب دردن واريون روز هنجهون هارين

26-9-1957ع
هالا

※

ٿل: ڏوهه دل جو آهي ظاهر ۾ وجي اکڙيون اڙيون
هوءِ نه وئي دلدار وٽ پر هي نه سورن ۾ سڙيون
1. من پرين ڪجهه پيار مان ويهي وتم ڳالهيون ڪري
زندگي ساري گذر ۽ ياد پونديون ڪي گهڙيون
2. هاڻ شل مون سان نباهي نينهن جو ناتو سڄڻ
پاڻ ئي پاتئين ڳچي ۾ قربداري جون ڪڙيون
3. دل نه هڪڙي آهه جنهن تي يار جو قبضو ٿيو
محب اڄ ميخون محبّت جون، سندم جي ۾ جڙيون
4. منهنجي دل ڦاٽي نه چا ٿيو هي وڏي ڪا ڳالهه ناهه
لطف سان لالڻ ليون جيڪي هيون جڳ ۾ جڙيون
5. مون نه پنهنجي لڄ ۽ لڏ هن جي حوالي ڪئي ڪٽي
هٿ رکي پنهنجون ڪيون جنهن بي وسيليون بي وڙيون
6. بي نه سيڪنهن وٽ ڪو هڪڙو سور هوندو ساهه سان
طالب المولا جي دل ۾ درد جون آهن ڏڙيون

25-6-1956ع
حيدرآباد

※

ٽل: پنهنجي پرين ڪاڻ پاند پسايم روئي روئي
1. هڪ ساعت پڻ سک جي ناهي اون عجيبن جي ئي آهي
ڪن ڪا وٿ وراڻ راتيون وهايم روئي روئي
2. بنگلا، ماڙيون ۽ محلاتون ڪين وڻن ٿيون سو سوغاتون
ڪنهن جي نہ آهي ڪاڻ قرب ڪمايم روئي روئي
3. جنهن سان منهنجي لنئون لاثاني سوئي ملي شل منهنجو جاني!
ان ڪي مولا! آڻ حيلا هلايم روئي روئي
4. پيار ڪيا مون پلپل جنهن سان طالب مولا ملندس تنهن سان
ڪنديس ريجهہ رهاڻ يار ريجهايم روئي روئي
16-8-1959ع
لنڊن

※

ٽل: سڪندي تيڙم سال ، ويني ساجن ساريان
ساجن ساريان ، ڪين وساريان
1. آڳ اندر جي ڪين اجهائي ، پرينءَ وڏو توڙي پرت جو پاڻي
جر وهايان جال ، ويتر واٽون پهاريان
2. ڪجهہ جي ڪچان تي لوڪ ڪلي ٿو ، مات ڪرڻ سان جيڙو جلي ٿو
مون ڪي ڪهڙي مجال ، هن سان پرت آئون پاريان!
3. جيئن تي وساريان تيئن نٿو وسري ، نئين سر نينهن نجيب جو نسري
جيڙو منجهہ جنجال ، ويني گهنگهر ۾ گهاريان
4. پرڪي ڏجئين پيغام هي پانڌي ، ڪوجهي جو من تِين لڇي ڪانڌي
هَيٺا آهن حال ، سهٺا! توکي سنياريان
5. مٺي جي توري واه نہ ڪائي ، عمر وڃي ٿي هاڻ اجائي
لهہ ڪا سار سنيال ، اوڳي ويني او ساريان
10-4-1956ع
خيرپورميرس ۽ هالا جي وچ ۾ لکي وئي

※

ٿل: محبّت ڪي ڪا پرواهه ناهي دلبر سان جو دلڙي آهي
1. ملن پلي ڪنئين طعنا مهڻا سي سڀ سر تي آهن سهڻا
لوڪ ملامت ڇاهي!
2. سو ئي نيائي نينهن جو ناتو پيچ پيار جو جنهن آهي پاتو
لڳ لاڳاپا لاهي
3. ان ڪي خبر، جو محبّت ماريو پيالو پيارل جنهن کي پياريو
ڪير ٻيو سينو ساهي!
4. ڏج ڏپ ڪهڙا طالب مولا رکبا ارادا اصلئون اعليٰ
قرب ۾ رسبو ڪاهي

23-11-1958ع
حيدرآباد

※

ٿل: سڄڻ هجن شل سنوان! حالڙا ٻڌائنديس سورڙا سڻائينديس
1. دلڙي گهري ٿي دلبر دمدم هيڻي ساڻ اچي ٿئي همدم
نيو نيو وريو نوان گڻ ته ڳائينديس راتڙيون وهائينديس
2. اٿم اميدون اڳڻ تي ايندا دم دلاسا دل کي ڏيندا
نياز ڪنديس آئون نوان واٽڙيون ٻهارينديس وارڙا وڇائينديس
3. مون معزور سان محب ملائين ماڙ ڪجئين ڪا مولا سائين!
لالڻ لئي وينئي لوان ڳاڄڙا ڳائينديس موڪون ٻه ملهائينديس
4. طالب طلبن لايون تارون محب اچي من سٽي ڪوڪارون
پيرن تي ڪري پوان قربڙا ڪمائينديس ناتڙا نڀائيندس
2-10-1955ع
امين منزل، حيدرآباد

※

ٿل: مولا! ملاءِ تون مون سان منهنجي من جو ٺار
منهنجي من جو ٺار، دل جو دلبر يار
1. جنهن جي ساه کي سڪ، ڇرڪ ڇڏايا ڇڪ
لوڪان ڪئي جنهن لڪ، سهڻو سو سَردار
2. ورهه ڪئي آهي وس، ڏوريو ڇچايان ڏس
گام نهاريان گس، محبّت جو مهندار
3. درد ڪري تو دانهون، روز نهاريان راهون
پر ڪي موٽائي پاهون، عشق ڏنو آزار
4. وَائي آهي وات، بره واري بات
آهي ڏينهان رات، طالب جو تڪرار

5-1-1955ع
ٽاٽو بولا خان

❊

ٿل: رئندي رئندي ٿيون گذرن راتيون
آهن آسون اندر ۾ آتيون
1. تنهنجي آهيان، تنهنجي ٿينديس
بنهن نہ ٻي در سهڻا! وينديس
تو ئي ڳرهائيون پاتيون
2. منهنجو آهين، منهنجو هوندين
مون سان مدد پل پل ۾ ٿيندين
دلبرا تو لنئون لاتيون
3. تنهنجون ويني واٽون نهاريان
سڏڪيو تو کي يارا پڪاريان
پاءِ پرين کي جهاتيون!

4. نندڍ نيٽن جي ويئي اڏامي
هاٽي هڪل ۾ ٿي اچي حامي
پرت مان ڪر پرپاتيون

5. اهنج اندر ۾ ڏاڍا اچي ويا
مچ محبّت جا محب! مچي ويا
چوهه مان گڏجن چاتيون

6. مان تہ پرين! توکي ڪين ڇڏينديس
پڪڙا توسان گڏجي اڏينديس
جيڪي پڳيون سي ڪاتيون

7. سائين ڪندو سڀ پوريون اميدون
طالب مولا تيندون عيدون
تن ۾ آهن ڏاڍيون تاتيون

23-12-1960ع
لاهور

*

تل: ايندم شال! عجيبَ — سرتيون — ڏيندم پلپل پيار پيارا

1. آسروند آسائتي آهيان
نرمل ڪان نا اميد بہ ناهيان
لاڪيٽا هو لبيب — سرتيون — دل وننڌا دلدار دلارا!

2. ڪوجهڙي آهيان، ناهيان ڪميٽي
پنهنجي ڪن من حبيب هي هيٺي
نوري منهنجا نجيب — سرتيون — سهٽا شل ڪي ڏين سهارا!

3. آهيان اصل نادان نسوري
بلڪل، بلڪل، بلڪل پوري
ڪن ڪي قرب قريب — سرتيون — جاني منهنجي جي جا جيارا
4. لاهن سڀ آزار اندر جا
نرمل نازن ساڻ نذر جا
طالب جا هو طبيب — سرتيون — منهنجا سڄڻ سي سخن سچارا
3-8-1960ع
ڪوئٽا

*

ٿل: ڪندي ياد توکي هي راتيون وهاٽيون
اچن ياد هر هر سنڌءِ رس رهاٽيون
1. ملڻ ۽ ڪلڻ تنهنجو مرڪڻ موچارو
اٿڻ ۽ وهڻ آهي ڪل ڪان قرارو
سيئي تنهنجون رمزون سيني ۾ ساماٽيون
2. مان تنهنجو ئي آهيان سڄڻ! اڄ ڪلي ڏي
مبارڪ مڙن کي پلي وڄ وجي ڏي
پلا آ تہ هاٽي محبّت کي ماٽيون
3. مان تو سان اچي خير جو خوب ڪلندس
ڳچي پائي ٻانهون منا محب! ملندس
نہ متجن ٿيون من تان هو ڳالهيون ڳوناٽيون
4. ڪري قرب تو ساڻ توکي ڪلايان
ڏئي پيار ۽ ڳل ڳلن سان ملايان
اٿن روز اڏ مان تہ پر ڏي پلاٽيون

5. پون ياد پرديس ۾ پيار تنهنجا
تہ ڳوڙھا ڳلن تان ڪريو ۽ ڪرن ٿا
اينھين دل سان ڪن ٿيون اڪيون ٻئي آڪاٽيون
6. مان تنهنجو ئي طالب تون مطلوب منهنجو
مان تو ڏي ئي راغب تون مرغوب منهنجو
ٻئي هڪ ٻئي ڏي طلب مان تا تاٽيون

3-9-1966ع
ڪئمبرج

※

ٽل: تون ڇا ھئين، ڇا مان ڇا ٿي وئين
جڏھن تنهنجو تيس تہ جدا ٿي وئين
1. هي ڳالھہ سڄڻ! تون ٻڌاءِ تہ ڪا
ڪھڙو ڏوھہ ڪيوم ۽ آهي ڇا!
مون ڪان ڪھڙي پلا ٿي اربعا خطا!
جو بلڪل بي پروا ٿي وئين
2. مون ڪي منهنجي نينهن نهوڙي ڇڏيو
مون ڪي منهنجي ورھہ وڪوڙي ڇڏيو
مون ڪي منهنجي عشق الوڙي ڇڏيو
مون ڪي گھرجي دوا تون دعا ٿي وئين
3. پاڻھي پنهنجو "تون" خريدار ڪيم
۽ پاڻ کي مفت ۾ وڪڻي ڇڏيم
تڏھن تو وٽ ڪجھہ بہ نہ قدر ٿيم
آئون ادنيٰ تون اعليٰ ٿي وئين

4. هڪجهڙا هياسون تہ ڇا نہ هيوا
چو پيار ڪيم، پڇتايان پيو
وچ فرق مراتب پئجي ويو
آئون پيس جهڪي تون خدا ٿي وئين

5. هن حيرت ۾ پيو روز هجان
ڪئن حجت رکان توکي ڇا ڇا چوان
توکي پيار ڏيان، تنهنجا ادب ڪيان
آئون طالب تون مولا ٿي وئين

23-6-1967ع
15 ربيع الاول 1387هه
اسلام آباد

❊

[9]

# دلڙي ڏئي مون درد پرايو

ٿل: مون ڪان نٿيون وسرن سڄڻ! تنهنجي ڳڻن جون ڳالهڙيون
تنهنجي ڳڻن جون ڳالهڙيون، چشمن جون چؤڪيون چالڙيون
1. جيڏهن ڪٽين نازڪ نظر، بينا ڪرين ٿو بي بصر
ٿيون باخبر ڪن بي خبر، ڪيفي، ڪڪوريل، ڪالڙيون
2. هن برهه ڪئين ٻاريا ٻنا، سهما سون جا مون سنا
مر لوڪ ڏي مون کي منا! اهڙيون عجب اوپالڙيون
3. ٿا عشق جا ٻارڻ ٻرن، رڙهندس مٿي رهبر! رندن
پل منهنجي پيرن ۾ پون، اڄ چو نه چوهئون چالڙيون!
4. دردن ڪيو دل کي بسم، ڪٿ طالب المولا جو غم
تنهنجي سڄڻ! سر جو قسم، اڪڙيون رهن ٿيون آلڙيون

12-3-1955ع

هالا

*

ٿل: مون سان دلبر دلڙي نه لائين ها
جي لائي ته توڙ نڀائين ها
1. چو پيارا پلپل پيار ڏنئي
چا چا ٿي چيئي چا وعدا ڪيئي
پلا يار ٻڌاءِ ته چا ٿي ويئي
جي چڏئو هيئي ته ٻڌائين ها
2. تنهنجي نرمل نينهن نهوڙي نيس
اچي پيارا تنهنجي پيش پيس

جي لائق تنهنجي ڪين هيس
تہ بہ رمزن ۾ پيو رهائين ها

3. مون وفائون ڪيون تو جفائون ڪيون
مون عطائون ڪيون تو خطائون ڪيون
مون صدائون ڪيون تو ندائون ڪيون
منهنجا ڪي تہ پرين ڳڻ ڳائين ها

4. آئون ڪين سڄڻ توکي جهليان ها
پنهنجي پاڻ کي پاٽهي پليان ها
پنهنجون آليون اکيون وينو مليان ها
رڳو يار مون کان موڪلائين ها

5. تي اوچتو تون بيگانو وئين
ڪنهن وهم گمان نهوڙي نئين
آخر تون بہ تہ هڪ انسان هئين
ڪجهہ سوچي سمجهي سهائين ها

6. تو پاڻ ئي مون کي پسند ڪيو
۽ خوب سڄڻ خرسند ڪيو
وري هجر جي قيد ۾ بند ڪيو
تنهن کان مورهئون من نہ ملائين ها

7. هاڻ ڪيترو تون بيدار ڪندين
ڪو وقت ايندو فرياد ڪندين
پنهنجو طالب مولا ياد ڪندين
تي ويسلو وجهہ نہ وڃائين ها

9-8-1955ع

هالا

❊

ٽل: تو دلڙي يارا ڏتاري پو يرا ڪانہ ڪيئي پوئواري

1. تنهنجا ڪيس پيارل! ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا
ڪن ونگ وجهڻ لئي وارا، پائن ڳت ڳچي ۾ ڳارا
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا
ٿين وير بہ ات ويچارا، تا شاهہ پرن شوڪارا
منهنجي نرمل! آهہ نيزاري

2. تنهنجي پاڪ پرين! پيشاني، آهي نرمل! نور نشاني
سچ چنڊ لڳي حيراني! ناهي تنهنجي ثريا ثاني
ٿيا تنهنجا مٽ نہ شاني، ڪر اچڻ سندي احساني
ون محب مٺا! مهماني، اچ اڱڻ مٿي دل جاني!
تنهنجي محبّت دلڙي ماري

3. تنهنجون اکڙيون ٻئي ميخانا، يا پر ٿيل پيمانا
يا محب! ٻئي مستانا، ڪن درد وارا ديوانا
اتي جنگ پرن تا جانا، تون شمع ٻيا پروانا
تنهنجا شوق آهن شاهانا، هي راز ٿيا رندانا
تنهنجي اڳتئون توبہ زاري

4. تنهنجي قرب ڪرايون ڪيهون، شب روز رئان ڪري ريهون
ڏنيون پرت پيارل! پيهون، ويون ورهن گذري ويهون
ٿي دلڙي چيهون چيهون، پيون لال لڳن ۾ ليهون
تنهنجي فڪر سڪايون ڦيهون، اچ برهہ ۾ گذجي بيهون
ڪئي گوندر آ گلزاري

5. محبوب! ڦتا ڪر ماڻا، هي رمز سڪئين ڪيئن راڻا!
تنهنجي گهور گهمايا گهاڻا، نتا مورهئون وڻن وهاڻا
تنهنجي صدمن ڪيا سنڌ ساڻا، اڇي پرت پڇائج پاڻا
وجهان تپڻا روز ۽ ناڻا، تنهنجا سور آهن سيباڻا
تنهنجي تات، طلب ۽ تاري

6. اڄ وعدا پرت جا پاڙيون، هڪ ٻئي سان سور سلهاڙيون
دل، دل ڏي لالڻ! لاڙيون، تا سور وڃن سنڌ ساڙيون
ٽيو چيتو آهہ چيهاڙيون، دل درد وڃن ڏونڏاڙيون
اڄ ورهہ وسايون واڙيون، تنهنجي دِرجون مت نہ ماڙيون
ڪر سهڻا يارا ستاري

7. تنهنجو طالب مولا آهي، ٻئي ساڻ پلا پيو چاهي!
رس تنهن کي قرب مان ڪاهي، پيا لڳ لاڳاپا لاهي
چڏ ويڙ ورهہ جي واهي، ڪير سينو توسان ساهي!
اها طاقت ڪنهن کي ناهي، اڄ مون وٽ گاهي ماهي
لاءِ برهہ جي يارا بهاري

1955-11-8ع

هالا ❊

ٿل: جڏڙي جي جا جيارا- او پيارا!
تون ئي تہ آهين جاني جياپو!

1. اٿندي وهندي پرين! تنهنجي تات اتم
سهڻا، سپرين، سڄڻ! وائي وات اتم
مون ڏي سڀ ميار — او پيارا!
تو سان ئي آهي سڳ ۽ سياپو

2. تون ئي پلارو پلو، مون ۾ عيب اپار
ڪانڌ! ڪميڻي جي ساري لهج سنپار
پيڙو تج پتار — او پيارا
محب! منجان ٿي نينهن جو نياپو
3. راتيون روئي رڙي ويني وهايان منا!
ڏينهن ڏکن جا وري ڏاڍا مون کي ڏنا
موتي اڄ مننار — او پيارا!
تنهنجو ئي آهي ڇاتي تي ڇاپو
4. طالب مولا چوي اچين تون پير پري
من اهڙو وري ڊارو مون لئي ڊري
پلپل ڏي ڪي پيار — او پيارا!
ڪر نه هيڪاري سهڻا! سهاپو
1959-1-21ع
حيدرآباد

❊

ٽل: ساريو، ساريو، ساربان، او سهڻا سائين ڪيئن وساريان!
1. روئي روئي حال وڃايم توري ڪنهن کي ڪين ٻڌايم
تنهنجون واٽون نهاريان
2. دردن آهي ڏاڍو جهوريو ماس هڏن تان ڪوري ڪوريو
پلپل توکي پڪاريان
3. ڪونه ڪيئي ڪو قياس ڪني تي، رحم نه آيئي محب! مني تي
تو لئي اگهڻ ٻهاريان
4. جاني! جڏي وٽ پير پري اڄ، منڙا ماڻهوا! قرب ڪري اڄ
ساهئون توکي سنڀاريان

5. ڏاري ڪري تو آهي ڏڪاريو وئين نہ وري تو ڪونہ نهاريو
وينـي گهنگهر ۾ گهاريان

6. پڪ ڄاڻج تان تنهنجي آهيان هرگز ٻي ڪنهن جي مان ناهيان
ڏک ۾ ڏينهن گذاريان

7. ڪڏهن پلا تون موٽي ايندين طالب جو ڪئن ٻيهر ٿيندين!
وينـي هنجهڙيون هاريان

9-8-1961ع
راولپنڊي

*

ٿل: سڪندي سال ٿيا ٿينديس نيٺ ڇري
ٿينديس نيٺ ڇري وينديس مفت مري

1. دلڙي ڦري وري وينين وساري
تارا تڪي پيا توڏي نهاري
ڳڻتن منجهہ ڳري وينديس مفت مري

2. قرب جا ڪوڙين ڪانگ اڏايم
آب اکن مان ويهي وهايم
دلڙي درد ڀري وينديس مفت مري

3. پيارا پرين! مون کي هئن نہ وسارين ها
ڪاتہ گهڙي مون سان گڏجي گذارين ها
لڳڙي ذوق ذري وينديس مفت مري

4. دلڙي ڏئي مون درد پرايو
توکي پيارا! ترس نہ آيو
ٽيڙي ڳالهہ ڳري وينديس مفت مري

5. طالب مولا ڪان نہ پري ٿي
منھنجي تہ توري ڪانہ سري ٿي
تنھنجي ڪيئن سري! ويندي‌س مفت مري

1962ع

*

ٿل: دلدار ڇو ڏيئي پيار، وري يار
سهڻا سڄڻ تو ڪئن وساري آهيان!

1. ڇو تو ڏڪارين الا، مفت ۾ مارين پيلا!
جاني، مٺا، جي جيار، سردار!
شايد پرين ڪا آئون اڏاري آهيان!

2. مون ڏي مڙيائي الا، تو ڏي نہ ڪائي پيلا!
حاڪم سائين! هزار وهنوار
مون ڏي ٿيا، تن محب ماري آهيان!

3. هتڙو نہ لاهج الا، ناتو نڀائج پيلا!
گولي سنڌءِ گنهگار، نيڪار
توڙي ڪني ڪوجھڙي ڪاري آهيان!

4. سڻهل سائين الا، واڳون ورائين پيلا!
منھنجا پرين، من قرار، غمٺار!
تنھنجي اهائي قرب واري آهيان!

5. مھڻن سان ماريئي الا، ڳڻتن ۾ ڳاريئي پيلا!
طالب چوي قربداري، مٺار!
تنھنجي پيلارا جي جياري آهيان!

1957-11-30ع
حيدرآباد

*

ٿل: ڪري قرب اچڻ، وري موٽي وڃڻ
اها رسم رکڻ، اختيار نہ ڪر
هڪ پيرو ملڻ، ڇني ناتو ڇڏڻ
مهڻا منهن تي ڏيڻ، اختيار نہ ڪر

1. ويا ورهہ وري، آئين ڪونہ وري
دل درد پري، ڳڻتين ۾ ڳري
تي نيت ڇري، منهنجي ڪانہ سري
هيڻن منهڙو متڻ، اختيار نہ ڪر

2. تنهنجي اک جي اٽي، ڏاڍي دل کي وٽي
ڏي قرب ڪٽي، منهنجو آهين ڏٽي
تنهنجي گهرج گهٽي، آهيان هڪڙي ڇٽي
ڏکي ڏار ڪرڻ، اختيار نہ ڪر

3. آهيان عشق اري، من تو لئي مري
پنهنجا قرب ڪري، اچ پير پري
تي ڪين پري، منهنجي دلڙي نري
رڳو يارا! رسڻ، اختيار نہ ڪر

4. جوشن ۾ جلي، دل ڪين پلي
اچ هاڻ هلي، وارث تون ولي
ناهي ٻي ڪا ڳلي، تو ڄاڻي علي
ڏک ڏاڍا ڏيڻ، اختيار نہ ڪر

5. تنهن جو طالب مان محبوب! آهيان
ڪٿن تو سان رسان! در ڪين ڇڏيان
تو توڏي ڏسان، ڇا توکي چوان!
رڳي تنڪا هڻڻ، اختيار نہ ڪر

21-12-1957ع

قاسم ٻگهيو

❊

ٿل: تو مان اميد نہ لاهيندي‌س ڪن ڏئي ٻڌان سهڻل سائين!

1. ور ور ڏئي محبوب موچارا! پاڪر توکي پائيندي‌س
سينو پنهنجو سڄڻ سچارا! تنهنجي سيني لائيندي‌س
پو من پنهنجا پال پلائين!

2. آڻي پنهنجو اکڙيون عجيبا! تنهنجي قدم لڳائيندي‌س
پنهنجي لبن ڪان حاڪم حبيبا! تنهنجا پير چمائيندي‌س
مٺي سان شال تون ناتو نيائين!

3. منهنجي اڱڻ تي جڏهين ايندين پو سپ سور سٽائيندي‌س
پيار جو هٿڙو مون تي ڌريندين محب! مناپون وراهيندي‌س
ويهي مون سان راتيون وهائين

4. اڳلي عيبن واري آهيان تڏهن بہ تنهنجي سڏائيندي‌س
ڪاند! ڪميڻي آئون ناهيان پنهنجي پرت پڄائيندي‌س
تنهنجي هونديس سهڻا سائين!

5. منهنجو پلارا! بخت بہ تون ئي تو سان حجت هلائيندي‌س
منهنجو تاج ۽ تخت بہ تون ئي تنهنجا ئي ڳڻ ڳائيندي‌س
طالب ڪي شل سيني لائين!

1960-8-3ع
ڪوئٽا

*

[10]

# درد مندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦتيون

ٽل: سهڻو ته يار سهڻو، سهڻو ٻيو ڪير آهي
عاشق جي لئي عجائب صورت جو سير آهي

1. گهنڊڙا ٻه ڪئن گهتن تا هن جئن نه دل ڦرن تا
سرمو ته سي وجهن تا اک جو ڦير آهي
2. ڪوڙن جا سر قلم ٿيا سوري ٻه سو چڙهي ويا
ڪنهن جي ڪديئين نه پروا دلبر دلبر آهي
3. ڪانهي مجال ڪنهن کي همسر ٿئي ڪو ان جي
قائم سدائين ڪل تي پرين جو پير آهي
4. سهڻي جا سي سلامي غازي ٻه ڪن غلامي
محبوب مون مدامي شيرن جو شير آهي
5. واعظ هجي يا زاهد عارف هجي يا عابد
فائق هجي يا فاسد ڪنهن ڏي نه غير آهي
6. من ۾ رڳي محبّت جي جي اِها جبلت
منجهه عشق واري ملت ويري، نه وير آهي
7. هڪ جي طلب آ دل کي ڪنهن کي مجان نه ان ري
هڪ کان سوا نه ٻي ڏي ڪو اير پير آهي
8. مولا جو آهيان طالب جو ڪل تي ئي غالب
پر قرب سانَ قالب مورهئون نه مير آهي

❊

ٿل: ڪٺن نہ بي دردن جون دليون درد سان دلبر ڏڪيون!
رمز وارن سان رڪيائين پرت مان ڳالهيون پڪيون

1. عشق مان جن عاشقن دل جان دلبر کي ڏني
پو رکيون تن سورهن سان يار يارانيون يڪيون

2. مون بہ ان جي ئي پناري پاڻ کي آهي چڙهيو
ڪئين اگهاڙيون، عيبداريون، پانڌ ڏئي ڍولڻ ڍڪيون

3. دردمندي دل کي بس ديدار جي گهرجي دوا
ڇا ڪندا هن برهہ جي بيمار کي ڦيٺا، ڦڪيون!

4. رحمة اللعالمين ٿيندو مسافر جي مدد
لطف سان لاشڪ اڪاربندو اڇي لالڻ لڪيون

5. طالب مولا کي آهي پنهنجي قادر جو قسم
سج ۽ چنڊ جون روشنايون منهنجي جانب کان جهڪيون

26.5.1968ع
هالا

❊

ٿل: دردمندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦٽيون
يار لئي در در ڏٺا مون گهوٽ ڪئين گهمندي گهٽيون

1. جن وڏائي ڪئي انهن جو سر اچي اتِ خم ٿيو
ڪئين دليرن جون دليون شهباز تي، جانب جهٽيون

2. هي خبر ٿئي، تي ويو سر ساهہ جو سودو هتي!
وڃ وري واعظ! پلا محبوب جو در ڪئن ميٽيون!

3. سر نہ ڪٽبو يار جي قدمن مٿان تيتر ڪڍهن
در گذر جيتر نہ هو منهنجون ڪندو ڪاريون، ڪٽيون

4. مون اکيون ان لاءِ اوتارا اميدن ۾ کيون
هئن حياتي جا اي يارو! ڏينهڙا وينا کٽيون
5. طالب المولا ٻڌي هٿڙا ڪري ٿو عرض هي
اڄ نہ ڳڏجي يرا جدائي جون ڪٽي پاڙون پٽيون

1-6-1956ع
هالا

❊

ٿل: تنهنجون زوراور سجڻ! اهڙيون اجهل آهن اکيون
عشق جي ميدان ۾ ايندي اچي هيئي ٻکيون
1. مئي محبّت مان رڳو سرڪيون ئي ساقي! تو ڏئين
مست ٿيون سي سڀ دليون جن چاهہ مان چاتيون چکيون
2. طالب ۽ مطلوب جي وچ جيڪي رمزون ٿيون رهن
ڪين ڪي سي عشق واريون لوڪ هي ڳالهيون لکيون
3. ترڪ دنيا کي ڏئي جن ڪئي فقيري اختيار
تن جا ٻيڙا پار ٿيا جن کن اهي رمزون رکيون
4. طالب المولا هجي هڪڙي تہ ان جي ڏيان خبر
عشق واري نانگ ڪاريهل ڪئين دلڙيون ڪکيون

16-1-1957ع
پٿورو

❊

[11]

# توکي نہ چوان پيو ڪنهن کي چوان

ٿل: تنهنجا ڪهڙا تورا ڳايان
تو پال هزارين پايان- زي يارا

1. لوڪ مٿم ڪئين ڳالهيون هلايون
سي نہ ڪڏهن تودل ۾ هنديايون
مون ڪوجهي تي هيڏيون پلايون!
هي سر گهور گهمايان — زي يارا

2. نرمل! نادان آهيان نسورو
برهہ ۾ بيشڪ بيحد پورو
يارا ڪرين تو لک جو تورو
پاند ڳچي ۾ پايان — زي يارا

3. دلبرا مون کان دور تون ناهين
وينو منهنجي دل ۾ آهين
رمز انهي کي شال نباهين
ڪهڙا پنڌ پچايان — زي يارا

4. ورهہ گهٽئي ڪي ويرون وهايون
سر تي سختيون سوين ئي آيون
ڏسجئين ڪين ڪي منهنجون ڪچايون
توکي چا سمجهايان — زي يارا

5. ماڻهو ڪن تا محب! ملامت
طالب مولا جي تہ شڪايت
تون تہ ڪرين ٿو پنهنجي عنايت
دل کي پيو ريجهايان — ڙي يارا!
1-2-1955ع
حيدرآباد

*

ٽل: مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون پيلا
تو کي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
1. تو وٽ تہ حجت جي جاءِ نہ ڪا
چئو ڪنهن سان سليان سور پيلا!
دردن جي حقيقت ماهہ لقا!
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
2. من! عشق ۾ چاچا ٿي گذريو
تو مون کان ڪڏهن ڪجهہ ڪونہ پڇيو
ريجهين جي رسين ٿو جاڻي خدا
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
3. سڀ ڏک ڏوراپا درد ۽ غم
سردار سڄڻ! هي رنج، الم
هڪ پيرو چا سو سو پيرا
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!

4. تنهنجي ڇڙ ۾ لکين ئي لطف مٺا!
تنهنجو جور، جفا پڻ مهر، وفا
گستاخ ٿي ڍهه ڍهه ڍوراپا
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
5. ٻڌ عرض هي طالب مولا جا
اي سهڻن جا سردار! سدا
محبوب مٺا مصرن جهڙا!
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان
20-10-1955ع
هالا

❊

ٽل: توسان نرمل نينهن نڀائيندس
ٻي پاسي دل نہ لڳائيندس
1. تنهنجي ناز نهوڙي نيٺ نيم
پنهنجو پاڻ حوالي تنهنجي ڪيم
اهو سودو سهانگو ڏاڍو پيم
اڪ ٻي هنڌ ڪين اڙائيندس
2. او منهنجا سڄڻ! رک صلح صفا
تنهنجون جور جفا، منهنجي مهر وفا
جي رهندين مون کان يار! خفا
تہ بہ پنهنجو پيار وڌائيندس

3. تنهنجي پچر ڇڏيندس ڪونہ سڄڻ!
توکي ياد ڪندس پيو چو نہ سڄڻ!
هر حال ۾ رهندي اون سڄڻ!
تو لئي ويهي راتيون وهائيندس
4. جيڪو يارا ڪنيو مون آهي قدم
سو اڳتي رهندو سهڻا صنم
مون کي محب سڄڻ! تنهنجي سر جو قسم
وک پوئتي ڪانہ ورائيندس
5. تنهنجو طالب مولا آهيان پرين!
ٻي ڪنهن جو هرگز ناهيان پرين!
تنهنجا کهڙا تورا لاهيان پرين!
تنهنجا ڳڻ تہ هميشہ ڳائيندس
18-4-1959ع
هالا

※

ٿل: محبوب منا! ڪل نيڻ ڪٺي وهواه وئين تون دل کي وٺي
1. تنهنجي ڪار ڪجل واري دل کي ڪنو
تنهنجي محبّت آهي منڙو منو
تيو ڏاڍو سنو، تيو ڏاڍو سنو
وئين دل جو دلبرا ڏاڙو هڻي
2. تو پهرين نظر سان شڪار ڪيو
من! مرڪي مون سان پيار ڪيو
يرا ورهہ جو واهہ واپار ڪيو
وئي اک سان اتڪي اک جي اٽي

3. تو سامهون ويهي کنڌ هيٺ ڪري
ڪٺي لڪ ڇپ سان وئين دلڙي ڦري
هاڻ دردن ۾ پيئي جان جهري
آئون تنهنجي آهيان پيرن جي پٽي
4. محبوب مسافر! ياد ڪجئين
ڪو خطڙو مون ڏي يرا لکجئين
پر يارا خبر ڪنهن کي نہ ڏجئين
تون منهن جي دل جو آهين ڏٺي
5. تون سمجهي وئين مون سمجهيو آ
مون ساڻ ڪندين تون مهر وفا
هڪ پيرو اچ من ماه لقا!
پوءِ صورت جيڪا يارا بٺي
6. پنهن جي طالب وٽ اچ پير پري
نٿي تو کان سوا ساعت ڪا سري
هي دلڙي اچي وئي عشق اري
اچ گهايل کي تنهنجي گهرج گهٺي

❊

ٽل: منهنجا رسٺا پرين، منهنجا رسٺا پرين!
شل سلامت هجين منهنجا رسٺا پرين!
1. تنهنجا جور جفا، منهنجي مهر وفا
ڇاٽي هڪڙو خدا، منهنجا دلبر منا!
تو سان سر تو لڳي سهٺا سهٺا پرين!

2. منهنجا پيارا سڄڻ، جي جا جيارا سڄڻ!
حال وارا سڄڻ، دل جا دارا سڄڻ!
رمز ۽ راز ۾ روز رهڻا پرين!

3. يارا! تون اڄ وري، دلڙي دردن ڀري
تنهنجي ڪئن وئي سري! ڪر ڪا اِڄ دلبري
ڏي دلاسا منا قربَ ڪهڻا پرين!

4. ڪرڪا نرمل! نظر، لهج منهنجي خبر
نينهن ۾ نازورا! ڏس نہ ڪس ۽ ڪٺر
پنهنجي طالب کي تون ڏي نہ مهڻا پرين!

6-5-1959ع
حيدرآباد

❊

ٿل: منڙا! تون نہ وسارج جڳ جي وساريو تہ ڇا ٿيو!
1. روز ازل جي ٻول ٻڌاسون سي تہ پيارل! پارج
2. محب! ملڻ ڪان ماڻا ڪرين ٿو نينهن ڪٺي تہ نهارج
3. لوڪ پلي ڏي مهڻا طعنا پر نہ منا! تون مارج
4. ٻاجهہ پوئي من سهڻل سائين! دلڙي منهنجي ڏٺارج
5. ياد سڄڻ! تون هردم آهين مون کي بہ سهڻا! سارج
6. پاڙي پنهنجو پنهنجي در تان ڦهرئين پور اڪارج
7. سيد سهڻا! طالب مولا دلبرا ڪين ڏڪارج

23-7-1955ع
ڪتيانڻ

❊

ٽل: منهنجا دلبر منا! چو ٽئين ٽي جدا
نيٺ ملنداسون چو ٽو رئين ٽون پلا!

1. چو ٽي عاشق سان دلڙي اڙايئي منا!
هاڻ دل ۾ اچي بره ٻاريئي ٻنا
يارا ٻي وات ڪانهئي نيائڻ سوا

2. حسن پنهنجي تي توکي وڏو ناز هو
تون هي پڪ ڄاڻ يرا آڏو آيئي اهو
هاڻ مج هار عاشق اڳيان دلربا!

3. تو تِي لاغرض مون کي وڏا ڏک ڏنئي
وقت سهڻا سڄڻ سو پلا ياد ٽئي!
دل ڦريل ساڻ دل لاءِ ڪا مهلقا!

4. دل ۾ جا ڳالهہ ٽئي سا سڄڻ ڪر ڪٿي
پنهنجي طالب ڏي قربئون قدم ير ڪٿي
هاڻ مون ڪان سوا ٻي نہ ٽئي واه ڪا

13 9 1954ع
پينگهارو

❊

ٽل: وفادار آهين وفادار آهين
مگر يارا ڪجهہ ڪجهہ جفاڪار آهين

1. سنڌ‍ِ مهربانيون چئي چا ٻڌايان
منا يارا ممنون احسان آهيان
سڄڻا عشق وارن جو آڌار آهين

2. عجب آهه، لاغرض ٿي ڇو رهين ٿو!
مان سمجهان ٿو دلبر! سبب آهه ڪهڙو
نشي نينهن واري ۾ سرشار آهين
3. سندم التجائن جو مطلب پڇين ٿو
او سهڻا! تون سمجهي به اڻ ڄاڻ ٿين ٿو
پيلا ڇڱ پرين، ڇا اڃان ٻار آهين!
4. اسان کي خدا خود سلامت رکي شل
سلامت اسان جي محبّت رکي شل!
اجا يار طالب ڪان ڇو ذار آهين!

❋

ٽل: او منهنجي پيار وارا! او منهنجي پيار وارا!
1. مون ڏي سڄڻ! نهاريئي پهرين نظر سان ماريئي
ڇڻ مئي جو جام پياريئي اول پري ٻهاريئي
ڳڻتين ۾ خوب ڳاريئي پو دل اندر وهاريئي
۽ قرب ۾ قراريئي سهڻا سڄڻ سچارا!
2. تو تي نظر جا پيئي دلڙي هٿن مان ويئي
گذري ويا ڏينهن ڪيئي چاهيم نه پاڻ نيئي
توکي اڃان مان ڏيئي ڳالهيون ڳڻيم سيئي!
پوريون ٿيون مڙيئي محبوب من موچارا!
3. اي دل جا يار جاني! مننار ماه ثاني!
دل درد ڪئي ديواني هي نينهن جي نشاني
ڪئي قرب ڪامراني! ورتيئي جا ميهماني
ڪر ڪين بدگماني منهنجي اکن جا تارا!

4. سهڻا! هجين سلامت تنهنجي ڪيم اطاعت
تيو عشق ئي عبادت هي قرب جي ڪرامت
محڪم رهي محبّت جا تو ڪئي عنايت
سو تنهنجو شان شوڪت اي جاني جي جيارا!

5. اڄ يار عيد آهي ڏاڍي سعيد آهي
محبّت مزيد آهي شوقئون شديد آهي
حاصل تي ديد آهي هڪ خوش نويد آهي
قربي ڪليد آهي طالب جي دل جا دارا!

1959-4-10ع
عيد جي ڏينهن - هالا

❊

ٿل: تون پهرين نظر ۾ ڪسي دل ڪٺي وئين
او سهڻا سڄڻ، يار! وهوا وڻي وئين

1. سڄڻ! تنهنجو مرڪڻ ته ماري ڇڏي ٿو
غمن گوندرن کي به ڳاري ڇڏي ٿو
انهي رمز سان دل جو ڏاڙو هڻي وئين

2. سنڌءِ نيڻ سهڻا، گلابي گلابي
عنابي عنابي، شرابي شرابي
انهن جي وسيلي تي منهنجو ڏٺي وئين

3. سندم ڪم هي ڪونهي تو دلڙي ڏتاري
ستي سڪ جي سهڻا! تو پاڻهي پياري
عجب آهه، حاڪم تي هٺڙي "هٺي" وئين

4. لڪائي لڪائي ڪو خطڙو لکين من!
حقيقت سندم حال جي ڪا وٺين من!
اتم ياد، ڪن ۾ جو پڻڪو پٺي وئين
5. پتو تنهنجي دل جو تہ توکي ئي آهي
مگر منهنجي من ۾ خبر تئي تہ چاهي!
نگاهن سان طالب کي دلبرا ڏٺي وئين

1956-1-6ع
بدين

❊

ٽل: ياري جي مون کي يارا توسان دعوا ناهي
دعوا ناهي عاجزي آهي
1. حاڪم سائين! تنهنجي در تي مون جهڙا تہ هزار
2. منهنجون ڪچايون مور نہ ڏسجان محب، منا، منٺارا!
3. عرض هي آهي ڍول! ڏيکج تون منهنجا عيب اپار
4. دمدم منهنجي من جي محبّت ماڻين شل مهندارا!
5. طالب مولا ڏي تون هر هر نرمل! ڪر ڪا نهار
1958-5-19ع
ڪراچي

❊

[12]

# دل ڦري وئين ڪٺي حسن وارا

ٿل: دل ڏاڍو ٿي سجڻ! توکي ساري ور واڳ وصال جي واري

1. توئي پيچ پهرين پرين! پاڻ پاتو
ڪري قرب ۾ مون کي بلڪل بلاتو
هي هاڻي نيائيج لاتئي جو ناتو
متان دوست دلدار! ويهين وساري!

2. لائي نينهن نرمل! مون کي نيت نيڙيئي
نڪي ترس تر جو پيارا! ڪو پيڙيئي
هي عاشق اڪنڊ ۾ گهڙيون پيو گذاري

3. مليون يار! توکان نه دمدم ڏڪارون!
۽ مون ڏي مڙيئي ٿيون تنهنجون مياروں
بڌي مان موتين هي پلپل پڪارون!
ڪنديون عيد اڪڙيون اچين جي اوتاري

4. هينئن ڪا جدائي تي جانب! جڳائي
ورئين ڪونه جئن تون وئين پٺ ورائي
هي عاشق عجيبا! نه وينو واجهائي
رويو روز تنهنجون ٿو راهون نهاري

5. پلا اچ اڱڻ تي او جي جا جيارا!
او محبوب منٺار منڙا موچارا!

آ هڪ پيرو مل تون پرين يار پيارا!
متان مون کي اڳ ۾ وڃي موت ماري!

6. ٿيا تنهنجا سوين ئي تہ سهڻا! سلامي
۽ هي طالب المولا تنهنجو مدامي
تون ڪر درگذر ان جي سيڪائي خامي
هو آذار تنهنجي تو جيڙو جياري

❊

ٿل: دل ڦري وئين ڪٺي حسن وارا! هاڻ ملندين ڪڏهن تون پيارا!

1. چوڙي ڪاڪل ڪلهن تي ڇڏين ٿو
موهي مستانا مانجهي ڪرين ٿو
ور وجهن ٿا وري وار ڪارا

2. تنهنجون رمزون عجب شان واريون
منهنجون آزيون، نيازيون، نيزاريون
غم اڇي دور ڪر غمگسارا!

3. ڪانہ سهڻا! ڪيئي پوئواري
عمر اؤکي طرح مون گذاري
تيو وهن نينهن ۾ نيڻ نارا

4. پنهنجي طالب سان ملندين ڪڏهن تون
محب! ان ساڻ ڪلندين ڪڏهن تون
تولاءِ اڪڙيون ڪيون مون اوتارا

12-7-1955ع
حيدرآباد

❊

ٿل: او پرديسي! نام خدا موٽي آ آ. موٽي آ. آ!
1. دلڙي اداسي، پلپل پياسي ساري توکي سدا ٿي مڃا! موٽي آ
2. هيئن نہ جفا ڪر، وعدا وفا ڪر ٿيجئين تون باوفا، دلربا! موٽي آ
3. سهڻا سائين! واڳون ورائين اڱڻ مٺي مهلقا، مون اچها! موٽي آ
4. طالب مولا مست ٿيو تو لا دل ۾ درد گهڻا، او پيا! موٽي آ

20-8 1955ع

حيدرآباد

❊

ٿل: آڻئي مولا سهڻا آڻئي مولا
او شل! آڻئي مولا

1. او پرديسي! دلڙي لٽي وئين تير نظر جا يارا چٽي وئين
منهنجي خبر ٺئي ڪا!
2. هيئن ڪا نهي ٿي بي پرواهي دلڙي پلي وينين منڙا ماهي!
دل جي آهي دعا
3. روز نهاريان تنهنجون راهون نڪرن ٿيون هي اندر مان آهون
شابس تو کي مڃا!
4. طالب مولا يارا پڪاري ڪين گهڙي ٿو توکي وساري
اڱڻ عجيب تون آ!

19-10-1956ع

حيدرآباد

❊

ٿل: پنهنجا واعدا پرين! پار واڳون وصل جون وار
رڳو ماڻن سان نہ مار ربّ ڏاڍي ٿئي سرڪار
1. پهرين پيالا پرت جا پياري سهڻا سائين! وئين دلڙي ڏتاري
گهڙي هڪڙي اچي گهار واڳون وصل جون وار

2. رويو رويو گذاريان راتيون  تنهنجون ڪهڙيون ٻڌايان ٻاتيون
دلبرا دلڙي ڏتار واڳون وصل جون وار
3. ڇو ٿو دلبرا پري تون گذارين  نٿو پير ۾ سڪايل وهارين
نڪي رمزون اهڙيون ڏار واڳون وصل جون وار
4. تنهنجي آڌو ٿو لالڻ! ليلايان  پانڌ پلپل ڳچي آنءُ پايان
مون ڪي در تان نہ ڌڪار واڳون وصل جون وار
5. جيڪر مناسب ملڻ ناهي جاني!  هي تہ ڪرڪا پلا مهرباني
نيڻ ڪٺي تون نهار واڳون وصل جون وار
6. تنهنجو طالب ڪري روز آهون  تنهنجي سورن ۾ دردن ڪان دانهون
تنهن ڪي سهڻا! نہ وسار واڳون وصل جون وار
1956-11-4ع
هالا

❊

ٿل: موٽ مسافر سپرين دلبر تون دل وارا!
1. هيئن نہ مناسب آهي وينين لاڳاپا لاهي
قرب منجهان رس ڪاهي اکڙيون ڪيم اوتارا
2. ساهہ سڄڻ! تو ساري گوندر ۾ پيو گهاري
واڳ وطن تي واري اڄ تہ ملون موچارا!
3. منهنجو پلا جي ناهين ڪنهن جو پلا تون آهين
هٿڙو متان پرا لاهين سونهن پريا سوپارا!
4. مون کي وجهي وئين جنجل مون ڪان ٿري منهنجي دل
بازن وانگر بلڪل لالڻ! ڏئي لامارا

5. طالب ڏي پير پري اچ پرين! قرب ڪري
توري ٿي ڪين سري پرت نيائج پيارا!

18-6-1957ع
19 ذي القعد 1376ھ
هالا ❊

ٿل: منهنجي پيار محبت وارا پيارا موٽي آ!

1. ڏاڍي طلب آهي تنهنجي ڏسڻ جي
آس اندر ۾ محب! ملڻ جي
او پرديسي! ڪرڪا اچڻ جي
دلبر سائين دلارا! پيارا، موٽي آ!

2. ڏينهن نہ ٿيا جڻ سال لنگهي ويا
پلپل تنهنجا پور اچي پيا
هجر فراق هي قهر وڏا ڪيا
جانب جي جيارا، پيارا، موٽي آ!

3. منهنجو آهين منهنجو ٿيندين
آخر منهنجي اڱڻ تي ايندين
ايندين نہ هرگز ڪين ڪي ويندين
پارج سخن سچارا، پيارا، موٽي آ!

4. طالب مولا تنهنجو آهي
ٻي ڪنهن جو ان سان ڪجھ ناهي
جيڪر دنيا ڦرندي تہ چاهي!
ٻيا سڀ آهن اڌارا، پيارا، موٽي آ!

4-12-1958ع
حيدرآباد ❊

ٿل: منهنجي اڱڻ اچ پيارا دل وارا، اکڙيون ڪيم اوتارا!
1. سهڻا سائين! ڪا تہ گهڙي اچ مون وٽ محب موچارا!
2. تنهنجو ڪوئي جوڙ نہ آهي سونهن پريا سوپارا!
3. اکڙيون اداسي تو لئي آهن جاني جي جيارا!
4. راهون تنهنجون روز نهاريان منهنجي دل جا دارا!
5. طالب مولا ساڻ تون پارج پنهنجا سخن سچارا!

1-3-1959ع

ڳوٺ مخدوم غلام حيدر — لوٺ.
تعلقہ شهدادپور

❊

ٿل: "بره ڪيو بيمار — محب! اچي رس مهل اها ٿئي"
مهل اها ٿئي ويل اها ٿئي

ٿل: حاذق ڪيئي حڪيم پچايم واري واري ويج وهايم
ڪونہ مليو ڪو قرار محب! اچي رس مهل اها ٿئي
2. ڪيئي ڪرايم چندا، ڦيڻا درد وڌي ٿيا ٻيڻا ٽيڻا
آهين تون آذار محب! اچي رس مهل اها ٿئي
3. ڦڪن سِتن مان فرق نہ پيڙو وبتر نينهن نهوڙي نيڙو
ٿيو دارون دل آزار محب! اچي رس مهل اها ٿئي
4. سڄڻ سائين! سوالي آهيان مئي محبت جو موالي آهيان
پيارڻ جو ڪر پيار محب! اچي رس مهل اها ٿئي
5. حاڪم سائين! حبيب بہ تون ئي طالب لاءِ طبيب بہ تون ئي
هادي حڪمتدار! محب! اچي رس مهل اها ٿئي

11-8-1955ع

موري ء قاضي احمد جي
وچ ۾ لکي وئي

❊

ٽل: جاني جي جيار محب! اچي رس مهل اها ٽئي

1. آس اميد بہ تون ئي منهنجي عيد سعيد بہ تون ئي منهنجي
ڪجِ نہ ڏکي تون ڌار

2. اکيون اداسي تو لئي آهن پلپل پياسي تو لئي آهن
دلبرا ڏي ديدار

3. توڙي ڪنڙي، ڪوجهي، ڪاري، تڏهن بہ آهيان تنهنجي پياري
پلپل ۾ ڏج پيار

4. پيارا جاني! تنهنجي آهيان تنهنجي آهيان ٻي جي ناهيان
توڙي گنهگار

5. سهڻا سائين! هي تہ ويراڳڻ متان ڪرين ڏئي ڏوهہ، ڏهاڳڻ
سانولڙا سردار!

6. حاڪم سائين! هيٺي آهيان تنهنجو قسم تہ ڪميڻي ناهيان
پيڙو رهج پتارا!

7. سڌ ۾ سڌ تون هميشہ ڏين تو ساٿي سيگهہ ۾ سهڻا! تين تو
هي بہ اتئي هڪ وار

8. توکي ئي سهڻا يارا ستايان چو ڪنهن سان پلا حجت هلايان!
منصف ٿي مننارا

9. تون چؤ منهنجو ٻيو ڪو آهي جو رسندو اچي قرب مان ڪاهي!
تو سان انگل ۽ آر

10. وقت اتئي اج ٿي اچي ساٿي ٻي ڪا وات نہ آهي هاٿي
تنهنجا پچايان پار

11. باغ بهار سدا تون هوندين طالب ساڻ مدد پيو ٿيندين
آهي دعا دلدارا

27-12-1960ع

لاهور

*

ٿل: وري آ وطن تي مسافرا تون موٽي سندم دل اي دلبرا محبّت مروٽي

1. اندر مان اچن ٿيون عجب روز آهون
نهاريان ٿو نرملا وينو رند راهون
وڏيئي ڪانڌ هيڏي ڪڏهن وچ وڇوٽي

2. اڪيون آگميون يارا ٿو لاءِ آهن
وسڻ جا ڪڏهن وبس ٿيون ڪين لاهن
او مننارا مند جي ڪنوڻ ناهي ڪوٽي

3. جدائي جي جاني! نہ تن کي ڪا طاقت
ٿي راضي اچي رمز سان ڪر رفاقت
پيل پرت جي آهہ چِت ۾ چموٽي

4. پرين! بي خبر منهنجي دردن ڪان ناهين
اميدون اٿم، نينهن مون سان نباهين
خبر ٿئي ڏئي ٿو ورهہ ڪيئن ولهوٽي!

5. اي طالب وڏا وات تي آهن مشڪل
مدد ٿيندو مولا پري ناهي منزل
ڪٽي شال پهچان پرم جي پروٽي!

11-7-1955ع
حيدرآباد

*

ٿل: موت مسافرا اڪڙيون اجايون
ويهي رهئين ڏسي منهنجون اگلايون

1. ڏينهن لنگهي ويا يارا وساريئي پٽ جا ورايئي ڪونہ نهاريئي
اينهين ڪي ڪبيون آهن ايڏيون ارڏايون

2. اڪنڊ اندر ۾ تنهنجي پيارا! تڪجي پيا توڏي تڪيندي تارا
شل ڪي ورائين ورڻ واريون وايون!

3. يارا جواني جون چؤکيون چاليون، ٻاروتڻ واريون ڳجهڙيون ڳالهيون
ور ور ڏئي آهن اندر ۾ آيون
4. وس کان وجان ٿو دانهون کيان ٿو، توکي پڪاري رئندو رهان ٿو
آ تہ ڳرهاتيون پاڻ ۾ پايون
5. دم تي کهڙو باور آهي جو اڄ آهي صبحاڻي ناهي
مهل اتئي من ملي موڪلايون!
6. اٿم اميدون آخر ايندين ايندين تہ مون وٽ هردم هوندين
مولا کندو سڀ سهنج سڻايون
7. طالب مولا توکي ساري روز هنجهون ٿو هجر ۾ هاري
هئن کي نهن تيون يارا جدايون!

1955-6-21ع
حيدرآباد

※

ٿل: پيارا! پري اڄ پيرا پيرا ساريون وينا توکي سهڻل سائين!

1. ناز انداز سان ڪاريون ڪجليون گهورون ڏيو ڪن گهيرا گهيرا
2. ڳلي ڳلي ۾ دمدم دلبرا قربو ڏيون تا قيرا قيرا
3. حاڪم سائين! لاتا دل ۾ تنهنجي دردن ديرا ديرا
4. منهن نہ متج مننار منا! تون محب! آهيون توڙي ميرا ميرا
5. طالب مولا تان نہ هٽائج پنهنجي پال جا پيرا پيرا

1956-10-8ع
هالا

※

ٿل: اڄ اڱڻ حاڪم! هلي تو لءِ سڄڻ! وينا سڪون
دردمندن ڪان نہ لڪ هي لوڪ سان ٿهنديون لڪون
1. اي پرين! پڪ ڄاڻ تنهنجي ڪئن ڇڏينداسون پڇرا
تون نہ در تان ڌڪ منا! مر لوڪ ڏي ڏوما ڏڪون
2. درد ديرا لاٿيا دلدار، دلبرا دل اندر
من! محبّت ٿي ڏئي ڪئين چرڪ ۽ چيرا، چڪون
3. ان جو مطلب ٿيو نہ پورو ۽ رهيو ناڪامياب
جنهن ڪيون سورن ۽ سختن منجهہ ڍورن جان ڍڪون
4. طالب المولا انهي ڪي مئي جي مستي چا ڪندي!
پنهنجي پيار يار جنهن ڪي پرت مان پياريون پڪون

24-12-1956ع
حيدرآباد

❊

ٿل: دردمندن تان اي دلبرا! پيچ نہ بنهين پيرڙا
اڄ اڱڻ سردار سهڻا! پرت مان ڏئي پيرڙا
1. هٿ ٻڌيو بيهو رهي هرڪوئي هڪدم هيج مان
جت سنڌءِ ڪجليون ڏيو گهورون، اچيو ڪن گهيرڙا
2. اي سڄڻ، سهڻا، سباجها! ٻاجهہ ڪا پنهنجي ڪجان
توڪي مون جهڙا هجن پرتل مڙيئي ميرڙا
3. هڪڙي در ڪان جي ڌڪيندين بي ڪان ايندا‌سون وري
زندگي آهي تہ سهڻا! پيا ڪنداسون ڦيرڙا
4. طالب المولا جي من ۾ تون ئي تون باقي رهين
يارا! جنهن دم دل اندر دردن دمايا ديرڙا

25-12-1956ع

❊

ٿل: اڄ تون اڱڻ يار — سانولڙا — توري پلا ڪئن گولي گذاري!

1. ڏينهن ٿيا تو ڏني، محب! منهنجا مدام

آسروند سان منا! ڪونہ ڪيئي ڪو ڪلام

ڏکن ڪديا ڏار — سانولڙا — نڪريو نمائي توڏي نهاري

2. ڪئن پچرائون ڇڏيان تنهنجي پيارا پربن!

ڪنهن دم ڪکن تي پلا پيرو ڏيئي پرين!

لهہ ڪا سجڻ سار — سانولڙا — تنهنجي سڪان ٿي نوري نظاري

3. سهڻل! وسرن نٿا پيارل! تنهنجا پيار

دل تان لهين ڪين ڪي جانب! جي جيارا!

ڪر نہ ڏکي ڏار — سانولڙا - لڳيس تنهنجي لالڻ! لاري

4. طالب مولا چوي توهہ تنهنجي تڳان

محب! توکي متي بي جي لڙهہ نہ لڳان

ڪرڪا سار سنيار — سانولڙا — مون کي منا چو وينين وساري!

12-12-1957ع

هالا

❊

ٿل: اڱڻ بهاريان تنهنجون واٽون نهاريان

يار سجڻ!

1. تنهنجي اچڻ جون رکيون اميدون

جي کي جياريان تنهنجون واٽون نهاريان

يار سجڻ!

2. راتو ڏينهان سڪ ۾ سهڻا!

گهڙيون گهاريان تنهنجون واٽون نهاريان

يار سجڻ!

3. تو ري گهڙيون يار پيارا!
رويو گذاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

4. نوري نرمل! نالو تنهنجو
روز اچاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

5. طالبُ مولا تنهنجو آهيان
توکي سنڀاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

17-4-1960ع
ڳوٺ مريد راجڙ ضلعو سانگهڙ

※

ٽل: اڄ وري تہ ڳڌجي گهاريون
سڀ ميارون تنهنجون محب! مڄان ٿي

1. آءٌ هيڻي وٽ حاڪم سائين!
منهنجا سڄڻ! ڪري سرداريون
تنهنجي ڏسڻ لاءِ سڪيو سڪان ٿي

2. هي ڪي نهن ٿيون ايڏيون ارڏايون!
تو تہ ڳالهيون سڀئي ئي وساريون
واٽون پرين! تنهنجون ڏسيو ڏسان ٿي

3. هاڻي ڪٿي ڇڏ رنج رساما
روئي رڙي ڪريان ٿي زاريون
آهيان معذور نہ اچيو سگهان ٿي

4. منصف تي محبوب منا تون!
ڪير ڪٽندو سندم ہيو آريون!
حجت پائي توکي اينهين چوان تي

5. آئون نہ وٺان تي تون تہ وٺين تو
ڪر ايڏيون نہ تون بيزاريون
تنهنجي ملڻ لاءِ اجان جيان تي

6. طالب مولا وينين وساري
مون ڪي سمجهيو سڄڻ! تو ڏاريون
ٻول ٻين ڪان اينهين ٻڌان تي

22-7-1961ع
بوڏٽي ڪتيان

※

ٿل: آ تہ سڄڻ! تو سان سليان ڳالهيون پاڻ مراديون
پاڻ مراديون، ڪر امداديون

1. توکان سوا من منهنجا منٺا! ڪنهن کي وجي آئون چوان
2. جيڪي آهن جي ۾ جاني! ٻي کي چئي نٿو سگهان
3. دل جون دلبر! ڳجهڙيون ڳجهڙيون توري ڪنهن سان ڪيان!
4. هجر، فراق ڪيو چا مون سان پيش تنهنجي سڀ رڪان
5. تنهنجي منهنجي يار! اندر جون پهرين لڄان، پوءِ پچان
6. عرض ڪري تو طالب مولا تنهنجون ٻہ ٻهگڻ ٻڌان

20-2-1-1966ع
هالا

※

ٿل: مون کي اچي تون ماڻ — يار — متان محب! مري وڃان
1. آئون نہ تو لئي آهيان — پلو يار — ناهيان ٻي جي ڪاڻ
2. اچڻو اٿئي تان اچ تون — پلو يار — ڪر نہ اڄ صبحاڻ
3. اڄ تہ ڪريون ڪا عشق جي — پلو يار — ويهي ريجهہ رهاڻ
4. طلبن تارون لائيون — پلو يار — ڪر ڪا وٽِ وراڻ
5. مون کي اچي پئي مون منجهان — پلو يار — تنهنجي سڄڻ! سرهاڻ
6. طالب مولا ڪان منا! — پلو يار — ڇرڪين تو ڇا ڪاڻ!

24-2-1968ع
8 ذي القعد 1387هہ
درگاه ميون سلطان

❊

بلڙي جي پير ۾

ٿل: آهيان تنهنجي ڳَنُن جو يار! ڳڏل
توري ڪين سري ٿو منهنجو پلپل
1. هڪبئي جا سڄڻ! سينگار آهيون
هڪبئي جي ڳچي جا هار آهيون
هڪبئي جا يقيني يار آهيون
آئون توسان منا! تون مون سان ٻڌل
2. اها دلبر! دل سان دعا ٿي ڪجي
هي جوڙو سجوڙو شال هجي!
پنهنجي پرت پيارا ڇا ڇئجي!
تون منهنجي سسئي، آئون تنهنجو پنهل
3. هر حال ۾ هردم ٿوپ ٿيئين
ڪو ڪونہ ڏسئي آئون اهڙو نيئين

اڄ جاني! تہ جي ۾ جاءِ ڏيئين
منهنجي دلبر! دل تنهنجو رنگ محل
4. اچا سک ۾ پاڻ سڪايان پيو
تنهنجي وصل جي ڪاڻ واجهايان پيو
آئون حيلا هزار هلايان پيو
من جاڳي وري منهنجو بخت ستل!
5. ڏينهان ڏينهن پرت آهي گهاٽي گهٽي
تنهنجو پيار پرين! منهنجي دل جو ڏٺي
جيئن جيئن تو ڏسئين تئن تئن تو وٺي
توڙي سهڻا صنم! آهين ڏاڍو ڏٺل
6. او منهنجا پيارا حسين پرين!
اهو طالب ڪي ڪو ڏيار يقين
مان تنهنجو ۽ تون بي ڪنهن جو ناهين
تون مون ڪي منا! آئون توکي پرتل
19-3-1966ع
ڍاڪا

❊

ٽل: توڙي آهيان پرين! آئون ڏاڍو ڏڏ
چاهي ان ۾. گذاريو ڪٽي گڏ سڏ!
1. ٿئي ڪير جو تنهنجي ڪت ڪا ڪتي!
هر نيڪي ڪان آهين محب! مٿي
جهڙو ايرئي تون تهڙو ئي لٽي
ڪنهن کي طاقت جو ڪري توسا توڏ!

2. منهنجي درد جي دلبرا تون ئي دوا
منهنجي توکان بِگر ہي کانهي پوا
منهنجو هڏ ڏوکي کير توکان سوا
توڏي رڙهندي سدائين سندم هڏ هڏ
3. اٿنداسون ٻہ گڏ وهنداسون ٻہ گڏ
هلنداسون ٻہ گڏ، گهمنداسون ٻہ گڏ
کيڻنداسون ٻہ گڏ، پيئنداسون ٻہ گڏ
جيئنداسون ٻہ گڏ، مَرنداسون ٻہ گڏ
4. تنهنجي محبت جو مرهون آهيان
توتي منٺڙا منا مفتون آهيان
مشڪور آهيان، ممنون آهيان
تو سهڻا! سدا ڏنو سڏ ۾ سڏ
5. لاهين طالب تان متان نوري نظر
تنهنجي کانئہ ڇڏيندس يار پچر
منهنجا دل جاني! هجئي هي خبر
منهنجو عشق اٿئي محبوب! مچڏ
9-5-1966ع
ڪراچي

⁂

ٿل: پائي ورھہ جا ونگ آ تہ ڪريون ڪي قربڙا
1. ٻيلن پار ٻرن پيئا چوڙ ڪندين جا چنگ
2. ٻاجھر ٻور وري ڪيا سفرن ڪڍيا ٻيلي سنگ
3. ڪانگن ال اٿاريا دردن ڪيا دنگ
4. ٻنيون ٻج ڳھرن پيون جھانگن ڪڍيا جھنگ
5. اتر بہ ھاڻ اچھي ورئا سڪن ھنڌ پلنگ
6. طالب مولا طلبن توري چڏيا تنگ

1968-9-3ع

ھالا

❊

ٿل: اڄ تہ گذاريون گڏ
وقت ويل آئون ناھيان

1. ويل ويل نہ ورندي ھرگز آنءُ تہ توسان گڏ سڏ
2. لونءَ لونءَ تنھنجون لڳيون لغارون حب ۾ ھجي ھڏ ھڏ
3. انگ انگ ۾ آھي سوز سمايو سنڌ سنڌ ۾ تنھنجو سڏ
4. طالب مولا عشق ۾ آھي ماڳنھن محبا مڇڏ

1968-9-18ع

اسلام آباد

❊

ٿل: مون ۾ آھن اوس اڻ ڳڻيا اوڳڻ
تہ بہ آھيان پرين! تنھنجي دل جي ڏڻ

1. منھنجا زلف سيہ خمدار وٺيئي
يا ابرو مثل تلوار وٺيئي
متان مورھئون منڙا! پيار وٺيئي
وھوا خوب ڪيئي منھنجي چوندءِ چڻ

2. منهنجون گلگون اکيون مئي عشق ڪيون
چا تنهنجي نظر ڪي وٺي سي ويون
يا ڪي پيون وصفون توکي پسند پيون
مون کي ڪجهه نہ پڌاءِ تون سهڻا سڄڻ!

3. توکي منهنجي وجاهت شايد وٺي
تڏهن سيني سان مون کي لائيئي ڪٺي
تو نہ ڪائي ڳڻن جي ڳالهہ ڳڻي
چو تہ سڀ کان وڏا آهن قرب جا ڪڻ

4. مون کي گهڻئي ڏين ٿيون گهورون گهڻيون
ڦريو اچن جتي ڪتي ڪيئي ڇڻيون
تنهنجي سر جو قسم مون کي تون ئي وڻيون
ڪٿ جتڪي ڇڻ، ڪٿ بالا بڻ!

5. ڪنهن سان حجّت هرگز ئي نہ هڻان
توڙي ڪوڙين ونهن کي ڏاڍو وڻان
ڪنهن ڏي هڪڙي نظر ۾ آئون ڪونہ ڪڻان
ڪٿي تو جهڙا ڪنهن ۾ اٿڻ وهڻ!

6. اج طالب مولا ٿيو خورسند
جنهن کي پياريو پرينءَ محبت جو منڊ
تنهن جو مولا ڪيو آهي بخت بلند
جنهن جا لالڻ کي وڻيا خوب لڇڻ

1966-5-6ع
هالا

❊

تل: ڏاڍي ٿي دير وئي اي دلدار يار آ!
محبوب آ، سچار تون آ، غمگسار آ!

1. مکڙيون اميد واريون جي پلپل پيار ۾
سڀ گل ٽڙڻ جي لاءِ سنڌءِ انتظار ۾
منهنجي چمن جي باد صبا ۽ بهار آ!

2. واتن ۾ تنهنجي پنهنجون اکيون مون وڇائيون
مولا اجهي تہ منهنجون اميدون پڄائيون
منهنجي اکن جا نور، منا من قرار آ!

3. او شاعري جي جان ۽ شاعر جي زندگي
منهنجي تصورات جي دنيا جي روشني
سينگار، منهنجي خانہ دل جا نگار آ!

4. دل سان صدائي طالب مولا ڏي گوش ڪر
پنهنجي نگاه مست سان مدهوش هوش ڪر
تنهنجو ئي آهيان تنهنجو قسم قربدار آ

1960-8-24ع
ڪوئٽا

❊

[13]

# مون کي ماري دردَ جياري وئين

ٿل: وئين ڪسي دلڙيون انهن جون جن ۾ تو گهوروُن گهتيون
ديد ديوانيون ڪيون سهڻا! سوين سالم ستيون

1. سڪ سمهن کهڙي طرح دلدار، دلبرا تو سوا
ياد جن کي ٿيون پون رمزن، رهائن جون رتيون

2. ڪير آهي جو ڪري تو ساڻ سهڻا! همسري
تنهنجي جلوي ڪان جهڪا سج، چنڊ ۽ تارا ڪتيون

3. ڏک نہ اي دلبرا دران ۽ مان فقط تنهنجو آهيان
تون تہ پنهنجو قرب ڪر جي مون سنديون موڙهيون متيون

4. ڪيئن سجڻ تنهنجي ڇڏيندو طالب المولا پچرا
تو ۾ آهن جان پڪ، منهنجون بہ ڪجهہ پيارا! پتيون

27-5-1956ع
هالا

❊

ٿل: اڇي محب منا! مون کي ماري وئين
مون کي ماري درد جياري وئين

1. ڇا پيار پربن! منهنجا ڪين وٺيئي!
متان عيب اپار ڪي مون ۾ ڏٺئي!
يا دل ۾ بي ڪا ڳالهہ هيئي
وئين، اهڙو وئين جو وساري وئين

2. مان نهاريان گهڻو نڪرين نه نڻو
پنهنجي گس تان وري گذرين نه نڻو
ڻو وساريان مگر وسرين نه نڻو
منهنجي عمر عجيب! تون ڪاري وئين

3. جي رنم سجڻ! ته رئڻ نه ڏنئي
جي ڪليم پرين! ته ڪلڻ نه ڏنئي
جي ويس ته مورهئون وجڻ نه ڏنئي
گهڙيون ڪئن نه ڪڙيون ڪري گهاري وئين!

4. تون اڄ ته سهي ڪي پيار ڪريئين
ڏاڍي چاه منجهان پرين! پير چمئين
وٺي پاڪر ۾ منا! منڙيون ڏيئين
منهنجي عشق ڪي خوب آزاري وئين

5. منهنجي آهي دعا هي. ڏينهن سيئي
منهنجو نينهن نهوڙي شال نيئي!
مون سان پيار ڪرين ته ڪا خبر پوئي
پو مون ڪي چوين ته تون ڪاري وئين

6. منهنجا جاني! سدائين شال تون جي
من! ايڏو بي پروا ته نه ٿي
پلا طالب سان تو ڪيو ڇا هي!
جو ڀهڳڻ! ڀارڻ ڀاري وئين

27-6-1965ع
نٿيا گلي — لاله زار

*

ٿل: ڪسي دل ڪٺي وئين ڪجل پائي ڪانيون
رکي خوب رمزون عجب عاشقانيون

1. نظر سان نظر کي جڏهن تو ملايو
اِکن ات اِکن سان نئون نينهن لايو
اشارن ۾ اتڪيون ٿيون ٿيئي بي زبانيون

2. ڏنا مون جي ڏوران اهي سرخ ڏورا
پو سمجهيم تہ آهن هو منهنجا ئي گهورا
ميسر ٿيون ات نيون زندگانيون

3. مون سمجهيو تہ هاڻي تو پنهنجو بنايو
وريو بخت منهنجو ٿيو لايو سجايو
ٿيون دور دل مان پڇي بدگمانيون

4. وري محب منڙا! نئون نينهن لاٿئي
نئون نينهن لائي نئون پيچ پاٿئي
نئون پيچ پائي ڪيئي مهربانيون

5. تو طالب سان دلبرا لئون خوب لاتيون
ڏسڻ لاءِ آهن اکيون روز آتيون
نهارن ٿيون تو لاءِ نرمل! نيرانيون

2 9 1965ع
ريلوي اسٽيشن گجرات

❊

ٿل: ڇڏي مون کي ڪيئي ڪڇو ڪيڏو نہ ڪم!
هاڻي يارا ڪرين ٿو ڪهڙو غم!

1. هي خبر اٿم مون کي سارين ٿو
رڳو گوندر منجهہ گذارين ٿو

۽ پاڻ کي مفت ۾ مارين ٿو
ڏاڍو سر تي سهين پيو درد، الم

2. جي ايندين هلي ته معاف ڪندس
پر ڳالهيون سڀئي صاف ڪندس
پڪ ڄاڻ ته مان انصاف ڪندس
۽ ٿيندس ڪين ڪي مان برهم

3. ڇا ٿيندو، پيلا پرچاءِ ڪٺي!
جا گذري سا گذري، ٻٺي نه ٻٺي
۽ ڏيندس الفت اڳ کان گهڻي
تون ڏس ته اچي ڪڏي دل مان وهم

4. وني ياڪر ۾ ٻه تي پيار ڪيئين
منيون محب منا! ڀرپور ڏيئين
پو پرچي ويندس خوش باش ٿجئين
پيلا آهي انهي ۾ ڪهڙو اهم*

5. وري اچ ته پيارا! پيار ڪريئين
ٻئي ٻانهون ڳچي جا هار ڪريئين
منٿن جي منا! وارو وار ڪريئين
تنهنجو آهي سڄڻ! منهنجي دم سان دم

6. مان تنهنجي زندگي آهيان پرين!
پڪ ڄاڻ پرايو ناهيان پرين!
وينو رمز ۾ ناتو نباهيان پرين!
جتي سهڻا! ڇڏيئي اتي آهي قدم

---

* اَهْم ۽ وهم کي هتي قافيي جي مناسبت سان اَهَمَ ۽ وَهَم ڪري آندو ويو آهي.

7. جي طالب پنهنجو ڪرڻو اٿئي
پو عشق جو ڏنڊ بہ پرڻو اٿئي
سر منهنجي اڳيان اڃي ڌرڻو اٿئي
پائي پاڪر توسان ٿيان همدم
16.7.1965ع
اسلام آباد

❊

ٿل: خبر هاڻ پوندي تہ چاهي جدائي!
چڱو هو، ڪرين ها تون وعدي وفائي

1. اسين خوب توسان ماٺا ڪنداسين
نڪي نيڻ پنهنجا نماٺا ڪنداسين
نہ ڪر هاڻ جاني! تون آڪڙ اجائي

2. چڏينداسون توکي ستائي ستائي
نہ ملنداسون هڪ پل گهرائي گهرائي
گهڻا ڏينهن دلڙي سچڻ! تو ستائي

3. نہ جور و جفا ڪان ڪڏهن باز اچبو
نڙي توکي محبوب! بدلو بہ ونبو
ڪنداسون رعايت نہ تو سان ڪائي

4. منا! تنهنجي مرضي جي حجت هلائين
نپائين اسان سان، نہ جي تون نپائين
برهہ ۾ نہ بلڪل ڪنداسون پلائي

5. اچي پنهنجي طالب ڪي جي پيش پوندين
چمي چاهہ مان رخ، ڳچي ٻانهون وجهندين
نہ پو توسان پرچي ڪبي هڪ هڪائي
21.7.1965ع
اسلام آباد

❊

ٽل: رڙي روئي عاشق! ڪندس التجائون[1]
اميد آهي ٻڌندين سڄڻ! سڀ صدائون

1. هي تسليم جانان! گنهگار آهيان
مان تو وٽ برابر خطادار آهيان
پلي ڪر تون مون تي اي جاني! جفائون

2. ڪڏهن ڪين تنهنجي سڄڻ! در تان ويندس
پرين! پنهنجي هر هڪ خطا کي مڃيندس
ڪندين مون تي آخر عجيبا! عطائون

3. سنڌ پير پيارا! اکن ساڻ چمندس
ڳچي پاند پائي ۽ پرچائي وٺندس
ڪجئين معاف منهنجون خدارا خطائون!

4. مان زوري اچي تنهنجي سيني سان لڳندس
سنڌ منهن منور چرين وانگي چمندس
قسم تنهنجو، تو سان ڪندس مان وفائون

5. سوا تنهنجي ڪائي سندم واه ناهي
تون چاتي سان لائج اها آس آهي
ڪندس منهنجا طالب! مان دل سان دعائون

2-8-1965ع
اسلام آباد

※

---

(1) هيءَ ڪافي محبوب جو عاشق کي جواب آهي.

تل: لئون وينيس لالڻ سان لڳائي
شل نوري نجيب نيائي!

1. مس مس حاصل دوست ڪيو مون ربّ سائين ستائي ستائي
2. وس پچيم تہ سھڻل سائين رکان دل ۾ لڪائي لڪائي
3. ٻئي ڏنا مون پنھنجي پرينءَ سر ساھ لڪائي پڙھائي ڪي
4. ڀان بہ ماريان ٻي ڪي بہ ماريان ڪير مون ڪي اچي ھٿ تہ لائي!
5. طالب مولا عشق ڪيو مون دل جان سان ڳائي وڃائي

6-4-1967ع
لاھور

※

[14]

# مون ڏي حرفَ هزار

ٿل: ٻاڙي آئون پينار ناهي دم دعوا جو
1. شاهه گدا تنهنجي در جا سلامي منهن جو ڇا مقدار!
2. منهنجي عيبن ڏي تہ نہ ڏسجان پنهنجو سچائج پار
3. تنهنجي ٻانهن جو ٻانهون آهيان خاصو خدمتگار
4. دعوا وارا دور ڏنا مون برھ وڏو آهي بار
5. تنهنجو غلام هي طالب مولا پاڻ ئي ڏيينس پيار

19.5.1958ع
ڪراچي

❊

ٿل: مون ڏي حرف هزار پاڻ ڪرم ڪر پنهنجو پيارا!
1. تون ئي آهين منهنجو سائين محب، منا، منارا!
2. هڪڙي تنهنجي دمدم دلبرا! تن ۾ آهي تار
3. منهنجي جهولي محبّت سان پر ڏيهن جا ڏاتارا!
4. تنهنجي پناري پيو آئون آهيان پيڙو ٿج پوتارا!
5. طالب مولا تنهنجو آهي ياقي، ياور، يارا!

24-1-1957ع

❊

ٿل: ڪيا محب ڪروڙ محبّت سان ممتاز هزارين مان نہ رڳو
1. هو اڳلا پير ۾ وهاري ٿو ڪتيو نور پريون ٻئي نهاري ٿو
ڪئين پنهنجا ڪري ٿو قربت سان دمساز هزارين مان نہ رڳو

2. هر ڪنهن سان پال پلائي ٿو هر ڪنهن سان وک وڌائي ٿو
نرمل ٿو موهي نزاڪت سان از ناز هزارين مان نہ رڳو
3. هو قرب ڏئي ٿو ڪو جنهن کي ۽ روز اڏي پيو ابوجهن کي
ڪري طالب مولا شفقت سان همراز هزارين مان نہ رڳو

16-11-1957ع
هالا

❊

ٿل: خبر خاص آيو ڪٿي اج ڪيانتو
پڪيڙو پري کان صحيح مون سڃاتو

1. ٻڌايئين تہ سهڻو پيو توکي ساري
سڄي رات سڪ ۾ ٿو تو لئي گذاري
پڪو پرت جو تو سان جنهن پيچ پاتو
2. وراڻيئين تہ محبوب وٽ هاڻ هل تون
سري ٿي نہ ساعت هلي هن سان مل تون
لڳايو اٿس توسان نيهي ٿي ناتو
3. چيو مانس چئجئين تہ آيو ڪ آيو
متان محب! هيٺي ڪا وائي ورايو
او محبوب! بلڪل ڪيو تو بلاتو
4. وراڻيم اڪن سان اچي پير چمندس
ٻڌي ٻانهون حاضر اڳيان تنهنجي ٿيندس
نيائي مان نيندس مون لاتو جو ناتو
5. ڪيانتا! خبر خير جي ڏج پرينءَ کي
۽ چئجئين تہ سهڻا! هي طالب چيو ٿي
رهان ٿو اوهان کان سوا مان بہ آتو

7-9-1959ع
هالا

❊

تل: بخشئي بخشڻهارا — پلارا —
منهنجون مڙيئي محب! مدايون

1. ادلو گدلو الا! آهيان مان عيبدار
ڪوجهڙو ڪنڙو الا پازي تنهنجو پينار
جاني جي جيارا — او پلارا- ڪين ڪي ڏسجئين ڪوڙين ڪچايون

2. دامن لڳڙي الا! ڇڏج نہ پيارا پرين!
پنهنجو ڪيو تئي الا! سونهارا سيس
مون ۾ عيب اپار- اوپلارا — پاڻان ڪجئين ڪي بيحد پلايون

3. لوڪ ۾ لالڻ! الا! تنهنجي نانءِ سيس
ننگ سجاڻج الا! نہ تہ محب ميس
دلبرا ڪج م ڏار — او پلارا — تو ۾ ئي آهن سهڻا! سچايون

4. آزيون نيازيون الا! محب! تو سيئي مجيون
سهمون سهڻا، الا! سجڻ تو نہ سجيون
پاڻهي ڪيئي پيار — او پلارا — منهنجي اڳڻ تي از خود تون آيون

5. ڪڏهن ڪوسوالا! ڪامل ڪونہ تئين
پرت ۾ پيارا الا! وڌندو روز وئين
سهڻن جا سردارا- او پلارا- جانب! ڏنيون تو جي ۾ جايون

6. طالب مولا الا! جاني پنهنجو ڪيئي
ڪڏهن ڪونہ الا! نينهن نبيري نيئي
منهنجا منل يارا- او — پلارا — آ تہ ڳرهاتيون پيارا ڪي پايون

2-11-1959ع
حيدرآباد

*

[15]

# آيو يار ڏنئين دلداريون

ٽل: سهڻا ساٽيئڙا مون وٽ اڄ تا اچن
مون وٽ اڄ تا اچن، ڏاڍا قرب ڏين
ڏاڍا قرب ڏين بيحد پيار ڪبن

1. ويهو ويهو ڪانگ لنوي ٿو
سڀ تي سمجهان جيڪي چوي ٿو
اڪيين تا ڏسجن ڏاڍا قرب ڏين

2. واٽن ۾ مون اکڙيون وڇايون
منهنجون الله اجهي آسون پڄايون
پل ۾ تا پهچن ڏاڍا قرب ڏين

3. جيڪو پري ڪان ايندو ڏسان ٿي
منهنجو سڄڻ اهو، اِنهين سمجهان ٿي
من کي ٺورا ڪن! ڏاڍا قرب ڏين

4. آسروند ويٺي واٽون نهاريان
ور ور ڏيو وريو اڱڻ ٻهاريان
پلپل پيار ڪبن ڏاڍا قرب ڏين

5. ڏاڍيون اميدون اندر ۾ آيون
ڏينديس مان ڌڻ ڌڻ ڌهنايون
سي شل سڀ سمجهن! ڏاڍا قرب ڏين

6. دل ڏڙڪي ٿي، اک ڦڙڪي ٿي
من ۾ محبت پڻ مرڪي ٿي
گولي سان گڏجن ڏاڍا قرب ڏبن

7. طالب مولا بخت وري ٿو
ٻول ٻڌل اهو هاڻ پري ٿو
پيرين هٿ ڏرين ڏاڍا قرب ڏبن

22-7-1960ع
ڪوئٽا

✻

تل: آيو يار ڏنئين دلداريون
اهڙو گهوٽ وجهي ڪئن گهاريون!

1. پهتو پرين اچي پهرين هڪل ۾
پيار ڪيائين پل پل ۾
ڳالهيون پرينءَ سڀ پاريون

2. رئندي سان اچي راز ڪيائين
ڪيئي ڪروڙين قرب ڏنائين
پنهنجو اتم ناهي ڏاريون

3. پيار منجهان اچي ياڪر پائي
لڙڪ اگهي اڄ ڪلي پرچائي
ڪيڙيون سهڻي ستاريون

4. منهنجو نہ آخر اهوئي آهي
ٻي ڪنهن سان يلا منهنجو چاهي!
سڄڻ ڪيون سرداريون

5. لالڻ کيا مون تي لک لک تورا
دل ۾ هيمر ڏاڍي چورا ڪورا
نوڙي ڪيم نيزاريون

6. پيار پيالو اهي ٿي پيئن ٿيون
طالب مولا سي ٿي جيئن ٿيون
جيڪي محبّت ماريون

27-12-1960ع
لاهور

❊

ٿل: سور ويا سڀ لهي محب مليو ٿيون ڏاڍيون بهاريون
1. موٽي محب اڱڻ تي آيو قرب منجهاروُن ڪهي
2. سهڻو سائين آنءَ وٽي آيس رات وٽانئس رهي
3. ڳالهہ اها وڃي نيٺ ٿي پوري پر ۾ اسان جيڪا پهي
4. طالب کي مطلوب پياري محبّت واري مهي

27-2-1956ع
هالا

❊

ٿل: درد دفع سڀ ٿيا مون سان ٿيو اڄ محبوب ملاقي
1. دل جي دري مان مون لئي هردم لالڻ پاتا ليا
2. نرمل واري ناز سان هڪدم چڏي ويا سڀ چيا
3. پيار محبّت وارا پلپل پيئنڌ پرت جا پَيا
4. مئي محبت پي محب ۽ طالب خوب ٿيا ٻئي کيا

27-2-1956ع
هالا

❊

تل: صبح سان سردار، پنهنجو پاڻ پسايو.

پاڻ پسايو — ديدار ڪرايو

1. غور فڪر ۾ مان هوس محڪم
ڪلي ڪري ڪيڪار. سڪ جو سر سمجهايو
سر سمجهايو — ديدار ڪرايو

2. اکڙيون هيڙيون عجز ۾ آليون
دلڙي وٺي دلدار — ويهي قرب ڪمايو
قرب ڪمايو — ديدار ڪرايو

3. اِستغراق مان اچي اٿاري
سهڻي لذڙي سار — وصل جو ورق ورايو
ورق ورايو — ديدار ڪرايو

4. طالب! مولا عيدون ڪرايون
منهن ڏيکاري منٺار — پلي پاڻ پلايو
پاڻ پلايو — ديدار ڪرايو

20-8-1955ع
حيدرآباد

※

تل: ڪل ڪل او ناز وارا! لايون نوان نظارا

1. ڏه ڏه پيرا ڏنگن تا ور ور ڏيو ونگن تا
رت ۾ ڪٺين رنگن تا لالڻ! ڏيو لامارا
واسينگ وار ڪارا

2. جن ڏي بہ تيون نهارن مهمير مرد مارن
مٺلون دليون جِيارن جهٽ پٽ ۾ جي جيارا!
اکڙيون ڏيو اشارا

3. تنهنجو نہ جوڙ جاني! تنهنجو ڪو مٽ نہ ثاني
هر ڪنهن ڪي هي حيراني قربان تين ويچارا
سج، چنڊ، ڪتيون ۽ تارا

4. سهڻا! هجين سلامت هي تنهنجو شان شوڪت
اعليٰ عظيم عظمت گلبوءِ گلعذارا!
نازڪ، پرين، نگارا!

5. آ، آ، پرين! اڱڻ تي مرڪان سنڌ ملڪ تي
تنهنجي منا! اچڻ تي سهڻا، سجڻ، سچارا!
اڪڙيون ڪيم اوتارا

6. طالب تان هت نہ لاهج ان جو عرض اگهائج
آهون مڙئي اونائج خادم سنڌ خدارا!
پرتو اٿئي پيارا!

*

ٿل: تنهنجا ڪرم ڪروڙين قرب سندا
نٿو لاهي سگهان، نٿو ڳائي سگهان

1. مون ڪنڙي، ڪوجهي، ڪاري تي
هٿ ٻاجهارو هر وقت رکيئي
احسان اهي محبوب منا!
نٿو لاهي سگهان نٿو ڳائي سگهان

2. تون شاهن جو آهين شاهہ پرين!
آنءُ گولو، گداگر ۽ گدلو
تو مون تي ڪيا جي وڙ وڏا
نٿو لاهي سگهان نٿو ڳائي سگهان

3. آئون تنهنجي ڳڻن جو آهيان ڳڏل
آئون اهڙي زبان ڪتان آڻيان
سردار سنڌءِ احسان. الا!
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

4. آئون پاڻ ڏسي تو توکي ڏسان
لڳي مون کي عجب تو محب منا!
اي سهڻا! تنهنجا لک تورا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

5. تنهنجي تورن جي ڪهڙي ڳالهه ڪبي
تعريف لکي آئون ڪهڙي لکان!
بيڪار سان تو جي قرب ڪيا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

6. مون هيڻي جو همراه ٿئين
پاڙي جي پشت پناه ٿئين
هي تنهنجا پلارا! پال پلا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

❋

ٿل: رهه ڪا سڄڻ رات — سانولڙا!
وڃ نه پري تون پرديس پيارا!

1. ڏينهن نه لائج گهڻا — دل جا دلبر يار!
سيگهه مان لهجئين وري- ساجن! منهنجي سنيار
هي تون ڏجئين ڏات — سانولڙا!
موٽي پسائج منهڙو موچارا!

2. ويل وڇڻ جي ڀلا — ڳالهيون ڪر ڪي ٻٽي
محب مسافر منا — ڇڙي شل نہ هٽي!
باقي مچ هي بات — سانولڙا!
ڪٽ ٻاجهہ مان ٻئي ديدون دلارا!
3. موٽڻ جي ڪج ڪا پرين- توڏي ڏسيو ٿو ڏسان
تو سان وطن ۾ وري — محب مان ملان!
تنهنجي اتم تات — سانولڙا!
ڪيم عجيبا! اڪڙيون اوتارا
4. طالب مولا پرين — توڪي ياد ڪري
سڪ ۾ ساه تڏا — ٻورل! روز ٻري!
وائي اها وات — سانولڙا!
ور خير سان، مل، سخن سچارا!
16-12-1957ع
ڪراچي

*

ٿل: سينو سهڻل ساڻ نہ ساهہ
ٻانهون ٻڌي ٻر ان جي غلامي
1. سر تہ سجڻ آڏو آٽي ڌر تون
پاڻ قدم ڪو اڳرو ٻر تون
دل ڏئي دعوا ڪابہ نہ ڪر تون
لوڪ لاڳاپا هڪدم لاهہ
نينهن ۾ ٿيندي نہ تہ ناڪامي

2. سهڻل سان چو حجت هلائين!
ڏيان ڪجان متان پو پڇتائين!
سرچندو ڪين ڪي جي سرچائين
نوڙت ڏاران چارو ناهه
هت تہ سوين ئي آهن سلامي

3. ڪاوڙجي تہ بہ ڪنڌ نمائج
عجز جو پاند ڳچي ۾ پائج
ويتر اوڏنهن وڪ وڌائج
ڪاهيو، ڪاهيو، ڪاهيو، ڪاهہ
عاشق! تيندين پو آرامي

4. تو ۾ سهڻ جي طاقت ناهي
ماٺ انهي ڪان بهتر آهي
رڳو ٻناڪ ۾ رکيو چاهي!
پڙ ۾ نہ اچ تون خوا مخواه
سر تي نہ ڪٽجان ڪا بدنامي

5. ٻانهون ٻڌي جڏهن بيٺو رهندين
سور سڪڻ جا جيڪر سهندين
طالبَ! مولا تڏهن لهندين
داو ۽ ڏپ ٻيا مڙئي لاهہ
هادي توسان تيندو حامي

1-9-1957ع
هالا

*

ٿل: ڪڏهن تنهنجي در جو فقير آهيان
ڪڏهن تنهنجو پرت ۾ پير آهيان

1. پنهنجي پاڻ ۾ نينهن نبار اٿم
پنهنجي پرت سان پورو پيار اٿم
پنهنجي عشق تي هڪ اتبار اٿم
پنهنجي طلب ۾ با توقير آهيان

2. تنهنجي محبّت ۾ مستان بہ مان
تنهنجي عشق جو اعليٰ شان بہ مان
تنهنجي الفت جو عنوان بہ مان
تنهنجي طلبن جو تفسير آهيان

3. منهنجو جاني ۽ جانان بہ تون
منهنجو روح بہ تون ۽ جان بہ تون
منهنجي نينهن ۾ نورجهان بہ تون
تنهنجو جاني ۽ جهانگير آهيان

4. مان توسان سڄڻ! منسوب ٿيس
۽ تنهنجو منا! محبوب ٿيس
ڦري طالب مان مطلوب ٿيس
پنهنجو نينهن ۾ پاڻ نظير آهيان

22-10-1965ع
هالا

※

[16]

# چريون چست چهريون

ٽل: اهي ڪاريون، ڪجليون، چريون، چست، چهريون
اچڻ ساڻ اٽڪيون اکيون بئي ابهريون

1. نشي نينهن جي ڪان هيون مست بيحد
نگاهن سان پياري بناياٿون بيخود
نئين سال جو تن ڪيو پيار پهريون

2. اڳئين ڪان ٻہ اڳريون عجب رنگ ۾ هئي
عجب رنگ ۾ هئي عجب ڍنگ ۾ هئي
صنوبر ڪان سهڻيون، گلن ڪان ٻہ گهريون

3. هو پياريون ٻہ ٻيئي تہ سرڪش ٻہ ٻيئي
هو ساقي ٻہ ٻيئي تہ مئڪش ٻہ ٻيئي
خماريل خماريل، هو ڳورهيون ۽ ڳهريون

4. نظر جي چمن سان چميو ۽ چميئون ٿي
اشارن اشارن ۾ ڪي ڪجهہ چيئون ٿي
ڪري قرب لاتئون ڪرم سان ڪمهريون

5. سڄي رات صحبت ۾ ويهي گذاريم
محبّت جي مئي خوب پيتم پياريم
ڪيون خوب طالب قريبن ڪچهريون

1-1-1966ع
حيدرآباد

❊

ٽل: اڪيون عزم واريون عقابي عقابي
هو مارڻ سان ڪن ٽيون شتابي شتابي
1. هو سرمو سينگارن، نہ سرمي سينگاريون
جي پنهنجي خودي ۾ پيلا خود خماريون
هنن ۾ هميشہ برهہ جون بهاريون
عنابي عنابي، گلابي گلابي
2. هو پنهنجي ئي مستي ۾ بدمست آهن
سدا سوز وارن جي لئي سخت آهن
ڏجن ڪونہ ڪنهن کان زبردست آهن
رنگينيون رنگينيون، شرابي شرابي
3. محبّت جي مئي جون مدامي موالي
اچن جي ڪٿيو جود مان ٻئي جلالي
مڙن ڪونہ ڪنهن کان اهي لا ابالي
قلندر قلندر، عتابي عتابي
4. اتي ناهہ پيرن فقيرن جي جرائت
نہ زاهد ۽ واعظ سان ڪن ڪا مروت
هلي صاف صوفن جي هرگز نہ حجّت
مجن ڪونہ ڪنهن کي وهابي وهابي
5. نہ پيالا ۽ ٻٽيچيون، ڪتاريون سندن مت
تفنگ، تير، تلوار، خنجر سيئي گهٽ
نظر جي ڪٽيو ڪن صفن جون صفون چٽ
جي حملا هو ڪن ٿيون جوابي جوابي
6. ڪٽيو ور وڙهڻ لاءِ سنيريون وتن ٿيون
بنا دير جي منهن مقابل ٿين ٿيون

ڪنهين مان هو طالب نہ مورهان مڙن ٿيون
ٻڌن ڪانہ ڪنهن جي حسابي حسابي

28-7-1965ع
اسلام آباد

❊

ٿل: اهي ناز واريون ۽ منڙيون موچاريون
اَمالڪ ٿيون اتڪن سڄڻ جي سيڪاريون

1. ڦريو دل وجن جي ڦرڻ تي اچن ٿيون
نہ ڪا مهل ۽ موقعو ڪو ڏين ٿيون
زبردست ڌاڙيل، دلبر جي ڌاريون

2. سدا تير سيني منجهان پيار اڪارن
پڪي دل جو پهرين نظر ساڻ مارن
جي پهريون پون ٿيون، وجهن مير ماريون

3. انهن تي ڪنهين جي چڙهي ڪانہ حشمت
ٿئي تيغ زن ڪي نہ ات ڪابہ همت
هميشہ ڪان حملي ۾ سرسيون، سوپاريون

4. هو ڪن پيش قدمي ڪرڻ ۾ نہ ڪا گهٽ
پڇن برق بجلي ڪان جلدي ۽ جهٽ پٽ
ڪريو سي وتن ٿيون جو ترتان تياريون

5. پڇر جو ڪري ان تي اپرن اورهاڻيو
هٽيو ڏنگ ڏاڍا وجهن ٿيون وهاڻيو
پورو ڪن پٽي تي ڪاريهر ڪان ڪاريون

6. ڏين گهور ٿيون جڻ لڳي وئي دونالي
سندن وار طالب وجن ڪونہ خالي
هو مارن جيارن تہ اختيار واريون

29-6-1965ع
ريلوي اسٽيشن "دينا"

❊

ٿل: مات ٿيا سي جن ۾ اتڪيون تنهنجي اکڙن جون اٿيون
هي دليريون تو سنديون وهوا سڄڻ! ڏاڍيون وٿيون

1. ڪنهن کي طاقت جو جهلي تک تاءُ سرميلن سندو!
هک نظر سان ٿيون وجهن ڦيرا ڏيو دل ۾ ڦٿيون

2. هت پڌيو حاضر ٿين سلطان سهڻي جي اڳيان
پير ۽ مخدوم سڀ پريں جي پيرن جون پٽيون

3. قرب وارا! تون ڪڏهن ايندين ڪو اَڱڻ جي اڱڻ
انتظارن ۾ او سهڻا! ڏينهڙا وينا ڳڻيون

4. درد وارا! جانِ ملنديءَ پنهنجو دلبر دل اندر
پر جڏهن ڦيربندو رهندين قرب سان من جو مٿيون

5. يار جي اڳيان اهو مقبول ٿيندو هر گهڙي
قلب ۾ جنهن جي وڌيون ڪي قرب جون قدرت ڪٿيون

6. طالب المولا تي هر هر تاب چو ايڏا ڪرين!
هو وهيٺو هڪ سندو تون ٿو ڏئين گهورون گهڻيون

1.6.1956ع
هالا

※

ٿل: نشيليون نشيليون اچن جو اورهاتيون
نہ چوهڻون چڏن ٿيون گهورن سان گهوماٽيون

1. سي شاهين وانگر جو پرواز ڪن ٿيون
مثل باز بحري لامارا ڏين ٿيون
پکي دل جو پڪڙن چنبن ۾ چيپاٽيون

2. نہ اچڻيون جي اچڻيون نہ واپس نہ وڃڻيون
جي چهنن ۽ چنبڙن نہ ڏاڍيون ئي ڏنگڻيون
ڏئي وهہ ورهہ جو وجن ٿيون وهاٽيون

3. هوڪاريو هوڪاريو ٻئي ٻڪ وجهن ٿيون
وڙهڻ ملهہ محبت جي هڪدم اچن ٿيون
هو ماريو مچائن ڪڏيو ڪانبلاٿيون

4. ٻئي حسن واريون اداسي اداسي
محبت جي مئي لء پياسي پياسي
اهي عشق جي اج اصل ڪان اساٿيون

5. جي نڪريو نقابن مان ٻاهر پون ٿيون
تہ ويتر وڏا ڏنگ ڏاهيو وجهن ٿيون
نہ ڪن تر تفاوت سڏيون ء سنواٿيون

6. بظاهر نظر ٿيون اچن خوب چرڙيون
مگر در حقيقت ڪاريهر ڪان ڪرڙيون
اي طالب ٿيون مارن گهورون ڏيئي گهاٿيون

2 7 1965ع
ڪراچي

❊

ٽل: زوراور، زوراور اهي ٻي ملاليون
هٿن سان هيرائي پرين ڪئن نہ پاليون!

1. هميشہ ڏسون ٿا گلابي، گلابي
ڪڪوريل، ڪڪوريل، شرابي شرابي
الاجي ڪٿان ٿيون پين پر پيالون!

2. پين جيڪڏهن پور ڪن ٿيون نوازش
جيَ نہ تہ هر گهڙي ۾ هو سرڪار، سرڪش
رهن مست، خوددار ۽ خود خياليون

3. ڏسڻ ۾ سدائين اياڻيون، اياڻيون
نماڻيون، نماڻيون، سياڻيون، سياڻيون
سدائين تيون ڏسجن نيون ۽ نراليون

4. عجب آهه بئي مست هڪڙي سڄڻ وٽ
سندن ئي قسم، ناهه ڪنهن ۾ به ڪا گهٽ
الهڙ عشق واريون صنم ڪيئن سنياليون!

5. خطا تا تين ڪين تن جا نشانا
لڳن پنهنجي مرڪز تي سورنهن ئي آنا
گسن ڪين ڪڏهين هو دوران دوناليون

6. هو تسليم ڪنهن کي ڪڏهن ڪين تيون ڪن
يقينا اهي بئي "ڪميونسٽ" آهن
اٿن چٽڪ روسين ۽ چينن جون چاليون

7. سياڻپ اسان کي به ڪجهه ڪانه آئي
اسين پڻ محبت ۾ ڏاڍا چريائي
اسان کان به تن جون چريون چست چاليون

8. بظاهر رهن تيون بيگانيون، بيگانيون
اي طالب نه آهن ديوانيون، ديوانيون
مگر مست، بيخود بئي لا اباليون

30-6-1965ع
ڪوئٽا

*

|17|

# گونگيون گوءِ ڪتي ويون

تل: مينهن! ڪرين تون متان
منهنجي اکن سان ريس رئڻ جي

1. موسم جو محتاج تون آهين
پنهنجي وس ۾ هرگز ناهين
توکي پلا ڪئن مجان
ڪين وسين تو ڪرين جي وسڻ جي

2. ٻارهين ماه تون موتي اڇين تو
مس مس مند تي نيٺ مچين تو
ڏينهن نه رهين تو گهٽا
وربو ڪرين تو وير وجڻ جي

3. سڪا پٽ تون ساوا ڪرين تو
تلاءَ ترايون بيشڪ ڀرين تو
ڏک نه ڪرين ته آئون چوان
جهٽ پٽ ڪن تا سيئي سڪڻ جي

4. منهنجون اکيون سب روز وسن ٿيون
وره وٽن ڪي سائو رکن ٿيون
ساوڻ لائين سدا
بوند وسائن روز ڀنڻ جي

5. تون ٿو اچين گمسان گڙڻ سان
هي ٿيون وسن چپ چاپ ڪرڻ سان
تون ٿو ڪرين وجان وجان
بلڪل هي نٿيون ڪن ڪا پڇڻ جي
6. هار مڃيندين نيٺ هنن سان
بيهي ڏس ڪنهن مهل پنن سان
متان ڪري ڪو ميان!
گونگن کان ڪا گوءِ ڪٿڻ جي
7. طالب مولا ڳالهه سچي ڪئي
جنهن جي پيار سان آهي اچي پئي
هجر ڪئي جنهن تي هلان
تنهن کان پڇي ڪو ورهه وندڻ جي
28-8-1961ع
ڪراچي

*

ٽل: اکن ۾ عجيبن جون آهن آکاڻيون
ستيون ڪين ڪڏهين سدوربون سياڻيون
1. نهاري نهاري اهي ڪونه ٿڪيون
اصل کان ڪيون پرت پختيون ۽ پڪيون
هو سڪ ۾ سڄڻ جي سراسر ساماڻيون
2. پائي پيچ پلپل جي لالڻ سان لڙيون
وري ڪين ڪنهن مهل مورهان سي مڙيون
وڏيون وچ ۾ ويتر ڪرن ڪئين ڪانجاڻيون

3. تصور ڪري ٿيون پرين تائين پهچڻ
ڪنهن هنڌ هرگز ڪڏهن هو نہ هٽڪن
سدا هجر ۾ ڪن سي ريجهون رهائيون
4. سجو ڏينهن سارين سهڻي سڄڻ کي
نہ هرگز سڃاڻن سلڇڻيون سمهڻ کي
پنن جون برهہ ۾ ئي راتيون وهائيون
5. پرين پاڻ تن سان اچو پيار ڪن ٿا
وريو بيخودي ۾ سي چاهئون چمن ٿا
هي صابر سڄڻ کي سدائين سيبائيون
6. اي طالب انهن تي مون کي ناز آهي
منجهن ئي لڪل دل جو آواز آهي
پياسي پرين لاءِ نرمل نمائيون
8-7-1965ع
ريلوي اسٽيشن سهالہ

❊

ٽل: اکيون عاشقن جون مدامي موالي
پيئڻ لاءِ پر وٽ سدائين سوالي
1. رکيون بيئي اڪثر عجيبن اڃايون
مڙئي ڳالهيون تن کي محبن مڃايون
انهن کي ڏئي خوب وعدا وصالي
2. هو هڪڙي سڄڻ جون نہ بي ڏي نهارن
رڳو پاڻ ۾ پنهنجو دلبر وهارن
سي پرپور بلڪل رهن ڪين خالي

3. هميشه هو پنهنجي سجڻ لاءِ ستيون
محبّت ۾ مورهئون رهن مست متيون
هو عامل امر تي نه ڪن بي خيالي
4. هو پنهنجي پريتءِ ري ڪتي ڪونه اٽڪن
پراين درن تي نه بلڪل سي ڀٽڪن
سدا بي مياري اهي لا اُبالي
5. اي طالب ڪڏهن ڪا هلائن نه حجّت
تڏهن تا نه ڪن محب تن سان مروت
ڪئي تن جي قسمت نصيبن نرالي

10-7-1965ع
ڪوه مري

*

ٿل: ڦڙي ڦڙي ۾ آهي بهار
عشق اڪن جي ساوڻ لايا

1. اڪيون ڏاڍيون آگميون آهن پنهنجي وس ۾ بلڪل ناهن
ڪري اٿيون اڄ ڪارونيار
2. سردي گرمي وه جو وسن ٿيون بيهڻ جي ڪا بس نه ڪن ٿيون
هردم لائن ميگهه ملهار
3. رڪيو رڪيو اوهيرا اچن تا باغ برهه جا ساوا ڪن تا
وڏ ڦڙ لائي وارو وار
4. هڪڙا مينهن جي وسيو وڃن تا ۽ ٻيا بيهر پرجو اچن تا
رڳو وسڻ جا ڪن وهنوار

5. گونگا مينهن گونگن جا آهن   بلڪل سي بيهڻ جا ناهن
ڪجن پلي ڪٿي حيلا هزار
6. دلبر يارا تون چو ٿو اسرين   پوندين پسي متان ٻاهر نڪرين!
بيهه تہ سهڻا! ڏين ڪا وار
7. طالب مولا جون ٻئي اکيون   پياريون پياريون جي رب رکيون
نينهن انهن ۾ آهي نبار

1965-8-4ع
اسلام آباد

*

ٿل: اکن سان ڪيائين اينهين چو الاڙي!
ويچاريون وهن ٿيون لکين لڙڪ لاڙي
1. اڇڻ لئي عجيبن جي آهن اڃايون
سندن وات ۾ مون اکيون ٻئي وڇايون
اڇي من ٻنهي کي هو لالڻ لتاڙي
2. الاجي پرينءَ کي چو پرواهہ ناهي!
اکين کي سندس ئي تہ آزار آهي
ڪيئين پوئواري نہ هڪڙي ڏهاڙي
3. سڄڻ پاڻ ڪيڏو نہ آهي پيارو
سلڇڻو، سياڻو، سباجهو، سچارو
وڏئين چو پنن کي گهنگهر ۾ گهوڙا ڙي!

4. اجهل عشق جي ڇا حقيقت ٻڌائن!
بکيو شينهن وينيون اندر م نپائن
تو پنهنجي هو پيري کي دمدم ڏونڏاڙي

5. اي ظالب کيو ڇا سجڻ هي ينن سان
اها کار ساڳي کئي ڳوڙهن ڳلن سان
ڪِتي جئن ويهي پنهنجي من کي مناڙي

9 7 1965ع
کوه مري

*

[18]

# منهنجو هاڻي پنيور ۾ چاهي

ٿل: مون نٿي پانيو ته، آخرڏار ويچاري ڪندا
پر اڃا آهن اميدون محب موچاري ڪندا

1. آسرو سهڻن سپاجهن جو اديون! مان ڪئن ڇڏيان!
نيٺ ڪو ڦيرو ڦٽي تي هاڻ هڪواري ڪندا
2. ور وندر جا ووڙيان ٿي ورهه ۾ واڪا ڪندي
شال مون مٿي سان اچي سردار سرداري ڪندا!
3. مون ۾ اوگڻ ڪو ڏٺئون جو هٿن ويا مون کي ڇڏي
در گذر آخر سندم هرڪا ڪٽي ڪاري ڪندا
4. ڪين لاهيندا سڄڻ مون تان ڪڏهن هٿ ٻاجهه جو
عيبدارڻ سان غمن ۾ ڪا ته غمخواري ڪندا!
5. هو پرين آهن ڀلا پر مون ۾ گهٽتائي گهڻي
دل نٿي باسي ته هو ڪا هٿن دلازاري ڪندا!
6. هن اميدن تي اڃا ويٺي نهاريان واٽڙيون
شل ڪري تورا تڪي وٽ پاڻ پاتاري ڪندا
7. هي چڪي جا هاڻ کهجي وات تي ويهي رهي
نيٺ نرمل تنهن نذر جي ڪا نظرداري ڪندا
8. پاند ڳل پائي اي پانڌي! وڃ عجيبن جي اڳڻ
”پُڇ پرين ڪان سي ڪڏهن ڪا منهنجي پوئواري ڪندا“

9. سک ڏسي ساجهر ستيس چاتم تہ هوندا هوت هتِ
پر اتم افسوس هاڻي حرف هيڪاري ڪندا
10. اک نہ پوربان ها ڪڏهن ويهي وهايان رات ها
جي خبر مون کي پوي ها هو وڃڻ واري ڪندا
11. طالب المولا سنياري پنهنجا ساٿي ساہ ۾
وڙ وڏا يايان جي هو محب منناري ڪندا

19-10-1954ع
حيدرآباد

❊

تل: منهنجو ور تہ وني ويا چوري الا
گهر گهر جي آهيان گهوري الا

1. ڪل تہ پيئي ڪانہ ڪا بلڪل آهيان پوري الا
2. اديون! هي تہ اجاڻ اج نند ۾ چڏي ويا ندوري الا
3. پنهل ري پرديس ۾ ميس تہ گس تي گهوري الا
4. لالڻ جي ئي لغار جي لونءِ لونءِ ۾ آهي لوري الا
5. جانب ڪارڻ جت جي جي کي لگي وئي جهوري الا
6. طالب مولا سسئي چلي پئي چپر ۾ چوري الا

13-1-1955ع
ڪراچي

❊

تل: پنهل جي تہ پچار انئي پهر اندر ۾

1. اٿيس آڏي رات جو هو سنجهي ويا سردار
2. مڙئي مون ڏانهن سرتيون! محبن ڏي نہ ميار
3. خوشِيون سڀ تہ خِزان ٿيون گوندر ڪيا گلزار
4. سَڄِر پنهنجي سڏ ڪري نيندا هي نيڪار

5. ورهه واري وڻ ۾ ڏکن کڍيا ڏار
6. طالب مولا پيو تڳي آري جي آذار

9-8-1955ع
حيدرآباد

❊

ٿل: مون تہ پرين ڪيا پنهنجا منهنجا ٿين، نہ ٿين
منهنجا ٿين، نہ ٿين دلڙي ڏين نہ ڏين

1. تڏهين بہ پهتيس پر ڪي ماس مرون جي ڪين
2. وس وارڻ جا ڪَنديس منٿون مان مڃين!
3. ڪاهي رسنديس ڪيچ ۾ لاڙين يا لوڏين
4. منهنجي ميڙ منٿ تي واڳون شل وارين!
5. عيبن واري آهيان ڏولڻ شال ڏڪين!
6. طالب مولا محب سي چاهہ منجهان چاهين

15-9-1957ع
حيدرآباد

❊

ٿل: نند ڪبئي چو نياڳي! او نياڳي
ڪيچي آيا، تو سان قهر ڪري ويا

1. پوئينءَ رات اٿي پڇتايئي سنجهي ٿيئي نہ سجاڳي
2. جن ٿي وهائيون راتيون اکن ۾ سيئي ٿيڙيون سهاڳي
3. تہ مان گَسي سو چوٿون ڪائي تون بہ وئين ٿي ويراڳي
4. سيئي رمز ۽ راز ڪي رسنديون ورهه سان دل جن واڳي
5. طالب مولا واصل ٿيبو جاڳي، جاڳي، جاڳي

6-8-1958ع
حيدرآباد

❊

ٽل: پنهل ڏي پئي پنڌ پيرين اگهاڙي
تيس عشق رهبر اصل کان ادا ڙي!

1. سڏي ويئي سسئي پلي ڪين بر ۾
تيس هوت حامي ۽ ساٿي سفر ۾
تي سرهي سڄڻ وٽ سيئي قول پاڙي

2. سسئي سک ڇڏيا سپ سڄڻ جي ٿي سانگي
هٽائي نہ هرگز ڪڏهن نينهن نانگي
وڃي نيت پهتي لڪيون، لڪ لتاڙي

3. محبّت پرايا بہ پنهنجا ڪري ٿي
جدا هڪڙي ساعت نہ تن جي سري ٿي
هميشہ ٿي هڪبئي سان سک تي سلهاڙي

4. اهي طالب المولا تيون پار پهچن
حبيبن ڏي هلندي جي هڪ پل نہ هٽڪن
ڪيو تن کي محڪم محبّت مناڙي

6-9-1959ع
حيدرآباد

※

ٽل: هلي هوت پنهل ڏي هاڪاري
سسئي پهتي منزل ماري

1. ورتس هر هر هرهنڌ بدلا سکن ساري سنياري
2. پهچايس وڃي پنهنجي پر وٽ وهوا ورهہ ويچاري

3. جبل جايون ڏنيس جي ۾ ڏيل پنهنجي کي ڏاري
4. جيڪا سڄڻ تان سر ڪري صدقي پرت پلي سا پاري
5. هوت هميشہ محبّت واريون ماري پوءِ جياري
6. تنهن کي مبارڪ طالب مولا بانهون ٻڌي جا گذاري

10-8-1961ع

راولپنڊي

❋

ٿلھ: منهنجو پنهل اٿو سڄي چپر جو چٽ
تنهن جو ملڪ ۾ مورهئون ناهي ڙي! مٽ

1. ڪو ڏاڍ ڪيئين تہ بہ مون سان ڪيئين
ڏک درد ڏنئين تہ بہ مون کي ڏنئين
پلا ٻي تہ ڪنهن کي ڪين ڇيئين!
پلي سورن سان ڪئين مون کي سلهٽ

2. اديون! عشق جو هي دستور اٿو
ڏک هڪڙو حياتي جو پور اٿو
مون لئي محب اکن جو نور اٿو
هڪ وير ۾ لاهي قلبئون ڪٽ

3. جي آن بہ ڪيو هوندو عشق اديون!
تہ پو هونديون ڏاڍيون دردونديون
پنهنجو حال ڏسي ڪٿي سمجهو ٻنديون!
تو ڪئن نہ چکي قورائي جو ڦٽ

4. منهنجون دانهون متان اوهين چائو گلا
هي آهون آهن ڏک ڏوراپا
متان هن جي كريو منيون! كابہ گلا
جنهن پياريو ٻڙي! مون کي پيار جو پٽ

5. جڏهن سندس هيس تڏهن هيڏيون كيئين!
نہ تہ هوند ٻين کي ڏكڙا ڏنئين
ويندي طالب کي كجھ كين چيئين
انهي چال ۽ چاھہ كيس آئون چٽ

1961-8-12ع
لاهور

※

ٿل: منهنجو هاڻي ڀنيور ۾ چاهي!
آئون كيچن کي رسنديس كاهي

1. دردن دل کي اينهين ڇپياٽيو جيئن ڳاهو وبهي ڳاھہ ڳاهي
2. آهي پنهل سان سر جي بازي منهنجو نينهن نياپي جو ناهي
3. ڇا جي نصيحت ڇا جي هدايت! منهنجي الهڙ جواني تہ آهي
4. چوٽي چموٽي هن کي ڏنيم مون سان كير پلا سينو ساهي!
5. مڙنديس كينِ کي ونديس ور ڏي آئون بيني آهيان لاهي پاهي
6. هردم طالبَ مولا مون کي شل رمز انهي ۾ ئي راهي!

1967-4-6ع
لاهور

※

ٿل: جنهن پيار كيو كنهن كان كين پلي
ويندي ور ڏي اها جهلئي كانہ جهلي

1. جنهن ساه ۽ سر جي لاتي ست
تنهن لئي هڪڙي ڳالهہ تي هار ۽ ڪت
ڏني عشق جنهين جي جي ڪي جهپٽ
اها هيجئون حبيب ڏي ويئي هلي

2. جنهن جو عشق اڳي اڳوانُ ٿيو
تنهن ڪي پور پربن ري ڪونہ ٻيو
تنهن لئي ساڳيو ٿَئي ٿو ڪتيو ۽ چيهو
پو جي واٽ مئي نہ تي بيشڪ پلي

3. جنهن ٻول ٻڌا پنهنجي پيارل سان
سا جانب ڏي ويئي جود منجهان
ڏني ڪين اها ڏِپ ڊائن ڪان
تنهنجي ڳتَن پرئي ري ناهي ڳلي

4. چو ٿيون سرتيونا ڦري اوهين مون ڪي جهليو
جي ڪا همت اٿو. منهنجا پور پليو
نہ تہ ساهيڙيون تي سور سليو
ڪندو پورل سائين نيٺ پلي

5. ڪئن آنءُ سڄڻ ري هت وهندس!
ڳولي پنهنجي لالڻ ڪي وڃي لهندس
هت طالب وهندي ڪئن نهندس!
هن لوڪ سڄي ۾ هلي ڪا چلي!

28-11-1961ع
ڪوئٽا

*

[19]

# طالب عشق امام جنهين جو

ٿل: گهڙي ساهڙ جي ته سهاري وجي پهتي پرت کي پاري
1. ڪين دريا ڪان ڪنهن دم دهلي ڏيل سائر جو ڏاري
2. ڪڙڪا ڪنن سڏ ساهڙ پانيئين پاڻ وڏئين وهه واري
3. سو احسان ڪيئين ساهڙ تي خطرا، خوف وساري
4. ساهڙ سهڻي ڪان ئي سجاپي ساري دنيا ڏاري
5. طالب عشق امام جنهين جو سا ڪيڏهن ڪين نهاري

1961-8-11ع
راولپنڊي

❋

ٿل: جتي چام سميون ڪئين سياڻيون
اتي مرڪن پيلا ڪئن مهاڻيون!
1. مڇي ڪائڪ آهيان مهاڻي گولي گندري ڪڪي هاڻي
هت هونديون سوين ئي سرهاڻيون
اتي مرڪن پيلا ڪئن مهاڻيون!
2. توکي ڏسيو وربو پاڻ ڏسان تي پنهنجي مرم ۾ مربو وجان تي
وينيون آهن اڳيان راج راڻيون
اتي مرڪن پيلا ڪئن مهاڻيون!
3. چام! سمن سان ڏاڍو نهين ٿو تون ته تماچي! لڪ لهين ٿو
منهنجو مرڪ اهي ئي مياڻيون
اتي مرڪن پيلا ڪئن مهاڻيون!

4. آئون مهاڻي تون تہ شهنشا منهنجي ڪري متان مهڻا ڏيئي ڪا!
هڪ جهڙيون اتئي وڏ گهراڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!
5. توکي جام! هي چنبڙيو چوان ٿي ڪينجهر ڪنڌيين ڏاڍي ٿهان ٿي
ويهي هٿ ڪي ڪريون رس رهاڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!
6. ڪين نهن تا ويس شاهاڻا اسين مهاڻا آهيون اياڻا
مون ني سونهن ٿيون اڳڙيون اباڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!
7. طالب مولا بي نہ لاڳاپي نوري تان تو جام سڃاپي
هيون ڪيئي سگهڙيون سمياڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

1967-5-28ع
17 صفر 1387ھ
ڪراچي

❊

ٿل: عمرا بند رکبيون نہ ڪنهن جون نياڻيون
مڙئي منهنجون شاهد اتئي گهر ڏجاڻيون
1. وجهان پن، ڏيان ٻن، اهي محل ماڙيون
اسان لاءِ سيڪي ولهارن جون واڙيون
ڪٿي باغ بنگلا، ڪٿي لنب لائيون!
2. نهوڙي چڏيندءِ اندر واريون آهون
جي نہ تہ هيٺ رک تون هميشہ نگاهون
هلن پيبيون ڪيئي نياڻيون سياڻيون

3. اهي ڪوٽ تنهنجا پڄي تين پورا
ڏسان شل وطن ۾ هو سانگي سدورا!
هتي ڪئن نهن جي سنگهارين ساماٽيون!
4. وڃايو ڪتي تو پلا ڄمر چاراتو!
سهي ڪين سگهندين پنوهارن پاراتو
ڪڏهن تيون پرايون جي ور وٺ وڪاٽيون!
5. ڪٽي ڪير تنهنجن ڏي جيڪر نهاري
نہ هڪدم چڏئي هوند سو ڏيل ڏاري
پڇي ڏس تون پنهنجون وچي وڏ گهراٽيون
6. سکن ڪي نہ طالب سنگهاريون سجاڻ
اميراٽيون اهلون چتيون ڪين چاڻ
نهن تيون هتي ئي رڳي راج راٽيون
3-6-1968ع
6 ربيع الاول 1388ھ
پشاور

*

ٽل: لڳايم نينهن جو ناتو، اهو ناتوا نڀائيندس
1. نهوڙي ننڊ نيو هئي هئي! تڏهن سوڍي ستي ڇڏيو
خبر مون ڪي نہ هئي تان پاڻ کي پاٽهي رلائيندس
2. مهارون من وري موڙي ميي جون پنهنجي مومل ڏي
ڳچي ۾ پاندڙو پائي وڏا حيلا هلائيندس
3. لِنگهي ويندس نہ آخر ڍٽ ڏٽي مون سان وري ملندو
لڏاٽي ۾ وجي هڪ ڀيرو قسمت آزمائيندس

4. ڪنديس ميڙيون گهٽيون، پر جي نہ موٽيو مينڌرو ماڳهن
وچن آهي تہ پنهنجي عمر پو ويهي وڃائيدنيس
5. رنل راڻو نہ جي پرتو تہ پو مومل مئي ٻڌندئو
مري ويندس مگر مان ڪاڪ کي ليڪو نہ لائيندس
6. هي هر هر طالب مولا چيو سائڻ ٿي ٻانهي کي
"اميد آهي رنل راڻي کي منٿن سان مڃائيندس"

4-2-1958ع
هالا

※

[20]

# وڻجارا تہ ورن

ٿل: هنيڙي هل حشر، ڪانهي خبر
ڪڏهن ورندا وڻجارا!

1. هر هر پنهنجي حبيب ڪي اوريان منجهہ اندر
2. دلڙي ۾ دردن جا ويٺا آهن ولر
3. متان هن مهجور تان لاٿئون مهر نظر!
4. ڪم نہ قيامت ڪان گهڙي گهارڻ منجهہ گهنگهر
5. سودو ڪيو مون سر جو ڪس لڳي يا ڪٿر
6. ملندي ڪڏهن محبن سان هي تہ نماڻي نڌر!
7. پانڌي روز پڇائيان واٽن تي ڏئي ور
8. ماري هن تہ مٺي ڪي سهسايائون سفر
9. ڪين ڇڏينديس ڪڏهين پرين جي ڪا پچر
10. طالب مولا ڪي نہ ڪا خَالق! توکي خبر

1956-4-19ع
ڪراچي

※

ٿل: وڻجارا تہ ورن ڙي پينر جيڏيون! ڏينهن ڏني تيا جن جي

1. اڪڙيون انهي پار ڏي ڏاڍو ٿيون ڪي ڏسن
2. روز بندر تي بيهندي منهنجا نيڻ ٿمن
3. ويهي ڪيئون جي واعدا شل پرين پورا ڪن!
4. ٻيڙا ٻاجهارن سندا اوري مان اچن!
5. پاڻ تہ ڪين پلي ويا! مورهئون نتا موٽن
6. طالب مولا سپرين اوري شال اچن!

19-12-1956ع

حيدرآباد

❊

[21]

# پي ۽ پيڻ ڏي

ٿل: تون بہ پيالا پي — زي يارا! ٻيو بہ ڪنهن کي پئي تہ پيڻ ڏي

1. ساقي جي پر ڪين ڪي ڇڏبي مئي محبت سان دلڙي گڏبي
ڪيو خمار ۾ تِي من مستانو تنئي تہ تيڻ ڏي

2. ڇڏ لاڳاپا لوڪ جا لاهي هن ۾ پلا ٻيو رکيو ڇاهي!
ورندو نہ هن مان ڪي مهٽا پلي کو ڏئي تہ ڏيڻ ڏي

3. طالب مولا ميس ڪي ماري تار منجهان ڪڍ پاڻ کي تاري
جيئري مري تون جِي نينهن نهوڙي نئي تہ نيڻ ڏي

11-11-1957ع
15 رجب 1376ھ
هالا

*

ٿل: ساقي! سرڪيون ڏئي غم، تار پلا
ڪر ساغر جي واروار پلا

1. سر ساھ جي ٻول ڪا ٻول اتي
دنيائي ڏنڏن ڪان رول اتي
مت پوربل پراٽا ڪول اتي
اج پنهنجي سخا ڏيکار پلا

2. پلي رقص، سرود ۾ حال پون
ڪوڙي تقويٰ وارا رنگ لهن
سڀ علمن جا بہ حجاب ٽٽن
ڪر اهڙي اتي ڪا ڪار پلا

3. هن زهد ريائي ڪجهہ نہ مِجي
اهو پهتو پري آهي ويتر وڃي
ڏئي جام ڇڏينس تون هستي پڃي
ڪر ديرِ نہ، آڻ، پيار پيلا

4. سجدن ڪيو مصلو ڇتو ڇتو
تسبيح جي تال جو تير گتو
خرقي ۽ عبا مان ڪين ڪتو
مئي خوش مان ذرو ڪو ڏيار پيلا

5. مستانو ٿيان، ديوانو ٿيان
بدمست هجان تہ بہ ويتو پيان
پنهنجي قسمت، پوءِ مران يا جيان
مئي منهنجي مٿان بيتو هار پيلا

6. تيسين پيار ويتو جيسين باک ڦٽي
پلي عقل، خِرد جو غرور ٽٽي
گهڙي ڪن تہ زماني مان جند ڇٽي
ڪر اهڙو سخي! سرشار پيلا

7. مخدومي ڏاڍو ڍنگ ڪيو
پيري بہ هزاري رنگ ڪيو
پر محبّت جنهن کي ملنگ ڪيو
تنهن کي ڪنهن جي آهي درڪار پيلا!

8. رڳو ڏين تو ٻين کي گهاٽي گهٽي
تو بہ ورتي زماني جي ريت ڪٽي

ٻہ اڪيائي تہ ڇڏِ اِها سمجهي سٺي
ڪر مون سان يلي اڪيون چار پيلا

9. هي طالب مولا دعا ٿو ڏيئي
ميخانو سدا آباد هجئي
سر بخت جو مولا خير ڪرئي
ڪي پيار قدح ڪنان تار پيلا

1-6-1967ع
21 صفر 1387ھ
اسلام آباد

*

[22]

# دنيا اٿئي درياءُ دلاور!

ٿلھ: سچائي ڇڏيسون ھي دنيا دورنگي
اھا اصل کان ئي ڪا آھي اڏنگي

1. مڃيوسون نہ واللہ ڪا ڳالھہ ناھي
زماني جو ظاھر تلھو ناھہ آھي
ڏٺيسونس فطرت ۾ لالچ لفنگي

2. رڳي ڪن تا خرقن مان واسينگ وارا
عبائن جي اندر لڪل نانگ ڪارا
حقيقت ۾ ھي پوش آھن پلنگي

3. ڏسي مچ محبّت جو ڪاھي پياسون
رچي لال لاھوتي ان ۾ تياسون
وئي دل ڪي وھوا وڻي پر پتنگي!

4. نہ ڪر دير ساقي! سگھو آڻ ساغر
صراحي ڪي نوڙائي بلڪل ڪٽي پر
وڄي چيڙ ڪا ڏن جدا جلترنگي

5. گھڻو وقت مخدومي مائي ڏٺيسون
۽ پيري بہ قبضي ۾ آڻي ڏٺيسون
پسند پيئي من ڪي رڳي مت ملنگي

6. اسين فاني دنيا جا طالب ڪي ناھيون
اسان لئي اھو بس تہ مولائي آھيون
قلندر جي آھي قدم تي ڪلنگي

6-6-1967ع
26 صفر 1387ھ
اسلام آباد

❊

ٽل: ڏاڍا دنيا جا تا رنگ ڏسجن
ماڻهو ماڻهن جهڙا گهٽا پيا گهمن

1. ٻي هر ڪا سٽي شئي مليو وڃي
قيمت جي ڏجي، گهر ويٽي اچي
چڱو ماڻهو تہ رلندي بہ ڪونہ ملي
اهي سور پلا ويهي ڪهڙا سلجن!

2. اخلاق جي گهرج بہ ويئي لهي
تهذيب، الا! وئي ڪيڏي ڪهي!
هي ڳالهہ ڪندو ڪو سالڪ سهي
انسان نما تہ هڙئي پيا هلن

3. جيڪي مطلب خاطر دوست ٿين
اهي آخر دشمن ٿي تا پون
گڏ هلندي هلندي موٽيو وڃن
عجب آهي تہ ڪئن تا ماڻهو مٽجن!

4. هڪبئي تي سيڪو سيٽيو وتي
۽ پاءُ تو پاڻ کي سير سڏي
ڪم زاد، نہ ڪنهن تي اک تو ڪٽي
اهي ماڻهو ڪٽي جي منا مچجن!

5. مسڪين کي مورهئون ڪونہ پڇي
پلي لوهون ڏئي ۽ خوب لڇي
هليو هرڪو وڃي ۽ ڪين ڪڇي
ڏي ڪير نتو ڪا ٽوپ ٽڪن

6. پيءُ پٽ جي پاڻ ۾ ڪين ٻڻي
ياءُ ياءُ کي اصلئون ڪونہ وڻي
ڪريو چورا ڇڏي سڀ ماءُ جڻي
رڳو رلن پنن ۽ ور ڏيو وڙهن

7. هر جاءِ ڏسون تا پير گهڻا
وڏي ڦند وارا تہ فقير گهڻا
ڪئين امير گهڻا. ڪئين وزير گهڻا
پر ڪنهن بہ غريب جا ڏک نہ ڏسن

8. هي ناهي سياست. آهي ٺڳي
جاڻي سيڪو پنهنجي سؤٽ سڳي
پر هن جي ڪنهن سان ڪانہ لڳي
۽ يار سندس رڳو روز رلن

9. انهي ڪرسي ملڪ کي ماري ڇڏيو
ماري نہ ڇڏيو تہ بہ ڪاري ڇڏيو
وڏي گهرج ڳڻن کي ڳاري ڇڏيو
اهي سون. جيڪي مسڪين مرن

10. ننڍو آڏو وڏي اڳيان ڪين نوي
ڪنهن کي ڪنهن تي نہ ڪوئي ترس پوي
هي طالب مولا سچ ٿو چوي
اِهو لکڻ نہ آهي منجهہ لکن

5.7.1966ع
اسلام آباد

*

ٿل: ترُ تارو اٿئي ويل ترڻ جي کن اڳيان کارونپار

1. دنيا اٿئي درياءُ دلاورا! ٻيلي! نہ تيجئين ٻار
خطرا خوف هزارين آهن ميچ مانگر کن مار

2. آهن کڙکا ڏاڍا کنن جا پرجهج تون پاتار
تي غواص کي غوطا مارج هردم رهہ هشيار

3. سر سڄاڻ سير جو سمجهي ڏاڍو آهي ڏهکار
ات ملاح بہ منجهيو پون ٿا جت نہ ياور يار

4. سنڌ نہ سيڪھ ٻانڌ نہ ٻوڙو آڏو اجهاڳ تئي آر
ترڻو اٿئي تک تار مان تکڙو آهي پري هو پار

5. ڪڏهين ڪپر ڏي ڪين ڪي ڏسبو اهڙو نہ ڪج آچار
طالب مولا مرد تي محکم عشق تيندو آذار

1956-10-22ع
حيدرآباد

❊

[23]

# متفرقات

ٿل: پري ٿي ٻه آهين اکن ۾ عجيبي
تون مون وٽ ئي آهين، قلب ڪان قريبي

1. هميشه وسين ٿو تون نازڪ! نظر ۾
۽ ساٿي ٿئين زندگي جي سفر ۾
سلامت هجين نوري، نرمل، نجيبي!

2. هزارين تمنائون دل ۾ رهن ٿيون
ڪڏهن ڪين سي سپ چپن تي اچن ٿيون
تون ڪر پاڻ پوريون اي لائق لبيبي!

3. اي محبوب! اڄ مون کي ماڻي ته ڏس تون
۽ آغوش ۾ يارا! آڻي ته ڏس تون
مان تنهنجو ئي آهيان او حاڪم، حبيبي!

4. تون سهڻن ڪان سهڻو سدائين ٿئين جو
جهان ۾ سنڌءِ ڪونه ثاني ٿئي ڪو
اسان لاءِ آهي غنيمت غريبي

5. مان تنهنجي برهه جو ئي بيمار آهيان
اهو سچ اٿئي تنهنجو دلدار آهيان
تون ڏي وٽ وصالي ڪا ترتان طبيبي!

6. سڄڻ! وصل جي التجا آهي جاني!
پاڻهي پنهنجي طالب تي ڪر مهرباني
ته پو ڪم نصيبي ٿئي خوش نصيبي

23-6-1966ع
ڪوه مري

❊

ٽل: پرديسي پکيئڙا ڪري ويڙا ولر وهي وهي
ڪي جي ڪالهه ڪتان هئا آيا ڪهي ڪهي

1. چڻ پڻ لاتي جن موتيو سي تا وجن
وري شال ورن ساڳئي سر تي سهي سهي!

2. سنجهي ڪين سمهن آڌي تا اڏرن
ڳالهيون سنديون ڳجهن ويڙا پر ۾ پهي پهي

3. چلڙ ڪين چڻن لوچي لعلون لهن
مارن تاهيا منن تڏهين اڏريا ٿهي ٿهي

4. طالب مولا تن واري واڳ وطن
موتي مان اچن هڪڙي رات رهي رهي!

15-10-1958ع
هالا

*

ٽل: جاني جلوبدار! منهنجي جي جا جيارا!
جي جا جيارا اکن اجارا!

1. شال تون ماڻين جاني! جواني رب ڏي توکي وڏي زندگاني
منهنجا منا منٺارا دولهه دوست دلارا!

2. توتي هجي نت نظر نبي جي هردم هونديئي آڌر علي جي
ٿيندئي مددگار پنجتن پاڪ پيارا

3. ٻارنهن چوڏنهن حامي هونديئي سو جڳ شال سلامي هونديئي
يا ور چارئي يار سچا سيئي سوڀارا

4. هادي حفظ ۾ رکج امين کي! منهنجي پياري ماه جبين کي
عالم جا آڌار سائين سڀ جا سهارا!

5. جيڪي گھريم اھو مولا ملايو شڪرانا تيو لايو سجايو
آھن حمد هزار مطلب تيڙا مڙئي موچارا
6. طالب مولا تيڙيون بھاريون آخر اميدون ڏاتر ڏيڪاريون
تي دل باغ بھار نوان تيڙا نيٺ نظارا
21 1 1957ع

※

تل: مولا ڏيئي ٻي ڇمار جاني شال جيين تون!
1. صحتمند تون ھوندين سدائين ور ور ڏيو مون کي يارا گھرائين
پيارا پنھن جا پير چمائين دلبر دل جا يارا
نرمل! نينھن ۾ نيين تون
2. وار ونگو بہ نہ جاني! ٿيئي ڪوسو واءُ بہ ڪين لڳيئي
وڏي حياتي محب! مليئي ماٺي مون کي مننارا
ڪندون ڪير پيين تون
3. شافع ڏيندئي شال شفائون دافع قبوليون دل جون دعائون
مولا ڪندئي سڀ رد بلائون ھوندين باغ، بھار
منھنجو محب ٿيين تون

---

(1) ھيَ ڪافي برخودارم محمد امين فھيم جي شادي خانه آباديَ جي موقعي تي لکي وئي.
طالب المولا

4. پنهنجون چڏيون مون خوشيون خريدون، رڳي ٿين تنهنجون پوريون اميدون
جن ۾ ئي آهن منهنجون عيدون، دل وارا دلدارا!
ڏاڍا پيار ڏيين تون

5. طالب مولا حڪم هلايون جاني ڪي ڪي پاڪر پايون
هل تہ سيني سان سينو لايون پرين سان پڳدارا!
پيالا پيرا پيين تون

15.6.1967ع
6 ربيع الاول 1387هہ

تيزگام

*

ٿل: ونگيو دل ونن ٿا ڪندا ڪيس ڪارا
سي ڪن قيد قربئون پرين! تنهنجي پارا

1. جي ڪولين تہ ڪن ٿا ڪمندن کي کهتر
سهيڙين تہ سنبل ڪان بلڪل ئي بهتر
سموهين تہ سونهن سين ڪان سگهارا

2. جي ويڙهين تہ ويتر وجهن ونگ ونگن تي
جي چوڙين تہ ڏاڍا هڻن ڏنگ ڏنگن تي
اڳيان تن جي آهن وسيهر ويچارا

3. هڻن سان هيڪاري تون ڳوپيو ڳڻين ٿو
گهڻو ئي ويچارن کي ويڙهيو وٺين ٿو
پون نيٺ نڪريو لٽون ڏيو لامارا

4. لڳن خاص خوشتر گلابي گلن ۾
هو قاتل رهن شال چوٽي ڦلن ۾
لڏن ۽ پيا لٽڪن ڪمر تي قرارا

5. جڏهن مشڪ سان موهي سهڻا! سينگارين
تہ ماريو جيارين، جياريو تہ مارين
ڪري تون جو نڪرين ڦٽيون ۽ ڦوڪارا
6. تين تا جو گستاخ تنهنجي ڳلن سان
تنئي رشڪ طالب ڪي تہ خوب تن سان
اها ڪا خبر تنئي مڙن ڪان موچارا!

10.5.1966ع
حيدرآباد

*

ٿل: ڪٿي لال لبَ ۽ ڪٿي گل گلابي!
هو سنهڙا، ستا هئي عجب انقلابي
1. جي چاهئون چرن پو مسيحائي ڪن تا
ڪچن تا تہ ڪاوڙ مان ماريو وجهن تا
تيا هاءِ پر وس عجائب عنابي
2. ملڻ ساڻ ڪئين راز رمزون رکن تا
ڪلڻ ساڻ هر وقت موتي پئن تا
لڳڻ ساڻ ڪن خوب شوقئون شرابي
3. هميشہ مجائن، نہ بي بول بولن
مگر پنهنجي رمزن ۾ روزانو رولن
نہ ڪن ڪنهن ڪي تسليم وهوا وهابي
4. ڪچڻ جي نہ تن جي اڳيان آهہ طاقت
اچو ات ڪري هرڪو آخر اطاعت
نہ ڪنهن کي تنئي تي ڪا جرائت جوابي

5. مٺين ڪائي مصريون اسان آزمايون
تين مٺ پلا ڪئن مِنن سان منايون!
منا خوب ماڪي ڪان لائق لعابي
6. چرن چڙ مان جي چپ نہ ڪن هانجا هڪدم
هو پنهنجي حڪم تي منا رهن محڪم
چمي تن ڪي طالب ٿياسون توابي
1966-5-11ع
هالا

❊

ٽل: سهٽي تون صندوق پاڻ ئي پنهنجي در نادر جي
1. سحق پلي ڪر نفس ندورو تون نہ ٿجئين مسحوق
2. هڪدم دل واري دشمن ڪي برهہ جي هڻ بندوق
3. رهہ استاد تون پاڻهي پنهنجو ٿي نہ مگر مسبوق
4. طالب مولا محبّت وارا هرگز ڇڏ نہ حقوق
1968-5-24ع
هالا

❊

ٽل: آهي آب حيات پڪ پرين جي، ڌر ڏٺن جي
1. سائي يقينا امرت ڌارا سَائي شاخ نبات
2. دردن، سورن ۽ فڪرن ڪان نج پِج ڏي ٿي نجات
3. والله بالله اهائي اسان لءِ مڙئي مشروبات
4. نشا نينهن جا هردم چاڙهي بلڪل پاتئين پات

5. مولا چاڻي ڪنهن کي پاڳين سرندي هي سوغات
6. ڪاٻ نجاست ڪانهي ان ۾ پاڻ رڳي برڪات
7. طالب مولا خوش بختن کي ڏاتر ڏي هي ذات

11-8-1968ع

16 جمادي الاول 1388ھ

ڪراچي

❊

ٿل: رخ روشن تي پرين! آهيان پتنگ
مولا چاڻي عجيب اٿئي رنگ ڍنگ

1. تنهنجا ويڙهيل وڪڙيل زلف دوتا
تو ڪئن نہ قريني ساڻ ڳتا!
چڻ آهن پيا ڪارا نانگ ستا
پاڻهي پاڻ ۾ ويڙهجي وجهي ونگ ونگ

2. ابرن جا عجب احسان ڪتي!
پنبڻن جا وري پيڪان ڪتي!
اهي دردن جا درمان ڪتي!
ڪتي تير تبر ڪتي تيغ تفنگ!

3. تنهنجي هر ڪا نظر آهي جام فگن
تنهنجو هرڪو اشارو زهد شڪن
تنهنجي آڏو نہ ڪا شي سرو سمن
ڪِيئي حسن جمال ۾ دلبرا! دنگ

4. محفل ۾ اچين تہ صراحي جهڪي
تعظيم جي خاطر ساقي اٿي
پيمانو سلام جي ڪاڻ اچي
هر ڪنهن کي بنائين مست ملنگ

5. تو جهڙو صنم محبوب مليم
دل خوش ٿي اتم اچ سيڪي سريم
تنهنجي سر جو قسم بالا بخت ٿيم
ڪري عش عش پيو منهنجو انگ. انگ

6. ڪهڙا لفظ وني تعريف ڪيان
چا تنهنجي سچڻ! توصيف لکان
تنهنجي لاءِ خطاب ڪٿان آڻيان!
آهي عاجز تو لءِ هر فرهنگ

7. بيهو ڪبڪ رهي تو جي يار! هلين
اچي سرو تي سڪتو، جو بيهو رهين
تون جي اوچي ڳات عجيب! اچين
ڪنڌ ڪين کڻي تنهنجي آڏو ڪلنگ

8. ڪن ڏيئي تون ٻڌ هي ڳالهہ پرين!
تنهنجي طالب ڪان جي محب! قرين
تہ پو دامن جو متان خير گهرين
منهنجو عشق عجيب! اٿئي اڙٻنگ

*

ٿل: وني آيا تو وٽ پرين! پير پيارا
اکن سان چمان تو برابر پلارا

1. ڪڏهن واٽ تنهنجي وڃائي نہ وينا
وري وڄ تي هرگز هيرائي نہ بينا
قتيل ڪين قربا سدائين سوپارا

2. اکن کي اونداهين ۾ سڌ ڪانہ ڪائي
ڪٿي ڪين قدمن ڪڏهن ڪا ڪڏائي
رڙهي پيئي رسيا سياڻا سچارا

3. اکيون نيٺ عاجز ٿي هر هر رئن ٿيون
هنن ڪان نہ واتون ڪڏهن ئي وڃن ٿيون
هلي صبر سان ٿا پڇن پرت وارا

4. وڃو نيڻ نرمل سان آخر ملن ٿا
مگر پير هر وقت راهون رلن ٿا
ڪڇن ڪونہ ڪنهن دم هو قربئون قرارا

5. اي طالب! اکيون خوب تڪجي پون ٿيون
لڪين هجر ۾ لڙڪ لاڙيو وهن ٿيون
قدم ڪين ترسن ٿا دلدار ڏارا

2-9-1965ع
اسلام آباد

*

# حوالا


1. ڪچڪول جو عنقريب ٻيو ڇاپو شايع ڪيو ويندو.
2. ڪچڪول ۾ پروفيسر چنا صاحب، حضرت طالب المولا جي تولد جي تاريخ 9 محرم، 1338هہ مطابق 26 سيپٽمبر 1919ع ڏني آهي، جيڪا صحيح نہ آهي. صحيح عيسوي تاريخ 5 آڪٽوبر 1919ع هئڻ کپي. ڏسو ص: 31.
3. ابن خلڪان: وفيات الاعيان، الجزء الاول، ص 535، مطبوع مصر — ابن خلڪان شيخ شهاب الدين ۽ سندس چاچي شيخ ابو النجيب جي دور کي ويجهو هو ۽ سندن شجرو پاڻ بہ ڏنو اٿس ۽ ابن النجار جي تاريخ بغداد تان بہ نقل ڪيو اٿس — ابن النجار جو قول آهي تہ هن اهو شجرو خود شيخ ابو النجيب جي هٿ اکر لکيل نسخي تان نقل ڪيو آهي — شجرو هن ريت آهي:

ابو النجيب عبدالقاهر بن عبدالله بن محمد بن عمويہ واسمہ عبدالله بن سعد بن الحسين بن القاسم بن علقمہ بن النضر بن معاذ بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد ابن ابي بكر الصديق رضي الله عنہ الملقب ضياء الدين السهروردي.


قال محب الدين بن النجار في تاريخ بغداد نقلت نسب الشيخ ابي النجيب من خطہ وهو عبدالقاهر بن عبدالله بن محمد بن عمويہ واسمہ عبدالله بن سعد بن الحسين بن القاسم بن النضر بن القاسم بن النضر بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد بن ابي بكر

الصديق رضي الله عنہ واذا كان بخط هكذا فهو اصح.
4. ڪليات امين: مرتبہ محبوب علي چنہ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع، ص 16 — 17.
وڌيڪ ڏسو مير علي شير قانع: تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1957ع، ص 383-384.
5. جنب گذاريم جن سين: جي — ايم — سيد، جلد 2، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1967ع، ص 344-347.
6. مجمع الفيوضات حضرت طالب المولا جن جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. عڪسي تصويرون پيش ڪجن ٿيون.
7. شاهه جو رسالو، جلد 1، ڪراچي 1923ع، ص 167.

3 فيبروري 1973ع
اسلام آباد ۽ ڪراچي جي وچ
هوائي جهاز



مجمع الفيوضات جو اهو صفحو جنهن ۾ حضرت غوث الحق
مخدون نوح عليہ الرحمة جو سنڌي بيت ڏنل آهي.



هي بيت مجمع الفيوضات جي حاشيي تي لکيل آهي.

# قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي مقولن جون معنائون

| | |
|---|---|
| الله الغني و انتم الفقرآءَ: (سورة محمد مدني آية 38) | الله بي پرواه آهي ۽ اوهين محتاج آهيو. (مترجم مولانا تاج محمود امروٽي) |
| ان الله عليٰ كل شيءٍ قدير: (سورة فتح مدني، آية 21) | الله سڀڪنهن شيءِ تي وسارو آهي. (مترجم ايضا) |
| اِلاّالله: | ۽ بس هڪ الله (جيئن، "وحده جي وڏيا، ڪٿا، اِلاّ الله، اڌ" |
| العشق نار الله: | عشق الله جي ٻاريل باھ آهي. |
| الفراق اشد من الموت: | وڇوڙو موت کان وڌيڪ سخت آهي (عربي زبان ۾ هڪ عام چوڻي) |
| الاِنسان سري و انا سره: | انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون انسان جو راز آهيان. (سالڪن جي زباني بيان ٿيل الاهي چوڻي.) |
| القلبُ مراة المومنين: | مؤمنن جي دل هڪ آئينو آهي. |
| اِن الله يحول بين المرءِ و قلبہ: | (الله جو) انسان ۽ سندس دل جي وچ ۾ گهيرو ڪري ٿو. |
| اِن في الجسد مضغة اِذا صلحت: | جسم ڪي جيسيتائين پاڪ نه ڪجي تيستائين اهو صرف گوشت |

| | |
|---|---|
| | جو هڪ ٽڪرو آهي. |
| اِن الله لا ينظر اِليٰ صورتِكم ولا كن ينظر اِليٰ قلوبِكم | تحقيق الله اوهان جي شڪلين تي نظر نہ ٿو ڪري ليڪن اوهان جي دلين کي ڏسي ٿو. |
| الدنيا جِيفة و طالبُها كلابُ | دنيا ڍونڍ آهي ۽ ان جا طلبگار ڪتا آهن. |
| الهجر قطعة من النار | جدائي باهہ جو ٽڪرو آهي |
| اِنہ بِكل شيءٍ محِيط | بيشڪ الله هر شيءِ جي چوڌاري آهي. |
| بما تعملون بَصير | توهان هجو ۽ الله پاڪ جيڪي ڪجهہ اوهان ڪريو ٿا "اهو" ڏسندڙ آهي. |
| خياركم احسن كم اخلاقا: | ڀلا توهان جا، توهان مان ڀلي اخلاق وارا آهن. |
| شفيع المذنبين | گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ |
| صراط المستقيم: (سورة فاتح آية 5) | سڌي واٽ. |
| فاذ كروني اذ كركم: (سورة البقره مدني، آية 152) | جيئن شاهہ صاحب سر ڪلياڻ بيت 11 ۾ چيو آهي. مون کي ياد ڪريو تہ آئون اوهان کي ياد ڪريان. (مترجم ايضا) |
| قالو بَليٰ: (سورة الاعراف آية 172) | چيائون تہ هائو (آهين) اڳيان سوال اچي ٿو تہ (آئون) اوهان جو پالڻهار نہ آهيان ڇا "الست بِربِكم"؟ "قالو |

| | |
|---|---|
| | بليٰ" ا |
| | (مترجم ايضا) |
| قد افلح من تزكيٰ: | بيشڪ ڇٽو جيڪو سڌريو |
| (سورة الاعليٰ مڪي آية 14) | (مترجم ايضا) |
| قل هو الله: قل هو الله احد (1) | چؤ ته الله اڪيلو آهي. |
| (سورة الاخلاص مڪي آية 1) | (مترجم ايضا) |
| ڪل شيءٍ يحرڪ | هر ڪا شيء چرپر ۾ آڻي ٿي |
| ڪل شيءٍ محيط: | سڀ ڪنهن شيءِ تي گهيرو ڪندڙ. |
| | (مترجم ايضا) |
| لااِلہ الاّالله محمد الرسول الله | الله کان سواء (ٻيو) ڪو به عبادت جي لائق نہ آهي. محمد ' الله جو موڪليل آهي. |
| (سَورة محمد مدني آية 19) | |
| ۽ سورة فتح مدني آية 29) | |
| | هي ڪلمہء طيب آهي جيڪو قرآن شريف ۾ ٻن سورتن ۾ ڀهريون ۽ پوبون اڌ ڌار تي آيل آهي. (مترجم مولانا تاج محمود امروٽي) |
| لباس الڪافرين قلوبُ المؤمنين: | ڪافرن جهڙو لباس ۽ مؤمنن جهڙيون دليون |
| من عرف | جيڪي سڃاڻن ٿا |
| من عرف نفسہ فقد عرف ربّہ | جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تہ بيشڪ ان پنهنجي ربّ کي سڃاتو. |
| من عرف نفسہ | جيڪي پاڻَ سڃاڻن ٿا (اڳتي آهي، فقد عرف ربّہ اهي پنهنجي پالڻهار کي ڄاڻن ٿا. |

| | |
|---|---|
| | (حديث شريف) |
| وهو معكم اين ما كنتم والله | ۽ هو الله توهان سان گڏ آهي جتي. هو (الله ج) هڪ آهي ۽ سندس کو بہ شريڪ نہ آهي. |
| وحده لا شريك لہ | |
| ونحن اقرب | ۽ اسين ويجها آهيون |
| و في انفسكم: | ۽ اوهان جي جندن ۾ |
| (سورة الذارياة آية 21) | (مترجم مولانا تاج محمود امروٽي) |
| وفي انفسكم افلا تبْصرون | ۽ اوهان جي اندر ۾ آهيان. ڇا اوهان نٿا ڏسو؟ |
| و في انفسكم و اينما كنتم | (الله) اوهان جي اندر ۾ آهي. اوهين ڪٿي ڪٿي بہ هجو. |

# ڏکين لفظن جي معنيٰ

## [الف]

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آتو | = بيتاب | آٿ | = انڪار |
| آچار | = فيصلو | آڌر | = ڏِي — آسرو |
| آزار | = اندر جي عشق واري تڪليف | آسروند | = اميدوار |
| | | آغوش | = پاڪر — هنج — گود |
| آف | = ناڪام — ناس | آڪڙ | = ٽيڙي — غرور |
| ابرو | = ڀرون | اپاليون | = بي حال — گدليون |
| اپٽيان | = ڪوليان | اڌميا | = جذبات |
| اذيت | = تڪليف | اساٽيون | = تڪليف ڏنل |
| اسير | = قيدي | الڪ | = نقص — خرابي |
| الهت | = نشا | الون | = ال جو جمع عني بنياد ۾ نقص |
| الي | = پيشانيءَ تي پائڻ جو زيور | اليل | = بيحد مست |
| انگين | = ماڪي | امنديون | = پئي پاڻي وهايئون |
| امل | = لاجواب — جنهن جي قيمت نہ هجي | اميريون | = ڪورين جي تاجيءَ جون ڳنڍيون |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اوجهڙ | = بناوات — بنان . | | |
| | رستي — بنا گس | | |
| اوپالڙيون | = ڏوراپا — تنڪا . | اوپر | = اپرڻ |
| | — طعنا . | اوگي | = موگي — ڪم |
| | | | عقل |
| اونائج | = بڏج — پوءِ واري . | اهنج | = اهجاڻ — پار پتا |
| | ڪج . | اوهيرا | = مينهن جو رڪي |
| اهنڊ | = ڏنگو | | رڪي زور سان بار بار |
| | | | وسڻ |

## [ب]

| | | | |
|---|---|---|---|
| باور | = اعتماد — فخر . | بالابڻ | = اعليٰ بنياد يا |
| | شيءِ کي چڪ . | | مخف آهي |
| | هڻڻ لاءِ حڪم | برج | = پٽن جي آفيسرن |
| | ڪبو آهي . | | واري راند |
| برخيز | = دف اٿي . | برزخ | = هن دنيا ۽ هن |
| برهم | = ڪاوڙيل . | | دنيا جي وچ وارو |
| بلاتو | = مضبوط — . | | عرصو يا مقام ـ |
| | قابو | | |
| بيچون | = بي مثل | | جتي فوتي جو |
| بز | = خوشبوءِ . | | روح رهندو آهي |
| بيراڳڻ | = اداسڻ | | |

## [ٻ]

ٻاروتڻ = ننڍپڻ

ٻاونگير = هوشيار

ٻڪيون = ٻاڪرين پيون

ٻنگ = وڪڙ — پيچ

ٻهڳڻ = ٻهونڳڻ - گهٽڻ صفتن وارو

ٻيهاري = ٻيهر

ٻاند = ٻند قوم

ٻڪ = ٻاڪر

ٻلاريون = مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جو آلو جنهن ۾ ٻہ لارون ٿينديون آهن

## [پ]

پال پلائڻ = مهرباني ڪرڻ

پرم = پت

پورو = ڪم فهم - ڪم عقل

پچ = پچجڻ — عذاب- باهہ ۾ پچجڻ

پڻيندو = ٻڌائيندو

پيڊ = ڳجهہ

## [ت]

تات = طلب — چڪ- يادگيري

ترياقن = دوا جو قسم آهي جيڪا بلا جي ڪاذل ڪي ڪارائبي

تالان = دربدر — ختم

ترس = قياس

تفنگ = بندوق

تمثيل = مثال

تنبيو = ذرا ذرا ڪرڻ

آهي

توابي = توبهه ڪيل نيڪ عمل - صالح عمل -

توقير = عزت — قدر

تهدليئون = دليئون

تئونس = بخار — تپ

تنڪا = طعنا

توشو = عمل — اڳتي لا

توري = وزن ڪري - اصطلاحي معنيٰ آهي سوچي سمجهي

## [ٿ]

ٿانيڪيون = هڪ هنڌ موجود

ٿيج = ٿج — ٿي جئين

ٿوپ = آسرو — ڏڍ

## [ٽ]

ٽاٽا = مقام — هنڌ- جاءِ

ٽپٽا = فالون وغيره

ٽاهيا = چرڪايا-ڊيجاريا

ٽهي ٽهي = چرڪي چرڪي ڊڄي ڊڄي

## [ٺ]

ٺـــــڙي = چگيءَ طرح ٺوڪي

ٻڌائي سٺائي

## [ث]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ثاني | = هڪ جهڙو | ثريا | = آسمان جو نکٽ ”ڪتي“ |

## [پ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| پابست | = پابند — ٻڌل | پازيب | = زيور جو هڪ قسم جو پيرن ۾ پائبو آهي |
| پاند | = ڪپڙو ٻڇيءَ ۾ وجهي | | |
| پاڪرون | = تحفا | پچرن | = پوسرن-تڪليف ۾ |
| پچن | = محبوب جي ياد ۾ روئي روئي ڏکي پوڻ | پچارون | = ڳالهيون |
| | | پرجهج | = سمجهج - سمجهجئين |
| پري | = هلي- پنڌ ڪري | پٺي | = هلڻ مهل پيرن هينان جيڪا متي هجي ان کي پٺي چئبو آهي |
| پيزار | = جتي | | |
| پيڪان | = ڪان جو ڦر | | |

## [ج]

| | | | |
|---|---|---|---|
| جابر | = جبر ڪرڻ وارو | جال | = جام — گهڻي |
| جام فگن | = جام کي ڇڏيندڙ | جبّار | = جبر ڪرڻ وارو |
| جبلت | = فطرت-طبع- | جر | = پاڻي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | طبيعت | جڳ | جهان- زمانو |
| جلترنگ | ساز جو قسم جيڪو پيالن ۾ پاڻي وجهي ڪائين سان وڄائبو آهي | جلوو | روشني |
| | | جوڙ | ٺاهڻ قدرت |
| جواهر مهرا | دوا جو قسم | | |

[ڄ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڄتون | ڄڳون وارن جون | ڄتي | اٽڄاڻ - ڄٽ |
| ڄيرين | باهه جا شعلا | | |

[جھ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| جھونجھي | ڳولي | | |

[چ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| چب | اڃائي شدت | چتا | خشڪ- پياسا |
| چتائين | ذهن ۾ سوچڻ ۽ سمجھڻ | چتو چتو | ذرو ذرو |
| | | چڪ | گپ |
| چڳ | وارن جي چڳ | چَلڙ | ميرو پاڻي پر گپ وارو |
| چموٽي | چهنڊڙي | | |
| چڻ | چوند | چڻن | ڪائين |

چؤکي = سٽي
چينيام = چينيم ملم پٽي ڪيم
ڇهڙ = ڇڙپ جو سخت قسم

[چ]

چائي = ڏوڙ
چڙيون = ڪرڙيون
چوهئون = جلدي مان
چيا = نقصان
چڄ = اُن وائڙڻ وارو ڪکن جو ٿهيل تاڻو

[ح]

حاذق = حڪمتدار
حلق = نڙي
حجر = پٿر
حنان = الله جو صفاتي نالو

[خ]

خرقن = مولوين جو خاص لباس (جمع ۾)
خراج = تحسين- آفرين ڏل — معاوضو
خورسند = خوش
خوشتر = بيحد خوش
خرقي = مولوين جو خاص لباس
خمدار = چيائي رکندڙ- اڏ گول
خرم = خوش
خوشي = خوشي

خميرن = دوا جو قسم .

[ د ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| دافع | = دفع ڪندڙ . | داور | = الله |
| در ابلق | = اڇي ۽ ڪاري | درس | = تعليم |
| | رنگ وارو موتي . | دڙہاٽيان | = هيسيان |
| | (سچو موتي) . | دوري ٽيڻ | = دور- پري |
| دهليز | = اهو دروازو جتي . | | ٽيڻ |
| | ڪافي ماڻهو . | دهرا | = ہيٺا |
| | ويهن ۽ دربان . | | |
| | بادشاه وغيره سان . | | |
| | ماڻهو ملائي . | | |

[ ڌ ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڌتاري | = ريجهائي . | ڌج | = گهٽا يا گهٽائي |
| ڌڙيون | = اڍائي سير وزن . | ڌڪون | = ٽيلها ڌيڻ |
| | يا ان ڪان وڌيڪ . | ڌوما | = دلبا |
| | وزن کي ڌڙيون . | ڌون | = ڌوئڻ |
| | يا ڌڙا چئبو آهي . | | |

[ ڏ ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏاڻ | = دام (نٽ جوڏاڻ) . | ڏيِ | = آسرا يا آسرو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏوٽ | = رنج . | ڍهڪار | = رعب |
| ڏاڻ | = ڏاوڻ جو مخفف آهي. اٽ کي ڏاوڻ ڏبو آهي | | |

[ڊ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڊوھ | = فريب — جادو . | | |

[ڍ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڍيڪ | = بد لفظ ڳالهائڻ . | | |

[ر]

| | | | |
|---|---|---|---|
| راھوند | = هالا شهر جي اوڀر . | | |
| | طرف ديهه جو نالو . | رج | = بيابان |
| | آهي اهو هنڌ جتي . | رخ | = منهن |
| | مخدوم محمد . | رخسار | = ڳل |
| | امين پکن ڏٽي . | رستاخيز | = قيامت |
| | چلا ڪشي ڪئي . | رقت | = ڪيفيت |
| | هئي . | رندن | = رستن- واٽن |
| ريجهه | = پاڻ ۾ ريجهي ويهڻ . | ري ڪاٽيون | = بنا ڪاڻ جي |

[ز]

| | | | |
|---|---|---|---|
| زاغ | = ڪانگ . | زرياب | = هڪ قديم ڳائڻو- فنڪار |

## |س|

ساغر = پيمانو- پيئڻ جو ٿانءُ

سبو = پيئڻ جو ٿانءُ

سجاڻ = هوشيار

سچين = اولارين

سحو = غلطي

سرت = ڄاڻ سمجهه

سرميلن = سرمي پيل اکيون

سرويچ = قربان ٿيڻ وارو

سگِر = پاڻ سان گڏ

سگيٽيون = مائٽاڻيون

سنبل = گل جو قسم جنهن جو نمونو انسان جي وارن سان ملندڙ آهي

سهڙج = پهچج

سئا = ٻڌا

سيباٽا = وٽيا

سيٺهه = پاڻي ترڻ جو منڊ

ساهئون = ساهه سان- روح سان — جان سان

سپند = هرمهرو. پسارڪي هڪ شي آهي

سحق = ڪرل ۾ مالش تيل

سرسا = جهجها — گهڻا

سرواڻ = اڳواڻ

سريت = ٻنان نڪاح جي وهاريل عورت

سلو = بدلو

سنا = سوري

سويسو = هر طرف

سوريتي = سورن واري

سوگون = نفرتون

سهيڙين = ويڙهي

سئنا = عوام

سيراف = خوف — دپ

[ش]

| | | | |
|---|---|---|---|
| شائق | = شوق رکندڙ | شتاب | = جلد |

[ص]

| | | | |
|---|---|---|---|
| صانع | = صنعت وارو هنرمند | صبيح | = سهڻو |
| | | صدف | = سپ |
| صيقل | = روات | | |

[ط]

| | | | |
|---|---|---|---|
| طواف | = ڪعبي ڪي چؤطرف ڦرڻ | طوق | = ڳانو- ڳلي ۾ ٻڌڻ جو پٽو |

[ع]

| | | | |
|---|---|---|---|
| عاصي | = گنهگار | عبا | = مولوين جي لباس جو قسم |
| عتابي | = ڪنهن تي ڪاوڙجڻ | عش عش | = لطف وٺڻ |
| عقابي | = عقاب شڪاري پکي وانگر | عقيق | = پٿر جو هڪ قسم |
| | | عليم | = علم وارو — معلومات وارو |

[غ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| غمار | = ناز | غواص | = تارو — پاڻي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ۾ ڦرندڙ ۽ ٽپيون هڻندڙ |

## [ف]

| | | | |
|---|---|---|---|
| فائق | = فضيلت مند | فرهنگ | لغات |
| فلاح | = چڱائي | | |

## [ڦ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڦند | = اٽڪل | ڦيھون | = جگر يا جيرو |

## [ق]

| | | | |
|---|---|---|---|
| قبح | = بد صورت | قدح | = پيالو |
| قريني | = سليقي سگھڙ پائي | ققنس | = اهو پکي جيڪو مختلف راڳ آلاپيندو آهي |
| قلق | = تڪليف | | |
| قند | = مصري — مناڻ | قنديل | = اهو ٿنڀ جنهن تي شمع يا ڏيو رکجي |
| قوس قزح | = اندلٺ | | |

## [ڪ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪاپڙين | = فقيرن جو هڪ قسم | ڪارون | = پڪارون - پڪارن جو مخفف |

آهي

كارڻ = اکن جي صفت آهي

كبريا = وڏائي وارو

كبڪ = ڍيل

كرت = كم كار

كفيل = پنهنجي وارو- خوش حال- ٿئي جو بار کڻندڙ

كلتار = ربّ

كليم = دعويٰ

كمر = چيلهه

كنان = كان

كنوات = اُٺ جو جوان ڦر

كوپو = بهادر- جنگي جوڌو

كيف = نشو

كانبلائيون = ملهه وڙهڻ جو انگ

كذائي = اندر جي كوٺائي

كسب = كم كار- ڌنڌو

كلال = شراب ڏيڻ يا وڪڻڻ وارو

كلاهون = ٽوپيون

كلنگيون = تاج- تاج ۾ لڳل گل

كمدن = جنگي هٿيار رسي وانگر

كڻ = ڦال

كور = وڍ

كهتر = گهٽ — بدتر

## [ک]

کتو = اها شيءِ جنهن جو ذائقو کتو هجي يا ذونٺري

کرکيون = مينهن ۽ ڳئن جي ڳچي ۾ ٻڌڻ جو آلو

کرن = سچن

تـاهڻ لاءِ

کير ۾ ملائڻ لاءِ ڏڌ زرو . کنجاري - کلهي کان ڪرائي تائين

ڪانجائيون - اٽڪاءُ رڪاوٽ خرابي — نار ۾ اٽڪاءُ . بانهين

. ڪيا = مدهوش

. ڪيانتو - ڪانگل

کهجي = ٽڪجي .

[گ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| گام | = قدم | . گدولوي | - ڪنو — بي افعالو |
| گزاف | = بٽاڪ | . گنيون | - گن واربون |
| گيتار | - انگلش ساز جو | . گينوار | - مغروري |

[ڳ]

ڳت - جانورن جي ڳچي ۾ سوڙهو ۽ سوگهو پٽو

. ڳڏل - خريد ٿيل

. ڳڏو = خريد ڪيو

ڳل = ڳچي . ڳڻن = صفتن (ڳڻ يعني صفت)

[گهه]

گنهگهر = آزار .

## [ل]

لا ابالي = بي پرواهيون . لاڪس = سندس لاءِ
لافون = ٻٽاڪون . لبيب = محبوب
لچڻ = ڦٽڪڻ . لعاب = پاڻي
لعوقن = دوا جا قسم . لفنگي = نالائق
لنب = اڪيلو، نالائق . لوچج = ڳولا ڪج
لوچي = ڳولي . لونءِ لونءِ = نس نس، انگ
لوهون = جهوتون — ڦيربون . انگ
پائڻ . لئون = لغار — عشق جو
ليهون = سيئو ڪاريون . ناتو

## [م]

ماسويٰ = ان ڪان سواءِ . مانجهي = منجهه وارو -
مانداڻا = رتائون . رازدار
ماهه جبين = چنڊ جهڙي .
ماهه لقا = چنڊ جهڙو . پيشاني
ماءُ اللحم = مختلف هلال . گوشتن جو عرق
مائل = رغبت رکندڙ . يعني گوشت جو
مباح = جائز . پاڻي ڪمزور
مجاز = حقيقي جو ضد . جسم کي طاقت
مجرو = شاباس . ڏيندڙ

مچن = باھ جا مچ وڏيڪ

محڪم = مضبوط

مختار = اختيار وارو

مد = آئون لکڻ وقت الف جي مٿان وارو نشان جنهن کي عربي ۾ مد چئبو آهي

مسحوق = ڪرل ۾ مالش

مسيح = جياربندڙ

مضراب = ستار وڄائڻ جو آلو

مناڙي = چپي — لناڙي

منقار = چهنب

موتوا = موت کان اڳ مري جيئڻ وارو جهان — پنهنجي نفس کي ماري ڇڏڻ

مهمايل = مغرور — تڪبر وارو

مچن

مدام = هميشه

مراتب = مرتبا

مرڪبو = ڀهڪڻ — عزت وارو ٿيڻ

مروٽي = وٽ ڏئي

مسبوق = سبق ڏنل ڪيل

مصحف = قرآن شريف

مڳ = مضبوط

مليح = ملاحت وارو - خوبصورت

منگهٽ = تاج جي قسم جي ٽوپي

مورهئون = اصلئون — هروڀرو

موڪي = ساقي

مهت = عزت

مهجور = جدا ٿيل — هجر وارو

مهندان = اڳيان

مهمن = ڪوبہ مشڪل

مهميز = سخت هدايت ڪرڻ

ڪم

مئي = شراب

## [ن]

ناسوت = تصوف جو هڪ عالم يا هيءَ دنيا

نجيب = بزرگ- چڱو

نحيف = ڪمزور

نفاست = نازڪ مزاجي

نقارو = فت ڪن جي ڪاٺن سان وڄائڻ وارو ساز

نهڙ = بنياد ختم ڪرڻ مڪمل طرح تباهه ڪرڻ

نبار = نج

نبير = فيصلو نبيرڻ

نجابت = ڇوٽڪارو

نجاست = پليتائي

نرت = عقل — سمجهه - سوچ — روشني

نڪت = تارن ستارن جا مخصوص جهڳٽا

ننگئون = لڄئون — شرم حيا

نئا = وني وئا

نياڻ = وڏي وهڪري وارو دريا جو ڦاٽ

## [و]

واڌايون = مبارڪون

وامق = عذرا جو عاشق

واڻ = وجود ۾ وحدت جو ويساهه پيدا

واڳون = واڳون يا مهارون، اٺ، گهوڙي وغيره لاءِ ٽينديون آهن

وائر ليس = بنان تند تار جي

کرڻ

وديعت = کنهن کي کا شي ڏيڻ

وصال = ملڻ- محبوب سان ملڻ

وظائف = وظيفا — ورد

وندجن = سوناري جو جواهرن کي چلڻ وغيره

ونگيون = ويڙهيون

وهابي = کنهن کي نه مڃڻ وارا عبدالوهاب جي مذهب وارا

ويساند = ساهي — فرصت

ويڙا = ويا

ويل = گذريل

وت = امانت — موڙي

وريدن = نبضون — ساهه جون رڳون

وصلا = فقيري استعمال جون شيون-ٽوپي— گوڏ.

و نحن اقرب = ۽ اسين ويجها آهيون

ونن = اک جي وٽ جو جمع

وهاتيو = زهريلو کريو

وهب = بخشش — عطا

ويراڳ = عشق جي اداسي

ويسلي = ابوجهه

ويڳاٽيون = اداسي

## [هـ]

هام = همت

هجان = تکليف وٺان

هجر = جدا ٿيڻ — وڇوڙو

هرن = ياد اچن

هما = هڪ خيالي پکي . هول = خوف خطرا

. هيجئون = شوق مان

هيهات = افســـوس جـــو . 
ڪلمون

[ي]

ياور = مددگار



مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.